
مائي مجاور
(ڪهاڻيون)
گل ڪونڌر
مائي مجاور
(ڪهاڻيون)
گل ڪونڌر
سنڌ رنگ پبليڪيشن

# مائِي مُجاوِر

(ڪهاڻيون)

## گل ڪونڌر

سنڌ راڻي پبليڪيشن

2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

**ڪتاب جو نالو**: مائي مجاور

**موضوع** : ڪهاڻيون

**ليکڪ** : گل ڪونڌر

**ڇاپو**: پهريون

**تعداد**: 1000

**سال**: جنوري 2020ع

**ڪمپوزنگ**: گل ڪونڌر

**لي آئوٽ**: حاڪم لغاري

**ٽائيٽل**: نعيم ديسوالي

**ڇپائيندڙ**: سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد
03013492704

**قيمت**: 500 روپيا

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

Maee Mujaver
By: Gul Kondher
Sindh Rani Publication Hyderabad

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پيتائي ڪتاب گهر حيدرآباد، فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بوڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بوڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بوڪ اسٽال ڄامشورو رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، تهزيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي، سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، بلوچ ڪتاب گهر قاسم آباد حيدرآباد

# ارپنا

**بابا سائِين بَشِير اَحمَدِ**

**۽**

**اَمڙِ غُلام عائِشَہ بِيبِيءَ**

**جَي نانءِ**

**جِنِ جو هِنَ جَڳَ ۾ ڪو ثانِي ناهَي.**

**گل ڪونڌر**

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”مائي مجاور“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب نامياري شاعر ۽ ڪهاڻيڪار گُل ڪونڌر جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

ڏيمو لهجو رکندڙ گُل ڪُونڌَرُ، پنهنجِي نفيس طَبيعتَ جيان، پنهنجي لکڻينِ ۾ بہ نَفاست پِروئِيندي نظر اچي ٿو، هو ڪهاڻي لکڻ وقت شاعرَ کي جدا ڪري، نِج ڪهاڻيڪار ٿي لکي ٿو، ان ڪري سندس ڪهاڻيون، فَنِي ماپَي تي پُوريون لهنِ ٿِيون. گُلَ جِي ڪهاڻيءَ جو پلاٽُ، خيالُ، ڊائلاگَ، مَنظرِنگارِي ۽ ڪِلائِمِڪِس جو تاڃِي پَيٽو، ماهر ڪارِيگر جِي اُڻتِ جيان اُٽِيَل نظر اچي ٿو، نتيجي ۾ پڙهندڙ ڪهاڻيءَ جو ڪردارُ بڻجي، مَنظَرنِ ۾ پاڻ کي گُهمَندَو ڦِرندَو مَحسُوسُ ڪري ٿو.

هي ڪتاب 2020ع ۾ سنڌ راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون گل ڪونڌر جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


- ادارَي پاران -غلام مصطفيٰ سولنگي
- پَنهِنجَي پاران -گل ڪونڌر
- سَمُهاڳُ: گُلُ بہ ڳَهاٽِي آ..! -زيب سنڌي
- مُهاڳُ :اَڪِيُون مُجاوِرُ سپِنَنِ جُون -زَيبِ نِظاماڻِي
- اَمُهاڳُ:سَماجَ جا عَڪسَ ۽ اَولِڙا -سليم چنا
- اَپِياسُ: سُڪ نہ سُتا ڳَڌِهين -نور حُسين ڪلهوڙو

1.اَميرزادِي
2.پسند ناپسند
3.هُوءَ تہ مُون کان ڏُورِ هلي وئي
4.سَفرَ جا مُسافِرَ
5.آسَ جِي پُڄاڻِي
6.شَناسَ
7. ٿُورَي خَرچَ سان بهتَرِ تَعليمَ
8.جَذبَنِ جو قَتلُ
9.ويهَنِ سالَنِ کان پوءِ
10.مِينهَن ڪَٽِيُون
11.جَنِين ڪاڻِ مُياسِ
12.ڪَنهن سان شَلَ اِيئَن نہ ٿِئَي!
13.قَمَرِي سالَ جا ڏَهہ ڏِينهَن
14.جُدائيءَ جِي پِيڙا
15.مَڌُ جِي مَستِي

16.ڪاش ِ اِيئن نہ ٿِئَي ها..!
17.آيا جويَنَ ڏينهڙا
18.ڏَوڪَيباڙُ
19.ڏَيسَ جا ٻارَ
20.مادرِي ٻَولِي
21.ٻَيوَسِي ۽ سَچائِي
22.ڳَينَيڊِيَنِ ٻيلا
23.محبت جي ميخ
24.رَيشَمِ
25.سَرِيرَ ۾ سُرِتِ
26.ٻِيبِي نِرمَل
27.خوشيُن جَي باغ ۾ اُداس وڻُ
28.عَجبُ عِشقُ آهي
29.سَندِي لارَ ماڪيءَ
30.عِزَتَ ۽ مُحبَتَ
31.اِنٽَرِويُو
32.وِچايَلُ وَجُودُ
33.گُلُ ۽ خوشبُو
34.رَيڪائُن جِي تَرتِيبَ
35.ماضِي حالُ
36.مَعلُوماتِ ۾ اَضافَو
37.بهارُ ۽ خِزان
38.هُوءَ
39.نَيٽَنِ مان لَڙيَل لُڙڪَ
40. سِنڌُجِيان مُون ڪي وَٽَندِي آهين
41.ڪامِيابُ مُهَمَ

42. آ پيارُ بہ شايد ڏوکو
43. جَڙُ نَظرَ لَڳِي وَيئِي
44. ڪهاڻِي خَتَمُ ٿِي وَڃي ٿِي
45. دِلِ جَي دَفِتَرَ تي لِکِيَلُ نانءُ
46. رُوحَنِ جَو پِيارُ
47. مُنهِنجا سَوالَ
48. سَپُنا، ساپِيا، نَيڻَ
49. اَٿَمِ آسَ اللهِ ۾
50. وِڇائِجي وَيَلَ ڳَهاڻِي
51. مائِي مُجاوِرُ

# اداري پاران

ڪهاڻِي، مَضمُون ۽ شاعِري، اِهي ٽَيئِي اَلڳِ سبجيڪٽَ آهن. ڪو لَيکَڪُ ڪهاڻِي سُٺِي لِکَندو آ. ڪنهن کي مَضمُونَ تي مَهارَتَ هُوندِي آهي، تہ ڪنهن کي وَرِي شاعِريءَ تي مَلِڪو پورِ جنهن کي جنهن تي دَستَرس هُوندِي آهي، اُهو اُن ۾ لِکَندَي، پَنهنجِي سُڃاڻَپ ڪرائيندو آهي، پر گل ڪونڌر کي اِنهن ٽِنهي صِنفِي گهاڙَيٽَنِ ۾ مَهارَتَ حاصُل آهي. گل ڪونڌر جي حوالي سان اهو فيصلو ڪرڻ مُشڪل آهي، تہ هُو ڪهاڻِي، شاعِرِي يا مَضمُونَ سُٺا ٿو لِکَي، ڇو تہ هُو سُٺَي ڪهاڻيڪار، شاعِرَ ۽ بهترين نثرنگار طور اَلڳِ اَلڳِ سُڃاڻَپ رَکَي ٿو.

ڏِيمو لَهجو رَکندڙ گُلُ ڪُونڌَرُ پَنهنجِي نَفِيسُ طَبِيعتَ جِيان، پَنهنجَي لِکڻِيُنِ ۾ بہ نَفاسَتَ پِروئِيندَي نظر اَچِي ٿو. هُو ڪهاڻِي لِکڻَ وَقتِ شاعِرَ کي جُدا ڪري، نِجُ ڪهاڻيڪارُ ٿِي لِکَي ٿو. ان ڪري سندس ڪهاڻيون، فَنِي ماپِي تي پُورِيُون لَهَنِ ٿِيُون. گُلَ جِي ڪهاڻِيءَ جو پلاٽُ، خِيالُ، ڊائلاگ، مَنظَرنِگارِي ۽ ڪِلائِمِڪس جو تاڃِي پيٽو، ماهر ڪارِيگَرَ جِي اُڻتِ جِيان اُڀِيَل نَظَرِ اَچِي ٿو. نَتِيجَي ۾ پَڙهَندڙُ ڪهاڻِيءَ جو ڪِردارُ بَڻِجِي، مَنظَرَنِ ۾ پاڻَ کي گُهمَندَو ڦِرندَو مَحسُوسُ ڪري ٿو.

گُلُ ڪُونڌَرُ شاعِرِي سِرجَڻ وَيلَ، پَنهنجَي ڪهاڻيڪارَ وارِي حَيثِيَتَ کي وِسارَي ڇڏي ٿو. اُنَ وَقتِ مَٿَسِ شاعِرَ وارِي ڪَيفِيَتَ طاري رَهَي ٿِي، هُو پَنهنجِي شاعِريءَ ۾ فَنَ. فِڪرَ ۽ خِيالَنِ کي اِيئَن ڊوڙائَي ٿو جو سندس شاعريءَ ۾ گهوڙَي جي ٽاپُولِيءَ جهڙو رڌم پيدا ٿِي پَوي ٿو. گُلُ ڪونڌَرُ مَضمُونَ، مَقالَي ۽ مُهاڳَ لکڻ وقت بہ نَثرِي لِکڻِيءَ جو

جَوهَرُ، ڀَرپُور انداز ۾ پيشِ ڪرڻ جو ڏانءُ رَکَي ٿو. ڪنهن شَخصِيَتَ تي مَضمُون/تاثُر لِکندو، تہ اُنَ جي گُڻِنِ اَوَگُڻِنِ کي اِيئَن ظاهرُ ڪندو، جو اَڳِلَو شَخِصُ مُطمَئن نَظَرِ ايندو. اِها گُلَ جِي پَرکَ وارِي نِگاھَ آهي، جَيڪا ڪَيسِ هَمِعَصرَنِ ۾ نِمايان ڪري ٿِي. ڇو تہ هُو ٻاجهارِي طَبِيعَتَ جو مالِڪُ آهي، اِنَ ڪري سَندسِ لِکڻِيُنِ ۾ بہ ٻاجهہ ڀَرِيَلَ آهي، هُنَ جا ڪهاڻِي ڪِردارَ مَنفِي گهٽِ، مَثبَت وڌيڪ آهن.

لَيڪَڪَ، شاعِرَ دوستن کان علاوه، ذاتِي حَوالَنِ سان بہ سَنگَتِ سان اِختِلافَ ٿِيندا آهن. دوستَ مُخالِفَ ٿِي پَوَندا آهن پر گُلُ ڪُونڌَرُ دوستِي رَکِي، پوءِ اِختلافُ ڪرڻ وارو ماڻهو ناهَي. مُنهنجِي گُلَ سان وِيهَنِ پَنجِويهَنِ سالَنِ کان دوستِي آهي، ان عَرصَي دورانِ ڪڏهن بہ، اسان ۾ اِختِلافَ پيدا ناهِن ٿِيا.

گُلُ ڪُونڌَرُ دوستَنِ جُون اُوڻايُون، نظر انداز ڪرڻ وارو شَخصُ آهي، "رَکَڻُ ناتَو سَوَلَو، نِڀائِڻُ ڏُکِيو آ" وارَي مَقولَي کي هُنَ رَدِ ڪري ڏيکارِيَو آ. دوستن سان ناتَو رَکِي، وَرِي اُنَ کي نِڀائَي ثابتُ ڪيو اَٿائِين، تہ جَيتِرو ناتَو رکڻ سَوَلَو آهي، اوتِرو نِڀائِڻُ بہ سَوَلَو آ. اِنَ مان ظاهرُ ٿِئَي ٿو، تہ جَيڪڏهن پاڻَ ماڻهو سُٺَو آ، تہ پوءِ هَرِ ماڻهو سُٺو آهي...!

گُلُ ڪُونڌَرَ جِي دوستيءَ ۾ جَيڪو آيو، چاهِيندَي بہ ساڻَسِ تَعلقُ ٽَوڙَي نہ سگهندو. اِنَ جو سَبَبُ اهو آهي تہ هُو، مَثبَت سَوچَ رَکَندڙُ ماڻهو آهي، مون ڪَيسِ ڪنهن جِي غِيبَتَ ڪندي نہ ٻڌو آ. نَنڍَي وَڏَي کي عِزَتَ ڏِيَڻُ، ڪو گل ڪونڌر کان سِکَي. ڪچهريءَ ۾ مُحتاط انداز ۾ ڳالهائِڻُ، سَلِيقَي ۽ سِڪَ سان مِلڻُ، اِهڙِي فَضِيلَتَ سان گُفتَگُو ڪَرڻُ، جو اَڳِلَو ماڻهو بہ، سندس سامُهون اِهڙو سَلِيقَو اختيارُ ڪرڻ تي مَجبُور ٿِي وَڃَي.

گل ڪونڌر کي تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن هُو عبرت ميگزين ۾ قسطوار ناوِلُ "بَندِ گَليُنِ مان ٽِڙَندا گُلَ" لِکندو هُيو. سندس اِنَ تَحرِيرَ مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. گُلَ سان واسطو اَدَبُ

رِسالَي ۾ لِکَڻَ دورانِ ٿِيو. ساڻِس پَهرِين مُلاقاتِ سندس "ڪونڌر ڪمپيُوٽَر اَڪيڊميءَ" وارِي آفيس ۾ ٿِي، پوءِ اهو واسطو دوستيءَ ۾ تبديل ٿِي ويو. جيڪو اڄ تائين قائم آهي. سَوچِيندَو آهيان سَڀُ دوستَ، جَيڪَر گل ڪونڌر جهڙا هُجَنِ، دل جا صاف، اَندَرَ جا اُجِرا، جِهڙا ٻاهران، تِهڙا اندران، مُنافِقَتَ کان پاڪُ. پر اِهڙا ماڻهو مُعاشِرَي ۾ گهٽِ آهن، جَيڪَي بغير مطلب ۽ لالچ جي دوستِي نِڀائِين.

گُلُ ڪُونڌَرَ سان ڪَچِهريُون ٿِينديون رَهنديون آهن، مُون کَيسِ چيو تہ "بَندِ ڪَليُنِ مان ٽڙندا گُلَ" ناوِلُ ڇَپرايو. ڇپائين ضرور ڇِپرائيندُسِ پر ان کان اَڳُ، هِڪُ هِڪُ ڪهاڻِيُن ۽ شاعريءَ جو زَخِيمُ ڪِتابُ اچڻ گهرجَي. ايئن ڪهاڻِيُن جو هِي ڪِتابُ "مائِي مُجاوِرُ" مُنهنجَي حوالَي ڪيائين، جنهن جا پُروف پَڙهندَي اِيئَن مَحسُوسُ ٿِيو جَڻُ گُلُ ڪُونڌَرُ مُنهنجَي سامهون، پاڻ ڪهاڻِيُون پَڙهندو هُجَي ۽ مان ٻُڌِي رَهِيو هُجان، ڪهاڻيءَ جَي هَرِ جُملَي مان گُلَ جو ڏِيمو آواز ٻُڌجي پِيو.

مان سرهائِي مَحسُوسُ ڪريان ٿو تہ، وَڏِي وِٿِيءَ کان پوءِ سندس ڪهاڻِي ڪِتابُ، "مائِي مُجاوِرُ" مُنهنجَي ادارَي "سِنڌُ راڻِي پَبلِيڪيشَنِ" طرفان شايع ٿِي رهيو آهي. ڪوشش ڪئي اَٿِم تہ گُلُ ڪُونڌَرَ جو ڪِتابُ، سَندسِ شَخصِيَتَ جِيان صافُ سُٿِرو، نَفِيسُ ۽ سُهڻو اَچِي، جَنهَن ۾ ڪَنهَن بہ حَوالَي سان ڪا ڪَمِي نہ رَهَي، جيئن هُنَ دوستيءَ جَي، ماڻَ ماپِنِ ۾ ڪا کَوٽِ ناهَي رَکِي.

**غلام مصطفيٰ سولنگي**
**سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد**
**25 ڊسمبر 2019ع**

## پَنهِنجَي پاران

# اَدَبَ جِي زَمِينَ تَي اَوسَرِ

مُنهنجَي ڪهاڻِيُنِ جو سَفَرُ ڪِيئَن، ڪِٿان ۽ ڪڏهن شروع ٿيو اُنَ بابت وَقتَ جو تَعيُن نہ ٿو ڪري سَگهجَي. اِنَ ڪري جو آئون سَمجهندو هُيُس، تہ مون اُٺوِيهَہ سؤ اَناسِي اُٺانوَي ڪان لِکَڻَ شروع ڪيو آهي، ڇو تہ لِکيَلُ ناوِلُ ”ڏُکَ سُکنِ جِي سُونهَن“ جو ڪجهہ حِصو، حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي، رَيلوَي مَيلِ سَروِسِ (RMS) جي آفيسَ وارن ڪاغذن تي لِکيَلُ آهي، جِتَي اُنَ وَقتِ مان اَيمِ ڪامِ ڪرڻ دؤرانِ، مُلازمُ هُئڻَ ڪري ٻِين ۽ ٽِين شِفٽِ ۾، شام جو ۽ رات جو ڊِيُوٽِي ڪندو هُيُس. هاڻَي اُٺوِيهہ سؤ ٽِياسِي ڇَوراسِيءَ ۾، ٻِي ڪامِ ڪرڻ وارَي وَقتَ جا نَوٽُ ٻُڪَ جانچِيَم، تہ اُنهن ۾ ٽَي ڪهاڻيون ”ڪامِيابُ مُهَمَ“، ”مَعلوماتِ ۾ اَضافَو“ ۽ ”رُوحَنِ جو پِيارُ“ لِکيَلَ مِليُون، جِنِ کي سَنوارَي هِنَ ڪتابَ ۾ شامل ڪيو آٿَم.

بالپَڻ ۾ بابا سائين تہ نوڪريءَ سانگي ٻاهَرِ رهندو هُيو باقِي اَمّڙِ عائِشہ آکاڻِيون، پهاڪا ۽ بيتَ ٻُڌائيندِي هُئِي. نانا سائين مُحَمَد عُثمانَ جو ننڍو ڀاءُ غُلام نَبِي، جنهن کي امان جَي ”چاچا“ ڪوٺڻَ ڪَرَي، آئون بہ چاچا سَڏِيندو هُيُسِ، هُو مُنهنجِي ڦُڦِيءَ جو گهروارو بہ هُيو ۽ هِڪَ گهَرَ ۾ گڏُ رهندا هُياسِين. رات جو سُمَهڻ وَيلَ قَصَصُ الانبِيا جا قِصا، جِنَنِ پَريُنِ جون ڳالهِيُون ۽ لَوڪُ آکاڻِيُون ٻُڌائيندو هُيو. مُنهنجَو ذهن اُنَهنِ قِصَنِ، ڳالهِيُنِ ۽ آکاڻِيُنِ جَي ڪردارن ۽ مَنظَرنِ کي، هَلَندَي گهُمَندَي ڏِسَڻَ لڳندَو هو. ڳوٺَ جَي اَوسَي پاسَي جا ماڻهو، جانوَرَ پَکِي، ڍورا، وَهندڙَ شاخَ، سَرينهَنِ ۽ ٻيرِيُنِ جا وڏا وَڻَ، اُنَهنِ داستانَنِ جا ڪِردارَ ۽ حِصا لڳندا هُئا. آئون سَمجهان ٿواِها ٿِي،

مُنهنجَي ڪهاڻِيءَ جِي پيڙهہ ۾ پاڙَ هُئِي جيڪا مَهِلَ مَوقعو مِلَڻَ سان، اَدَبَ جِي زَمِينَ تي اُسِرِي نِروارُ ٿِي.

بابا سائِين بشيراحمد ڪونڌَرَ جَي، خُوبصُورَت هَٿَ اَکِرِيَ ۾ لِکِيَلَ، سَندس سَوَين خَطَ مون وٽ مُوجُود آهن. سَندنِ عادت هُئِي تہ ڪنهن کي خَطُ لکندا هُئا، تہ اُن جِي هِڪَ ڪاپِي پاڻ وَٽِ رَکَندا هُئا. بابا سائِينءَ جا لِکيَلَ ۾ اُنَ ڏانهُن آيَلَ خَطَنِ جو دورانيو پَنجَنِ ڏهاڪَنِ تي مُشتَمِل آهي، اُهي خَطَ ذاتِي نَوعِيَتَ جا هُوندَي هِڪَ دوَرَ جِي تاريخ آهن. بابا سائينءَ زندگيءَ ۾ مُنهنجَي حوالي سان مَضمُونَ ”ڏاڏا گل محمد“ لکيو، جيڪو ماهوار ادب جي ڊائمنڊ جُوبلي نمبر ۾ شايع ٿيو. اُنَ کان علاوه ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان، نَشرِ ٿِيندَڙَ دِينِي پروگرام ۾ حِصَو وٺندا هُيا، ان حوالي سان بہ سندن ڪجهہ تحريرون مَوجُود آهن، انشاالله سندن خطن کي ”هِڪَ دوَرَ جِي تاريخ“ ڪِتابَ ۾ شامِلُ ڪَندُسِ.

بابا سائينءَ جَي معمول ۾ شامل هُيو روز ڪنهن نہ ڪنهن اَدَبِي/ تارِيخِي ڪِتابَ جو مطالعو. هُنَنِ کي مَنجهندِ ۾ رات جو ننڊ کان اَڳُ پڙهڻ جِي عادت هُئي، مطالعي کان سوا کَينِ نِنڊَ نہ اِيندِي هُئي. سنڌي اديبن ۾ سائين حميد سنڌي، نجم عباسي، غلام رباني آگرو، عنايت بلوچ ۽ الطاف شيخ صاحب سميت ڪيترا لِکارِي بابا سائينءَ جا ذاتي دوست هُيا، ان ڪري سندن ڪتاب بابا وٽ موجود هوندا ها. اردو ادب جي تاريخي ناوِلِسِٽ ”نسيم حجازي“ جا سڀ ناوِلَ بابا سائينءَ سَوَين دفعا پڙهيا، اُهَي ناوِلَ مون وٽ موجود آهن، انهن کي ڏسڻ سان محسوس ڪري سگهبو تہ هي ڪِتابَ تمام گهڻا دفعا پڙهيا ويا آهن. مان سمجهان ٿو تہ چاچا غلام نبيءَ ۽ اَمَڙِ عائِشہ جَي ٻُڌايَلَ قِصَنِ ڪهاڻِيُنِ کان پوءِ، بابا سائينءَ جي ادب دوستيءَ، گهر ۾ موجود ڪتابن ۽ نسيم حجازيءَ جَي ناوِلَنِ جو بہ مُنهنجَي ادب ڏانهن لاڙَي ۾ ڪردار رهيو آهي.

اُٺِويهه سؤ نَوَي ۾ هَفتَيوار ”سنڌو“ رِسالَي اندر پَهريُون شَعِرُ شايع ٿِيو. اِنَ ئِي سال عبرت مئگزين ۾ تاثراتِي تَحرِيرَ ”مَظلُومُ قَومُنِ جَي ٻارَنِ کي ڇا ڪرڻ گُهرِجَي“ عُنوانَ سان لِکِئِي ڇَپِي. (هِنَ ڪتابَ ۾ ”ديَس جا ٻارَ“ ڪهاڻيءَ جِي صَورَتَ ۾ ڏِنَلَ آهي) اِنَهنِ ٻِنهي تَحرِيرُنِ جِي اَشاعَتَ وڏيڪ لِکَڻَ جو اُتساهہ بَخشِيو. جَلدُ ئِي عبرت مئگزين ۾ مُنهنجَو قِسطوار ناوِلُ ”ڏَکَ سُکَنِ جِي سُونهَن“ شايع ٿِيَڻَ لڳو. اُنَ تي گهڻي پَذِيرائِي مِلِي، ان حد تائين جو عِبرتَ گُروپَ جَي اَهمُ شَخصَ ”غَفُورُ ڪَريمِي صاحب“، پَنهِنجَي ماتحت يَعقُوبُ جَويَي جي ذريعي چيو تہ آئون ٻيو قِسطوار ناوِلُ لِکان. جنهن جي مَوٽَ ۾ مون ”بَندِ ڪَليُنِ مان ٽِڙَندا گُلَ“ ناوِلُ لِکيو. پيارَي دوست مُرتضيٰ سيال جَي دؤر ۾ بہ، عبرت مئگزين ۾ مُنهنجون ڪهاڻيون ۽ شاعري شايع ٿيندِ رَهِي.

عِبرَتَ مئگزين سَمَيتِ، ٻِيَنِ ادبي رسالن ۾ ڪهاڻيون لکندو رَهُيُس، گڏوگڏ روزانہ عبرت ۾ ”اقتصاديات“ جَي عُنوانَ سان، هَفتيوار ڪالَمُ لِکَڻَ لَڳُسِ، جنهن جو انگ 1994ع ۾ ”ادب“ رسالي جِي شُروعاتِ ڪرڻ تائين، ٽي سؤ جَي لَڳِ ڀڳ ٿِي ويو. اِيئَن اَدَبَ رِسالَي جِي اشاعت سَبَبِ، ڪالَمَ کي جارِي رَکِي نہ سِگهيُس، ۽ ڪهاڻِيُن لکڻ جِي رفتار بہ گهٽجي وَئِي. 2006ع جَي مَئَي مَهِينَي ۾، ادب/اديب رِسالَي جو آخري پرچو شايع ٿيو اهڙيءَ طرح اُٺويهہ سَؤ چَورانَوَي کان بہ هزار ڇَهہ تائين، ٻارنهنِ سالن جي عرصي ۾، لِکيَلَ ڪهاڻِيُنِ جو تعداد، مُشڪل سان ٻارَنهَن هُيو. اِنَ دؤرانِ ٽِيُون ناوِلُ ”مِينهَن وَسَندا مَوٽُ تون“ لِکِيُم، جيڪو ماهوار ادب ۾ ڏهن قسطن ۾ شايع ٿيو.

مُرِيدِيءَ فَقِيرِيءَ جو سِلسِلَو مُرشِد حضرت قِبلا سُهڻا سائين جَنِ سان رَهيو سَندنِ رِحلَتَ کان پوءِ، حضرت خواجہ خواجگان قِبلا سَڄَڻ سائين جَنِ سان رُوحانِي ڏورِ ٻَڌِيَلَ آهي، اُنَهِنِ جِي سَڄَي خاندان تي خاص عِنايَتَ آهي. ان جو سَبَبُ حضرت سڄڻ سائين جَنِ جِي شفقت تہ آهي ئِي، پر قبلا سائين اسان کي، ڏاڏا سائين شير

محمد ڪونڌر جي حوالي سان بيحد مانُ ڏيندا آهن، ڇو تہ اُهَي حضرت سُهڻا سائِين جا ڳوٺائِي، ساٿِي ۽ گڏيَل مُرشِدَ، حضرت عبدالغفار المعروف مِٺا سائِين جن جا خليفا ۽ مُرِيدَ هُيا. پَنهنجي مُرشدَ جِي دعوت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ رهائش لاءِ، ڏاڏا شير محمد اسان جَي ڳوٺ ۾، ڇَهہ جِريبَ زمين جِي اَيراضِيءَ کي اَوڙِڪِي پِتِ ڏِيارِي هُئِي ۽ کُوهُہ کَوٽايَو هو. حضرت مِٺا سائين جن اُتي تَشرِيفِ فرما بہ ٿيا، پر ڏاڏا جِي اُٽتيهن سالن جَي عمر ۾، جَلدُ ئِي وفات ٿِي وَيئِي. آئون پَنهنجَي خانداَن کي خوشنصيب سمجهان ٿو جو اُنَ تي الله جَي وَلِيِيَنِ جِي خاصُ مِهرَ رَهِي آهي.

زِندگِيءَ ۾ دوستَنِ جو ڳاٽيَتَو جَهجَهو رَهيو آهي، جن جَي ذِڪرَ لاءِ ڪِتابَ گُهرجَنِ پر بِنِ دوستن سائين ممتار علي شاهہ ۽ سائين سردار علي شاهہ، جن پَنهنجِي مِحنَتَ ۽ الله جَي مهربانيءَ سان وڏو مَقامُ ماڻِيو آهي، اُنهِنِ جو ذِڪرُ ڪَرڻُ مُناسِبُ ٿو سَمجهان.

هِنَ وَقتِ سِندُ جو چِيفِ سيڪريٽري سائين ممتاز علي شاهہ صاحب، ماڊل اسڪول/ڪاليج اولڊ ڪيمپَس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، مُون سان گڏ پَڙهندَڙُ دوستُ آهي. سائين جَنهَن مَقامَ تي پَهتا آهن، اُنَ تائِين رَسَڻَ جا گُڻَ شروع کان، سندس شَخِصَيَتَ ۾ مَوجُود هُيا. ممتاز علي شاهہ تڏهن (1978..1979) نَئِين وَحدَت ڪالُونِي حيدرآباد ۾ رهندو هَو ۽ آئون پُراڻِي وَحدَت ڪالُونيءَ ۾، ماڊل ڪاليجَ ڏانهَن اَچڻُ وَجڻُ اَڪثَرُ گڏُ ٿِيندو هُيو. نَئِين پُراڻِي وَحدَت ڪالُونِيُنِ ۾ جيڪي ڪلاس فيلوز رهندا هُياسين، انهن ۾ سائين ممتاز شاهہ، آغا نَويد، مَنظُور بِروهِي، شَفِيقُ ميمڻ ۽ سُهَيل شَيخَ جا نالا مون کي ياد آهن. تعمير ميمڻ ڪِلاسِ فَيلَو تہ نہ هُيو پر سائين ممتاز شاهہ جَي گهرَ سان گڏُ، گهرُ هُئَڻَ ڪري دوستيءَ ۾ شامل هو.

سائين ممتاز شاهہ، آغا نَويد ۽ آئون، گڏُ گڏُ ڪاليج ايندا ويندا هُياسِين، عام ٻارن جِيان ڇولا، دالِ پاپڙِي ۽ پڪوڙا سَموسا

رَيڙَهِنِ اڳيان ٻيهي ڪائڻ ڪان، شاهه صاحبُ مَنَع ڪندو هو. سندس چوڻ هُيو تہ اِيئَن شَيُون ڪائِي، پَنهنجَي شَخصِي وَقارَ کي هَيناهُون نہ ڪريو. حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد ۾، مَعيارِي چائينِيزِ رَيسٽورَنٽِ ”گَينٽانِ“ ۾ بہ، پهريون دفعو سائين ممتاز علي شاهه وَٺِي هَلِيَو هو. سندس تَربِيَتَ ڏِيَڻ جو اُنَ وَقتِ بہ اِهو عالَمُ هُيَو.

سائين سيد سردار علي شاهه مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ انجنيئرنگ جو شاگردُ، سَندسِ وَيجها دوستَ عبدالحفيظ جمالي، عمران لغاري ۽ جاويد سحر قريشي اَدَبَ ۽ سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان مونسان واڪِيَلَ. سائين سَيَد سَردارَ جِي رهائِشِ عامِل ڪالُونِي هِيرآباد حيدرآباد ۾، ۽ ٻِيَنِ ڏِڪرُ ڪَيَلَ دوستَنِ جا گهرَ ڪلهوڙا ڪالُونِيءَ ۾. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جِي حيدرآباد شاخَ غَيرُ فَعال هُئڻَ ڪري، اسان پنجن دوستن ”ساس ڪَلَهوڙا ڪالُونِي شاخ“ جِي مَيمبَرشِپ ڪري گَڏجاڻِيُون شروع ڪيون. اَدَبِي وَيهڪُنِ جون رپورٽون اخبارن ۾ شايع ٿيڻ لَڳِيون، تہ اُنَ وقت جَي سيڪريٽري جنرل ادل سومرو صاحبَ، خَطُ لِکِي ڪَچِوِ اِلحاقُ ونڻ لاءِ چيو. جَلدُ ئِي سنڌ سنگت جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾، شاخَ کي ڪَچِوِ اِلحاقُ مِلِي ويو. دوستن پاران ادبي سنگت جَي پليٽفارم تان، ماهوار ”ادب“ رِسالَو جارِي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن جو چيف ايڊيٽر آئون (گل ڪونڌر)، ايڊيٽر جاويد سحر قريشي ۽ ايڊيٽوريل بورڊ ۾سيد سردار، سِنڌُو قاضي، عمران لغاري ۽ عبدالحفيظ جمالي شامل رهيا.

سائين سردار شاهه سَمَيتِ سڀيئي دوستَ، رِسالَي کي مِحنَتَ سان جارِي ڪندا رهيا ۽ ادبي سنگت جون دَستُوري گڏجاڻيون بہ ٿينديون رهيون. ادل سومرو صاحب ڪلهوڙا ڪالوني شاخ جِي بهتر ڪارڪردگيءَ کي ڏِسندَي، سنگت مرڪز جي اجلاس ۾، هِنَ شاخ کي ”ڪلهوڙا ڪالوني شاخ“ بدران ” سنڌي ادبي سنگت شاخ

حيدرآباد“ جو پڪو اِلحاقُ ڏِنو اهڙيءَ طرح اَڄُ تائين اها شاخ ”حيدرآباد شاخ“ جَي نالَي سان هلندڙ آهي.

سائين سيد سردار شاهہ بانِي مَيمبرَ جِي حَيثِيَتَ سان، هر هَفتَي ”ڪُونڌَر هائَوسَ“ تي ٿِيندَڙَ شاخَ جَي گَڏِجاڻِيُنِ ۾ ايندو ۽ اَدَبُ رِسالَي جِي اشاعت ۾ سهڪار ڪندو رهيو. پَنهِنجو ”سُونهَن مئگزين“ شايع ڪرڻ ڪري، 4 سيپٽمبر 1994ع تي ”ادب“ جي اَيڊِيٽورِيَل بَورڊَ تان لِکَتِ ۾ استعفيٰ ڏِنائِين. اسان لاءِ سائين سردار شاهہ جو ساٿُ اَمُلهہ هُيو. رَبَ سائينءَ کَيسِ وَڏَي مانَ مَرتَبَي سان نوازيو آهي، تَعلِيمَ کاتَي جِي وَزارَتَ وارَي عُهدَي تي فائز رهيو ۽ هِنَ وقت سنڌ جي ثقافت وارَي کاتَي جو وَزِيرُ آهي.

آئُون ٿورائِتو آهيان ڀائرن جِهڙَي دوستَ، زَيبُ سِنڌِي صاحبَ جو جنهن هِنَ ڪِتابَ جو سَمُهاڳُ لِکيو. مُون سنڌي ٻولِيءَ جَي نامَور اَديبَنِ مان، جنهن اَديبَ سان هِڪَ جاءِ تي وَيهِي، ڪچِهريُون ڪندَي وَڏيڪَ وَقتُ گُذاريو آ، اُهو زَيبُ سِنڌِي آهي. زَيبَ هميشهہ مُحبَتَ وارو رَوَيو رکيو آ ۽ سندس شَفقتَ جو هٿ مُون تي رهيو آهي، هُو ڪڏهن مون سان اَرَهو نہ ٿيو آ ۽ نہ ڪڏهن مُنهنجِي ڪا ڳالهہ ٽارِي اَٿائِين.

وڏا وَڙَ اَدِي زَيبِ نِظاماڻِيءَ جا جنهن ڪِتابَ ”مائِي مُجاوِرُ“ جو مُهاڳُ لِکَندَي، مُنهنجِي لِکڻِيُنِ، شَخِصيت ۽ گهرياتِيُنِ ڪي خوبصورت لفظن جِي ڀيٽا ڏِنِي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لَيکَڪائُنِ ۾، اَدِي زَيبِ سان مُنهنجو تمام ويجهو تعلق رهيو آهي. زِندَگِي کهڙا امتحان وَٺي ٿي، ڪِيئَن خوشِيُون اَرپِي ٿِي ۽ ڪَيڏِيُون پيڙائُون جهولَ ۾ ڀَرَي ٿي، اُنَ جو ڪَيرُ تَعينُ ڪري نہ ٿو سگهي، پر حياتيءَ جَي لاهَنِ چاڙَهنِ ۾ ڪَي شَخصَ هُوندا آهن، جَيڪِي اوهان جَي مامِرَنِ جِي وڌيڪ جاڻ رکندا آهن. اَدِي زَيبِ جو شُمارُ انهن ماڻهن ۾ ٿِئَي ٿو جن مُنهنجَي ڏُکَنِ سُکَنِ کي ويجهو کان محسوس ڪيو آهي.

احِسانَ سَليم چنا صاحب جا، جنهن جِي حَسبِ دَستُورِ مَجمُوعِي مَدَدَ شامِلُ رَهِي آ. سَندسِ هِنَ کهاڻِي ڪتابَ جَي اَمُهاڳَ

۾ ڏِنَلَ تفصيلي راءِ وَڏِي اَهمِيَتَ جِي حامِلُ آهي. سَلِيمُ مُنهنجو اُهَو ساٿِي آهي، جنهن سان لاڳِيتَو ڏهَہ ڪِلومِيٽَرَ پَنڌِ هَلَڻَ ۾ سَڄِي سنڌ ۾ وَڏِ ڪان وَڏِ. گَڏُ سَفرُ ڪَرڻَ جو سِلسِلَو رَهيو آهي. سليم چنا مُنهنجَو حالَ پاڻِي ۾ هَرِ حالِ ۾ حَوصِلَو ڏِيندَڙُ رهيو آهي، ڪَيسِ پَنهنجي خوشِيُنِ تي خوِش ۾ ڏُکَنِ تي دَردَ ۾ ڀُڏَندي مَحسُوسُ ڪيو اَٿَم.

آئون نُورُ حُسَين ڪلهوڙو جَي لِکڻِيُنِ ڪي پسند ڪندو آهيان. سندس ڪِتابَ ”جيءُ مُنهنجو جَنِ سِين“ جو مُهاڳُ لِکِيُم. هُنَ جون خَطنِ جِي صُورَتَ ۾ لِکڻِيُون دِلِ ۾ لَهِي وَيُون. نُورُ حُسَينُ بيحد حَساسُ ماڻهو ۽ حَقِيقِي اُستادُ لڳندو آهي پَنهِنجَي رَوَيَن مان. ڪَيسِ اِسڪُولَ ۾ پڙهندڙ ٻارَنِ جو هَرِ وقت اُلڪو لڳَلُ رهندو آهي. اِها ئِي سَچِي اِنِسانَ جِي پَرکَ آهي، تہ هُو ٻِيَنِ جي اَولادَ لاءِ بہ، پَنهِنجي پِيٽَ جاين جِيان سوچِي. نُورَ جِي وَڏِي مِهربانِي جو هُنَ، ڪهاڻِيُن ڪي دل سان پڙهڻ ڪان پوءِ، هِنَ ڪتاب جو اَپِياسُ لِکِيو آهي.

سِنڌُ راڻِي پَبلِيڪيشَنِ جَي سَرواڻَ، پِيارَي غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جا لَکَ قُربَ، جنهن جَي اِسرارَ ڪرڻ تي هِنَ ڪتاب جو مُسَوِدو ڏِنومانسِ، ۽ الله جي مهربانيءَ سان ڪِتابُ ”مائِي مُجاوِرُ“ اوهان جَي هَٿَنِ ۾ آهي. آئون غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جَنهَن پُراڻِي دوستيءَ ڪي، اَڄ وَڃِ ۾ مَيلَ مُلاقاتِ سان بَرقرارُ رکيو آهي، مان بہ هُنَ سان پِيارُ ڪندو آهيان. سَندسِ گهرَ تي اَچڻُ سُٺو لڳندو آهي، دعا آهي تہ سدا سلامت رَهَي، آمين.

**گل ڪونڊر**
**25 ڊسمبر 2019ع حيدرآباد.**
**03332795922**

## سَمهاڳ

# گُلُ بہ ڪَهاڻِي آ..!

گُلُ ڪُونڌَرُ ڪهاڻيڪارُ آهي، ناول نَوِيس آهي، شاعر بہ آهي تہ پَنهنجَي وَقتَ جَي مَقبُول رِسالَي، ماهوار ”ادب“ جو ايڊيٽر بہ رهيو آهي. ساڳِئَي وَقتِ هُو مُنهنجو بَيحَدِ پيارو دوستُ بہ آهي، تنهن ڪري گُلَ جَي ڪتابَ ”مائِي مُجاوِرُ“ لاءِ لِکَڻَ وينو آهيان تہ، هُو پَنهِنجَنِ اُنهنِ سيني رُوپَنِ سان اَچَي، مُنهنجَي سامُهون بِيٺَو آهي! هِي مُقدِمو شروع ڪرڻ کان اَڳُ، مان ڪَيترَنِ ڏِينهَنِ تائين سَوچِيندو رَهيُسِ تہ، مون ڪي گُلَ جَي بِيَنِ تَخليقِي پاسَنِ کي ڇَڏَي، فقط سندس ڪهاڻيُنِ وارَي پَهلُوءَ تي لکڻ گُهرجَي. تنهن ڪري هُنَ جَي ڪهاڻِيُنِ تي، لِکَڻَ وينو آهيان تہ، تَخليقَ سان گَڏُ تَخلِيقڪارُ، وَرِي بہ اچي مُنهنجَي سامُهون بِيٺَو آهي!

لَيڪَڪَ کي سندس تَحرِيرَ کان، ڌارَ ڪري نٿو سگهجي... ۽ اُهو لَيڪَڪُ، جنهن سان تِنِ ڏَهاڪَنِ جو ذاتِي تَعلقُ هُجَي، جنهن جَي ڪَيترِيُنِ ئِي ڪهاڻِيُنِ جَي، حَقيقتُنِ جا توهان گَواهَہ هُجو تہ اُنَ جَي لِکڻِيُنِ بابت سَوچِيندَي، اِلاهِي سچا ڪِردارَ ۽ مَنظَرَ اَکيُنِ اڳِيان اِيُرِي اچن ٿا. گُلَ جَي ڪهاڻِيُنِ تي سوچيان ٿو، تہ هُنَ جَي ڪَوڙَ ڪهاڻِيُنِ جُون ڪَٿائون، حقيقت جِيان سامُهون اچي بَيٺِيُون آهن. اِهڙِي حالتِ ۾ آئون تَخليقڪارَ کي، سندس تَخليقُنِ کان ڌارَ ڪِيئَن ٿو ڪري سگهان! سَچُ تہ گُلَ جِي زندگي بہ ڪهاڻيءَ جِهڙِي آهي. ڪنهن بہ شَخصَ جَي زِندگيءَ جِي ڪهاڻي، طويل هُوندِي آهي جيڪا، ڪنهن

اَفسانَي ۾ ناهَي سَمائِجِي سَگهندِي. اِيئَن گُلَ جَي زندگيءَ جِي ڪهاڻي بہ تمام ڏکي آهي، جنهن کي ڪنهن ناوِلَ ۾ سَمائَي سَگهجَي ٿو. مُنهنجِي صلاح آهي تہ هُنَ کي اهڙو Autobiographical ناوِلُ لِکَڻُ بہ گُهرجَي، ڇو تہ گُلَ زندگيءَ ۾ گهڻا لاها چاڙها ڏِٺا آهن.

هِڪِڙو وَقتُ هو جڏهن هُنَ جِي، سَترهَين گِريڊَ وارِي پَگهارَ، سندس کَيسَي خَرچَ لاءِ هُوندِي هُئِي، گهَرَ جا بارَ وڏن تي ۽ سَواريءَ لاءِ وَتَسِ ٽَي ٽَي گاڏيون هُيون. ڪاروبار جَي شوق ۾ گهڻيُن جايُن تي سِيڙَپَ ڪَيائِين، دوستن جَي سمجهائڻ سان بہ نہ مُڙِيو. نَتِيجَي ۾ لَڳايَلَ مُوڙِي بہ وِڃائَي وينو! پر مَجالِ جو سندس مُکَ تَي، مايُوسيءَ جو ڪو پاڇو نظر اچِي. اهڙِي حالت ۾ دوستَ ۽ مائِٽَ بہ ڪِنارا ڪري ويندا آهن، تہ پَنهنجِي دل بہ بي وفا ٿِي پَوندِي آهي، ۽ ماڻهو اُن کي بچائڻ لاءِ وَجِي، دل جَي وارِدَنِ ۾ وارِد ٿيندا آهن. پر هِي يارُ اسان کي حَيرانُ ڪندو، لَڳِي ويو جدوجهد کي.

گُلُ ڪُونڌَرَ کي گاڏيُنِ مان لاهِڻَ ۾، ماهوار ادب جو بہ ناهُوڪو هَٿُ هُيو. جڏهن ادب شروع ڪيائين، تہ کَيسِ چيو هُومِ، ”گُلَ، تون وَڃِي گاڏيُنِ ۾ گُهمُ، حيدرآباد جَي گاڏِي کاتَي ۾ گاڏَنِ تي وِڪامَندڙَ رِسالَنِ جَي ڏِيرَ ۾ واڌارو نہ ڪر.“ پر هُنَ مُنهنجِي هِڪَ نہ ٻُڌِي. ادب جَي هَرِ پَرچَي تي بِنا حِسابَ جَي، نُقصانُ بَرداشتِ ڪندو رهيو ۽ ادب سان عِشقَ جِي تَجدِيدَ ڪَندَي، گهاٽَي جو ڪاروبار جارِي رَکيائِين. گُلُ ڪَونڌَرُ اسان جي اَدَبِي قافِلَي جو اُهو مُسافِرُ آهي، جنهن ڪيترن ئِي نَوَنِ هَمسَفرنِ جو بارُ، پَنهنجَي ڪُلهَنِ تي کَنيو. ماهوار رِسالَي ”ادب“ جَي اَيڊِيٽَرَ جِي حيثيت سان، هُنَ نہ فقط سَوين نَثرُ نَويسَنِ ۽ هزارين شاعِرَنِ جون لِکٽيُون ڇَپيُون، پر اُنَهنِ مَنجهان ڪيترن جَي تَحرِيرُنِ ۾ دُرُستِيُون بہ ڪَيُون. ڪجهہ نَوَنِ لَيکَڪَنِ جَي لِکِٽِيُنِ کي تہ هن رِسالَي ۾ شايع ڪرڻ لاءِ، ٻِيهَرَ لِکِي (Re Write) ڪري سندن هِمَت اَفزائِي ڪَئِي هُئِي! جن لِکاريُنِ کي

اِبتدائِي دؤر ۾ ڇپيائِين، اُنَهن مان ڪيترائي نَثر نَويس ۽ شاعرَ، پَنهنجِي اَلڳِ سُڃاڻَپَ جا مالڪ بہ آهن، تہ صاحبِ ڪتاب بہ. بِنا ڪنهن شَڪَ جَي هِنَ هِڪَ اَيڊِيٽَرَ جَي حَيثِيَتَ سان، اِهڙِي مالهيءَ وارو ڪَمُ ڪيو. جيڪو باغ ۾ اُسِرَندڙَ هَرِ ٻُوٽَي جِي حفاظت ڪندو آهي، هُو چاهيندو آهي تہ سندس چمنَ جو ڪوبہ گُلُ نہ ڪُومائِجَي.

سؤ پَرچَنِ جَي مُسَلسَلِ نُقصانَ ڪان پوءِ، ماهوار اَدَبُ تہ نَفِعي نُقصانَ ڪان سواءِ وَڃِي پَنهنجَي پيرَنِ تي بِيٺو. پر پروفيسر منجهان ڪجهہ عرصي لاءِ آفيسرُ ٿِيَڻَ جَي چڪر ۾، ماهوار "ادبُ" سندس هَٿَنِ سان نِڪرَڻ بَجاءِ، سندس هَٿَنِ مَنجهان نِڪِري ويو! هاڻي سوچيان ٿو تہ گُلَ بِنا اِشتهارَنِ ۽ ڪنهن مالِي مدد ڪان سواءِ، سنڌي رِسالَي جا هِڪُ سؤ اَٺَتِيهَ شمارا شايع ڪري ۽ هزارين نَوَنِ لَيکَڪَنِ جِي هِمَت اَفزائِي ڪري، يَقِينَنِ تاريخ ساز ڪم ڪيو آهي. جڏهن تہ اڄڪلهہ اسان جا اديب ۽ ايَڊِيٽرَ، تاريخ ساز ڪم بجاءِ ”خود ساز“ ڪَمُ ڪري رهيا آهن. پر هِنَ شريف ماڻهوءَ ادبي حَلقَنِ توڙي مِيڊِيا ۾، چَڱِي خاصِي ڄاڻَ سُڃاڻَ ۽ رِسالَي جَي اَيڊِيٽرُ هئڻ باوجود، ڪڏهن بہ پاڻ کي وڏو لَيکَڪُ مَڃرائِڻَ/ چَورائِڻَ جِي جُستَجُو ناهَي ڪَئِي. ڪَيرُ ڪَيسِ وڏو لَيکَڪُ مَڃَي يا نہ، گُلَ انهيءَ ڳالهہ جِي ڪاڻِ بہ ناهي ڪَئِي، پر هُو هِڪُ سادو سَباجَهو ۽ سَچو لَيکَڪُ ضَرُورُ آهي.

لَيکَڪَ ۽ شاعرَ جِي حَيثِيَتَ سان، گُلُ ڪُونڌَرَ ادب جَي ڪَيترِيُنِ ئِي صِنفُنِ سان نِينهُن نِڀايو آهي. شاعريءَ ڪان ويندي ڪهاڻي ۽ ناوِلَ جَي پَيچرَنِ جا پَنڌَ ڪري، هِنَ ٽي وي ڊرامَي جو لَيکَڪُ ٿِيَڻُ ٿَي چاهيو. مان سدائين ڪَيسِ چوندو هُئسِ تہ، تون پَنهِنجُون ڪهاڻيون ڪَڍِي مون سان وِيهُہ، تہ اُنَهِنَ کي ٽي وي لاءِ ڊراماٽائيز ڪرڻ جِي پلاننگ ڪيون. پر ”ادب“ جي وقت سِرِ اشاعت جَي عِشقَ، ڪَيسِ وَقتُ ئِي نہ ڏِنو! گُلَ عِشقُ ڪرڻ لاءِ الائجَي ڪِيئَن وَقتُ ڪَڍِي ورتو... پر عِشقُ تہ پَنهنجَو وَقتُ پاڻ ڪَڍِي وٺندو آهي.

هِنَ شَريفَ ۽ عِبادَت گُذار ماڻهوءَ, عِشِقُ بہ عبادت سَمجِهي ڪيو. پيارَ جَي پَهرئَين مَنظَرَ کان پوءِ ڪيترن سالَنِ تائين, عِشِقَ جَي انهي ڳَتا ۾ ڪيترا ئِي رَومينٽِڪ ۽ ٽِريجِڪ مَوڙَ آيا. اُنَ ڇوڪِريءَ بہ ڪَيسِ ڏاڍو چاهِيو پر گُلَ جَي زندگيءَ ۾ جيڪي لاها چاڙها آيا, هُو اُنهِنِ ۾ اُلِجهيَلُ رهيو. ڇوڪِريءَ گُلَ جو گهڻو انتظارُ ڪيو پر جڏهن سندس وارَ چاندِي ٿِيَڻَ لڳا, تہ خاموشيءَ سان هُنَ جَي زندگيءَ مَنجهان نِڪِري وَئِي. انهيءَ ٽِريجِڪ ڪلائِمِڪسِ وارِي لَوِاسٽَورِيءَ کي ڳَي سالَ گُذرِي ويا آهن. اُها ڇوڪِرِي اڄ بہ هِنَ ئِي شَهرَ ۾ رَهَي ٿِي. اُهو ئِي حيدرآباد شَهرُ آهي, اُهَي ئِي هِنَ شَهرَ جا رستا آهن ۽ ڪِٿَي نہ ڪِٿَي اُها ڇوڪِرِي ڪَيسِ نَظَرِ بہ اَچِي ٿِي ۽ گُذرِي وَڃِي ٿِي... ۽ گُل ڪُونڏَرَ جَي دِلِ تي جيڪو گُذرَي ٿو, اُنَ جو اِظهارُ هُو پَنهنجَي ڳَنهَن ڪهاڻيءَ ۾ ڪري ڇڏي ٿو.

هِي ڪِتابُ "مائِي مُجاوِرُ" گُل ڪونڏَرَ جَي ڳَيترِيُنِ ئِي پِريم ڪهاڻيُنِ جو مَجمُوعو آهي, هِنَ فقط پيارَ ڪهاڻيون ناهِنِ لِکيُون, گُلَ جا اَفسانا سندس ذاتِ تائين مَحدُود نہ آهن, پر هُنَ جَي ڪهاڻيُنِ ۾ سَماج جا ڳَيترائِي عَڪسَ مَوجُود آهن. گُل ڪونڏَرَ مُحبتَ کان دَهشتگَرديءَ تائين جهڙنِ, ڳَيتِرَنِ ئِي موضوعن تي قَلمُ کَنيُون آهي. مان هِتَي گُلَ جَي ڪهاڻيُنِ جا مَرڪِزِي خِيالَ بُڌائَي, توهان لاءِ ڪهاڻِيُنِ پڙهڻ جو تَجَسُسُ ختم ڪرڻ نٿو چاهيان, پر هُنَ جَي مُختلف ڪهاڻيُنِ جون ڪُجهہ سِٽُون پَڙهِي, اوهان کي سندس تَحرِيرَ جِي سادِگِي, سَچائِي ۽ خُوبصُورِتيءَ جو اندازو ڪرائڻ ضروري ٿو سمجهان:

”صاحِبہ خاتُون جَي ڪِلينِڪ ۾ داخل ٿِيَڻَ سان, دوائُن جَي واسَ تي پَرفِيُومز جِي خوشبُو حاوِي ٿِي ويندِي آهي. مَهَڪَ جو بہ عَجَبُ اَحِساسُ آ, عَورتَ کي لَڳَلَ هُوندِي, تہ هُڳاءُ سؤ پيرا وَڌِي ويندو,

اِها حَقِيقَتَ آهي يا صِرفِ مَحسُوس ٿِيندڙُ فَرقُ، پر عام طورَ اِيئَن لڳندو آهي.“

(مائِي مُجاوِرُ)

”رَيشَمِ مُعاشرَي جو اُهو ڪِردارُ آهي، جَنهَن جِي سُونهَن ”ڳينِواس“ تي رَکيَل نامُڪمِل تَصوِيرَ جِيان لَڳَندِي آهي، جَنهَن ۾ پِينِتِ ٿِيَلَ گُلَ ڦُلَ ۽ مَنظَرَ پَرَي کان ڏِسِي سگهبا آهن، اُنهِن کي ڇُهِي ناهَي سَگهبَو."

(رَيشَمِ)

"آئون سِنڌُ، هزارها سالن کان دنيا جَي نَقِشَي تي نِرِوار اهڙي ماءُ آهيان، جنهن لَکين، ڪِروڙين اولاد کي جَنَمُ ڏِنو آهي، مون ڳئين ڪُونڌَرَ پيدا ڪيا آهن، جيڪي مون کي پَنهنجِي ماءُ، ماتا، جِيجَل ۽ جَنَمُ يومي چوندا آيا آهن. جڏهن بہ ڪنهن ڌارئين دُشمنَ، مون تي ڪاهہَ ڪَئِي آهي، تہ مُنهنجَي ڪُونڌَرَنِ، ڪڏهن هَوشُوءَ، هَيمُونءَ جي رُوپ ۾، ڪڏهن دَودَي ۽ دُولَهہ جَي نالي سان، ڪڏهن شاهَہ عِنايَت، مَخدُوم بِلاوَلَ جي شڪل ۾ ۽ ڪڏهن بين اَنيڪ شهيدن ۽ غازِيُنِ جَي رُوپ ۾ مُنهنجِي عزت، آبِرُو ۽ بَولِيءَ جِي حِفاظتَ ڪَئِي آهي."

(اَتَمِ آسَ الله ۾)

گل ڪونڌر جُون ڪهاڻيُون اسان کي، ڪنهن تَصوراتِي ماحولَ ۾ نہ ٿِيُون وَٺِي وَڃَنِ، پر سندس ڪهاڻِيُنِ ۾ "اور بھی دُکھ ہیں زمانے میں محبت کے سوا۔۔۔" جا عَڪسَ مَوجُود آهن. سندس ڪهاڻِيُنِ ۾ اسان جِي ملاقاتِ، اسان جهڙن ماڻهِنِ سان ئِي ٿِئَي ٿِي.

**زيب سنڌي**

**21 ڊسمبر 2019ع**

**zaibsindhi@hotmail.com**

## مهاڳ

# اَڪيون مجاوِرُ، سَپنَنِ جُون

”مائِي مُجاوِرُ“ مَجموعَي جو عُنوانُ، ڪهاڻيون اِهڙَي لَيڪڪَ جُون، جيڪو طَبِيعَتَنِ مانَيڙُو ۽ شَرمِيلَو. شاعري سندس طبيعت جو فِطري جُز. حُسنُ پَرسِتِي هُنَ جَي، مُرڪُن پويان لِيئاڪا پائَي، نَيڻَنِ مان جهاتِيُون پائيندڙَ. آوازُ ايڏو مِٺو جو ڪَيرُ ڪَيڏو بہ ڪاوڙ ۾ هُجَي، پر سندس ڳالهيون ٻُڌَي، تہ ڪاوڙ ڪان هميشہ لاءِ ڪاوڙجِي وَڃَي. رَڪُ رَڪاءَ ۾ شاهانا اَندازُ پر پِيارَ ۾ پاڻ ڪي سدائين، غُلامُ ڪري رکڻ وارو هر دلعزيز، گُلن جَي خوشبُو جهڙو، مُنهنجو ياءُ گُلُ ڪُونڌَرُ. گُلَ جڏهن بہ ڪنهن سان رِشتو رکيو تہ سَڀِنِ جِيان نِڀايائِين، ڏُکَنِ ۾ سُکَنِ ۾ سارَ لَهندڙُ گُلُ، جنهن کي اسان سڀ گُل ڪُونڌَرَ جي نالي سان سُڃاڻُون.

گُل ڪُونڌَرَ جَي غَزلَنِ ۾ فَنِي پُختَگيءَ سان گڏوگڏ رَديفَ، قافيہ، مَطلَع، مَقطَع ۽ تَخَلُص جِي ٻِيهَڪَ لاجوابُ، گُلَ جَي غزلَ ۾ حُسنُ ۽ عِشقُ، اَوَلِ ۽ آخرِ آهي. هُجَي بہ ڇو نہ، هِي سَڀِي ڪائِناتِ حُسنَ ۽ عِشقَ جَي ڪري جُڙِي آهي، زندگيءَ مان حُسنَ ۽ عِشقَ ڪي ڪَڍِي ڇڏِجي، تہ زَهرُ بَنِجِي پَوندِي، ڪائناتِ بَي رَنگ ٿِي ويندِي. هي سَمُورا مَنظَرَ سَمندَ جَي ڇولِيُنِ ڪان، آڪاش تي اِندَلَٺِي رَنگَنِ تائِين، ڌرتيءَ تي ٽِڙَندَڙَ گُلَنِ ڪان، مَعصُومُ ٻارَنِ جَي مُرڪُنِ تائِين، ماءُ جَي دُعائُنِ ڪان، پِيءُ جَي سارَ سنڀارَ تائِين، سَڀُ ڪُجهہ حُسنُ ۽ عِشقُ ئِي تہ آهي. جڏهن ڪنهن جهُورَ جَي ڇِهرَي جَي گهُنجَنِ ۾ اسان، تاريخ جا ڪَئِي بابَ پَڙهڻَ لاءِ ڏِسندا آهِيون، تہ ٻُڍاپِي جو حُسنُ، سندس عِشقَ جِي ڪهاڻِي سَلِڻَ لَڳندَو آهي.

سنڌي ادب جي مختلف دؤرن ۾، ٽِمُورتِيون جُڙَندِيُون رَهِيُون آهن. هِڪَ تِمُورتِيءَ ۾ نِيازُ پَنهوَرُ، زَيبُ سِنڌِي ۽ گُلُ ڪُونڌَرُ شِمارُ ٿِيَڻَ لڳا. علم ادب، درسُ تَدريسَ، ريڊيو، ٽيلويزن ۽ اخبار، جتي زيب سنڌي، اُتي نياز پنهور، اُتي ئي گل ڪونڌر سدائين گڏوگڏ. اَدَبِي مَيڙاڪا هُجَنِ يا دوستن جون ڪَچَهرِيُون، سنڌي ادبي سنگت جِي سِياسِي جَوڙجَڪَ هُجَي، يا سپلا جِي سِياسِي اُٿلَ پُٿلَ، سچل سرمست ڪاليج ۾ شام جا ڪلاسز هُجَنِ، يا ريڊيو پاڪستان تي صُبحِ مهراڻ، گُلُ، نِيازُ ۽ زَيبُ گَڏُ گَڏُ. ٻَئِي هَنڌِ مِلَنِ نہ مِلَنِ، سچل ڪاليج جي اسٽاف روم ۾ ڊِيُوٽِيءَ دؤرانِ ٽَيِئِي هِڪَ هَنڌِ حاضر، پر ظالمُ وَقتَ جَيئَرَي ئِي ڪَينِ، جُدا ڪري ڇڏيو. ڪو رٽائر ٿِي عِلمِي اَدَبِي ڪم ۾ مَصرُوف، تہ ڪو ٻَئِي ڪاليج ۾ بَدِلِي ٿِي، الڳ وِرُونهَن سان لَڳَلُ. ٽِئِي دوست جدا جدا جايُن تي هُجَنِ، پر اسان جِي دُعا آهي تہ، سَندنِ دوستِيُنِ جو سِلِسِلَو سَلامَتَ رَهَي.

سَچَل سَرمَستَ وارِيُون، عِشق سَلامتَ واڏايُون، نَنڍَي لاڪَئون گُلُ ڪُونڌَرَ جَي جَهوليءَ ۾، کَندُ ٻُڪَرَڙَي جِيان پِيُون آهن. هُو هِڪُ تہ گُلُ، ٻِي سَندسِ سَياءُ جِي نِرالِي خوشبُو، پوءِ ڪَيرُ آهي جو سندس مُحبَتَ ۾ نہ ڦاسَي.! ڪو بَدنَصِيبُ هُوندَو جو گُلَ سان هِڪُ پِيرَو گُفتَگُو ڪري، پوءِ زندگيءَ ۾ ڪانئُسِ پَرَي ٿِيَڻَ جو سَوچِيندَو. اِنَ حَقِيقَتَ جون خَبِرون، گُلَ جَي جِگِري دوستَنِ، ڊاڪٽر پرويز اقبال ۽ سليم چنا کان پُڇِڻِيون پَوَندِيُون. اُهَي تہ سندس دوستَ، پر جَي حُسنَ ۽ هَوا ۾ گُهلندَڙَ خوشبُو کان بہ، گُلَ جي سَياءَ، شَخصِيَتَ ۽ ڪِردارَ مُتعلق مَعلومُ ڪَجَي، تہ اُهَي بہ سندس لاءِ شاهِدِي ڏِيَنِ.

اَدِي زَيبِ چَئِي جڏهن گُلُ، نِهايَتَ مِٺَي انداز سان مُخاطِبُ ٿِيندو آهي، تہ اِيئَن لَڳندَو آهي، ڄَڻُ مُنهنجَو سَباجَهو سَدورَو ڀاءُ، مون سان ڳالهائَي رهيو آهي. گُل ڪُونڌَرُ نہ رڳو اَدِي ڪَوٺَي مُخاطِبُ

ٿيندو آهي، پر ياءُ وارا فرض نڀائيندَي، اَوکي سَوکيءَ ۾، ڀينرُنِ جي سارَ بہ لَهندو آهي. سندس ٻارن ۾ شريڪِ حياتِ وَٽِ بہ اسان لاءِ، سَچَنِ رِشتَنِ وارو پيارُ مَوجُود آهي، جڏهن گُلَ جا ٻارَ مون کي ڦُڦي چوندا آهن... ڀاڄائِي نِهايَتَ پاٻوهَہ سان آڌر ڀَاءُ ڪَندِي آهي، تہ پَنهِنجائپَ جو اِحساسُ، پيارُ ٻَنجِي پَوندَو آهي.

گُل ڪُونڌَرَ جو والد صاحبُ، مَٿَي تَي هَٿُ رَکِي، شَفِقَتَ سان اَمَڙِ ڏيءَ، نِياڻِي ڀَلِي ڪري آيُون، چَوندو هو تہ سَڀَنِ رِشتَنِ جو اِحساسُ ٿِيندَو هو. گُلَ جَي والده جِي مُحبَتَ کي، لَفظَنِ ۾ بَيانُ ڪرڻ لاءِ هزارَين صُفحا گُهرجَنِ. گُلَ جا ڀائرَ، ڀاڄايُون، ڀينرُ، سَڀُ اَيڏِي عزت ڏِيَنِ، جو رت جَي رِشتَن جو گُمانُ ٿِيَڻَ لَڳَي. اِهَو پيارُ گُلَ جِي نِسبَتَ ڪري مِليو، ڇاڪاڻ تہ گُلَ ۾ مُنهنجَي مُحبتَ جِي، هِڪَ ئِي خوشبُو آهي، سَچائيءَ، سَچَي ڪِردارَ سُرتِ ۾ ساڃاهَہ جِي خوشِبُو نِينهَن ۾ نِياءَ جِي خوشِبُو.

ٻُوٺَ مَڏُ ڪُونڌَرَ (خانواهڻ) جَي مِٽيءَ ۾، ايڏو ڪو پيارُ ٻُوهِيَلُ آهي، جو گُل تہ آهي ئِي سَراپا خوشِبُو پر گُلَ سان تَعلقُ رَکَندڙُ هَرِ رِشتو اِيئَن مُحَبتُنِ جي هُٻَاءَ سان پِنَلُ، جو ڪو بہ ماڻهو سَندنِ محبت وارَي سَحَرَ مان، سَچِي ڄَمارَ نِڪرڻُ نہ چاهِيندو. نَنڍَي وَڏَي لاءِ عِزتَ، ڪو گُلَ کان سِکي، هُو تَنقِيدِي گُفتَگُو اِهڙَي پيارَ سان ڪندو، جو اَڳِئَين کي ڳالهہ بہ سَمجهہ ۾ اَچِي ويندِي، ۽ سندس دل آزارِي بہ نہ ٿِيندِي.

مَعرفَتَ جو مَتِوالَو اسان جو ياءُ گُل ڪُونڌَرُ، جنهن جِي شاعري ۽ ڪهاڻيون، گذريل ٽِنِ ڏهاڪَنِ کان، پڙهندڙنِ جَي آڏو آهن، تَنهَن ماهوار ”ادب“ رِسالَي جون، هِڪُ سؤ اَنَتِيهَہ ڪَڙِيُون ڪَڍِي، تاريخ ۾ ڏارَ مَڃِتا لاءِ، پَنهِنجَو نالَو لِکرائَي ڇڏيو آهي. قابِلُ ۽ شَفِيقُ اُستادُ، سَيِنِي جِي عزت احترامُ، پاڻ تي لازم ڪَندڙُ سَباجَهو لِيکَڪُ گُلُ، غَزلُ لِکَڻَ ۾ پَڙُ، پر سندس ڪهاڻيون پَڙهندَي، هُنَ بابت لِکيَل

مَٽيان وِيچارَ سَربَمُهر ٿِيو وَڃَنِ. گُلَ جي ڪهاڻيُن جا ڪِردارَ هُن جي زِندگيءَ کي وَيجها بہ آهن، تہ ڏُورِ بہ. ڪي ڪَيس مِلَنِ ٿا، ڪي ڪانئُسِ وِڇڙِي وَڃَنِ ٿا، ڪِنِ کي گُلُ مِلِي نہ سَگهيو، ڪي گُلَ کي مِلِي نہ سَگهيا، ڪي دل ۽ ذَهنَ تي اَڄُ بہ راڄُ ڪَنِ ٿا، تہ ڪي باوجُود چاهڻ جي، گُل کان نَفِرَتَ ڪري نٿا سَگهَنِ.

دنيا جو هر تَخليقڪارُ زِندگيءَ ۾ هِڪُ ڀيرو ڀَرپُور عِشِقَ جي عَمِيقَ ۾، غَواصُ بڻجِي غوطو هَڻَي ٿو پوءِ ڪو تَرِي پارِ پَوَي ٿو، تہ ڪو اُونَهائِيءَ مان، ماڻِڪَ مَيڙِيندَي، پُورِي زِندگِي عَمِيقَ ۾ ئِي رَهَي ٿو. عاشِقُ ڪڏهن بہ، پارِ پَوَڻَ لاءِ اُونَهائيءَ ۾ نہ لَهندو آهي، هُو تہ سدائين عَميقَ مان، ماڻِڪَ مَوتِي لَوڇِي لَهڻَ جِي تَمنا ۾ جِيئندو آهي، جَيڪي ڪَيسِ تَخليقِي اِسمَنِ جَي صُورَتَ ۾ مِلَنِ ٿا. جِنِ کي هُو عامَ آڏو آڻَي ٿو.

”مائِي مُجاوِرُ“ ڪهاڻيُن جو مَجمُوعو اُنهيءَ عِشِقَ جَي عَمِيقَ مان، ڳَولَي لَڌَلَ لَعلَ مَوتِيُنِ جِي لَڙِي آهي، جنهن جو هِڪُ هِڪُ لعلُ مَوتِي سَچو ۽ سَچائيءَ جَي جَڙَتِ سان جڙِيَل آهي. سندس طَبِيعَتَ وانگُر ڪَهاڻِيُنِ ۾ بہ، جَمالَ اَبڙَي جو تَسَلسُلُ جُڙِيَلُ نظر اچي ٿو. گُلُ، مُنير ماڻِڪَ ۽ طارق عالم ابڙي، نورُالهُديٰ شاهہ ۽ خَيرالنِساءَ جَعفِريءَ وانگر، نہ طبيعتن بَي باڪ آهي، نہ ئِي لِکڻِيُنِ ۾ آزادُ. هُو پاڻ کي پَنهنجِي ذاتِ ۾ تهذيب يافتہ رکي ٿو، تہ تَحرِيرُنِ ۾ بہ پابَند رَهَي ٿو. گُلَ جِي هر ڪهاڻِي سَچِي آهي، هُن سَچائيءَ سان پَنهِنجَي اِردِ گِردِ جَي ڪِردارَن، مَنظَرَنِ، ٻولي، تَشبِيهُنِ، اِستَعارَنِ، تَرتِيبُنِ، تَرڪِيبُنِ ۽ ماحولِياتِي عَڪسَنِ کي چِٽيو آهي. اڄ بہ سندس گهرَ جَي آڳُرُ ۾ پَوڪِيَل اَنبَ، لَيمَي ۽ زَيتُونَ جَي وڻن سان گَڏُ، گلابَ، مَوتِئَي، ناز ٻُوءِ ۽ رات راڻيءَ جِي خوشبُو جو واسُ، هر ايندڙ کي واسِيندَي، پَنهنجَي مُندَ ۾ اِهڙو مُندَي ٿو جو بارِ بارِ هِنَ اَڱڻَ تي اچڻ لاءِ مَنُ چاهَي ٿو.

گُل ڪونڌرَ جي ڪهاڻِيُنِ جا ڪِردارَ چِٽا آهن. هُو ابهام کان ڪم نہ وَٺندڙُ اُهَو ڪَهاڻِيڪارُ آهي، جيڪو حقيقت حالَ جا رُوپَ، پَنهنجي تَحرِيرُنِ ۾ پَسائَي ٿو. جَفا کي سَمجِهي، وفا جو آ وَيئَو اُهَو گُلُ مَحبُوبَ جِي بَيوَفائِيءَ، ڪُوڙَنِ دِلاسَنِ ۽ دَولابَنِ کي، وفا جَي آئِينَي ۾ ڏِسڻَ لَڳِي ٿو ۽ ”مُحَبتَ جِي مِيخَ“ جِهڙِي لاجوابُ ڪهاڻِي لِکَي ٿو. هُو سَماجَ جَي ناڪارِي رَوَيَنِ کان، ڏُکوِيَل لَڳِي ٿو ۽ ”گَنهَن سان شَلَ اِيئَن نہ ٿِئَي“ جِهڙِي جَذباتِ سان پَرِيَلَ ڪهاڻِي تخليق ڪَرَي ٿو. هُنَ وَٽِ آسُنِ اُمِيدُنِ جَي ڪَچڙَنِ آنيوئنِ جَي، لُڙڪَنِ جِي ڪهاڻِي ”جَذبَنِ جو قَتلُ“ بہ آهي، تہ نِراسائيءَ مان جِيوَن جِي لاٽَ ٻارڻ لاءِ، ڪنهن بہ شيءِ ۽ ڪنهن بہ ڪم جي پُڄاڻيءَ کي، پَسَندِ ڪرڻ وارَي نَظرِيَي کي، ڏِيئَي جِي وَٽِ بَنائَي تَيلَ ۾ وِجهي، هميشہ لاءِ سَڙڻَ لاءِ ڪهاڻِي ”آسَ جِي پُڄاڻِي“ بہ مَوجُود آهي.

لَفظَنِ جِي هِي پَيتا پَنهِنجي پيارَي ياءُ گُلُ ڪُونڌَرَ ۽ سندس ڪُٽنبَ جي مُحبَتُنِ کي، دِلِ جِي گَهرائيءَ ۽ سَچائيءَ سان ڏِنِي اَٿَم. اِهو لِکَڻُ مُناسبُ ٿِي سَمجهان، تہ گُلُ ڪُونڌَرُ سنڌي اَدبَ ۾ پَنهِنجَو ڌارَ اَعليٰ مَقامُ جَوڙِيندَڙُ شاهَڪارُ نَثرُ نِگارُ ۽ لاجَوابُ غَزَلَ جو شاعِرُ آهي. دُعا آهي تہ الله پاڪُ شَلَ سندس جَهولَ ۾، عِزَتُنِ جا اَنيڪِ هِيرا مَوتِي پَرَي ڇَڏَي، آمِينِ.

**زَيبِ نِظاماڻِي**

**23 ڊسمبر 2019ع حيدرآباد.**

## اَمهاڳ

# سَماجَ جا عَڪسَ ۽ اَولڙا

گُلُ ڪُونڌَرَ جَي ڪَهاڻِيءَ جِي سُجاڻَپ، سادِي سَلوڻِي ٻولِي، مَوضُوع جِي مُناسِبُ چُونڊَ، اَلَڳِ اَسلُوبُ، خُوبصُورَت مَنظرنِگاري، وَڻندَڙ ڊائلاگَ ۽ بامَقصَد پُڄاڻِي رهيو آهي، سندس لَفظَ تَورِيَل تَڪِيَل ۽ ڪهاڻيءَ جَي گُهرجَ موجب هوندا آهن. هُو ڪهاڻيُن ۾ پيڙا پِوڳِيندڙ ڪان، بيوفائِي ڪَندڙ ڪِردارَ تائِين، سِينِي ڪَيرَيڪِٽرسِ کي باوقار نَمونَي، پَيشِ ڪرڻ سان گَڏُ، مَرڪَزِي ڪِردارَ جو پَرمُ، پَنهنجَي ڏانءَ سان قائمُ رَکَي ٿو. گُلَ جون ڪهاڻيون، ڳوناڻِي زندگيءَ جو رُخَ ڏيکارِيندَي، يونيورسٽيءَ جا پِيارَ پَسائِين ٿِيون، تہ شَهَرَ ۾ پِنَندڙ فَقِيرِياڻيءَ جَي، اَمِيرُ بَنجَڻَ وارِي ڳَالهہ بہ ٻُڌائِين ٿِيون. اِهڙِيءَ رِيتِ سندس مَعاشرتِي، سَماجِي، تَعلِيمِي، ٻولِيءَ ۽ ڌرتيءَ سان لاڳاپِيَلَ ڪهاڻيون، نَهڪَندڙ مُوضُوعَنِ سان، موجوده حالتن جِي نِمائندگِي ڪَندَي نظر اَچِنِ ٿِيون. جنهن مان خَبَرَ پَوَي ٿِي تہ هُو مُطالعَي ۽ مُشاهِدَي جَي آڌارَ تي، پَنهنجَي آسِ پاسِ ٿِيندَڙ واقِعَنِ کي، دُوربِينِ نِگاهُنِ سان ڏِسِي اُنهنِ جِي اُپٽارَ چُونڊَ اکرن سان ڪهاڻيءَ جي گُهرجَ موجب بَيانِيہ، مَڪالِمَنِ ۽ مَنظَرڪَشِيءَ وَسِيلَي ڪَندَي، ڀَرپُور پُڄاڻيءَ تي پَهچائَي ٿو.

ڪهاڻي ڪنهن فرض شناس ماسترياڻيءَ جِي هُجَي، يا ڪنهن ڪالِ گَرلِ جِي، لَيکَڪُ سندن نفسياتِ مطابق، مَنظرنِگاري ڪندَي چاهي ٿو تہ پڙهندڙُ ڪهاڻيءَ کي اڌ ۾ نہ ڇَڏَي. گُلُ ڪُونڌَرُ پنهنجي دلفريب شَخصِيَتَ، خُوبصُورَت لِباسَ، نَفِيسُ ۽ صاف سُٿرِي زِندگيءَ جِيان، ڪهاڻِيُنِ کي بہ ساڳِي نَفاسَتَ ۽ نَرمُ لَهجَي سان، پَيشِ ڪرڻ جو هُنرُ رَکَي ٿو. سندس داخِلِي ۽ خارِجِي ڪَيفِيَتُون ڪَيسِ،

وَڻندَڙ ماحولَ ۾ سُهڻي سَياءَ جِي ياد ڏِيارِين ٿيون، تَنهِنڪَري تَلخ حقيقتون، بَيانُ ڪَرڻَ مَهلَ بہ جُملنِ ڪي، هَضمُ ٿيندڙ لفظن جو وَيسُ پارائَي ٿو ۽ پڙهندڙُ اَڻوَندَڙ واقعَي کي، اُنَ ئِي پَسمَنظَرَ ۾ سَمجِهي وَڃي ٿو. اِها ئِي ڪهاڻيڪارَ جِي ڪامِيابِي آهي، جو هُو نَرمُ لَهِجَي ۾ ڪا ڳَرِي ڳالِهہ، ٻُڌائِڻَ ۾ ڪامِيابُ وَڃي.

گُلُ ڪُونڌَرَ اَقتِصادِياتِ جو پروفيسر آهي، سندس شَخِصِيَتَ جوئِي ڪَمالُ آ جو ”اَيڪِنامِڪِسِ“ ۽ ”اَدبُ“ ٽَڪراءَ ۾ نہ آيا، هُنَ نہ صرف هِي ڪهاڻيون لِکِيُون آهن، پر پَنجَ سؤ جَي لَڳِ ڀَڳِ شاعريءَ جا اِسمَ، سَوَين ڪالَمَ ۽ مُهاڳَ/مَضمُونَ پڻ لِکيا آهن، ان کان علاوه ماهوار اَدَبُ رِسالَي جا، هِڪُ سؤ اَٺَتِيهَہ پَرچا شايع ڪري، سَوَين نَوَنِ لِکندڙَنِ کي اُتِساهَيندَي، اَشاعَتَ جا موقعا فَراهمُ ڪيا آهن. ماهوار ادب/اديب رسالي جا پَنجَهَٺِ پرچا، نامِوَر اَدِيبَنِ جا ڪارنر ۽ خاص نَمبَرَ آهن، جَنِ ۾ سَندنِ تَفصِيلِي اِنٽَروِيُو ۽ شاهڪار لِکڻيُون شامل آهن.

گُلُ ڪُونڌَرَ جون ڪهاڻيون پُرِاَثَر، ۽ ياد رکڻ جهڙيون آهن، ڪهاڻي ”مِينهَن ڪَڻِيُون“ هُجَي يا ”هُوءَ“، ٻِنهِي جو اَندازُ مَنَ کي لُپائِيندڙُ آهي. ”مِينهَن ڪَڻيون“ جَي ڪردارَ ”حُسَينَ“ جِي سادگِي پنَهنجَو مَٽُ پاڻ آهي. ”هُوءَ“ ڪهاڻيءَ جو، هَرَ هَرَ وَرجاءَ ۾ ايندڙ مڪالمو/ ڊائلاگ، ”اِيئَن ڪَونهَي، تو کي هَرُوڀَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي“، ڪهاڻيءَ کي بيحد حَسِينِ بڻائَي ٿو.

گُلَ وَٽِ پِيارُ، وَفا، وَطَن پَرسِتِي، سَماجِي ڀِيَ ڊاهَہ، تَعلِيمَ، مادِري ٻولِي، عَورتُنِ سان ظُلمُ ۽ ڏاڍايُون اَهمُ مَوضُوعَ آهن. گُلُ ڪَونڌَرُ حَساسُ ڪهاڻيڪارُ هُجَڻَ سان گَڏُ، عادِلُ ۽ مُنصِفُ آهي، هُو ڪِردارَنِ جو جائزو وَٺندَي، وَقتَ ۽ حالتُنِ کي ڏِسَندَي، پِلاٽَ جِي گُهرجَ موجب، پنهنجو فَيصِلَو ڪهاڻيءَ ۾ ٻُڌائَي وَڃي ٿو. جِيئَن ڪهاڻِي ”پَسَندِ ناپَسَندِ“ ۾ هُو، پروگرام جَي آخر ۾ صاحبِ صدر کان،

هِيئَن ڳالِهرائَي ٿو: ”اسان تي لازِمُ آهي تہ عِلِمَ اَدَبَ وارَنِ جو قَدرُ ڪَرِيُون....“

زندگيءَ ۾ ڪيترا ماڻهو اِقرارَ اِنڪارَ ۽ تَڪرارَ وارِي ڪَيفِيَتَ ۾ بيقرار رهن ٿا. اِيئَن گُلَ جَي ڪهاڻِيُن جا ڪِردارَ، حاصلاتِ جي جُستجُوءَ ۾ وِيجائِجِي، هَميشه لاءِ دُورِيءَ جو دَردُ سَهَنِ ٿا. پر ڪَي خوشِقِسمَت ڪِردارَ خوشگوار لَمحَنِ جِيان اوچتو اچن ٿا، ۽ خوبصورت هَمِسَفَرَ جِيان، زندگيءَ جَي سَفَرَ ڪي چَندُ گهڙِيُنِ جِي سَقلتا ڏَئِي، پويان نہ وِسرَندڙ يادِ ڇَڏِيندَي، هِڪَ دِلڪَش ڪهاڻِي بڻجِي وڃن ٿا.

گُلَ جَي ڪهاڻِيُن جا ڪِردارَ مِلَنِ ٿا، ڳالهائِنِ ٿا ۽ پوءِ وِڇڙندَي، وَڻندڙ مهڪَ مَنَ اندر اَوتَي، هليا ٿا وَڃِن. هِنَ ڪتابَ ”مائِي مُجاوِرُ“ جَي ڪهاڻِيُنِ ۾، مُختَصر مڪالما، پُراَثَر پلاٽَ، ماحول جِي مَنظَرڪَشِي، مُندَ، مَوسمَ ۽ وَقتَ جِي خبر پَوَي ٿِي، ڪِٿِ ڪو سَوالُ اُڀرَندَي نظر اچي ٿو تہ ڪِٿَي نَتيِجَو سوچَ جَي بَرعَڪس سامُهون آهي، بهِرحال هَرِ ڪهاڻِي دِلِ دِماغَ تي، ڀَرپُور اَثَرُ ڇڏَي ٿِي. هِي ڪهاڻيون پاٺڪن جي ذهني حِسَ کي، ڪِٿِ ڪِلائِيندَي، ڪِٿِ رَوئارِيندَي، ڪِٿِ حَيرَتَ ۾ وِجَهندَي نظر اچن ٿيون. سچ اهو آهي تہ اهڙي اُٿَتِ، اهڙو ڄارُ ئِي پڙهندڙ جَي تَجَسُسَ کي، آخرِ تائين ڪَٽِي هَلَي ٿو.

گُلَ پَنهنجَي دِلِ آوِيز شَخصِيَتَ، خوِش لِباسِيءَ ۽ بهتَرِ سَوارِيءَ جا مزا ماڻِيندَي، ڪيترا يادگار سَفرَ ڪيا آهن، جن مان ڪيترن جو آئون هَمِسَفر ۽ هَمِراز رهيو آهيان. تنهنڪري سندس ڪهاڻِي ڪِردارَنِ جِي سُڄاڻ رکان ٿو. سَچُ اِهو آهي تہ پڙهندڙن کي، پَنهنجِي زِندگيءَ جا حَقِيقِي ڪِردارَ اِهڙِيُن ڪهاڻِيُنِ وَسِيلَي ياد اچي وڃن ٿا. هِتَي پيشِ ڪَيَلَ ڪهاڻِيُنِ ۾، نِجُ ڀهراڙِي بہ آهي، شَهرِي اَپَر، مِڊِلِ ۽ لوئَرِ ڪِلاسُ بہ آهي، تہ قَبائِلِي رِيتُون رَسِمُون، بَدَي جي شادِيُنِ ۽ ڪارَو ڪارِيءَ جا، مُعاشرَي تي پَوَندَڙَ اَثراتِ بہ آهن. گُلَ اَثرائتِيُنِ ڪهاڻِيُن وَسِيلَي، تَعلِيمِي اَهميَتَ سان گَڏُ، پَنهنجَي ماڳِنِ مَڪانَنِ

ڪي نہ وسارڻ، وارا پهلُو بہ پيش ڪيا آهن. هُنَ دهشتگرديِ، احسانُ فَرامَوشيِ ۽ سَماجي زِيادَتِيُنِ جِي عَڪاسِي ڪَندَي، هِڪَ مُحبِ وَطَن جِيان، دَردَ ڪي پَوڳِي ڪهاڻِيُون لِکِيُون آهن.

وَقتُ، هَرِ وَقتِ پيو اَنِسانَ ڪي، قَيراتِيُون ڏِئَي، پر قدرتي ڪَشَشِ ثَقَل جي ڪري، اَسِين ڪِرُون نہ ٿا. پِيا قِرُون، اِهَو قِرَڻُ، جِيئَڻُ ۽ مَرَڻُ آهي. قَلمِڪارَ جو قَلَمُ بہ قَرَي ٿو. ڪُنَ ناهَي ٿو. ڪڏهن تَرَي ٿو ڪڏهن ٻُڏَي ٿو. اِهڙيُون ڪيتريُون حالتون، داخِلِي ۽ خارِجِي ڪيفِيَتُون، ڪهاڻيڪارَ کان لِکرائِينِ ٿِيُون، هُو ڪڏهن پَنهنجِي وارِتا ڪي، ڏُڏَ جِيان وِلوڙَي ٿو. تہ ڪڏهن ٻِيَنِ جي سُورَنِ تي لَوچِي ٿو. تَڏَهِن ئِي سندس قَلَمَ مان، سَچُ لَڳندڙ ڪهاڻِي سِرجي ٿِي.

گُلُ ڪُونَدَرُ مُنهنجو پيارو دوستُ آهي، مُون سندس زندگيءَ تي ڀَرپُور پروفائِيل (جَيوَن خاڪو) پُنهنجي ڪِتابَ "سُونهان مُنهنجي سنڌ جا" ۾ ڏِنو آهي، تَنهَنڪري هِتي ذاتِي زندگيءَ تي گهٽِ، سندس ڏاتِ ۽ ڏانءَ تي لِکَڻُ چاهِيان ٿو. پر هِڪَ ذاتِي دوستَ جِي حَيثِيَتَ ۾، هُنَ جي حَياتيءَ جا سُورَنِ ڀَرِيا پَلَ بہ، سامُهُون اَچِيو ٿا وَڃِنِ، تہ سندس ڪهاڻيءَ جو سَفَرُ بہ اَکِيُنِ اَڳِيان آهي. مُون جِيان پَڙهندڙ بہ، لَيکَڪَ جي ڪيفِيَتَ کي سَمجَهندَو. تہ ڪهاڻيءَ جي مقصد کي ماڻِيندَي، جُدائِيءَ جي دَردَ کي مَحسُوسُ ڪندو ۽ خوشِيُنِ وارَنِ لَمِحَنِ ۾، سُرَهاڻِ جو واسُ وَٺِي سَگهندَو.

جَيڪو لَيکَڪَ کي هَمِزاد سَمجَهندَو، اُهَو سندس ڏُکَنِ ۽ سُکَنِ کي، اِيئَن مَحسُوسُ ڪندو، جڻ وارِداتِ ساڻَسِ ٿِي آهي. جِتَي دنيا فَرَيبَنِ، مُنافِقِيُنِ ۽ نَفرَتُنِ کي نِپايو اَچِي، اُتَي ڪهاڻيڪارُ ڪِردارَن ذَرِيعَي، جَڳَ ۾ مَيٺَ، مُحبتَ، اَمُنَ ۽ ڀائِيچارَي جو ڏَسُ ڏِيندَي نظر اچي ٿو. قَلمِڪارَ جِي هَرِ ڪهاڻِي، هِڪَ مَقصَدَ جو پَرچارُ آهي. گُلَ جون ڪهاڻيون سَبَقُ آموز ۽ مُستَقبِل ٻِينِيءَ جو ڏَيکُ ڏِيَنِ ٿِيون. هُو ڪهاڻيءَ جي پلاٽن سان، ماحولُ جوڙَي پَنهنجَي آدَرشَنِ جا، سُنَهِري رَنگَ پَسائِڻُ چاهَي ٿو. ڪردارَ عام هُجَنِ يا خاصُ، گُلَ جي

قَلَمَ هيٺِ اچي، لِکڻيءَ جِي جانِ بَڻجِي وڃن ٿا. ڪهاڻي ”مُحَبَتَ جِي مَيخَ“ جا ٻَئِي مرڪزي ڪِردارَ ٻي مِثال قُرباني ڏِيَنِ ٿا. هِنَ ڪِتابَ ۾ ڪَوڙَ ساريُون ڪهاڻيون آهن، جيڪي ڊَراماٽائيزِ ٿِيَڻَ سان، مُعاشِرَي لاءِ بهتر نَتِيجا ڏَئِي سگهن ٿيُون.

ڪهاڻي ”رَيشَمِ“ جو هيرو، موقعو هُوندَي بہ، عِزَتِ نَفِس کي برقرار رکي ٿو ۽ پَيشہ وَرِ ڪي ڏِهاڙي ڏِيَڻَ جو چوَندَي، ڪَيسِ بُرَي ماحول مان ڪڍڻ لاءِ، شادي ڪرڻ لاءِ راضِي نظر اَچِي ٿو. ”مائِي مُجاوِرُ“ ڪتابَ جا پَنا پَڙهندَي، ڪهاڻِيُنِ جي اُٿتِ جا، نَوان نَوان رُخَ نظر اچن ٿا. ڪِتَي ماڪِيءَ جَي لارَ جِيان ”سَندِي لارَ ماڪيءَ“ نَظماڻَي انداز جِي ڪهاڻي، نِروار ٿِئَي ٿِي، تہ ڪِتَي ”وِڇايَل وجُود“ جِهڙِي باڪمال تَحرِيرَ، ڪَرُ ڪَنيو بِيٺِي آهي. ”گُل ۽ خُوشبُو“ ڪان ويندَي، ”بهارُ ۽ خِزان“ تائين جو لَفظِي سَفَرُ ڪَندَي، ڪهاڻيڪارَ ڇا ڇا نہ پيوڙِيَو آهي، ڪِٿَي سندس قَلَمُ ڪُرڪِيَو آ، تہ ڪِٿَي مُرڪِيَو آهي.

ڪهاڻي ”هُوءَ تہ مُون ڪان ڏُورِ هَلِي وَئِي“ جا مڪالما، اَندرَ ۾ پَيهِي ٿا وَڃَنِ، قُربَتُنِ جَي اَثَرَ هيٺِ لِکيَلَ، هِيءَ پيارَ ڪهاڻي بهترين آهي. ”جَذبَنِ جو قَتلُ“ ڪهاڻيءَ ۾ نِياڻيءَ جَي ڊاڪٽر ٿِيَڻَ جو خوابُ، پُرزا پُرزا ٿِيندَي ڏيکارِيَلُ آهي. پيءُ جَي بَدَي ۾ پَرِڻجَندَڙَ ڇوڪِري، پَڙهِي ڊاڪٽر ٿِيَڻَ بدران، پَنهِنجي ۽ ٻارَنِ جي بيماريءَ سَبَبِ، ڊاڪٽرن ڏانهُن ويندِي رَهَي ٿِي. رِشتَنِ جَي ڏَي وَٺُ وارَي مَوضُوعَ تي، هِيءَ هِڪَ اَثرائِتِي ڪهاڻِي آهي.

”جُدائِيءَ جِي پِيڙا“ ڪهاڻيءَ جِي نائيڪا، زندگيءَ کي سَنوارِڻَ لاءِ، شاديءَ ڪان پوءِ بہ تعليم جارِي رَکَي ٿِي، هِيءَ ٻهراڙِيءَ جِي باشعور ڇوڪِري، وسيلا نہ هُئَڻَ باوجود وڌيڪ پڙهڻ لاءِ، اَيڊوِرٽائِيزنگ ڪمپَنِيءَ ۾ نوڪِري ڪَرَي ٿِي. اِيئَن شَهَرَ ۾ رَهَندَي، ڳُوناڻَي مُڙسَ سان تَضادَ ۾ اچڻ ڪري، حالتون ڪَيِن جُدا ڪري ڇَڏِينِ ٿِيُون. اِنهَنِ حالتُنِ ۾ نَنڍڙو پُٽُ وَجاهَتُ ئِي سندس زندگيءَ جو مَحوَرُ بَڻجَي ٿو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ نائيڪا مُڙسَ ڪان خُلَع وَٺِي ٻِين شادي

ڪَرَي ٿِي، جيئن زندگي ڏُکَنِ مان نِڪِري، سُکَنِ وارَي سَفَرَ ۾ هَلَڻَ لَڳِي، ۽ پُٽَ وَجاهَتَ کي سُٺِي تعليم ڏِيارَي سگهي، پر کَيسِ اِها تَبدِيلِي بہ راسِ نہ آئِي. تڏهن هُنَ پَنهنجِي مُحسنَ اُستادَ کي، ڏُکارَي لَهجَي ۾ پُٽَ بابت ٻُڌايو. ”هُو مُنهنجِي شاديءَ وارَي ڏِينهُن پَنهنجي پِيءُ ڏانهُن هليو ويو.“ جُدائيءَ جِي اِهڙِي ڪَيفِيَتَ کي لِکَندَي، لَيکَڪَ پَنهنجَي اَکيُنِ سان گَڏُ، پَڙهندَڙَ جون اَکيُون بہ آلِيُون ڪري ڇڏي ٿو.

گُلَ جو ڪهاڻي ڪِتابُ پَڙهندَي، ڪَهاڻيُنِ جَي ٿانَ کي اَڇِي پُورو ڪنداسِين، تہ آخر ۾ ڪِتابَ جِي ٽائيٽِلِ ڪهاڻِي ”مائِي مُجاوِرُ“ سان مُلاقاتِ ٿِي وِيندِي. ڪهاڻيُنِ جَي تاڪِيَي جو آخري وَيڙهو بہ اِيئَن وَڻندَو، جِيئَن مَن پَسَندِ رَيشَمِ، اُطلَسِ، ڪِيمِخواب ۽ بوسِڪيءَ جو ڪپڙو وَڻندو آهي.

ڪتابَ ۾ آيَلَ ڪهاڻيون، ”نَيڻَنِ مان لَڙيَل لُڙڪَ“، ”سِندُ جِيان مُون کي وَڻَندِي آهِين“، آ پِيارُ بہ شايَد ڏوڪُو“، ”چَڻُ نَظَرَ لَڳِي وَيئِي“ ۽ ”دِلِ جَي دَفتَرَ تَي لِکِيَلُ نانءُ“، گُل ڪونڌر جَي جَذباتِي وابِستَگيُنِ جو ڏَسُ ڏيَنِ ٿِيُون. ”مُنهنجا سوال“ ۽ ”سَپُنا، ساپِيا، نَيڻَ“ جِهڙِيُون ڪهاڻيون پَڙهِي، کَيسِ دادُ ڏِيَڻَ کان سِوا رَهِي نہ ٿو سَگهجَي.

گُلُ ڪُونڌَرَ جون سَڀِيئِي ڪهاڻيون، اِنتِهائِي آسانُ ۽ سَمجَهہ ۾ اِيندَڙَ آهن، پر هَرِ ڪَهاڻِي پَنهنجَي آغازَ ۽ اَنجامَ ۾، لَيکَڪَ جَي ڏِنَلَ پَيغامَ کي نِرِوارُ ڪري ٿِي. گُلَ جا پِلاٽَ، مَوضُوعَ، مَنظَرَ ۽ ڪِردارَ سَماجَ جا عَڪسَ ۽ اَولڙا آهن، ۽ سندس ڪَهاڻِيُون مُعاشِرَي جُون آرِسِيُون. گُلُ ڪُونڌَرَ کي، هِنِ ڪهاڻِي ڪِتابَ جَي اَشاعَتَ جُون، لَکَ لَکَ مُبارِڪُون.

**سليم چنا**

**25 نومبر 2019ع**

**03324466834**

## اَپِيل

# سِڪ نه سَتا ڪَڏهِين

گُلُ ڪُونڊَرُ سُتَو ناهَي، سندس قَلَمُ پُورَي آبَ تابَ سان، رَوان دَوان آهي. حَساسُ ماڻهو دِلِ جَي دفتر جو لَيکو چوکَو صحيح رکڻ جا عادِي هُوندا آهن. گُلَ هَرِ شَيءِ کي تَرتِيبَ سان رَکِيو آهي، ساڻَسِ نِيازمَنديءَ ۾ مَحسُوسُ ڪَيو اَٿَمِ، ڏاڍو دِلرُبا اِنسانُ آهي، آئَي جَي آڏر پِياءَ ۾ ساهه صَدقَي ڪَندَي، حَوصِلو ڏيندو آهي. ڪهاڻيءَ جَي ميدان ۾ سندس مِحنَتَ ساراهه جَوڳِي آهي، ڪَهاڻيُنِ جو ڪتابُ ”مائِي مُجاوِرُ“، اِنَ جِي ثابِتِي آهي. ڪهاڻِي ڪَيتَر ۾ گُلَ کي چڱيءَ رِيتِ جاتو سُڃاتو وَڃَي ٿو. ڪَيسِ ادب/اديب رِسالَي جو اَيڊِيٽَرُ رَهڻَ ڪري ڪهاڻيءَ سَميتِ، نَثُرَ جي سِيني صِنفُنِ تي دَستَرَس حاصُل آهي. گُلَ جي ڪهاڻيُن ۾ جِيئرا جاڳندا ڪِردارَ هَلَندَي ڦِرَندَي نظر اچن ٿا، ۽ مَنظَرَ حقيقت جِيان، لَهَندَي چَڙهندَي مَحسُوسُ ٿِيَن ٿا.

گُلَ جِي ڪهاڻي ”پَسَندِ ناپَسَندِ“ ۾ ٻُڌايو ويو آهي، ته لِکڻيُن تي تَنقِيدَ بَراءِ تَنقِيدَ نه هُئَڻُ گُهرجَي، نَوَنِ ليکڪن کي اڳتي آڻڻ لاءِ، سَندنِ حوصله اَفزائِي ڪَندَي، ڳالهه موقعي مَهِلَ مطابق ڪرڻ گهرجي. جيڪي نوجوان نُورُ نِچوڙي، هَڙان وَڙان خرچ ڪري، ڪتابَ آڻِينِ ٿا، اُنَهِنِ کي سندن مِحِنَتَ ۽ جاکَوڙَ تي دادُ ڏِيَڻُ گُهرجَي. ڪهاڻيءَ مان پيغام ملي ٿو ته نَوَنِ لِکاريُنِ جو قَدرُ ڪَندَي، سَندنِ لِکڻِيُنِ جو جوڳو اِصلاح ڪريو. هِنَ لِکڻيءَ مان گُلَ جِي ڪُشاده دِلِي، خنده پيشانِي ۽ دُورِ اَندَيشِي نظر اچي ٿِي.

گُلَ وٽ مُشاهِدو، مُطالعو ڏانءُ، ڏاهَپ ۽ فَنُ آهي، سندس يادون سَونَ وَرنِيُون آهن. اِهو ئِي سَبَبُ آهي جو لَفِظَ، تَشِبِيهُون، فَنُ ۽

فِڪرُ، خِيالَ جي اُڏام ۾ ٻوڙي وَتَس پهچندا آهن. گُلَ جو اِظهارِ بَيان ايڏو سگهارو آهي، جو سندس ڪهاڻيون سَچِيُون لڳن ٿِيون. ”مُحَبَتَ جِي مَيخَ“ ڪهاڻيءَ جو گهاڙِيٽَو ٻولِي، فِڪرُ، تَشبيهُون، واقعاتِ ۽ حالتون زبردست نَمونَي پيشِ ڪَيَلَ آهن. ڪهاڻيءَ ۾ پوڙهِئَي جِي عَظمتَ، اُوندَهِہ پُٺيان رَوشِنِي اَوسِ اَچِڻِي آهي، ڪي بَيانُ ڪيو ويو آهي. اِنسانَ جِي تَڪمِيلَ اِنَ ۾ ناهَي، تہ وَٽس ڇا آهي، بلڪ ان ۾ آهي، تہ هُو ڇا آهي.

زِندَگِي خودِ ڪَهاڻِي آهي، جنهن جِي پرکَ طَوالتَ سان نہ، پر دِلِچَسپِيءَ سان ڪَئِي ويندِي آهي، گُلَ جون ڪهاڻيون لُطفَ سان ڀَرپُور آهن. ”سَفَرَ جا مُسافِرَ“ ڪهاڻي ڪراچيءَ وينڊَي بِلُو لائينزِ ڪَوچ ۾، سُونهَن راڻِيءَ سان ڪَچَهري. هِنَ ڪهاڻيءَ ۾ ڊائلاگ پيارا ۽ دل لُڀائِيندَڙ آهن. بَيانُ اهڙو سُهڻو جڻ ٽي ويءَ جِي اِسڪرِينِ تي، ڊِرامون ڏسندا هُجئون.

سُقراط چيو: ”تَقرِيرَ خامَوشُ آوازُ آهي، هَٿَ جِي زبانَ قَلمُ آهي.“ گُلُ ڪُونڌَرَ جي لِکَڻِيُنِ ۾ هَٿَ جِي زبانَ آهي، پَنهنجَي شانائِتِي ۽ سُهڻَي اَسلُوب ۾، ڪهاڻيءَ کي لفظن جِي اِهڙِي جانِ ڏِئَي ٿو جڻُ ڪِردارَ ۽ مَنظرَ اَکيُنِ آڏو ڊوڙندا هُجَنِ. گُلَ جَي تَحرِيرُنِ ۾، ڏَرتِيءَ ۽ سَرتِيءَ جِي سُونهَن، گڏوگڏ نظر اَچِي ٿِي، هُو مَحبُوبَ جِي هَنجهہ ۾ وَيهِي، سِندُّ کان غافِلُ نہ ٿِيو آهي. هُنَ پنهنجي لِکَتُنِ ۾، سِندُّ جا خُوبصُورَت مَنِظَرَ چِٽِيا آهن، ڪِٿَي تہ سَرتِيءَ کان وَڌِ، ڌَرتِيءَ جِي مُحبَتَ کي اَولِيَتَ ڏِئَي ٿو. مَحبُوبَ جِي سُونهَن سان گڏُ، سِندُّ جِي سُونهَن بَيانُ ڪرڻ سان، هلالِي فَرزَندَ جا اُهڃاڻَ نظر ايندا آهن.

شَيڪِسپِيئَر چيو: ”خِيالَنِ جِي جَنگِ ۾ ڪِتابَ، هَٿِيارَنِ جو ڪم ڏِيندا آهن.“ اِيئَن ئِي ڪَهاڻِي ”ٿَورَي خَرچَ سان بَهتَر تَعليمَ“ ۾ پيغامَ آهي تہ اَولادَ کي، سَرڪارِي اِسڪُولَنِ ۾ پَڙهائجي، اُنَهنِ جِي

مالِڪي ڪَرڻُ گُهرِجي، جِتَي تعليم سَستِي ۽ مَعيارِي آهي. اگر ٻارن جِي نِگَهباني ڪَئِي وَڃي، ڪَين مِحنَتَ جو پابَندُ بڻايو وَڃي، تہ هُو سَرڪارِي اِسڪُولَن ۾ پَڙهِي، اَعليٰ مَقامَ تي پَهُچِي سگهن ٿا.

گُلُ ڪُونڌَرَ جَي لِکڻِيُن ۾ دَردُ سَمايَل آهي، هُو مُعاشِرَي ۾ ٿِيندَڙَ اَنِياءَ تي جِهڄَندَي جُهرَندَي، نااِنصافِيُن کي عَيان ڪري ٿو. ”جَذبَن جو قَتلُ“ ڪهاڻيءَ ۾ عورت جَي آسُن جو مَوتُ ڏيکاريو ويو آهي، ٻُڍايو ويو آهي تہ بَدَي جُون شاديون، مُعاشِرَي ۾ وَڏِي پِيَڄ ڊاهہَ ڪَن ٿِيون. اَدِلَي بَدِلَي ۾ نِياڻِيُن جون زندگيون، دَوزخُ بڻجِي وڃن ٿيون.

ڪهاڻي ”وِيهن سالَن کان پوءِ“ هِڪَ يَتِيمُ ڇوڪَرَي جِي ڪَٿا آهي، جيڪو پيءُ جَي مرڻ کان پوءِ مالُ چارَي ٿو. شاخَ جَي ڪِنارَي واريءَ تي سِلَيٽَ ناهَي لِکَي ٿو. ”تَعلِيمَ اِنسانَ جو زيوَرُ آهي.“ قُدرَتَ بَخشيل خان جَي صورت ۾، اهڙو هَمدَردُ اِنسانُ اُتان لانگهائُو ڪري ٿِي، جيڪو اِهَي لفظ پَڙهِي، ڇوڪَرَي کي ساڻُ وَٺِي وَڃي ٿو ۽ کَيس پَڙهائَي لِکائَي، اَعليٰ مَنزِلَ تي پهچائَي ٿو.

سِنڌُ ۾ اهڙا ڳَڻَ ڳَڻِيا ماڻهو پَيدا ٿِيَن، تہ جيڪر گهڻن گهرن جِي غُربَتَ دُورِ ٿِي وَڃي. اُهو يَتِيمُ ڇوڪرو وڏي منزل تي پَهچِي، گهڻن سالن کان پوءِ ڳوٺِ وجي ٿو تہ کَيسِ ساڳِي حُسناڪِي نظر نہ ٿِي اَچِي. اَمنُ اَمانُ غائبُ، ڌاڙيلن جِي وَحِشَتَ جو راڪاسُ، ٻيو تہ نهيو ٻارَ بہ سِجَ لَٿَي کان پوءِ ٻاهر نہ ٿا نِڪرِي سگهن. هِڪَ پاسي زِندگيءَ جِي حاصلاتِ آهي، ۽ ٻِئَي پاسَي سِنڌُ جَي ڳوٺَن ۾ اَمُنَ اَمانَ جِي حَسرَتَ..! ڪهاڻي سَبَقُ آموز آهي.

گُلُ ڪُونڌَرُ ٻهراڙِي ۽ شَهرِي زِندگيءَ جو نَبضِ شَناسُ آهي، هُو آسائِشِ ۾ ضرور وَيٺو آهي، پر سِنڌُ جَي غريب ماروئڙن کي نہ وِساريو اَٿِس. ڪهاڻي ”دَيس جا ٻارَ“ ۾ جانِ محمد، عِلمُ نَفسياتِ جو

شاگردُ، يونيورسٽي بند هُئڻ ڪري ڳوٺ اچي ٿو. هُو شعُورَ، عِلمَ ۽ ڄاڻَ سبب سَمجهي ٿو ته غريبن جي برباديءَ جا ڪَيرُ ذميوارَ آهن، اُهَي جيڪي وَوٺَ وَٺي غائبُ ٿِي وَڃَن ٿا. غُربَتَ، مُفلسِي ۽ بِيمارِيون، ڄڻُ غريبن جو مقدر بڻيَل آهن، اِهڙِي نااِنصافِيءَ تي هُو ديس جي ٻارڙن ۾، سُجاڳِي پيدا ڪري ٿو ۽ ڳوٺ سَميت سڄي ديَس کي، خوشحال ڏِسَڻُ چاهَي ٿو.

ڪهاڻي "ڪنهن سان شَلَ اِيئَن نه ٿِئَي" جي بيانَ ۾ لَيکڪُ، ڪِردارَ جي نِپاءَ سان، درد ۾ ٻڏِجِي وَڃي ٿو اِيئَن ڄڻُ پاڻ سان وارِتا ٿِي هُجَي. ڪهاڻيُون لِکَندَي گُلَ دَرِدَنِ کي پوڳيو آ ۽ ڪِردارَنِ سان انصاف ڪيو آهي. ڇا ته ڪهاڻيءَ ۾ خود ڪلامِي آ ڪِردارَ جِي: "ماڻهن جَي نَظرُنِ جا نانگ ڏَنگِين ٿا، مُنهنجَي وجودَ کي ڏَڪِڻي وَٺي ٿِي وَڃي، آئون جيڪو سِتمُ سَهان پِيئي، اُن جِي اَذيَتَ مري وڃڻ کان گهڻو وڏيڪ آهي. آپگهات ڪرڻ چاهيان ٿِي..! پر ٻارَ جَي اَمان پُڪارڻَ تي، اِهڙِي ڏُٻڻ مان نِڪران ٿِي، مُنهنجِي زندگي معصومن جي مُهابَي بَچِيَل آهي."

"آيا جَويِنَ ڏِينهَڙا" ڪهاڻيءَ ۾ ڦُوهه جوانيءَ جُون، ڪيفيَتُون بيانُ ڪيون ويون آهن. ٻالڪپڻ جِي حد مان نِڪري، جڏهن ماڻهون ڳڀ وارِي جوانيءَ تي پَيرُ رکي ٿو، تڏهن سندس اَنگَ اَنگَ ۾ مَوجَ مَستِي پيدا ٿِئَي ٿِي، ڏاڍِي منفرد ۽ دِلچَسپُ ڪهاڻي آهي.

"مادِري ٻولِي" ڪهاڻيءَ ۾ ٻُڌايَل آهي ته، ماڻهو جڏهن سَٽِيِنِ پَوسِٽُنِ تي پَهُچَنِ ٿا، ته ماءُ ٻوليءَ کي وِسارَي ٿا ڇَڏِينِ. سِندُ جا اِهڙا ڪَيئِي سِياسَتدانَ، اَدِيبَ، شاعِرَ ۽ وڏا ماڻهو آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ لاءِ تقريرون ڪَنِ ٿا، پر پَنهنجَي ٻارن کي نه ٿا پڙهائين، ڪهاڻي اهڙن ٻهرُوپِيَنِ جَي، مُنهَن تَي چَماٽَ آهي.

ڪهاڻي ”ٻيوَسِي ۽ سَچائِي“ ۾ اُنهن ماڻهن کي واڪو ڪيو ويو آهي، جيڪي حَوَسِ پَرستَ، جِنسِي وَحشِي پَڻي ۾ لِڪِيلَ مَدارِي آهن ۽ محبت کي مذاق سَمجهِن ٿا.

اَعليٰ زِندگيءَ جون چارِ نِشانِيُون آهن، نَيڪ گُفتارَ نَيڪ نِيَتَ، نَيڪ ڪِردارُ ۽ نيڪ صُحبَتَ، اِهَي چارئي خُوبِيُون، گُلَ جِي شَخصِيَتَ ۾ مَوجُود آهن. ”رَيشَمِ“ ڪهاڻيءَ ۾ سندس آدمِيَتَ جو اِهڙو رُوپ نظر اچي ٿو. ڪهاڻيءَ جو پهريون جملو: ”دروازو کُلڻ سان خوشبُو جو سَيلابُ ڪَمرَي ۾ ڪاهَي پوي ٿو.“ لَيکَڪَ اِبتدا اِهڙن لفظن ۽ لَڪاءَ سان پيشِ ڪَئِي آهي، جو ڪَيسِ دادُ ڏِيَڻَ کان سواءِ رَهِي نہ ٿو سَگهجَي. هِنَ ڪهاڻيءَ ۾ هِڪَ ڪالِ گَرلِ جَي ڪِردارَ کي، مُعاشِرَي جي اصلاح لاءِ پيشِ ڪيو ويو آهي.

”سَندِي لارَ ماڪِيءَ“ ڳُوتا ڪهاڻي آهي، ڏاهَنِ جو چوڻ آهي تہ شاعِرَ جو نَثرُ اِنَ ڪري وَڻندو آ، ڇو تہ هُن جَي نثر ۾ رِدمِ هوندو آهي. ”بَهارُ ۽ خِزان“ ڪهاڻيءَ ۾ بَهارَ جَي مَنظَرَنِ کي، خُوبُ چِٽيو ويو آهي. اَميرَ ۽ وڏيرا آباد گُلشَنَ کي ڪِيئَن ويران ڪندا آهن. ٽِنِ تاريخون شاديءَ لاءِ مقرر ٿِي وِيون، پر وَڏيرَي جَي پُٽَ ڪِريَلَ حَرڪَتَ ڪري، سِڀني جي خوشِيُن کي پُور پُور ڪري ڇڏيو اِيئَن شادي ماتم ۾ تبديل ٿِي وَيئِي.

”هُوءَ“ ڪهاڻيءَ ۾ جمالياتي پَهلُو ۽ مَنظَرَنِ جون حُسناڪِيُون آهن. ڪهاڻيءَ جَي هَرِ پيراگِرافَ جِي پُڇاڙيءَ ۾ اِيندڙ وَراڻِي، ”تو کي هَرُو پَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي“، ڏاڍي دل لُڀائيندڙ آهي. گُلُ ڪُونڌَرَ ڪَمالِ فَنَ سان، پِيارَ جا اندازَ بيان ڪيا آهن، ڪهاڻيءَ جا ڊائلاگ خُوبصُورَت آهن. گُلَ جون ڪهاڻِيُون پڙهَندَي، خَلِيل جِبرانُ ياد پوندو آهي، جنهن لِبنانَ جُون حُسناڪِيُون بَيانُ ڪيون آهن، ۽ گُلَ سِندُ جَي سُونهَن کي پيشِ ڪيو آهي. گُلُ ڪُونڌَرَ جون

ڪهاڻيون اَڻراڻِتِيُون آهن. هِنَ وَٽِ سَگهارَيِ اِظهارَ جِي قُوَتَ ۽ بهتَرِينِ لِکارِيءَ وارِي صَلاحِيَتَ مَوجُود آهي. دُعا آهي تہ اسان جو هِي گُلُ، صَندَلَ جِي ڪاٺِيءَ جِيان هَرِ ڪنهن کي وَڻندڙُ هُٻڪاءُ ڏيندو رَهي، آمين.

**نور حُسين ڪلهوڙو**
**6 ڊسمبر 2019ع**
**03453573485**

# ڪهاڻيون



# اَميرزادِي

يونيورسٽيءَ وارَي دؤر جَي، صُوفِي دوستَ حفيظ سان ڪچهري ڪندَي، پَروِيزُ پِيئَڻَ جي پُراڻِي ڪِرتِ سان لَڳِلُ. هُنَ لاءِ پِيئَڻُ، چانهن واپِرائڻ برابر. نندِيپڻ ڪان عادِي هُئَڻَ ڪري، خُمارِجَڻَ لاءِ پَيگَ نہ، پر بَوتلُنِ جِي ضرورت. موبائيل فون تي ڪالِ آيَسِ، سندس چِهرَي تي خوشِي لِيئاڪا پائڻ لَڳِي، صُوفِي مَنش دوست اڳيان ڳالهائڻ کان لَنوائيندَي، ڪُرسِيءَ تان اُٿِي ٻاهرئين گيٽ ڏانهن هليو ويو.

موٽيو تہ حفيظ کي چيائين: ”يار تو سان وَڏِي ڪچهري ڪرڻِي هُئِي، پر پيارا معاف ڪجان، سرڪار جو سڏ ٿيو آهي، نَنايومانس پر ضِدُ ڪري بِيٺِي آ، تہ آئون اُنَ ڏانهُن ضرور وڃان، هُن وٽ ڪو خاص مهمان آيَل آهي، اِيئَن چَئِي دوست سان موڪلائي، پاڻ ٻُڌايَل سرڪار ڏانهن روانو ٿِي ويو.

حيدرآباد جَي مَهانگَي علائقَي ۾، شاندار گهر جَي ڊرائنگ رُومِ ۾، اَميرزاديءَ سان ڪَچهريءَ ۾ رُڌَلُ، ساڻَنِ مُلِڪَ جِي خُوبصُورت ماڊل عُروسہ وَينلَ، جنهن جَي ادائُنِ تي پيئاڪ تہ ڇا، شُرَفا بہ مَوهِجِيو پَوَنِ. عُروسہ جَي ملاقات لاءِ مالدارن جا وَولَيتِ، ڊَيبِٽِ ۽ ڪِريڊٽِ ڪارڊَ، ادائگيُنِ لاءِ آتا، پر اَميرزاديءَ جَي احسانَنِ عَيوض، هُوءَ حيدرآباد ۾ سندس حاضريءَ کي خوشنَصِيبِي سَمجهندَي، وٽس رات

ضرور رَهندِي. رَنگِين دنيا جا ماڻھو ڪِٿَي شَباب، شَرابَ ڪي وَڏِي اهميت ڏيندا، ۽ ڪڏھن وري اِهَي شيون، سندن لاءِ غير اَهمُ.

پَروَيزَ کي اَميرزاديءَ پاڻ وٽ گھرايو تہ سندس مُحسِنَ کي جيڪو وَٽَي کائَي، پِيئَي، عَيشُ ڪري. هُن کاڌو، پِيتو، ڪَڇھرِي ڪَئِي، بيڊ روم ۾ ويو اَميرزاديءَ چَيُس: ”عُروسہ ڪيئن لَگِي اوهان کي.“

”تمام سُٺِي، بيحد خُوبصُورَت.“

”مون کان بہ وڌيڪ.“

”تو کان ڪيئُ، وڌيڪ ٿِي نہ ٿو سَگھي.“

”آئون عُمرِ جِي پَڪِي آهيان پوءِ بہ.!!“

”تُنهنجو ڪو مَٽُ ثانِي ناهي.“

”پر مون تو کي، عُروسہ جَي ڪري گھرايو هو.“

”اَميران تو کي خبر آهي تہ آئون، تُنهنجي هُوندَي بِئَي ڪنهن ڏانهُن ناهِيان نِهاريندو.“

”سَوچَي وٽ پيارا پَروَيزَ. تون ۽ مان زالَ مُڙسُ ناهيون، نہ ئِي اسان جا معاملات، هڪٻئي کان ڳُجها آهن.“

”مُنهنجا فيصلا اَٽَل هوندا آهن.“

****

سَچِي زندگي رَفِ تَفِ نَمونَي گُذاريندڙُ پَروَيزُ خُوبصُورَت بيڊَ تي، واش روم ۾ وِيَل اَميرزاديءَ جو انتظار ڪَندَي، خيالن ۾ گُم ٿِي ويو سندس ذهن جَي اِسڪرين تي، هالا ناڪي جِي هوٽل کان، اڄ تائين جا مَنظَرَ ڦرڻَ لڳا.

هالا ناڪا جَي هوٽل تي وَيھڻُ، سندس معمول بڻِيَل، هر آچر جِي رات مالدار دوستن جَي ڪمپنيءَ ۾، بِرائونِ ٿِيَل گوشت سان گڏ، ولايتِي وِسڪيءَ جو لُطُف ماڻيندو. ڪو ڏينهن پِيئڻَ کان سواءِ نہ

گذرندو. پاڻ پَيسَي وارو نہ هُئڻَ ڪري، عام طور هُوسِڙيءَ ۾ هَٽڙيءَ جَي ٺَرَي سان، پَنهنجَي حَواسَنِ کي سُن ڪندو.

جَولِي طبيعت، هر ڳالهہ دوستن سان شيئر ڪندو. چوندو: ”آئون ڳوٺَ ۾ لَسيءَ بدران بہ، ٺَرو پيئندو آهيان. شام جون حيدرآبادِي هِيرون، هَٽڙيءَ جَي لوڪل وِسڪيءَ جَي هُڳاءُ واريون آهن.“

شاعرَ دوستَ چَيُس: ”اسان کي تہ معياري ٺَرو بہ، نَصيبُ نہ ٿو ٿِئَي.“

پَروَيزُ: ”اِها ڪا ڳالهہ آهي، سُهڻا شاعرَ ڳوٺِ هَلُ، تہ لوڪل وِسڪيءَ سان وِهنجارَي ڇَڏيانءِ.“

حسبِ مَعمُول دوستن سان هوٽل تي، سِيخَ ٽِڪَل گوشت ۽ ولايتي وِسڪيءَ جا مزا ماڻِيندَي، بُرقعو پاتل فقيرياڻيءَ جي سدا تي، اُن ڏانهن مُتوَجہ ٿيو. داروءَ جو دِيوانو شَبابَ جو شَيدائِي ڪيئن نہ ٿو ٿِي سگهي. امير دوستن جي ڪمپنيءَ ۾، ڪنهن بہ ڪم کان اِنڪارِي نہ، شَبابِي شُغلَ کان ويندَي، مَيلَي ملاکِڙَي جَي موقعي تي، ڪَدڙَنِ فقيرن جِي ناچ ڏسڻ ۽ گهورَ ڏيَڻَ سَميتِ، سندس شوقَ جِي ڪا حد نہ رَهندِي.

پَروَيزَ جِي نَظرَ، مائيءَ جَي هَٿَنِ تي پَيئِي، هِي شاطِرُ ماڻهو سَمجِهي ويو، هُوءَ ڪَيڏِي خُوبصُورَت هُوندِي، سادِي چَمپَل ۾ گورِي رَنگتِ وارا پَيرَ، سندس سِينَي ۾ لَهِي ويا، دوستن کي پُٺِي ڏيئِي، فقيرياڻيءَ کي نَوٽُ ڏِيکارِيندَي جانچَي ورتائين، عُمرِ جِي نَنڍِي آهي. مائِي سؤ جو نَوٽُ ڏِسِي، سندس نِيَتَ پَرکَي ويئي، ڪانئس نَوٽُ نہ ورتائين. پَروَيزُ: ”وَٺُ وَٺُ سؤ روپيا خيرات ۾ نہ، سُونهَن صدقي ٿو ڏيانءِ.“

فقيرياڻيءَ کي کَوڙَ ماڻهو مِليا هوندا، پر اِيئَن ڇَٽِي پئسا ڏيڻ وارو، آڳُ شايد ئِي مِليو هُجَيس. هُوءَ پَروَيزَ کان سؤ جو نَوٽُ وٺڻ بدران

وَڃڻَ لَڳِي، پوپان ويندي پُڇيائنسِ، ”ضرورتمند ناهين ڇا، جو پيسا نہ ٿِي وٺين؟
فقيرياڻيءَ وراڻيُسِ، ”اِيئَن هُجي تہ جيڪر خيرات نہ گهران.“
”پوءِ وٺين ڇو نہ ٿِي.!“
”آئون خدا جَي نالي خيرات ٿِي گهُران، تون سُونهن جَي صدقي ٿو ڏِين.“
”اِنَ سان ڪهڙو فرق ٿو پَوَي.“
” فرق اِهو آهي تہ، مالِڪَ جَي نالي تي ڏيڻ وارَي کي، ثوابُ مِلندو ءِ مُنهنجِي مدد ٿِنيدِي.“
”حُسنَ جَي صدقي سان، تُنهنجِي مدد ٿِيندِي، باقي مون کي ثوابُ نہ ملندو. اِنَ جِي تون پرواهہ نہ ڪر.“
”پرواهہ ڇو نہ ڪريان، تون سُنِي نِيتَ سان پيسا نہ ٿو ڏِين، تہ مون کي نہ وٺڻ گهرجَنِ.“
”ڏاڍِي سمجهدار ٿِي لَڳين، عَقُلَ وارو ماڻهو ڪو بہ ڪم ڪري سگهي ٿو خيرات وٺڻ ڪان علاوه.....“
”بِلڪُل ڪري سگهي ٿو پر.......“
پر.. ڇئي هُوءَ خاموش ٿِي وَيئِي، پيسا نہ ورتائين، هَلِي ويئي هوٽل تي مَوجُود، ماڻهن جَي پِيُنِ ٽَوليُن ڏانهُن. اڪثر ماڻهو کَيسِ ”معافُ ڪَرِ“ چَئِي مُنهُن ڦِيرائَي پيا ڇَڏِينِ، ڪو ڪو کيس ٻِنِ روپين جو سِڪو ڏِئَي پيو.
پَروَيزَ جو ڪڙهائِي هوٽل تي وڃڻ وارو مَعمُول جارِي، ٻئي هَفتَي ساڳِي ڪِرتِ سان هُيو. فقيرياڻِي خيرات وٺڻ آئِي، هُو جنهن صَندَلَ تي ويٺل هو، مائِي اُنَ ڏانهُن آئِي ضرور پر، پَروَيزَ تي نظر پَوَندَي واپس هَلِي وَيئِي. اِنَ ڳالهہ جو مَنَ مَوجِي ماڻهوءَ، ڪو خاص نوٽيس نہ

ورتو. اُنَ ڏانهُن نِهاريائين ضرور. اِهڙَي ماحول ۾ شبابَ جِي چڪ فِطرِي آهي.

****

پَروَيزُ دوستن سان کُليَلَ مَيدانَ ۾ ويهندو هو. مَوسمَ ٿَڌِي ٿِيَڻَ ڪري هاڻي هُو پاسَي سان ڇَپرَنِ ۾ ويهڻ لڳا. فقيرن، فقيرياڻيُنِ جو ساڳيو دَستُور، مَوسمَ ڪهڙِي بہ هُجَي. هِڪَ آچر جي راتِ، پَروَيزُ سِيءَ کان بچڻ لاءِ اَوڍَر واري جاءِ تي، ڇَپرَي ۾ ڪائڻ پيئڻ کان پوءِ، وِهاڻَي کي ٽَيڪَ ڏيو گپ شَپ ۾ مصروف هُيو تہ ساڳِي فقيرياڻيءَ اچي خيرات جِي سدا هَنئِي. هُن سَمجِهيو تہ فقيرياڻِي پُلي آهي، هُوءَ هُنَ کي سُجاڻندَي ئِي هَلِي ويندِي پر اِيئَن نہ ٿِيو. پَروَيزَ بہ هُن کي ٻِيَنِ دوستن جِيان ”معاف ڪر مائِي“ نہ چيو. سمجِهيائِين فقيرياڻيءَ کيس سُڃاتو آهي، پوءِ بہ بِيٺِي آ، تہ صَندَلَ تان لَهِي، هُن وٽ آيو ۽ سؤ روپين جو نَوٽُ کڍِي کَيسِ ڏِنائِين. فقيرياڻيءَ کانئُس نَوٽُ وَرتَو ۽ هلڻ لَڳِي، پَروَيزَ پويان هَلندَي چَيُس: ”مون توکي پيسا، تُنهنجي سُونهَن صدقَي ڏنا آهن، نہ ڪِي مالِڪَ جَي نالَي تي.“

فقيرياڻِي خاموش رَهِي، پَروَيزَ پُڇِيُسِ: ”خاموش ڇو آهين، اڄ تو کي مُنهنجِي نِيَتَ تي، شَڪُ نہ ٿو ٿِئَي؟“

”مُنهنجِي يتيم ڌيءَ بيمار آهي، خيرات مان پَيٽ گُذرُ بہ مُشڪل سان ٿِئَي ٿو بيماريءَ جو علاج ڪيئن ٿيندو. ان ڪري اڄ مُون تُنهنجِي نِيَتَ بابت ناهَي سوچيو.“

پَروَيزَ کَيسِ ٻيو سؤ جو نَوٽُ ڏنو. چيائينس: ”ماڻُهنِ کي مالِڪَ جو لاچارُ ناهَي، پر تُنهنجَي جوانيءَ کي ماڻڻ لاءِ، وڏو خرچ ڪري سگهن ٿا. پِنَڻَ کان سُنو اَٿَئِي، اُنهِنِ سان جِسمَ جو واپارُ ڪر. راضِي هُجين تہ آئون بہ اِهڙَي سؤدَي لاءِ تيار آهيان.“

فقيرياڻيءَ کيس ڪا ورندي نہ ڏنِي، سندس ڳالهہ ٻُڌي چُپ چاپ هَلِي وَيئِي.

سَختُ سَرديءَ جا ٻہ مَهِينا ڊِسمبرُ جَنوَرِي، پَروِيزَ جو سَنگتِ سان هَرِ آچرَ جَي راتِ، ڪائڻ پيئڻ جو سلسلو جارِي رهيو. پر دوستَ جَي بنگلي تي. مَوسمَ مُوافِق ٿيڻ تي، سندن هوٽل وڃڻ جو سلسلو بحالُ ٿيو ته پَروَيزَ کي ٻہ ٽي هفتا، فقيرياڻِي نظر نہ آئِي. ۽ پوءِ فَيبروَريءَ جَي هِڪَ وٺندڙ راتِ، ساڳِي فقيرياڻِي ٻِئَي رَنگَ جَي بُرقعي ۾، خَوبصُورَت سَينڊَلَ سان بنا سدا هٽڻ جَي، هِنَنِ وارَي صَندَلَ تائين پَهُتِي. پَروَيزَ کَيسِ نظر پَوندَي ئِي سُڃاڻَي ورتو ۽ اَڳِتَي وَڌِي سؤ جو نَوٽُ ڏِيَڻَ لَڳُس، نَوٽُ وٺڻ بدران مُنهَن تان نِقابُ هَٽائَي کَيسِ چيائين: "اوهان جِي وڏي مهرباني، تُنهنجَي ڏنل ٻہ سؤ روپيين مان وَرتَل دوا، مُنهنجَي ڌيءَ کي سُورَ جَي عذابَ کان ڇوٽڪارو ڏنو. مون اُها سَڄِي رات سَوچِيندَي گُذارِي. نَتِيجَي تي پَهچِي تُنهنجِي ڏِنَل صلاح تي عمل ڪَيُم، عِزَتَ کي غَريبيءَ جَي کاهِيءَ ۾ اُڇلَي ڇَڏِيُم. تون مُنهنجو مُحسنُ آهِين، هِنَ پَتَي تي مون سان، ڪنهن وَقتِ بہ مِلِي سگهين ٿو."

اِيئَن چَئِي هُوءَ وَڃڻَ لَڳِي، پَروَيزَ هُن جو ڏِنَلُ ڪاغذَ جو ٽُڪرو کِيسَي ۾ رَکِي ڇڏيو ۽ ٻِئَي ڏِينهُن لِکِيَل پَتَي تي پَهچِي ويو... ايئن سَندنِ جُڙِيَلُ ساٿُ اَڄُ تائين جارِي آهي، اَميرزادِي نالَي وارِي فقيرياڻِي، هاڻي شَهرَ جِي اَمِيرُ عَورتَ بَڻجِي چُڪِي آهي.

❖

# پسند ناپسند

نوجوان ڪهاڻيڪارَ اظهار عادلَ، غريبي حال هوندي، پنجاهُ هزارَ خرچ ڪري ڪهاڻيُن جو ڳُٽڪو ڇپرايو. ڪتاب جَي مَهُورتي پروگرام ۾، صاحبِ ڪتاب جي ساڄي پاسي، صدارتي مَسنَد تي بِراجَمانُ نالي وارو اديبُ ڊاڪٽر پروفيسرُ قريشي صاحب. خاص مهمانُ ناموَر صحافي فراز صحرائي، باقي ٽِن ڪُرسيُن تي بہ اعزازي مهمانَ ۾ هڪَ پروگرام جِي ڪارروائي هلائيندڙ ڪمپيئر صاحب. پهريون اعزازي مهمان سائين راج صاحب جيڪو پنهنجي لِکتُن ۾ تقريرُن جي حوالي سان، ڪنهن هڪ صنف يا موضوع سان واڳيل نہ. پر گهڻَ رُخو لِکاري، نثر جي هر صنف تي دسترس، علم ادب کان وينديِ تاريخ جاگرافيءَ متعلق ڳالهائي سگهندڙ. ٻيون اعزازي مهمانُ نُور شاد صاحب. بُنيادي طور ڪهاڻيڪارُ شاعريءَ ۾ نثر جي ٻِچ صنفن تي طبع آزمائي ڪيَل. پروگرام جِي ڪارروائي هلائيندڙ ”ارم“ ڪاليج ۾ سنڌي مضمون جِي ليڪچرر. ڪيس ادب سان بيحد لڳاءُ. ڪهاڻيون، مضمون ۾ نظم وغيره لکيل. ريڊيو تي ٻارن جي پروگرام جِي ڪمپيئر. لکڻيُن جَي معيارَ کان بي نياز، خوش شڪل ۾ دلڪش آواز جِي مالڪ هئڻ ڪري، پروگرامن جَي ڪاميابيءَ جِي ضمانت سمجهي ويندڙ.

ڪتابَ جِي ڇپائي، ڏيکَ ويکَ. ڪهاڻيُن ۾ ليکڪ جِي شخصيت بابت، اسٽيج تي ويٺلن کان علاوه ڏهاڪو کن قلمڪارن

ڳالهايو. جن جي اڪثريت لکاريءَ تي تنقيد ڪندي سندس چڱي ڪَلَ لاٿِي، هِڪَ ٻِنِ دوستن هَلڪو هَٿُ رکيُس. پروگرام جي خاص ۽ پهرئين اعزازي مهمانَ سندس ڪهاڻين مان وِڌُون ڪييون. سندن چوڻ هُيو. ”اظهار عادلَ، ڪتابُ اُجلت ۾ ڇپرايو آهي. ڪيس ڪهڙي جلدي هُئي ڪتاب آڻڻ جِي، هن ڪان سينيئر ڪيترا ڪهاڻيڪار آهن، جن جا اجا تائين ڪتاب نہ اڇي سگهيا آهن. جيڪڏهن هن دوست جو ڪتاب نہ اڇي ها، تہ ڪهڙو آسمان ڪري پوي ها. اظهار جي ڪهاڻيُن ۾ بهتريءَ جِي ڪافي گنجائش آهي. سندس ڪهاڻيون پڙهي لڳي ٿو ڪهاڻين ڪي جيئن لکيو ويو آهي، ايئن ئي ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن. هي نوجوان ادبي سنگت جي ڪلاسن ۾ ڪهاڻيون پڙهندو رهيو آهي، جتي سندس لکڻيُن تي ٽيڪا ٽَپڻي ٿِي آهي، پر لڳي ٿو هن تي، تنقيد جو ڪو اثر ناهي ٿيو.

اظهارَ مختصر ڪان مختصر ڪهاڻيون، لکڻ ڪي رواج ڏنو آهي، ٻيو تہ نهيو هِڪَ سِٽِي ڪهاڻي لِکِي، دادُ وٺڻ جِي ڪوشش ڪئي اٿائين. اهڙي ماڻهوءَ کي ڪير سمجهائي تہ، ڪهاڻيءَ جا لوازمات ٿيندا آهن. جيڪڏهن تحريرَ، ان معيار تي پُوري نہ ٿِي لهي، تہ ان کي ڪهاڻي ڪيئن ٿو چئي سگهجي. اسان اهڙي ڪهاڻيءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون. ڇو تہ ايئن ڪرڻ سان، صنف ۾ جيڪو بِگاڙُ ايندو، ڇا ان جا ذميوارَ اسان پاڻ بڻجون؟ اها ڪهاڻي ناهي، اهو اڄ جي دؤر جو ”ٽوِيٽ“ ٿي سگهي ٿو. اظهار عادل کي صلاح آهي، تہ هُو حقيقت پسند بڻجِي، ڪهاڻيءَ کي ڪهاڻي رهڻ ڏئي، ڪيس تجربا ڪرڻا آهن تہ، اهڙي تحريرَ کي ڪنهن ٻئي نالي سان متعارف ڪرائي، ضروري ناهي تہ اهم صنف ۾ بِگاڙُ آڻجَي.“

ٻئين اعزازي مهمانَ، ڪهاڻيڪارَ جو حوصلو وڌائيندي، ڪيس شاباس ڏِني، ٻيجا تنقيد ڪندڙن کي مخاطب ٿيندي چيائين: ”ايئن نہ ٿيندو آ، ڪنهن بہ ليکڪ جي تحريرُن ۾، رڳو اُوڻايون ناهن ٿينديون، انهن جو بهتر پهلُو ضرور هوندو آهي، نوجوان ڪهاڻيڪار اظهار عادل

جَي تحريرُن جو ڇيدُ ڪرڻ سان گهڻو ڪجهه ملي ٿو سماج جَي ڀلائيءَ لاءِ. اسان وٽ ذاتي پسند ناپسند، سينيئر جُونيئر ۽ امير غريب جي پيماني ۾ ماپڻ جو رواج آهي، جيڪو عَملُ انصاف جون تقاضائون، پُوريون نہ ٿو ڪري.

اظهار عادلَ کي تنقيد جا نشتر هڻڻ بدران، سندس ڪهاڻيُن جَي گُڻن واري پاسي تي دادُ ملڻ گهرجي، هن محنت سان پنجويهہ ڪهاڻيون لکيون آهن. وقت ڏنو اٿائين تَحريرُن کي، ڪتاب جَي اشاعت جو خرچُ پاڻ پريو اٿس. هتي سڀ ادب سان واڳيَل ماڻهو وينا آهيون، آهي ڪو پنڊال ۾ جنهن هِنَ سالِ، ڪهاڻي ڪتاب ڏنو هُجَي سنڌي ادب کي.

پڌرائيءَ وارِي تقريب ۾ ڪتاب جو خالقُ، گهوٽَ جي حيثيت سان وينل هوندو آهي، ضروري ناهي تہ ان جِي تعريف ڪجي، پر بَيجا تنقيد ڪري، سندس پٽڪو لاهِجَي، اهو بہ نہ ٿو جُڳائي. ڏنو ويو آهي تہ اسان، جيڪو پاڻ ڪري نہ ٿا سگهون، اهو ٻئي کي ڪندي سَهُون بہ نہ ٿا، ڪِتان جو انصاف آهيِ اِهو. آئون اظهار کي لک لک واڌايون پيش ڪريان ٿو، جنهن محنت سان ڪهاڻيون لِکِي، ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن آڏو پيش ڪيون آهن.

مون اظهار عادل جَي ڪهاڻين کي غورَ سان پڙهيو آهي، هن وڏي مهارت سان سادي ٻوليءَ ۾، سماجي، سياسي ۽ تعليمي مامرن کي سامهون آندو آهي، نہ رڳو انهن شعبن ۾ ڪوتاهيُن جِي نِشاندَهِي ڪئي اٿائين، بلڪ انهن جا حَلَ بہ ڏنا آهن. آئون قابل احترام ڊاڪٽر قريشي صاحب کي، نوجوان لکاريءَ جِي حوصلا افزائي ڪرڻ لاءِ گذارش ڪريان ٿو سائين جن کي عرض تہ هُو ڪيس يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ تي، ايم فل ۾ داخلا جِي سفارش ڪن، تہ جيئن قابل ماڻهو تعليم جي ميدان ۾ اڳتي اچي سگهن.“

اعزازي مهمان جَي تقرير تي، سڄو حال تاڙين سان گُونجِي پيو جنهن سان اظهارَ جَي دل دماغ تي، وٽندڙ هِيرَ گهُلڻ لڳي، ڪيس

مقرَرَ جي لفظن ۾ حاضرين جي تاڙيُن، وڏيڪ لکڻ جو حوصلو بخشيو. پروگرام جِي ڪارروائي هلائيندڙ اِرَم، پئين اعزازي مهمان جَي خطابَ ڪي، اديبن ۾ ادبي دنيا لاءِ لاپائتو سڏيندي، اظهار صاحب ڪي ويچارَ ونڊڻ لاءِ سڏيو.

اظهار عادل، تنقيد ۾ تعريف ڪندڙن جا ٿورا مڃيا، ڪيَل ادبي پورهيي بابت ٻڌاياڻين: "مون ڪهاڻيُن ۾ ڪتاب جي تڪميل تائين ڪيڏو پوڄيو آ، ڪيئن افسانوي تَخيل کي، سنگتراش جيان گهڙيو آهي، مُشقت جَي ڪيترن مرحلن مان گذري، هِي تحريرون اوهان تائين پهتيون آهن. هتي موجود ساٿي قلم ڏٺي آهيو سيني کي لفظن جَي حُرمتَ جِي ڄاڻ آهي، ضرورت آهي تہ اسان، قدر جِي نِگاهَہ ڏاريون، حق جِي ٻولي ڳالهايون، نَوَنِ لِکاريُن جِي همت افزائي ڪريون، سينيئرس کان سِکون ۾ ايندڙ نَهيءَ کي سيکاريون، تہ جيئن ادب جِي آبياري ٿيندي رَهَي. اوهان سيني جِي مهرباني، جو هت اچي مُنهنجِي عزت افزائي ڪئي اَٿوَ."

اِرَمِ صاحبہ، مائيڪ تي اچي، اظهار عادل جَي ڳالهيُن جِي تائيد ڪئي، پنڊال ۾ موجود حاضرين کان اظهار لاءِ ڪليپنگ ڪرائي، ۾ استاد بخاريءَ جي خوبصورت شعر:

"لفظن ۾ ٿيون سوچون سُڏڪن، گِيتَنِ ۾ ٿيون سوچون سُڏڪن.

ڪاغذَ تي هِنِ اُڏما اوتِيَلَ، ورقن ۾ ٿيون سوچون سُڏڪن."

سان ڊاڪٽر پروفيسر قريشي صاحب کي، صدارتي خطاب لاءِ ڪوٺَ ڏِنِي. لائق پروفيسر ٻتائي گهوٽ جي شعر سان تقريرَ شروع ڪندي، پروگرام جي آرگنائيزرس ۾ اظهار عادل کي مبارڪون ڏنيون. هُنَ ناڪاري رَوَيَنِ بجاءِ هاڪاري سوچ ڏارڻ تي زور ڀريندي چيو: "اسان وٽ ڏات ڏٺين ۾ لِکاريُن کي ملي ڇا ٿو، جيڪڏهن همت افزائيءَ بدران کين ميڙاڪن ۾ لفظن سان زخمي ڪيو ويندو، تہ اندازو ڪيو هُنَنِ کي سماج کان، ماٺهن کان ۾ پورهيَي مان ڇا مليو! اظهار

عادلَ ڪتاب جَي مقدمي ۾ جيڪي حالَ اورِيا آهن، ڳَتا بيان ڪئي آهي، ان مان خبر پوي ٿي، تہ هُنَ ڪيڏا اَهنجَ سَنا آهن، تخليق جَي هِنَ عمل ۾. ڪيس گهرياتيُن ڪان، بيڪار ڪم ۾ مصروف رهڻ جا طعنا مليا آهن، پوءِ بہ هن جُرئت ۽ حوصلي سان، سَقلتا جَي منزل تائين پهچايو آهي لِکٽيُنِ ڪي.

آئون نُور شاد صاحب جي تجويز کي مانُ ڏيندي، اعلان ٿو ڪريان تہ اظهار عادل، يونيورسٽيءَ ۾ ايم فل ڪرڻ لاءِ گُهربل مرحلا طئي ڪري، مون تائين پهتو تہ آئون، سندس رهبري ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندس. ڪرڻ لاءِ ڳالهيون تمام گهڻيون آهن، پر آئون تقرير جِي پُڄاڻي حيرت جهڙِي ڳالهہ تي ڪندس. مون پروفيسر جي حيثيت سان ڪَي ٿِي، ٿَيٽيُون اَڻَ ٿِيٽيُون ڏنيون آهن، هڪ بااثر شخص جِي ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي، اهڙِي نموني ڪرائي وئي، جو سندس لاءِ ٿيسز مينيج ڪئي وئي، جُڙتُو سيمينارَ ڪرايا ويا، ٿيسز اسيسمينٽ لاءِ پئسا ڏنا ويا، ايئن اُهو شخص فلاسفر ڊاڪٽر بڻجي، وڏي پوسٽ ماڻي ويو. ان ڪري اسان تي لازم آهي، تہ علم ادب وارن جو قدر ڪريون، لائق مقام تي پهچائڻ ۾ سندن ٻانهن ٻيلي ٿيون، ۽ ذاتي پسند ناپسند کي پاسِيرو رکي، تعميري سوچ سان اڳتي وڌون. هڪ دفعو ٻيهر هِي مانداڻ مچائيندڙن، اظهار عادل ۽ پروگرام کي خوبصورت انداز ۾ هلائڻ تي، ارم صاحبہ کي اَڻڳَڻيون واڌايون، ساٿ سلامت، سنڌ سلامت..... اوهان سيني جِي مهرباني.“

قريشي صاحب اظهار عادل جي ڪتابَ، ڪهاڻيُن ۽ شخصيت تي سنو ڳالهايو. عقل، دانِش ۽ علم وارو هئڻ ڪري، سندس اصلاحي تنقيد، پروگرام ۾ موجود سيني لڪاريُن لاءِ بيحد لاڀائتي رهي. هُن ٻوليءَ ۽ لِکتِ جَي سيني پهلُوئن تي دليلن سان راءِ ڏني، سندس ڪيَل تقرير، اونداهيءَ ۾ لاٽ جيان محسوس ٿِي.

❖

# هُوءَ ته مون ڪان ڏُورِ هلي وئي

هه ڏينهن اڳ پڇيائين: ”اڄڪلهه ادب جي حوالي سان ڇا پيا ڪريو شاعري پيئي ٿئي يا ڪهاڻيون پيون لکجن.“

جواب ڏيڻ بدران ڪيس ڏسندو رهيُس، چيائين: ”مون ڪجهه اوهان کان پڇيو آهي.“

سندس سوال ڏي ڌيانُ ڪونه ڏنم، جواب نه ملڻ تي غور سان ڏسڻ لڳي، چيومانس: ”توهان ڪجهه پُڇيو؟“

ورندي نه ڏنائين، آئون خاموش ٿي ويس، ڪافي دير چُپ چاپ هڪٻئي کي ڏسندا رهياسين. خاموشيءَ کي ٽوڙيندي پڇيومانس: ”تُنهنجي ڳالهائڻ تي پابندي آهي ڇا؟“

”ڳالهايان آئون نه ٿِي يا تون.!“

”مُنهنجِي زبان ۾ ڇَپَ، تو سان ڳالهائڻ لاءِ هر وقت آتا رهن ٿا!“

”پوءِ مُنهنجَي سوالَ جو جواب ڇو نه ڏنئي.“

”اکيُن کي ڏسڻ جِي سِڪ، ڇَپَنِ ۾ زُبانَ ڪان وڌيڪ هُئي، ان ڪري پهريان اُنهن کي موقعو ڏنم، تو کي ڏِسِي وٺن.“

”توهان لِکارِيُن کي، لفظن جي ڄارَ ۾، ڦاسائڻ جو وڏو فَنُ آ.“

”ڦاسائڻ جِي ڪهڙي ڳالهه آ، ڳالهائڻ جو موقعو فون تي ملندو آ، پر ڏسڻ لاءِ اڳيان هجڻ ضروري آ. تُنهنجو سامهون اچڻ ڪيڏو

مشڪل آ. ان جي تو کي خبر ڌِي سگهي ٿِي، پر احساس نہ. ايئن نہ هُجي ها تہ جَيڪَرَ، ٻن مهينن کان پوءِ مُنهنجي شهر اچڻ بعد بہ، پنجن ڏينهن جو عذاب ڏيندڙ انتظار نہ ڪرائين ها. تو کي ڇا ڄاڻَ، تُنهنجي ڳوٺان اچڻ جِي، خبر پوڻ تي آئون، سڄي رات خوشيءَ ۾، ننڊ نہ ڪري سگهيُس. ٻئي ڏينهن نہ ملينءَ، دل کي تَسلِي ڏيندي چيُم، ٿَڪلَ هُوندِي ان ڪري نہ آئي، ٽئين ڏينهن انتظار ڪيو. مُسلسَل انتظار ڪري ڪري، ٻُخارجِي پيُس. چوٿين ڏينهن شعور کي سمجهايم، پر لاشعور تُنهنجي انتظار ۾ هو. ان ڪري ڪيفيتَ، اڳيَن ڏينهَنِ کان مختلف نہ هُئي. اڄ پنجين ڏينهُن آئي آهين، تہ ڪَنَن انتظار جا جبَلَ، نظر نہ ٿا اچن.“

چيائين: ”انتظار جِي ڪَٿا ٻُڌايَو، سوال جو جواب نہ ڏنُوَ.“

”سوال جو جواب، اِنَ ڪَٿا کان اهم آهي ڇا؟“

”ڳالهہ اهم ۽ غير اهم جِي ناهي.“

”چڱو ٻڌاءِ تو ڇا پُڇيو هو؟“

”ڇا پُڇيو هو..! تو کي ياد ناهي..!“

”مون ٻڌو ئي نہ هو، ياد ڇا هوندو.“

”اُف..... اهو ڇاهي، ايڏو بَي ڌِيانو ڪڏهن کان ٿيو آهين.“

”جڏهن کان مَنَ مندرَ ۾ تُنهنجِي مُورتِي رکي آ. سچ اکيُن کي ديدار جِي اُڪيرَ هُئي، ذِهنَ اکيُنِ جو ساٿ پئي ڏنو. مون کي سوال ياد ناهي باقي تو کي.....“

جملو ڪٽيندي: ”چڱو چڱو.... مون پُڇيو هو اوهان اڄڪلهہ ڇا پيا لکو، شاعري يا ڪهاڻيون.“

”شَفقِ.. سچ ٻڌايانءِ يا ڪوڙ!“

”توهان ڪوڙ بہ ڳالهائيندا آهيو..!“

”هونئن تہ نہ، پر تو سان ملڻ کان پوءِ، ڪجهہ ڳالهائڻ لڳو آهيان.“

”مطلب، آئون ڪوڙ ڳالهائيندي آهيان، اوهان مون کان سکيو آهي.“

”بلڪل صحيح سمجهيُوَ.“

”مون ڪهڙو ڪوڙ ڳالهايو آهي؟“

”ٻڌايان“

”ها ٻڌاءِ“

”نہ ڪِي، اجايو ڳَچي ٿِي پوندئي.“

”نہ نہ مُنهنجِي ڳَچِي ڪانہ ٿِي ٿئي، تون ٻڌاءِ...“

”چڱو نيڪ آ، تو کي تُنهنجو عام ڪوڙ ٿو ٻڌايان، جيڪو تو مون سان بہ ڳالهايو هئو ۽ مُنهنجي سامهون بہ ڪيترائي دفعا ڳالهائي چُڪي آهين.“

”ٻڌايو بہ ڪٿي، ڊيڄاريو ڇو ٿا.“

”ڊڄ.... ۽ تو کي، سو بہ ڪوڙ کان... ناممڪن.“

”چڱو نہ ٻڌايو.“

”چونہ ٻڌايان... اهوئي، تہ مان ريشم گليءَ مان ٿي ڳالهايان.“

”اچا اِهو... اِهو تہ ڪوڙ ڪونهي.“

”اهو تہ ڪوڙ ڪونهي... وينئي هتان ڳالهائين ۽ چوين، ريشم گليءَ مان ٿي ڳالهايان، اهو ڪوڙ ڪونہ ٿيو؟“

ڳالهہ دل سان لڳس تہ کِلي پئي. وري پنهنجو سوال ياد ڏياريائين، جواب ۾ چيومانس؛ ”ڪجهہ ڪونہ ٿو لڪان.“

”پر ڇو؟“

”اهو تہ وري ٻيو سوال ٿي ويو.“

”پليز مون کي اُلجهايو ڇو ٿا......“

”شَفقِ، ٻڌو آ عشق وارا ماڻهو لکندا آهن، آئون شايد مختلف آهيان. جڏهن کان تُنهنجي زلفن جو اَسيرُ ٿيو آهيان، ڇڻ ذاتِ رُسي وئي آ، سوچن جو دائرو محدود ٿي ويو آ، مون خواب ڏسڻ بند ڪري

چڊيا هِن، نظارن ۾ دلڪشي ناهي رهي، مون وٽان رَنگَ پَنهنجِي اهميت وڃائي ويٺا آهن، لفظن جِي مالها نہ ٺو پوئي سگهان. اهو چاهي، چو آهي، سوچيندو آهيان تہ دماغ جَي، لڪين خِليَن جِي چُر پُر جو نتيجو، ٿُنهنجَي ڌُنڌلي عَڪسَ جَي صورت ۾ سامهون ايندو آهي، آئون ان عَڪسَ کي، چِٽو ڪرڻ جَي جُستجُو ۾ رهندو آهيان، ايئن مُنهنجِي سَگهہ تو کي ڳولهڻ ۾ لڳي ويندي آهي.“

شَفقِ وراڻي ڏِني: ”ايئن هئڻ نہ کپي، عِشقُ سوچن ۽ خيالن جي اُڏارَ کي وڌائيدو آهي، اَزلَ کان اَبَدَ جي منزل تي پهچائيندي، غَيبَ جي اسرارَنِ کي نِروار ڪندو آ.“

”شَفقِ ايئن هوندو، پر مُنهنجِي سوچَ ۽ فِڪرَ جو محورُ صرف تون آهين، آئون سڀ تخيَل، تصورَ ۽ لفظن جِي جوڙجَڪَ جو ڏانءُ، وڃائي ويٺو آهيان.“

شَفقِ سان ملاقات پُڄاڻيءَ تي پهتي، نتيجي تي نہ پهچي سگهيس، آئون لڪندڙُ هاڻي لِکِي چو نہ ٿو سگهان.

ان بحث کان صرف بہ ڏينهن پوءِ، جڏهن هُوءَ مون کان ڏُورِ هلي وئي آ، ڳالهہ کي سمجهي ورتو اٿم... آئون ايترو عرصو ڪجهہ بہ لکي، چو نہ پئي سگهيُس...

❖

# سَفرَ جا مسافِرَ

ڪراچيءَ ويندي بِلُو لائينز ڪوچ ۾ سفر دوران، سَماعتُنِ کي ڇُهندڙ جُملو، ”توهان هيلٿ ايجوڪيشن ۾ سروس ڪندا آهيو.“

هُن ڏانهن نهاريندي، ”اوهان ڪجهه چيو.“

”ها مون پُڇيو، توهان هيلٿ ايجوڪيشن ۾ سروس ڪندا آهيو؟“

”جِي نه، آئون تعليم کاتي ۾ ملازم آهيان.“

”توهان استاد آهيو.“

”جِي ها، آئون ڪاليج ۾ ليڪچرر آهيان.“

”توهان مون کي اڳ ۾ به ڏٺل لڳو ٿا.“

”ٿي سگهي ٿو ايئن هُجَي، يا اوهان ڀُلجندا هجو، مون سان پهريون دفعو ملڻ وارن کي، اڪثر ايئن لڳندو آهي. ڪوچ ۾ چڙهڻ کان اڳ جِي ڳالهه آهي، چيڪ پوسٽ تي پوليس وارو چوڻ لڳو، سر لڳي ٿو توهان سان اڳ به ملاقات آهي. تعارف پُڇيائين، ٻڌايومانس، نالو مقبول آهي، ڪاليج ۾ استاد آهيان، ڪهاڻيون، شاعري ۽ ڪالم لکندو آهيان.“

”پر مون پڪ سان اوهان کي ڪاٿي ڏٺو آهي.“ هوءَ بَضِد هئي.

غور ڪيم واقعي، هُوءَ مون کي به ڏٺل لڳي، پڇيومانس، ”توهان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهنديون آهيو.“

”ها، آئون ايم اي ڪري رهي آهيان.“

”ڪالهه توهان آرٽس فيڪلٽيءَ واري پارڪ ۾ ويٺيون هيون.“

”جِي ها, آئون پنهنجي دوستن سان اُتي هُيس.“

”اوهان دُرست آهيو. آئون ڪالهه يونيورسٽيءَ آيو هُيس, دوستن سان پارڪ ۾ ڪچهري ڪئي هئي.“

”توهان صحيح ٿا چئو.“ مطمئن ٿيندي جواب ڏنائين.

آئون خاموش ٿي هٿ ۾ ڪنيَل فائيل ۾, پنهنجي ادارت هيٺ شايع ٿيندڙ رسالي جي مواد ڪي ڏسان ٿو. هُوءَ وري ڳالهائي ٿي: ”اوهان ڪراچيءَ ڪهڙي ڪم سان وڃي رهيا آهيو؟“

”ڪراچيءَ ۾ اسان جِي آفيس آهي, ڪاليج ۾ پيريَڊ ونڻ ڪان پوءِ, هفتي جا ٻه ٽي ڏينهن هيڏي ايندو آهيان, شام جو وري حيدرآباد موٽندو آهيان.“

حيرت مان چيائين: ”آئوٽ بيڪ ڪرڻ ۾, ڪافي تڪليف ٿيندي هوندي.“

”جِي ها, بلڪل ٿيندي آهي.“

ووليٽ مان وزيٽنگ ڪارڊَ ڪڍي ڏنامانس, انهن کي غور سان پڙهندي چيائين: ”واهه هِڪُ ماڻهوءِ تي وزيٽنگ ڪارڊَ..!“

رسالي جَي ايڊيٽر وارو وزيٽنگ ڪارڊ ڏسندي: ”اوهان رسالي جا ايڊيٽر ٻه آهيو.“

”ها“ چيومانس.

”مُنهنجِي ڪهاڻي ڇاپيندئو؟“

”اوهان لکنديون آهيو؟“

”ٿورو ٿورو.“

”بلڪل ڇاپيندا سين.“

هُن جِي ادب سان دلچسپي محسوس ڪيم, رسالي جي ڪاپي ڏيندي نالو پڇيومانس.

ٻڌايائين: ”عابده“

رسالي جِي ٽائيٽل تصوير ڏسي چيائين: ”هي تہ مُنهنجي ماسيءَ جِي تصوير آهي.“

”ان جو مقصد اوهان جو تعلق ادبي خاندان سان آهي، ميڊم شمشاد بهترين ليکڪ آهي، ان نِسبت سان ڪوشش ڪريو سنو لکي سگهو ٿيون.“

”رسالن جا ايڊيٽرَ لِکڻيون شايع نٿا ڪن.“

”ان جو فڪر نہ ڪريو.“ تسلي ڏني مانس.

ميڊم شمشاد جِي ڀاڻيجي هئڻ ڪري، ڪيس پنهنجو محسوس ڪرڻ لڳس. ڪجھ دير جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي، سوال ڪيائين: ”توهان ڪيئن لکندا آهيو؟“

”ايئن ئي.“

”ايئن ئي ڪيئن، آئون چاهيندَي بہ نٿِي لِکي سگهان.“

”توهان کي ڪيئن ٻڌايان، ڪيئن سمجهايان.“

”جيئن وَڻيوَ ٻڌايو.“

”معنيٰ توهان سان کُلي ڳالهائي سگهجي ٿو.“

”بلڪل I don’t mind“

ٻڌايومانس: ”عشقُ ماڻهوءَ کي لکرائيندو آهي.“

چُپ چاپ گُهورڻ لڳي، وضاحت ڪندي چيومانس: ”ضروري ناهي عشقُ، ڪنهن عورت يا مرد سان هجي، پر ڌرتيءَ سان، ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ ۽ الله رسول سان، ٿِي سگهي ٿو.“

”توهان ڪهڙي عشق ۾ لکڻ شروع ڪيو؟“

”مون... مون... ڌرتيءَ جَي عشق ۾.“

”ڪنهن ڇوڪريءَ جَي عشق ۾ نہ؟“

هُن جو هَلڪو ٽَهڪُ، ڪجھ حيرت ۾ پوءِ مُرڪَندي جواب: ”مون لکڻ جي ابتدا ڌرتيءَ جي عشق سان ڪئي، هاڻي ڌرتيءَ ۾ سرتيءَ

جَي عشق ۾ لکندو رهان ٿو.“

”اڇا تہ ايئن آهي.“

”جِي ها بلڪل.“

”پوءِ اڄ جي سفر تي کهاڻي لکندئو.“

”ان تي اوهان کي لکڻ گهرجي.“

”ٺيڪ آهي، ٻيئي لکنداسين.“

”ايئن بہ صحيح آهي.“ ساڻس سهمت ٿيندي وراڻيم.

ڪوچ ڪنڊڪٽر پاڻي پيياريو هُن پرس مان بسڪٽ ڪڍي مون ڏانهن وڌايا. مون چيس: ”توهان ڪائو. آئون ناشتو ڪري آيو آهيان.“

”ناشتو مون بہ ڪيو آهي.“

پوڳ ڪيومانس: ”مون سمجهيو شايد توهان کي، هاسٽل ۾ ناشتو نہ ٿا ڪرائين.“

بسڪٽ زوريءَ کارايائين، پُڙو ڏيندي چيائين: ”هي وٺو مُنهنجِي نِشاني اٿوَ.“

”چو ٿا انهن سان ظلم ڪيو. نشاني طور ڏنل بِسڪِٽ نہ کائيندس، پئي پئي خراب ٿي ويندا، ان ڪري توهان رکو.“

ڪراچي 10 ڪلوميٽر، بورڊ ڏسي، جلدي جدا ٿيڻ جو احساس ٿيو. پڇيومانس: ”اوهان بيچلر آهيو.“

”مُنهنجِي شادي ٿيل هُئي...!“

”شادي ٿيل هُئي..!! ڇا مطلب..!!“

”ها، منهنجي شادي ٿيل هئي، مون خُلع ورتي آهي.“

”خُلع ....! معنيٰ توهان پاڻ...“

”ها... مون پاڻ.“

پر... پر ڇو؟“

”منهنجو مڙس وڏي عمر جو هو. آئون سندس ٽِين زالَ هُيَس.“

”شاديءَ ڪان اڳ، اها خبر نہ هئي اوهان کي؟“

”ڪجهہ هئي، ڪجهہ نہ، پر مائٽن جِي مرضي هُئي، تہ آئون اُنَ سان شادي ڪريان.“

”مطلب، قصوروارَ توهان بہ آهيو.“

”بس ايئن ئي سمجهو.“

مُنهنجَي چهري تي اُداسي ڇانئجي وئي، ڪيفيت محسوس ڪندي چوڻ لڳي: ”معاف ڪجو مون اوهان جِي دل رَنجائِي آهي، پر ڪوڙ ڳالهائي نہ سَگهيَس.“

”هِن عمر ۾ اهڙو اَلميو. اوهان جهڙي پڙهيل لکيل ڇوڪريءَ سان...!“

”بس جيڪو ٿيڻو هو، ٿي ويو. زندگي گذارڻي ئي تہ آهي.“

”مستقبل لاءِ ڇا سوچيو اٿَوَ.“

”في الحال پڙهائيءَ جي تُنل مالها کي جَوڙي، وري پڙهڻ شروع ڪيو اٿم، اڳتي ڏٺو ويندو.“

سهراب ڳوٺ تي لهڻ جو ٻڌايائين. ڇيومانس: ”منهنجي آفيس هلو؟“

”آئون اوڏانهن نہ ٿي هلان. توهان کي مُنهنجَي گهر ضرور هلڻو پوندو.“

”اها زيادتي آهي، مون اوهان کي پهريان ڇيو آ.“

”پليز ضد نہ ڪيو.“

مون ضد ڇڏيو. ساڻس گهر ڏانهن ويندي پڇيومانس: ”گهروارن سان منهنجو تعارف ڇا ڪرائيندينءَ.“

”چوندِي سانِ، مُنهنجو مهمانُ آهي.“

عابده ڪال بيل وڄائِي، سندن ”ڪُڪِ“ دروازو کوليو اندر گهڙياسين. گهر ۾ عابده جو ڪو گهر ڀاتي نہ هُيو. باقي بورچيءَ جي گهرواري موجود هُئي. خوبصورت غاليچن سان سَجِيَل ڪمري ۾،

عابده گڏجي ويٺي، مانيءَ جو پڇيائين. انڪار تي چانهه لاءِ اصرار ڪيائين.

سامهون گوڏن ڀر ويهي، پڇڻ لڳي: ”سر توهان کي ڪيئن ٿو محسوس ٿئي.“

”فلم جي ڪنهن منظر جيان، جنهن ۾ هيرو هيروئن ايئن ملندا آهن.“

”توهان صحيح ٿا چئو.“

انڊين فلمي گيت ”راهه ۾ اُن سي ملاقات هو گئي، جِسَي ڊَرتَي ٿَي، وو هِي بات هو گَئِي“ ڳائي ٻڌايائين.

بورچي چانهه کڻي آيو. عابده پرس مان ساڳيو بسڪوٽن جو پُڙو ڪڍيو. گڏجي چانهه پيتي، بسڪوٽ کاڌا. آئون آفيس ڏانهن وڃڻ ڪري جلدي اُٿيس. عابده موڪلائيندي ٻه ٽي دفعا ”ٿينڪ يُو سَرِ“ چيو. آئون، ذهن تي خيالن جا وَرَ ويڙهيندو، اسلامڪ اپارٽمينٽ جون ڏاڪڻيون لهڻ لڳس.

❖

# آسَ جِي پڄاڻِي

حيدرآباد جي اولاهين طرف، سنڌو درياءَ جي ڪَپ ڪَپَ واري بَندَ کان، ڪجهه فاصلي تي جُڙيَل، شاندار اپارٽمينٽ جي پنجين منزل تي موجود، پنهنجي فليٽ ۾ ويٺي، اولهه طرف ڪلنڌڙ درياءَ مان ڄامشوري پوپان، ڪِيرٿر جبلن واري قطار ۾، سِجَ لهڻ جو شَفَقَ جي لالاڻ ۾ ٻُڏل خوبصورتُ مَنظر. عجيب ڪيفيت مُنهنجِي، جنهن ڪي هر شيءِ، هر ڪم جي پُڄاڻي پياري ۾ لُطف ڏيندڙ لڳندي آهي، ڏينهن جِي پُڄاڻي، شام جو پهر، سفر جِي پُڄاڻي، منزل تي پُڄي وڃڻ، محبت جِي پُڄاڻي، وصال ٿي وڃڻ، مطلب هر ڪم جو اختتام ۾ نتيجو جنهن ۾ ڪا باقي حسرت جي لَغزِش نہ هُجي. هزارها سالن کان معمول مطابق، آيَل ۾ گذري ويَل لاتعداد ڏينهن جِيان، ان ڏينهن ڪي حال مان، ماضيءَ ۾ اُڪرَندي ڏسي رهيو هوس. مُنهنجِي فطرت پڄاڻيءَ جي افاديت ڪي، وڏيڪ محسوس ڪندڙ آهي، ان ڪري آئون بلڪل سانتيڪي حالت ۾، پر لاشعوري طور ڪاٻي پير جو آڱوٺو ڇرپُر ۾، جيڪو پِنڊ پَهڻ نہ هئڻ جِي ثابتي ڏئي رهيو هو.

ان دلڪش منظر جو عڪس، درياءَ جو رُخ اولهہ طرف، ان کان چاليهن گزن جي فاصلي ۾ ڏاکڻيءَ ڪُنڊ وٽ، پلازا جو ٻيو بلاڪ، جنهن جي پنجين منزل تي اُترين ڪنڊ وارو گهر، ٿورو ترڇو جنهن جون ٻہ دريون، ٻہ درَ ۾ بالڪوني، منهنجي نظر جو پهريون نشانو ان

حوالي سان سامهون وارو منظر، ابتدا کان انتها تائين بيحد رومانوي. اوهان جي ذهنن ۾ سامهون واري فليٽ اندر، ڪنهن شهزاديءَ جي هئڻ جو تصور... بلڪل... توهان جو خيال درست، اُتي واقعي هڪ شهزادي موجود، ها... منهنجي خوابن جِي شهزادِي. گهر ۾ هوءَ اڪيلي نہ پر پنهنجي پيءُ، ماءُ، ڀاءُ ۽ چئن ڀينرن سان گڏ رهندڙ. گهر جي ٻين ڀاتين طرف مون خاص ڌيان ناهي ڏنو. بس ايترو تہ منهنجي خوابن جي شهزاديءَ سان هميشہ اُن جِي ظاهراً هڪ جيڏي ۽ حقيقتن وڏي ڀيڻ نظر آئي آهي.

سورج غروب ٿيڻ واري منظر ڏانهن ويندي، مُنهنجِي نظرَ ان کان اڳتي، انگريزي ميڊيم اسڪول جي ڇت تي پوي ٿي، جيڪو چار منزلہ ۽ اپارٽمينٽ کي ويجهو آهي، اسڪول جَي سڄي ڇتِ مٿان، نيرا گل جهليندڙ انگريزي مٿرن جي سائي وَلِ، جنهن جو ڏيکُ مَنَ کي موهيندڙ. نيريُن ڦُلڙيُن واري ان چادر کان اڳتي، ڪجهہ گهرن سان گڏ انبن جي باغ جو نظارو، تنهن بعد اولهہ طرف ڇڙوِڇڙ وڻن ۽ گهرن جو ڏورانهون ڏُنڌلو مَنظرُ، جنهن کان پوءِ مُنهنجِي نظر، ننڍين شين کي ڏسڻ کان قاصر، باقي ڪافي اونچا واريءَ جا دڙا، ضرور نظر اچن ٿا ۽ يقيناً انهن جي پاسي ۾ وهندڙ سنڌو درياءَ، جنهن جي وجود کي ايترو پري کان، آئون صرف محسوس ڪري سگهان ٿو. مَنظرَ جَي آخر ۾ سنڌو درياءَ جي هُن پارِ، شَفقَ جي لالاڻِ هيٺان نظر اچي ٿو، لهندڙ سج جي روشنيءَ ۾ وِهنتَل، سنڌ يونيورسٽيءَ جو انتظامي بلاڪ ”اي سي ٿو“.

سج جي غروب ٿيڻ سان اوندهہ جِي چادرَ سڄي پسگردائيءَ تي ويڙهجڻ جي نتيجي ۾، سڄو شهر ۽ اوسو پاسو، مصنوعي روشنيُن سان جِهرِمِرِ ڪندڙ ۽ غلام محمد بيراج جي المنظر واري پُل تي، بَلبَنِ جِي ڊگهي قطار نروار ٿي پوڻ. روزانہ اهو منظر ڏسڻ منهنجو معمول بڻيل

آهي، آئون انسان هئڻ جي ناتي ڪڏهن. ان سلسلي ڪي ٽوڙي وجهندو آهيان، پر سِجَ ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اڄ تائين، ڪڏهن ان ترتيب کي ناهي ٽوڙيو ۽ جيڪڏهن ايئن ٿيو ته پڪ سان، اهو ڏينهن ڪائنات جو آخري هوندو. سچ اهو آهي ته خوابن جي شهزاديءَ کي، شام جَي ان منظر مان ڪڍي ڇڏجي، ته گلشن ۾ ويراني اچي ويندي، وڻن ۽ ٻوٽن تي کِڙيَل گلَ مُرجهائجي ويندا ۽ بهارُ خزان ۾ بدلجي ويندو. آئون حيران آهيان ته روزانه شام جو هوءَ ان منظر ۾ هميشه شَفقَ جَي رنگ جهڙو وڻو اوڙهيل هوندي آهي، مون کي گُمانُ ٿيندو آهي، ته اها حقيقت آهي يا منهنجو وهم.

اُن ڏينهن آئون سج جي لهڻ واري منظر کانپوءِ، ڄامشوري جي پُلِ مٿان ٻرندڙ بَلبَنِ جِي جهرمِر ۾ گُم، ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ سان، خيالن جي دنيا مان واپس اچي ويس ۽ ڪريڊل تان رِسيوَر کڻندي چيم: ”هيلو.“

سامهون واري فليٽ ڏانهن ڏٺم. منهنجي خوابن جي شهزاديءَ کي ٽيليفون جو رسيوَر کنيل هو. هن مون طرف منهن ڪندي جواب ۾ وراڻيو: ”هيلو السلام عليڪم.“

”جِي وعليڪم السلام.“ خبر نه هُئي ته ڪال هُنَ جِي آهي، پر سندس ٻاڊي لينگويج مان محسوس ٿيو ته هُوءَ ئي مون سان مخاطب آهي.

”آئون اوهان جي سامهون واري فليٽ مان ڪَنولِ پئي ڳالهايان.“

سندس ڳالهائڻ جِي پَڪَ ٿيڻ کان پوءِ، خوشيءَ جي عجيب ڪيفيت ۾ منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا. پنهنجي حواسن تي ظابطو آڻيندي چيومانس: ”جِي جِي... ڳالهايو آئون گُلُ آهيان.“

”اوهان ڏاڍا سنگدل آهيو.“

”سنگدل... ڄِي نہ نہ... آئون اوهان جي ڳالهہ نہ سمجهيُس.“

”ايتري اُبهرائي؟“

پنهنجِي ڪيفيَت کي لڪائيندي: ”اُبهرائيءَ جي ڳالهہ ناهي، منهنجي ڳالهائڻ جو انداز اهڙو آهي.“

”توهان جو نالو گُلُ آهي، انداز وري رُکو ۽ مايُوس ڪندڙ. جيڪڏهن گُلَن جو اهو حال آهي تہ پوءِ خارَ ڪهڙا هوندا؟“

حيران پريشان حالت ۾، کيس هُون هان ڪندي، ڪجهہ چوڻ چاهيُم تہ ڪَنَن تي آواز پيو: ”آئون توهان سان ملڻ چاهيان ٿي، مناسب سمجهو تہ سڀاڻي ڏينهن جو ڏهين وڳي، راڻي باغ ۾ ڪينٽين جي سامهون واري پارڪ ۾ مِلو.“

ذهن سوچن ۾ ويڙهجي ويو. کيس جيتر ڪو جواب ڏيان، سندس ڪمري ۾ ڪنهن جي اچڻ ڪري، رسيوَر رکي ڇڏيائين.

ساڻس ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ کانپوءِ عجيب خوشيءَ ۽ اٿجاتل خوف واريءَ حالت ۾ هُيس. آئون کيس بيحد چاهڻ ڪري سڄو سڄو ڏينهن ڏسندو هُيس، پر هُن ڪڏهن بہ مون ڏانهن نہ ڏٺو هو. اڄ سندس ملڻ واري ڳالهہ مُنهنجي سمجهہ کان ٻاهر هُئي. مون سڄي رات عجيب سوچون سوچيندي گذاري، خيالن ۾ ڪڏهن پيار جي حاصلات جا محل جُڙي ٿي پيا، تہ ڪنهن مَهِلَ اُنهن کي ڪِرندَي محسوس ٿي ڪَيُم.

جيئن تيئن عجب اُڻ تُڻ ۾ رات گُذري، ڪَئين انديشا، انومانَ ۽ وهم گُمانَ مُنهنجي دل ۽ دماغ ۾ ايندا رهيا. صبح جو پنهنجي ڪپڙن ۾ موجود. سڀ کان سنو وڳو پائي، سندس ڏسيَل جاءِ تي پهتس. بيٺي پيئرُ سائي رنگ جي جوڙن ۾ ملبوس، مون کان اڳ اُتي موجود هُيون. مُنهنجي خوابن جِي شهزاديءَ جو گلابي اڇو چهرو، سائَي جَوڙَي ۾ ڪَنول جي گُلَ جيان ٻهڪي رهيو هو.

پيار جي وڻندڙ احساس سان اڳتي وڌيس، ڪجهہ وکون هو

اڳتي آيون، تہ هڪبئي جي سامهون اچي وياسين. مُنهنجي خوابن جَي شهزاديءَ سلام ڪيو تہ جواب ۾ وعليڪم السلام چيومانس. ساڻن آئون ڪجهہ وڌيڪ ڳالهايان، مُنهنجَي خوابن جَي شهزاديءَ، مونکي ”ياءُ گُلَ“ ڪوٺيندي، پنهنجي پيڻ جو تعارف ڪرايو. سندس ياءُ سڏڻ تي آئون، هَڪو بَڪو رهجي ويس. پيرن هيٺان زمين کي، کِسڪندي محسوس ڪَيُم. سندس واتان پاڻ لاءِ اهڙو مقدس لفظ ٻڌي، ڪيس جواب ڏيڻ تہ ڇا، پر ڪنڌ لوڏي، ها يا نَنهن ڪرڻ جَي، قابل نہ رهيس. هُن منهنجي حالت کي سمجهندي، جواب جو انتظار ڪرڻ کانسواءِ، ڳالهہ جاري رکندي چيو: ”هيءَ منهنجي وڏي پيڻ گلشن آهي، اسان گهر ۾ پَرِي چوندا آهيونس.“

بيحد ڦِڪائيءَ مان مُنهنجي وات مان نڪتو: ”ماشاالله.“

پَري پرسان خاموش بيٺي رهي، هُن ڀنهي ڏانهن ڏسندي، پنهنجو بيان جاري رکيو: ” ادا مون توهان کي هتي اچڻ جِي تڪليف ان ڪري ڏني، جو هيءَ منهنجي پيڻ، توهان کي تمام گهڻو چاهي ٿي، هاڻي هن جي طبيعت خراب رهڻ لڳي آهي، آئون سندس اها حالت ڏسي نہ ٿي سگهان. توهان کي نِماڻي گذارش آهي، تہ هِنَ جي درد کي سمجهو، اوهان ئي منهنجي پيڻ جو دامن، خوشين سان پري سگهو ٿا.“

پنهنجي خوابن جي شهزاديءَ جي واتان، اها ڳالهہ ٻڌي مون کي پنهنجي اميدن جي دنيا، برباد ٿيندي نظر آئي، خيالن ۾ جوڙيَل پيار جا محل، پورا پورا ٿيڻ لڳا. هوءَ مون کي پنهنجي پيڻ جو سهارو بنجڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ چوندي رهي، پر منهنجو مَنُ آس جَي پڄاڻيءَ تي، ماتم ڪدو بڻجي چڪو هو. منهنجي اکين مان تِميَل آب جا ڳوڙها، رت بڻجي دل مٿان ڪري رهيا هئا. آئون پاڻ کي مظبوط سمجهندڙ نوجوان ماڻهو بَي ڪَيفِ ٿِي ڪنڌ نِوائي ويهي رهيُس. پَرِي جنهن هن وقت تائين ڪجهہ نہ ڳالهايو هو، پريشان ٿيندي چيائين: ”اوهان جِي

طبيعت تہ ٺيڪ آهي، ڇا ٿي رهيو آهي توهان کي؟“

سندس معصوم چهري ڏانهن نظر کڻي ڏٺم: ”ڪجهہ بہ نہ، ڪجهہ نہ ٿيو آهي، آئون ٺيڪ آهيان.“

مُنهنجي خوابن جي شهزاديءَ پرسان وهندي، اهڙي حالت ٿيڻ جو ڪارڻ پڇيو پر ان کي ڇا ٻڌايان، تہ آئون ڇا سوچي آيو هُيس، ۽ هتي ڇا ٻُڌي رهيو آهيان. مُنهنجِي حالت غير ٿي وئي، تہ پريءَ اچي سهارو ڏنو پوءِ بہ آئون بَي سَهارَي هُيس.

مُون ڇا سوچيو هُيو ۽ ڇا ٿي ويو. پر ان وقت پريءَ جي پيارَ ۽ حالت کي ڏسي، ڪنول کي ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيس. مُنهنجَي آس جِي پُڄاڻِي ٿي چُڪي، پر مون ڪنهن ٻئي جَي آس کي، پورا پورا ڪرڻ نہ چاهيو. بس ان ڏينهن کان مون، ڪنهن بہ شيءِ، ڪنهن ڪم جي پُڄاڻيءَ کي، پسند ڪرڻ جو نظريو ترڪ ڪري ڇڏيو.

❖

# شَناسَ

اَظهرُ سندس ٻارَوتڻ جو دوست، ڏُکَ سُکَ جو ساٿِي، رازَ نِيازَ سَلِيندو تہ صرف اُنَ سان. ساڳئي ڳوٺ جا پر سَندنِ ذاتيون مختلف، هڪٻئي جَي گهرن ۾ اَچڻُ وَڃڻُ، ٻنهي جُون مائرُ ڪَينِ بيحد قُربُ ڏِيندڙَ ايئن لڳندو ڄڻ سڳا ڀائر. اَظهرَ جو پيءُ ماسترُ، سِراجَ جو والِدُ پڙهيَل لِکِيَل، پر وِرثَي ۾ گهٽي زمين ملڻ ڪري، نوڪري نہ ڪيائين، ماٺهو سُنَو غريبن جو هَڏَ ڏوکِي، پَرائِي شيءِ کان پَري ڀڄڻ وارو، هاريُن ناريُن جو خيال رَکندڙُ.

سِراجَ ۽ اَظهرَ جي مالي حيثيت ۾ فرق هُوندَي سُنا دوستَ، وَڏنِ ۾ ڪا تَفريقَ نہ هُئڻَ ڪري، سندن اُٿڻُ ويهڻُ، راند رُوندِ کان وِيندَي، پڙهائيءَ ۽ گهمڻ ڦرڻ جَي معاملن ۾، هميشهہ گَڏُ گَڏُ. ڳوٺ ۾ سِراجَ جَي ذات وارن جا گهڻا گهرَ، جن مان ڪِنِ وٽ وڏيڪ، تہ ڪِنِ وٽ ٿوري زمين. اَظهرَ جَي ذات وارن جو تعلق، زمينداريءَ سان نہ، پر ٻِيَن ڌنڌنِ ۽ نوڪريُن سان، ٻِنهِي برادريُن جَي ماڻهن جو تعليم سان لڳاءُ. اَظهرَ جَي ذاتِ وارن ماڻهن جِي اڪثريت، ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ ڳوٺ مان لَڏَي، تعلقي واري شهرَ ڪنڊيارو کان علاوه، سکر ۽ حيدرآباد ڏانهن شِفِٽ ٿِي ويَل، ان ڪري سندن تعليم جَي ميدان ۾ معاملو سَرسُ.

ٻيئي دوستَ پهرئين ڪان، انين درجي تائين گڏ پڙهيا، اَظهرَ مِڊلِ پاس ڪَئِي، تہ سندس پيءُ جِي بَدلِي، ضلعي جَي شهر ڏانهن ٿي

ويئي، هُن نواب شاهہ ۾ جاءِ وَرتي، ٻارن کي اوڏانهُن مُنتَقِل ڪري ڇڏيو. سال ٻن تائين تَڪڙو تَڪڙو آيو پر نَنڍَي ياءُ سان ڳوٺ ۾ رَهندڙ ماءُ جَي انتقال کان پوءِ، اَچڻُ گهٽائَي ڇڏيائين.

سِراجُ ۽ اَظهرُ مِلڻَ جو موقعو ضايع نہ ڪندا. سِراجَ جو پيءُ نواب شاهہ ويندو تہ هُو اَظهرَ سان ملڻ لاءِ زوريءَ گَڏُ ويندُس. اَظهرَ جو والدُ غَمِيءَ خوشيءَ ۾، پَيرُ پرڻ لاءِ ڳوٺِ اُسَهندَو. تہ اَظهرُ اُنَ سان ڳوٺِ ويندو. اِنَ حد تائين جو ڪو مامون چاچو ڪَمَ سانگَي، ڳوٺِ يا شَهرِ ويندُنِ، تہ هُو ساڻِن گڏ وڃڻ جَي چَڪرَ ۾ هُوندا. اِيئَن سَندنِ ملاقاتن جو سلسلو جارِي رهيو. ٻنهي جَي دوستيءَ جو اَنوکَو تَعلقُ. اِهڙِي سَنگتِ جو هڪ ٻئي کان سوا رَهِي نہ سگهن. اِها ئِي حَقيقِي سِڪَ ۽ ڇِڪَ هُئِي، جنهن سَندنِ جُدائيءَ کي اِيئَن ختم ڪيو جو ميٽرڪ کان پوءِ هايَر سَيڪنڊرِي تعليم لاءِ، سِراجُ نواب شاهہ اچي ويو ۽ وِڇڙيَل دوستَ، فرسٽ ييئر ۾ داخلا وٺڻ سان گَڏجِي ويا.

سِراجَ ۽ اَظهرَ جو گهڻو وقت، عام رواجِي ڪچهريُن کان وڌيڪ، پڙهائيءَ ۾ گُذرندو. ڪڏهن ڪڏهن بازار جو چَڪرُ لَڳائِڻُ، ڪنهن سُهڻَي ڇَهرَي جِي تعريفَ، ڳوٺَ جَي ڇَوڪرَنِ ڇوڪرِيُنِ جون ڳالهيون، سندن مَعمُولَ ۾ شامل. سراسري طور ٻيئي ٻُرائِي ڪرڻ وارا نہ. پر جوانِي ديوانِي آ. جنهن ۾ هر شيءِ ڦُولارِبِي آهي، سَو هِي بہ چَسڪَنِ واريون ڳالهيون، ضرور ڪندا هُئا.

ڪاليج واري پڙهائيءَ جو دؤر پُورو ٿيو. ٻيئي دوست سنڌ يونيورسٽيءَ ڄامشورو ۾ پڙهڻ لاءِ آيا. سَندنِ هِتَي جا چار سال خُوبُ گُذريا. پڙهائيءَ سان گَڏُ عِشقُ، سِياستَ ۽ اَدبَ جهڙن معاملن سان لاڳاپيَل رهيا. حيدرآباد جَي باغن، بازارُن، هوٽلن ۽ اَلمَنظَرَ جَي نَظارَن جو لُطفُ ماڻِيندَي، وَقتَ جا وَرقَ تِيزيءَ سان وَرِي ويا. زمانَي جا ڪهڙا لاها چاڙها، رَنگَ رنگينِيون، دوستِيُون دُشمَنيُون، مَيلَ مُلاقاتون ۽ سَردِيُون جهولا هُيا جيڪي هنن نہ ڏٺا. سَندنِ زندگيءَ جو هِي

خُوبصُورَت دوُر هُيو.

پڙهائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، سِراجَ ڪجه وقت ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪَئِي، جِتَي ترقيءَ جا ڪَوڙَ موقعا هُيَس، پر پيءُ جِي طبيعت ناساز رهڻ ڪري، زمين جي سارَ سنڀالَ ۽ راج ڀاڳ سان اُتِي وَيڻيءَ سبب، وجِي ڳَوٺُ وَسايائِين. پَنهنجِي سَڳِي سؤٽِ سان شادي ٿِيَس، جيڪا پيءُ جَي ملڪيت جِي، اَڪيلِي وارث هُئي.

سِراجَ کي عام وڏيرڪا شوق نہ هُيا، ڪيس هڪُ ئِي ذوقُ هو سُنيُن گاڏيُن جو اِهو سندس مَشغلَو هُيو تہ گاڏيون مَٽائِيندو رهندو هو. ڪڏهن ڪَمَ ڪارَ سانگَي نواب شاهہ ويندو، تہ ڪڏهن اَظهرَ سان مِلَڻَ لاءِ، اوڏانهُن نِڪري پوندو. اَظهرُ لَيڪچِرَر جِي ڪميشن پاس ڪري، تعليم جَي شُعبَي سان وابستہ ٿِي ويو. سِراجَ ۽ اَظهرَ جِي دوستي، سَچِي يارانِي هُئِي، هُو هڪٻئي کان سوا رَهِي نہ سگهندا هُيا، ڪونہ ڪو بهانو ڪري، سِراجُ نواب شاهہ ايندو ۽ ڪڏهن اَظهرُ ڳوٺِ ويندو، جِتَي هاڻ سندس ذاتي گهر نہ هُيو.

****

اَظهرَ جو رِشتَو ڏارِيَنِ مان طئہ ٿيو، سندس ڪاجَ جو سڄو اِنتظامُ سِراجَ جَي نگرانيءَ ۾ ٿيو، وِهانءَ جَي ڪَمِنِ ۽ شاديءَ جَي سيني رَسمُنِ ۾، سِراجُ اَظهرَ سان گڏ رهيو جيئن ڪو ڀاءُ يا سؤٹُ. گهوٺَ سان هُوندَو آهي. سِراجَ، اَظهرَ جَي گهرواريءَ کي، سَونُو سَيٺُ مُبارڪَ ۾ ڏنو جنهن تي هُوءَ حَيرانُ هُئي، ڪَيسِ عَجَبُ هُئو تہ اهڙي دوستِي بہ ٿيندي آ..! جو هيڏو مهانگو تُحفو ڪَيرُ. دوستَ جَي زال کي ڏيندو آهي. اَظهرُ گهرواريءَ کي سِراجَ سان، دوستيءَ جِي ڪَٿا ٻُڌائيندَي، ساٿس رَوزُ اُنَ جو ذڪر ڪندو، چو تہ هُو سندس اهڙو دوستُ هُيو جنهن کان سوا پاڻ کي اَڌُورو لڳندو هو. شاديءَ کان پوءِ گهوٺَ ڪُنوار جِي، سِراجَ دعوت ڪَئِي، ڳَوٺِ اچڻ لاءِ ڪَيِنِ گاڏي اُماڻِي، جيڪا هُنن کي ڪَٽِي ۽ واپس ڇَڏِي آئِي، پُرتڪلف دَعوتَ ۾،

سيني کي ڏاڍو مزو آيو.

سِراجُ نواب شاهہ ويندو، اَظهرُ، ياءُ جِهڙَي دوستَ کي اندر وَٺي ايندو. اَظهرَ جِي گهروارِي، سِراجَ کي ٻِي نظر سان ڏِسَندِي. هُو اُنَ سان بَي تَڪلُف ٿِي ڳالهائيندو. ڪَيسِ ڀاڄائِي ڪري مُخاطب ڪندو. هُن ڀاڄائيءَ کي پَيرُ سَمجهندَي، ڪڏهن نظر ڪٽي بہ نہ ڏٺو تہ هُوءَ شڪل جِي ڪهڙِي آهي، خوبصورت، سادِي سُودِي يا عام ڇوڪِرِي/ عَورَتَ آهي.

سِراجُ گهرواريءَ سميت اَظهرَ جَي گهر ويو. منجهند جِي ماني گڏُ کاڌائون. ڪچهري ڪيائون ۽ آرام ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺَ لاءِ روانا ٿِيا. رَستَي ۾ سِراجَ کان گهرواريءَ پُڇيو: ”اوهان کي ادا اَظهرَ جِي زالَ، ڪيئن ٿِي لَڳَي.“

هُنَ وَراڻيُس: ”خَيرُ تہ آهي.“

”جِي ها خَيرُ آهي، پر تون مُنهنجَي سوال جو جواب ڏي.“

”بس نِيڪُ آهي، اَظهرَ سان سُٺَو ٿِي هَلَي.“

”اُها موڪلائڻ مَهلَ، تو کي گهُورَي ڇو پَئِي؟“

”مون کي گهُورَي پَئِي... ڇا مطلب آ تُنهنجَو.!!“

”مُنهنجو مطلب آ، هُوءَ توکي وَڻڻَ وارِي نظر سان پيئي ڏِسَي.“

”سؤتِ تو مان اهڙِي اُميدَ نہ هُئِي، تہ تون مون تي شَڪُ ڪندينءَ.“

”آئون تو تي شَڪُ نہ ٿِي ڪريان، مان تہ هُن لاءِ ٿِي چوان، تہ سندس نَظرُنِ مان اِيئَن لڳو ڄڻ تون ڪَيسِ وَڻِين ٿو.“

”سؤتِ جيڪڏهن اِيئَن آهي بہ سَهِي، تہ مون اُنَ تي غَورُ ناهَي ڪيو.“

”تون بہ. ايڏو تہ سادو ناهين.“

”اَظهرُ مُنهنجَو ياءُ آهي، سَڳَو ياءُ....“

”بهرحال آئون بَحثُ نہ ٿِي ڪريان، جيڪو مَحسُوسُ ڪَيُم،

توکي ٻُڌايو اَٿم.“

گهرواريءَ جي واتان اِهڙي اِنڪشاف ڪان پوءِ، اِلاهي سارِيون ڳالهيون ڪندا ڳوٺ پهتاسُون. مون کي سؤٽِ جي ڳالهه دل سان لڳڻ لڳي. مون اَظهرَ جي محبت ۾ اهو سوچيو به نه هو ته ايئن ٿي سگهي ٿو. سندس گهرواري اُنَ جي سامهون به، بي تَڪلُف ٿي ڳالهائيندي هُئي.

نواب شاهه جو پروگرام ٿيو. سَعيو ڪري آچر جي ڏينهُن وَيُسِ، ته جيئن اَظهرُ گهرِ هُجي. ايئَن ڪَيسِ پيشڪي اطلاع ڪان سوا، سندس گهر پهتُس. ڀاڄائيءَ اچي دروازو کوليو. پُڇيومانسِ: ”ڀاڄائِي اَظهرُ ناهي ڇا؟“

جنهن انداز ۾ جوابُ ڏنائِين، پَريشانُ ٿي وَيُسِ: ”اَظهرُ به اچي ويندو. اوهان کي رُڳو اَظهرَ جي سِڪَ ڇو لڳندي آ.“

گهرواريءَ جون ڳالهيون ذهنَ تي اچڻ لڳيون. وائڙو ٿيندي پُڇيومانسِ: ”اَظهرُ گهر ۾ ناهي ڇا. ٻيا ڀاتِي ڇاڇي ۽ ڇاڇا ڪاٿي آهن؟“

”اوهان کي ڇو انتظار ٿِي پيو آ.. مُون کان ڊِڄُ ٿو لڳيوَ ڇا؟“

مائِيءَ جا تيوَرَ ڏِسِي، آئون ويهڻ بجاءِ ٻاهرئين دروازي ڏانهُن وڌيُس. آڏو وَڌِي روڪيائين ته ڪونه. پر لَڳو هُوءَ اِيئَن ڪري به سگهي ٿِي. سو هُن کي ڪو ڪم ياد اچڻ ۽ جلدي موٽڻ جو چَئِي، ٻاهر نِڪري آيُسِ. گاڏيءَ ۾ وَيٺُس، سمجه ۾ نه پيو اچي ته ڇا ڪريان. سوچيُم عَورتُون، عَورتُنِ کي ڪيڏو سُڃاڻِين ٿيون. جيڪڏهن گهرواريءَ ٻاران ٻُڌايَلُ نه هُجي ها. ته شايد اصل ڳالهه سَمجِهي نه سگهان ها.

فيصلو ڪيُم اَڳتي ڪڏهن به. اَظهرَ جي گهرِ، ڪانئُسِ پروگرام ونڻ ڪان سوا نه ويندُس. هُن سان مُنهنجِي ڀائپِي آهي. ڪَيسِ ڪهڙِي عورتَ مِلِي آ. اُنَ سان مُنهنجَو ڪو سَروڪار ناهَي. پر دوستَ

ڪي ڇڏَي ڏِيان، يا بَي غَيرتُ ٿِيان، ٻِيئِي ڳالهيون خرابُ آهن. مُنهنجَي نظر ۾ جنهن شَخصَ وٽ، رِشتَنِ جِي شَناسَ ناهَي، حَقِيقَتَ ۾ اُهَو اِنسانُ ئِي ناهَي.

### ٿَورَي خرچ سان بهتَرِ تعليم

مسڪين حال نور احمد، ڌيءُ کي اڳتي مهانگي اسڪول ۾ پڙهائڻ جو سَتُ نہ ساريندي، سرڪاري اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ جي سوچن ۾ هو. ڪيس هوشيار ڌيءَ پاران مخالفت جو خدشو هئڻ ڪري، ان کي سمجهائيندي چيائين: ” سويرا سرڪاري اسڪول ۾ پڙهندينءَ، تہ ان ۾ تنهنجو فائدو ٿيندو. اتي گهٽ مقابلو هئڻ ڪري، ڪوبہ سمجهدار شاگرد آسانيءَ سان وڏي ڪاميابي ماڻيندو آهي. ڳريُن فيُن وارن اسڪولن ۾ مالدار گهراڻن جا چالاڪ ٻارَ، ڪنهن غريب غُربي کي اڳتي وڌڻ تہ ڇا، اڳيُن بينچن تي ويهڻ بہ ڪونہ ڏيندا آهن. تون سرڪاري اسڪول ۾ عام ڇوڪريُن سان مقابلو ڪري وڏيڪ محنت سان، ڪلاس جي مانيٽر، پريفيڪٽ بڻجي سگهين ٿي، آئون سمجهان ٿو تُنهنجي لاءِ، سرڪاري اسڪول بهتر رهندو.“

سويرا، پيءُ جي مالي حالت کان واقف هئي، سَهمت ٿيندي وراڻيائينس: ”بابا اوهان صحيح ٿا چئو مون ڏٺو آهي، جيڪي شاگرد بَيڪِ سِيٽر آهن، انهن تي ٽيچرس ڌيان نہ ٿا ڏين. حالانڪ پويُن سِيٽن تي ويهندڙ ڪَي شاگرد هوشيار هوندا آهن. پر اسڪول ۾ ٿيندڙ هم نصابي سرگرميُن ۾ حصو نہ وٺڻ ڪري، ذهين هوندي بہ پاڻ ڏانهن ڌيان ڇِڪرائي ناهن سگهندا. آئون پويان ويهندي هُيس، ٽِيچر مون کان سوال نہ ڪندي هئي، دوستِ نُويرا جَي سمجهائڻ تي، ٽيچر جي هر سوال تي، جواب لاءِ هٿ کڻڻ شروع ڪيم. ٽيچر جو ڌيان مون طرف ٿيو اعتماد وڌيو تہ آئون جواب ڏيڻ جي قابل ٿي ويس، سو بابا جاني اوهان بلڪل درست ٿا چئو.“

سرڪاري اسڪول ۾ سويرا جِي داخلا ٿي ويئي، جلد هوءَ

پنهنجي محنت، ٽيچرس سان اخلاق واري رَوَيَي، هم نصابي سرگرميُن ۾ حصو وٺڻ ڪري، اسڪول جَي باصلاحيت شاگرديائڻين ۾ شمار ٿيڻ لڳي. نائين جماعت جي امتحان واري نتيجي ۾، اي وَنِ گريڊ ۾ پاس ٿِي، ان جي بهتر ردِ عمل ۾ وڌيڪ محنت سان پڙهڻ لڳي. مئٽرڪ جي امتحان لاءِ خوب تياري ڪيائين، نتيجو ظاهر ٿيو تہ سويرا جِي، سڄي بورڊ ۾ فرسٽ پوزيشن آئي.

مئٽرڪ ۾ پهريون نمبر اچڻ ڪري، ڪيس بورڊ آفيس ۾ سرٽيفڪيٽن وٺڻ واري تقريب ۾، شامل ٿيڻ جو موقعو مليو. ڪاميابيءَ تي چند لفظ ڳالهائيندي سويرا چيو: ”اهو وڏو اعزاز آهي تہ مون، سرڪاري اسڪول ۾ پڙهي، ميرٽ جي بنياد تي فرسٽ پوزيشن حاصل ڪئي آهي. مُنهنجِي سيني شاگردن، شاگرديائڻين کي صلاح آهي تہ هُو، سرڪاري اسڪولن ۾ شوق سان وڃن، محنت ڪري سٺو نتيجو حاصل ڪن، تہ جيئن سندن والدين کي، ٿوري خرچ سان اولاد جِي بهتر تعليم حاصل ٿي سگهي.“

❖

# جَذبَنِ جو قَتلُ

فاطمہ اسڪول ۾ ڇوڪرَن ۽ ڇوڪريُن سان گڏ ٽئين درجي ۾ پڙهندڙ هوشيار ڇوڪري، سهيليون، نجمہ، سلميٰ، زينت، سندس گهر اچي هوم ورڪ ۽ راند رُوند ڪنديون. فاطمہ عمر جِي ننڍي پر مستقبل لاءِ گهڻو ڪجهہ سوچيَلُ. استادُ، شاگردن کان پڇندو، تہ هُو وڏا ٿي ڇا بڻجندا؟ اڪثر شاگردَ سوال جو جواب ڏئي نہ سگهندا. فاطمہ چوندي: ”آئون ڊاڪٽر بڻجي، ڳوٺ ۾ اسپتال کوليندَس.“

استادُ شاباس ڏيندي: ”ادڙي تون آهين ننڍي، پر ڳالهيون وڏن واريون ٿي ڪرين.“

فاطمہ ماءُ پيءُ جِي ننڍي ڌيءَ. ڪيس وڏيون ڀہ ڀينرُ، ڀہ ڀائر. گهر ۾ ساڻس سڀ پيار ڪندڙ. ڀهراڙيءَ جي عام ڇوڪِريُن جي اُبتڙ، گهرو ڪَمَ ڪارَ جِي ذميداري نہ. هر وقت هٿن ۾ ڪتاب. ڪيس ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي، وڏي ڀاءُ کان سمجهي وٺندي. فاطمہ سان گهر وارن جو پيارُ، هوشيار هئڻ ڪري استادن جو ڌيانُ. گڏيَل لاڏَ ڪوڏَ ۾ سندس ذِهنَ اندر ڊاڪٽر بنجڻ جو حَسِينِ خوابُ.

هڪ ڏينهن فاطمہ اسڪول کان گهر آئي، ماءُ ۽ وڏي ڀاءُ ڪي شاديءَ بابت ڳالهيون ڪندي ٻڌائين. ماءُ کان پڇيائين: ”امان ڪنهن جِي ٿا شادي ڪرايو؟“

ماڻهس وراڻيس: ”راڻي اَدَهين وڏي جِي.“

ڀاءُ جَي شاديءَ جو ٻُڌي، ڊوڙي وڃي ڪيس ڀاڪر پاتائين: ”واهہ

واھ ادا، تنھنجي شاديءَ جون ڳالهيون پيون هلن، مون کي خبر ئي ناهي، توتي ڏنڊ آهي ادا.“ ياڻس مُسڪرائي چڙيو.

”امان ادا جي شادي ڪنھن سان ٿي رهي آهي؟“

ماءُ ڪيس ياءُ جي ٿيندڙ ڪُنوارِ جو نالو ٻڌايو فاطمہ خوش ٿي ويئي.

****

سادگيءَ سان ٿيندڙ شاديءَ جون تياريون مڪمل ٿي ويون. فاطمہ جي ٿيڻ واري ياڄائيءَ کي، گھوٽيتيون ميندي لائڻ ويون. فاطمہ کي اوڏانھن وڃڻ کان روڪيو ويو. فاطمہ هُنن سان ضِد ڪيو پر نہ وڃڻ تي راضي ٿي ويئي. سندس ڀيڻُ، سؤٽيون ماساتيون ياڄاھنس کي ميندي لائي موٽيون. ڪجھہ دير بعد ٿيڻ واري ياڄائيءَ جَي گھر جون مايون، سندن گھر آيون. چيائون: ”اسان جِي ڪنوار فاطمہ ڪاٿي آهي، تہ اسان کيس ميندي لايون.“

فاطمہ وائڙي ٿي ويئي، کيس ڳالھہ سمجھہ ۾ نہ آئي، ماڻھس چيُس: ”فاطمہ نَھِي ويھُ، تہ مايون توکي ميندي لڳائين. توکي ياءُ جي بَدَي ۾ ڏنو ويو آهي.“

حيران ٿي ويئي، اَنَڙَ ۾ آخر هوءَ ڇو. سندس وڏيون ڀيڻون بہ تہ آهن. فاطمہ روئڻ لڳي، پر سندس ٿيڻ وارِي سَسُ، نڻانون، جيئن تيئن ڪري، ميندي لائڻ جِي رَسمَ پُوري ڪري ويون.

فاطمہ ڪنوارِ وارو وڳو پائڻ کان انڪار ڪيو. هوءَ صغير هُئي، نِڪاحَ جِي قبوليت پڻھس ڏني. سندس ياءُ پنھنجِي زال وٺي آيو. فاطمہ لاءِ طئہ ٿيو تہ هِنَ جِي رُخصتي بالغ ٿيڻ کان پوءِ ڪئي ويندي.

ياءُ جي بَدَي ۾ ڏئي، فاطمہ جَي معصوم جذبن کي ڇيياٽيو ويو. هُوءَ ڪجھہ ڏينھن اسڪول نہ وئي، پر جڏھن سَھيليون کيس وٺي ويون تہ اسڪول جون ڇوڪريون، ڇوڪرا، هِن بابت ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڪو چوي: ”هوءَ ڏسو فلاڻي جَي زال.“ ڪو چوي پيو: ”هن جي مائٽن

ڪمال ڪيو آ. وڏيون ڇوڪريون ويهاري، هِن جو نڪاح ڪيو اٿن.“ ڪنهن چيو ٿي: ”هاڻي هيءَ ڇو ٿي پڙهي، اجهو ٿِي وڏي ٿئي، پوءِ پاڻهين مڙس وٺي ويندس.“ سڀ جُملا فاطمه جي دل تي تيرَن جيان وسڻ لڳا. دل ۾ آيس جيڪر ڊوڙ پائي گهر هلي وڃي، پر چاهيندي به ائين نه ڪري سگهي.

امتحان جي نتيجي ۾ پهريون نمبر اچڻ واري فاطمه هن دفعي سادن نمبرن سان پاس ٿي سگهي. نتيجو ڏسي شَفيق استادَ چَيُس: ”پٽ فاطمه ڇا ٿي ويو آهي، تو ڪي ته محنت ڪري ڊاڪٽر ٿيڻو آهي.“

دل ۾ آيس، استاد کي وراڻي: ”هاڻي مون کي ڊاڪٽر بڻجڻو ناهي، ڇو ته پرڻجي وئي آهيان.“ پر هُن ڪيس جواب نه ڏنو.

وقت گذرڻ سان، فاطمه جي دل تان اثر گهٽيو. هن پڙهائيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو. پنجين درجي واري امتحان ۾ پهريون نمبر آئي.

پرائمريءَ کانپوءِ، پر واري شهر جي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين، جِتي سندس وڏو ڀاءُ استاد هو. فاطمه جي ڳوٺ کان ٻاهر پڙهڻ تي، سندس ساهرن اعتراض ڪيو. فاطمه کي خبر نه هئي، ڀيهرَ سندس ڊَهي جُڙيل خوابُ ٽُٽي پوندو. گهڻن دليلن، ڳالهين کان پوءِ فاطمه جو ڀاءُ، سندس ساهرن کان، ڪيس انين جماعت تائين پڙهائڻ جِي، اجازت وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

فاطمه مڊل پاس ڪرڻ بعد، پرائيويٽ اسٽوڊنٽ جي حيثيت سان، نائين جماعت جو امتحان ڏنو. جلد ئي سندس رُخصتي ٿي ويئي. مڙس جي اجازت سان ڏهينءَ جو امتحان ڏيڻ وئي، ته هُوءَ ستين مهيني جي اميد سان هئي... امتحان جَي مَهينَي ڏيڍ کان پوءِ ڪيس ننڍڙو ڄائو ٻار جِي ماءُ ٿي وڃڻ کان پوءِ، پڙهائي جاري رکي نه سگهي...، ننڍي وهيءَ ۾، هر سال نئين ٻارَ کي جنم ڏيندي رهي... ائين ڊاڪٽر ٿيڻ بدران... ڊاڪٽرن ڏانهن ويندي رهي.

❖

# ويهن سالن کان پوءِ

اڄ ويهن سالن کانپوءِ آئون پنهنجي ڳوٺِ آهيان، چڱيءَ طرح ياد اٿم جڏهن مون ڳوٺ ڇڏيو هو، بهار جِي موسم هئي، ڳوٺ پرسان وهندڙ شاخ جي ڪناري تي، ٽالهيءَ جي وڻن جِي قطار، ڦوٽهڙي سان ڇَهچ سائي ٿَي نظر آئي. اڄ بہ ساڳي موسم آ، ڳوٺ جي اوس پاس موجود وڻَ، ڪجهہ پراڻا ڪجهہ نوان، بهارَ جَي رنگ ۾ رَتَلَ آهن، باقي شاخ جَي ڪپر تي، ٽالهيءَ جا وڻ موجود ناهن، جنهن ڪري واهيءَ جو نظارو ڪافي بدليَل آهي.

ٽيهہ سال اڳ مون هن ڳوٺ ۾ جنم ورتو، منهنجو پيءُ ماستر هو ۽ امان هڪ سُگهڙ عورت. مُنهنجي سُرتِ ۾ پَرڪَ جِي ديوي سَمائي، تہ امان کان پڇيو هُيم: ”منهنجو بابا ڪير آهي؟“

مُنهَن جو رنگ اڏامي ويس، ڀاڪر ۾ پريندي وراڻيو هيائين: ”شهمير خان.“

وري پڇيومانس: ”امان بابا ڪٿي آهي.“

سيني سان لائيندي ٻڌايائين: ”تنهنجو پيءُ اوڏانهن ويَل آهي، جتان ڪير بہ واپس ناهي آيو.“

ذهن ۾ ڪئين سوال اپريا هئا، پر چپ ٿي ويو هُيم، وري ڪڏهن کانئس بابا جي باري ۾ سوال نہ ڪيم.

پنجن سالن جو ٿيس ، امڙ اسڪول اُماڻيو ۽ ٻار هُيس خبر نہ هئي، امان ڪيئن ٿِي گهرُ هلائي، پئسا ڪاڏئون ٿا اچن. ايترو ياد آهي تہ امان گهر جو ڪم ڪار لاهي، ٽوپي ٽَگي ۽ ڀَرتَ جو ڪم ڪندي

هئي. گهر ۾ چاچو ضمير خان هو جنهن ڪڏهن نہ ڳلي لڳايو ۽ نہ ئي مون سان ڳالهايو. هُو پنهنجي ٻارن سان پيار ڪندو هو. ڪيس امان سان ڳالهائيندي بہ نہ ڏٺم.

پنجين درجي تائين پهچندي، بابا متعلق امان جِي چيَل ڳالهہ ڪي سمجهيُم. تہ پيو آزمائش جو جبل مٿان ڪِري پيو. امان ڪي رات جو گهر ۾ نانگ ڪَکَي وڌو. بہ ڏينهن تڪليف ۾ رهڻ ڪانپوءِ، اُنَ پارِ هلي ويئي، جنهن ڏانهن بابا اڳ ئي ويَل هو. آئون بلڪل اڪيلو ٿي ويس. چاچيءَ وٽان ٻَچيو سَچيو ملندو رهيو. پنجين جماعت پاس ڪرڻ ڪانپوءِ، چاچَي ضمير خان وڏيڪ پڙهائڻ بدران، چوپايو مال چارڻ لاءِ، منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو.

هڪ ڏينهن مَنجهند جو، مالُ چارڻ کان پوءِ، حَسبِ معمول شاخ اندر پاڻيءَ ۾ ويهاريُم. ۽ پاڻ ڪِپَرَ جي آلي مٽيءَ تي سليٽ ٺاهي لکيُم: ”تعليم انسان جو زيوَر آهي.“

اهو جملو تعليم سان لڳاءَ ۽ پنهنجي پڙهائي اڌوري رهڻ جي ڏک ۾ لکيو هُيم. پنهنجي ئي لکيَل ان جملي ڪي، عجيب حسرت سان ڏسي ۽ پڙهي رهيو هُيس، تہ بخشيل خان، رحمت بڻجي آيو. ڪراچيءَ ۾ وڪالت جي پيشي سان لاڳاپيَل بخشيل خان، ڳوٺ جو سُلجهيل، بنيادي طور غريب پر محنت سان وڏو مقام ٺاهيندڙ شخص. سندس نظر منهنجي لکيل جملي تي پيئي، تہ ڇِرڪجي ويو ۽ گاڏيءَ ۾ ساڻ ويٺل گهر واريءَ کي چوڻ لڳو: ”هِي ڏِسُ، هِن ڇوڪرَي زمين تي ڇا لکيو آهي.“

سندس گهرواري بہ ڏاڍو متاثر ٿي، مون کان پڇيائين: ”ڪنهن جو پٽ آهين.“

ڪيس جواب ڏنم: ”شهمير خا ن جو.“

بابا کي سڃاڻندي بخشيل خان کي ٻڌايائين: ”هِي ڇوڪرُ مرحوم ماستر شهمير جو پٽ اٿئي، جنهن جي گهر واري بہ ڪجهہ وقت

اڳ، گذاري وئي آهي.“

مون سندس ڳالھ جِي تصديق ڪئي، ڪين ڏاڍي ڪَھَلَ آئي. بخشيل خان پڇيو، ”پٽ ڪھڙي درجي ۾ پڙھندو آهين؟“

وراڻيَم، ”پنج درجا پاس ڪيا اٿم، هاڻي چاچِي جو مال چاريندو آهيان.“

بخشيَل خانُ، مال چارڻ واري ڳالھ ٻُڌي سوچ ۾ پئجي ويو، گھرواريءَ سان ڪجھ ڳالھائڻ کان پوءِ، پڇيائين، ”تو کي مٿي پڙھڻ جو شوق آهي.“

جنھن تي ”ها“ ڪئي مانس.

وري پڇيائين، ”مون سان ڪراچيءَ هلندين؟“

”آئون تہ هلان پر چاچا ضمير خان.....“

مُنھنجو جُملو ڪٽيندي چيائين، ”تون چاچھين جو فڪر نہ ڪر، ان سان مان پاڻ ڳالھائيندس، تون هلڻ چاهين ٿو تہ هينئر ئي گاڏيءَ ۾ ويھہُ، تُنھنجا جانور گھر پھچائڻ لاءِ رمضان کي چوان ٿو ۽ چاچھين لاءِ بہ نياپو ڏئي ٿو ڇڏيانس.“

بَخشيَل خان جِي همدردي ڏسي، مون دير نہ ڪئي سندس گاڏيءَ ۾ چڙھي پيُس.

چاچو ضمير خان ۽ چاچِي رَنجُ پھچائيندا هئا پر جڏھن گاڏي شاخ جي ڪَپَرَ واري ٽاپَ تان، مَوڙُ ڪائي روڊ تي چڙھي، ڳوٺُ اَکيُن کان اَوجھل ٿيڻ لڳو، تہ نَيڻَنِ ۾ نَمِي تري آئي، ڇو تہ جَنمَ جَي جاءِ کان پري وڃي رهيو هوس. سفر دوران بخشيل خان گھڻيون ڳالھيون ڪيون ۽ ”تعليم جي زيور“ سان آراستہ ڪرڻ جو يقين ڏياريو.

ڪراچيءَ ۾ چاچا بَخشيَل خان اولاد جيان پنھنجي گھر ۾ رهايو، سُني هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏنائين، اهڙيءَ طرح تعليمي سلسلي جِي تُنَلَ مالھا ڳنڍجِي ويئي. وقت پنھنجي رفتار سان هلندو رهيو، ميٽرڪ پاس ڪري سروس ڪرڻ جو سوچيم، ان جو سبب

چاچي ٻَخشيَل خان جي ٻارن پاران ڪڏهن طعنو ٽُنڪو هٽي ونڃ هُيو.

نِجِي اداري ۾ نوڪري ملي، تہ گهڻو مصروف ٿي ويس. ان سروس دوران آئون چاچا ٻَخشيَل خان جي گهر ۾ ئي رهيُس. باقي سڄو ڏينهن ٻاهر گذارڻ ڪري، ماني وغيره ٻاهر کائيندو هُيس. اهڙيءَ طرح ٻہ سال گذري ويا. مون انٽر آرٽس ڪري ورتي.

انٽر ڪانپوءِ سرڪاري کاتي ۾ اڪائونٽس ڪلرڪ جي نوڪري ملي وئي، ايتري پگهار هئي جو رهڻ لاءِ ننڍو گهر افورڊ ڪري ٿي سگهيس. ڪِرائَي جَي گهر ڏانهن منتقل ٿيڻ وقت، چاچا ٻَخشيَل خان سميت، سيني گهر ڀاتيُن جي اَکيُن ۾ ڳوڙها اچي ويا. چاچا سائين ڀاکر پائيندي چيو: ”سڄڻ، مون توکي پنهنجو اولاد سمجهيو آهي پر تون پاڻ کي، مون تي بارُ ٿو سمجهين، تہ توکي وڃڻ کان نہ روڪيندس، منهنجون دعائون هميشہ تو سان گڏ رهنديون.“

آئون چاچا ٻَخشيَل خان جن وٽ ايندو ويندو رهيُس. ساڻن ويجهڙائي اڳ کان بہ وڌي ويئي، سندن ٻار مون سان وڌيڪ محبت ڪرڻ لڳا. گريجوئيشن ڪري ايل ايل بيءَ ۾ داخلا ورتم. چاچا ٻَخشيَل خان پاڻ سان اٽيچ ٿيڻ لاءِ چيو. سندس خيال هو تہ ان سان منهنجو تجربو ٿيندو ۽ کيس مددگار ملي پوندو. مون سندس چوڻ تي عمل ڪيو ۽ ٿَي ڪمَ پنهنجي ذمي ڪَنيَم. سرڪاري نوڪري، ايل ايل بي ۽ چاچا سان گڏ سندس آفيس ۾ اسسٽنٽ.

ايل ايل بي ڪري ورتم تہ سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي، چاچا ٻَخشيَل خان سان جونيئر ايڊووڪيٽ جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳس. جونيئر ايڊووڪيٽ طور ڪم ڪندي تقريباً پنج سال ٿي ويا. آمدني سٺي ٿي ويئي تہ ڪِرائَي جَي وڏي گهر ۾ رهڻ لڳس.

اخبار ۾ جَجَنِ جَي مقررين لاءِ اشتهار آيو. چاچا ٻَخشيَل خان جي صلاح سان فارم ڀرائي ڇڏيم. روايتي دير ٿيڻ بدران جلد ئي امتحان ٿي ويو. لکت واري آزمائش ۾ ڪاميابيءَ کان پوءِ، مالڪ جي

مهربانيءَ سان زُباني امتحان ۾ بہ سَرسي نصيب ٿي. امڙ جي دعا، چاچا بَخشيَل خان جي وسيلي سان قبول پئي، آئون سِوِل جج جي عهدي تي فائز ٿي ويس.

لڳ ڀڳ ويهہ سال ڳوٺ کان ٻاهر رَهيُس، ان عرصي دوران سڳي چاچِي ضمير خان، منهنجو حال احوال نہ ورتو ۽ نہ ئي مان ڳوٺ ڏانهن آيُس. ايڏو مصروف رهيُس جو وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ رهيو.

****

چاچا ضمير جي وفات تي ڳوٺ آيو آهيان، ڪيس پٽ جو اولاد ناهي، ان ڪري آئون سندس وارث ۽ گهر ڌڻي آهيان. هُو مُنهنجي يتيميءَ جو سهارو نہ بڻيو پر مان اُنَ جهڙو ٿيڻ نہ ٿو چاهيان، جو سندس نِياڻيُن جِي وارثي نہ ڪريان. مون اجان تائين شادي نہ ڪئي آهي، چاچِي چوي ٿِي تہ سندس وڏي ڌيءُ سان شادي ڪريان. انشاالله هڪ پڙهيو لکيو شخص ۽ جج هئڻ جي ناتي، ان سلسلي ۾ صحيح فيصلو ڪري وٺندس.

هتي گُهمندي حيرت ٿئي ٿي، تہ ويهن سالن ۾ اسان جو ڳوٺ، ڪيڏو تبديل ٿي ويو آ. گهرن جَي لَوڙَهن پويان، جِتَي اسان رانديون ڪيڏندا هُياسِين، نوان گهر ٺهي ويا آهن ۽ آبادي ڀيٽي تي وئي آهي.

ڳوٺ جَي چوڌاري جيڪي ڍورا، ڍَورِيُون ۽ غير آباد زمينون هُيون، آباد ٿي ويون آهن. ان وقت جيڪي جوانَ هئا، انهن جَي مَٿَنِ ۾ چاندي چمڪڻ لڳي آهي. ڪچي ڇَپَرَ واري اسڪول جي جاءِ تي، پڪو اسڪول ٺهي ويو آ. بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت بہ موجود آهي، باقي ڪا شيءِ ناهي، تہ اها آهي اَمنُ ۽ آشتِي. مون کي ياد آهي اسان چانڊوڪي راتيُن ۾ شاخ جي ڪَپَ سان ڊوڙندا، پري تائين هليا ويندا هئاسون، ڪوڊِڄُ نہ هوندو هو ۽ اڄ سڄ لَٿَي ڪانپوءِ نندا ٻار تہ ڇا..! وڏا بہ ٻاهر نہ ٿا وڃن، ڇو تہ ڪين ڌاڙيلن جو خوف آهي.

# مِينهَن ڪَٽِيُون

جڏهن ڪارا ڪَڪَرَ آسمان تي ڇانئجِي، وِڄَ جَي تَجلن ۾ گوڙ سان وسڪارُ ڪري، ڌرتيءَ کي سَيراب ڪندا آهن، تہ خدا جِي مخلوق خوشيءَ مان جُهومِي پوندي آهي. مِٽي پَنهنجَي خَميرَ جِي خوشبُو رات جَي راڻيءَ جيان پکيڙي ڇڏيندي آهي، زمين مان اُٿندڙ مَهڪَ، جهانَ جَي خلقت کي جيئڻ جو نئون اُتساهہُ بخشيندي آهي. مُرجهايَل دليون مَهڪي پونديون آهن، سَنسارَ جي سونهن ۾ سَرسِي اچي ويندي آهي، ايئن ڀاسندو آهي جڻ خدا جهانَ کي، مَهراڻ جي پَلُرَ سان ڌوئي ڇڏيو هُجي.

پر هُو مينهَن ڀريا بادل ڏسي، ڪُومائجي ويندو آ، ڏجي ويندو آهي، دل چاهيندي اٿس، سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيئي، زندگيءَ جي قيد مان هميشهہ لاءِ آزاد ٿي وڃي.

هُن کي زندگي عذاب لڳندي آهي، ويتر اُڀَ تي ڪارا ڪَڪَرَ ڏسي، پنهنجو پاڻُ دارَ تي لَٽڪيَل محسوس ٿيندو اٿس. هُو جنهن اڄ تائين ڪنهن پکيءَ جو شڪارُ نہ ڪيو آ، مينهوڳيءَ جي موسم ۾، پاڻ کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. پر جڏهن ڪيس، ان عمل سان ڇوٽڪاري جو رستو نظر نہ ايندو آهي، تہ وسڪارَي جا ڏينهن، ڪنهن مَريضَ جيان، بستري تي گذاري ڇڏيندو آهي.

يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران، وچولي طبقي سان تعلق هجڻ، هوشيار نہ هئڻ ڪري، وٽس خود اعتماديءَ جِي کوٽ هُئي. آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊورس ۽ لانِ ۾ ڇوڪِرَنِ ڇوڪِريُنِ کي ڳالهيون

ڪندي ڏسندو هو. سندس دل ۾ خواهش جنم وٺندي هُئي، جَيڪَرَ ساڻس بہ ڪو ڳالهائي، ڪو پيارُ ڪَرَي!

داخلا ورتائين سندس ذهن ۾، خوابن جا محل نہ هُيا. ڄامشورَي جي ڪيچليُن هوائن ۾ سالُ گُذاري ڇُڪو پٿريلي ڌرتيءَ ڪي مِينهَن پَوَڻ ڪان پوءِ، سائو ويس پاتل ڏٺائين. ايئن ڀاسِيُس، ڄڻ سندس مَن اندرُ سَرسَبز ٿِي پيو هُجي، ذهن ۾ سُرَ سَنگيتَ جون تارون ڇِڙي پيون هُجن. اهڙي ڪيفيَت ۾ هُو مُنهن تي آيَل رونق ڪي لڪائڻ لڳو. سندس مَنَ ۾ محبت جِي قلواڙي جُڙي پئي، ڪنهن جي ڳولا ۾ جُنبِي ويو.

هُو ۽ سندس دوستُ حُسين، ڪلاس ختم ٿيڻ ڪان پوءِ، شهر ڏانهن اينڊڙ پوائنٽ بسن جي انتظار ۾، آرٽس فيڪلٽيءَ جي اڳيان بيهندا هُيا، جِتَي اندلٽي رنگ جَرڪندا ها. هُو دوستن سان گڏ ڪينٽين ۾ سينڊوِچ ڪائيندو، چانهہ پيئندو ۽ رنگين منظر ڏسندو هو. هُن جي مَنَ ۾ ڦَهِليَل رنگَ، نَيڻَنِ ۾ رقص ڪندي، ڪنهن جي تلاش ۾ پَٽڪَڻَ لڳا.

ڪنهن ڪي ڳولهيندي، محسوس ڪيائين، سندس منزل فيڪلٽيءَ وٽ نہ، پر ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي آهي. هُو ڪلاس فيلو حُسين ڪي ساڻُ ڪري، سينٽرل لائبرريءَ ڪان ٿيندو، جاگرافي، فائين آرٽس ڊپارٽمينٽ اُڪِرِي، ”اَي سِي ٽُو“ ڏانهن نِڪرندڙ رستي جي سامهون اولاهين طرف قائم، ڊپارٽمينٽ جَي لانِ ۾ ويهندو هو. حُسين کيس چوندو هُيو: ”يار تو ڪي ڪا ٻي جاءِ نہ ٿي سُجهي، ڦِري گهِري هتي اچين ٿو.“

جواب ۾ چوندو هُيس: ”حُسين، سچ پُڇين ڪا ڪَشش، ڪا شَڪتِي، هيڏي ڇِڪي اچي ٿِي.“

”هون ڪَشش.... يار هِتِ ڪاريءَ وارا ڪَڪَ آهن، ان ڪان ڪيميسٽري ڊپارٽمينٽ وٽ هلي، اَکيُن ڪي ٺَڏو ڪريون.“

”حُسينَ دل چوي ٿي، مُنهنجو محبوب هِتَي آهي.“

”هِتَي آهي...!“ حُسينُ حيرت مان سندس جواب دُهرائيندي.
”ها حُسينَ... هُو هِتَي آهي.“
”پر هِتَي تہ ڪير بہ ناهي...!“

اُتي واقعي ڪير نہ هوندو هئو. ان ڪري هُو لاجواب ٿِي حُسينَ کي چوندو: ”يار الئہ مون کي خبر ناهي....“

هُن جو معمول بڻجي ويو. حُسينَ کي ساڻُ ڪري، اتي اچي ويهندو. ڪافي وقت گُذري ويو. سندن فائينل سيميسٽر جا امتحان شروع ٿيا.... آخري پيپر واري ڏينهن، هُن زُولاجِي ڊپارٽمينٽ کي پارتَ ڪندي چيو: ”تون ساهہَ وارن جو شعبو آهين. مون تو اڳيان محبوب جو انتظار ڪيو آهي، دل چوي ٿي مُنهنجو دلبر، سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان، هِتِ ايندو ضرور. تون هن ننڍڙي پارڪَ، ڊِگهنِ وَڻنِ. پنهنجي ڪُشادَي دروازي کي شاهد بڻائي، کيس حقيقت ضرور ٻڌائجان. تو ايئن نہ ڪيو تہ مُنهنجو ويساهہَ تان، اِيمانُ کَڄِي ويندو. تُنهنجَي وجود جو قسم، تو محبوب کي پيغام پهچايو ۽ هُو مون وٽ پهتو تہ آئون اُن سان وفا ڪَندُس.“ هُو ايئن چئي، بنا پوئتي ڏسڻ جَي، ايندڙ پوائنٽ بس ۾ چَڙهي، حيدرآباد پهچي ويو.

وقت گُذرندو رهيو. کيس نوڪري ملي وئي، ڌرتي ماءُ ۽ ٻوليءَ جي خدمت لاءِ، پنهنجي اعزازي خدمتن هيٺ، ماهوار رسالو جاري ڪيائين. حُسين پنهنجي ڪِرتِ سان لڳي ويو. هُو وڏي ويساهہَ سان، مَحبوبَ جو انتظار ڪندو رهيو. کيس يقين هو تہ ڄامشوري جون مَست هوائون، عاشقن ۽ محبوبن وچ ۾ ديوار نہ بڻبيون. سندس پيارو يونيورسٽيءَ ۾ پيرَ پائيندو. ساوڻ رُتِ جوڀن تي هُوندي، آجيان جو وسڪارُ ٿيندو. يونيورسٽي سائي چادر اوڙهيندي. مُنهنجَي دِلدارَ تائين پيارَ جو پيغام ضرور پهچندو.

انتظار جون گهڙيون پُوريون ٿيون. هُن جي محبوب جا قدمَ ڄامشوري جي ڌرتيءَ تي هلڻ لڳا. زُولاجي ڊپارٽمينٽ وٽ پيغامُ اَمانتَ هُيو. جنهن جي ادائگيءَ ۾ خيانت نہ ٿِي.

****

سندس رسالي ڏانهن، سوين خطن جِي آمد هُئي، لفافي پويان ”ڄامشورو“ لکيَل ڏنائين، يقين ٿي وَيُس، پَڪَر محبوبَ جو آهي. دل جِي ڌڙڪن تيز ٿي ويس، خَطُ زُولاجِي شُعبي جي شاگرديائيءَ جو هُيو جيڪا سندس لکڻيون پڙهي پَرستار بڻي هُئي، چِٺيءَ ۾ جواب لاءِ اسرار ٿيَل هو. جواب ڏنائين، ڇوڪريءَ جو ٻيون خط آيو.... ٽيون خط آيو..... سَنِيهَن جو سلسلو.. نَيٺِ سَندنِ مُڪا مَيلُ ٿيو. تڏهن خطن جي رفتار ۾ گهٽتائي آئي.

پهرين ملاقات اِهڙِي ماحول ۾ ٿي، هُن ساڻس ڳالهائڻ چاهيو ڇوڪريءَ پنهنجي ڇَپَنِ تي ڇِيڄَ رکي، ڪيس چُپ رهڻ لاءِ چيو. خاموش رِهاڻِ ڪان پوءِ ڏينهن پوءِ، سندن ٻين گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ دل کولي ڪچهري ڪيائون.

ملاقات ۾ ڇوڪريءَ کي ڏنائين، سندس مَحبوبُ بلڪل ذهن تي چِٽيَل صُورتَ جهڙو هُيو. گڏجاڻيُن جو سلسلو طويل ٿيندو ويو،سندن شامون گڏ گذرڻ لڳيون. سڀ سانوڻَ ساجن سان، يونيورسٽيءَ جي روڊن تي گُهمَندَي، جَنمُ جَنمُ گڏ گهارڻ جا وَچَنَ ڪيائون.

۽ پوءِ.... هڪ ڏينهن اڻمندائتي مِينهَن جَي وسڪارَ ۾، هُن جا ٽُٽي پيا خواب، لُڙهي ويون تَمنائون، چڙهي ڪا وِيرَ، لوڙهي ويئي واريءَ گهرڙا. هُو وٺي آيو محبوب کي پَنهنجَي گهر، پوءِ اُٿيو طوفان، پَڄِي پيا وٽن جا ڏارَ، ڇَڙِي پيا سِپيئي پَنَ..... هلي ويئي هُوءَ وَسندڙَمينهن ۾.

سندس پويان نِڪِرِي پيو. تَيزُ بارش ۾... ڪيس ڳولهي نہ سگهيو... اُن سَمي زَهرَ قَطرا پِاسِيَسِ... مِينهَن ڪَٽِيُون.. هُو رَهجِي ويو سدا لاءِ اَڌُورَو.....

❖

# جَنِين ڪاڻِ مياسِ

آئون پياري پٽ بهادر خان جي پٿَر تي، رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي سوچيان ٿو ڪيڏو بدنصيب آهيان، پنهنجي پوڙهن هٿن سان، ڳڀرو پٽ جي مَڙَهه کي قبر ۾ لاٿو اٿم. اَبول... هِي ڪهڙو هاجو ٿيو موتُ مون کي ماري ها، مُنهنجِي تہ مُندَ هُئي.

بهادر خان معصوم هُيو شفاف ماڪ ڦُڙَنِ جِيان، جَيڪي سِجَ جِي روشني پوڻ تي جَرڪندا آهن. ننڍو پٽ هئڻ ڪري ماءُ جو دادلو هو، سندس جلدي شاديءَ لاءِ ڏاڍو زور ڀريندي هئي، ان ڪري ئي ساڻس، بهادر خان جَي شاديءَ جِي حامي ڀري هُيَم. پر هي ڇا ٿيو هٿن تي ميندِيءَ جي لالاڻ بدران، هُن جَي جسم کي رت سان رَڱيَو ڪيو ويو، سندس سَيجَ سجائڻ بجاءِ ،ڪيس ايمبولينس ۾ آندو ويو، نڪاح پڙهڻ ۽ لائون لهڻ بدران، هُن جِي جنازي نماز پڙهي ويئي، ڄاڃِيُنِ عيوض ڪانڌي آيا، گهوٽَ کي گهوڙِي جَي سرڪس بَدلَي، مَڙَهه کي لَحَدَ ۾ لاهي، اَڪيُنِ ڪان اَوجهل ڪيو ويو، وِهانوَ وليمي جي مانيءَ بدران، ڪانڌِيِ، ٽيجهي جِي ماني ڪئي ويئي.

تڏي تي ويٺل ماڻهو اختر جو نانءُ ڪڍن ٿا، منهنجي ذهن تي ماضي تري اچي ٿو. آئون نوجوان، ذميوارين کان آجو پنهنجي ڌُن ۾ مَستُ رهندڙ زمينن جي سار سنڀال، راڄ ڀاڳَ جا معاملا بابا سائينءَ جي حوالي. ياد اٿم ان وقت گڏيل مُلڪَ ۾ مذهب جي نالي تي هلچل هلندڙ هُئي، پوءِ اسان جي ڳوٺ مان ٻئي مذهب وارا ماڻهو روئيندا پِٽيندا جنم ڀوميءَ کي هميشہ لاءِ ڇڏڻ جَي ڏُکَ ۾، اَکيُنِ مان آبُ

هاريندا هتان هليا ويا.

ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ وري پيا. اسان جي مذهب وارا ماڻهو اچي آباد ٿيا. اختر نالي نوجوان انهن ۾ شامل هُيو. ڳوٺ جو چڱو مڙس هئڻ جي ناتي، بابا سائينءَ ڪَين لَڏَي ويَلن جي گهرن ۾ ويهاريو ۽ ڳوٺ وارن سان گڏجي، سندن هر طرح جِي مدد ڪئي. اختر ۽ آئون شروع ۾ هڪ ٻئي جي ٻولي بہ نہ سمجهندا هئاسين، پر پوءِ هڪ جيڏا هئڻ ڪري، پَڪِي دوستي ٿي ويئي.

شروعات ۾ لڏي آيلن ڪي، ڳوٺ وارا ضرورت جون شيون پهچائيندا رهيا. آهستي آهستي هُنَن روزي ڪمائڻ لاءِ مختلف ڪَمَ شروع ڪيا. اختر ڪجھ پڙهيل هيو بابا سائينءَ کيس واپار ڪرڻ جو چيو ۽ پاڻ سميت ٻين زميندارن کان اوڌر تي جنس وٺي ڏني، ڪجھ ئي سالن ۾ هُو وڏو واپاري لَيکجَڻ لڳو. جلد ۾ اختر جِي مالي حالت تبديل ٿي ويئي، عام ڳوٺ وارن سان هُن جو رَوَيَو بدلجي ويو. هُو کَين ڄٽ سمجهڻ لڳو.

****

بابا سائين فاني دنيا جو سفر پورو ڪري چُڪو. سڀ بارَ مُنهنجَي ڪُلهن تي اچي ويا. اختر جِي مون سان اُٺي وَيٺِي نِيڪُ رهي، هاڻي آئون ڳوٺ جو چڱو مڙس هُيُسِ. اختر وڏو سيٺ بڻجي ويو. ڳوٺ مان لڏي، شهر ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين. اسان جو ملڻ جلڻ، فصلن جي لهڻ تائين محدود ٿي ويو. جنس جي خريداري ۽ ڏيڻ وٺڻُ، هُن جا نوڪر ڪرڻ لڳا. آئون پوءِ بہ لاتعلق نہ ٿيس، ساڻس نيڪ نيتيءَ سان وَهنوارَ ۾ رهيس.

وقت گذرندو رهيو. اختر ڏيهي واپار کي پرڏيهي حد تائين ڦَهلائَي ڇڏيو. ايڪسپورٽ امپورٽ جو وڏي پيماني تي ڪم ڪرڻ لڳو. اسان خانداني ۽ روايتي، رِيتِ کي قائم رکيو. هُن پاران موٽ نہ ملڻ باوجود. رَسمَ نڀائيندا آياسون. ٻڌوسين اختر صوبائي تَڪَ تي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيو آهي، آئون کيس مبارڪ چئي آيس.

جهيڙن باوجود آئون بهادر خان کي، اختر ڏانهن موڪليندو هئس. جنهن تي چوندو هو: ”بابا مون کي اوڏانهن نہ موڪليو. هُو ڪڏهن توهان ڏي آيو آهي، جو آئون بار بار اُن ڏانهن ويندو رهان.“

سمجهائيندو هُيومانس: ”پٽ هو تمام مصروف ماڻهو آهي، انهيءَ ڪري نہ ٿو اچي.“

”بابا ايئن نہ آهي، زمانو بدلجي ويو آ. اختر صاحب مَٽجِي چڪو آهي.“

ڪيس چوندو هوس: ”پٽ زمانو ڀلي بدلجَي، پر اختر مَٽِجِي نہ ٿو سگهي.“

بهادر خان، شهر وڃي رهيو هو مون ڪيس اختر ڏانهن وڃڻ جو تاڪيد ڪيو. بهادر پنهنجي دوست کي ساڻ ڪري، اختر جي گهر ويو. ان وقت شهر ۾ وِڳوڙَ شروع ٿي چُڪا هُيا. بهادر خان جي دوست جو چوڻ آهي تہ، اسان اختر جي گهر پهتاسين، هُن اسان کي چيو: ”بابا اوهان هتان هليا وڃو هن وقت حالات صحيح نہ آهن.“

ٻاهر نڪتاسين رستي ۾ دهشتگردن، اسان مٿان گولين جو مينهن وسايو. جنهن ۾ بهادر سخت زخمي ٿي پيو. آئون هن کي سهارو ڏيڻ لڳس، بهادر مون کي قَسم ڏيندي چيو: ”خدا جي واسطي هتان جلدي نڪري وڃ. مون سان جيڪي ٿيڻو هيو سو ٿي چُڪو. تون ڇو ٿو پنهنجِي جانِ وڃائين.“

دل چوي ٿي اختر کي وِڳوڙَختم ٿيڻ تائين. بهادر خان ۽ سندس دوست کي پنهنجي گهر ۾ رهائڻ کپندو هُيو. اها ٺي هُن سان دوستيءَ ۽ تعلق جِي تقاضا هئي. ان حوالي سان هُو مُنهنجو مَيارِي ضرور آهي. آئون هِن وقت پُٽَ جي صَدمَي ۾ مَرِي جِي رهيو آهيان. هُنَ اچي دلاسو بہ ناهي ڏنو اندرَ ۾ وَڍَ ٿا پَوَنِ. اندرَ مان آواز اُڀري ٿو: ”جَنين ڪارڻِ مُياسِ، سَي ڪانڌِي ڪونہ ٿِيامِ.“

❖

# ڪَنهن سان شَلَ اِيئَن نہ ٿِئَي!

ماڻهن جَي نظرن جا نانگ ڏنگِين ٿا، مُنهنجَي وجود کي ڏَڪِڻي وَٽي ٿِي وَڃَي. آئون جيڪو سِتَمُ سَهان پيئي، اُن جِي اَذِيتَ مري وڃڻ کان گهڻو وڌيڪ آهي. سوچيان ٿي خودڪشي ڪري ڇڏيان، تہ جيئن روز مرڻ ۽ جيئڻ جي عذاب کان آزاد ٿي وڃان. آپگهات ڪرڻ لاءِ ساهن جي سلسلي کي ٽوڙڻ چاهيندي آهيان، تہ ڪنهن ٻار جَي ”امان“ پُڪارڻ تي، اهڙي سوچ جَي دُٻڻِ مان نڪري ايندي آهيان، ايئن منهنجِي زندگي اج تائين، مَعصُومَنِ جي مُهابي بَچِيَل آهي.

آئون اُها بدنصيب ناري آهيان، جنهن جي زندگيءَ ۾ ڏکن پنيان سُکَ، ڪڏهن آيا ضرور آهن، پر تمام مختصر عرصي لاءِ. مون انهن مان سَهنجُ، محسوس مَسَ ڪيو آ، تہ رُسي ويا آهن، آئون وري ڏکن جي ڏيهہ ۾ ڌِڪجي وئي آهيان. امان ٻڌائيندي هئي، آئون ڄايَس تہ بابا ڏاڍو خوش ٿيو منايون ورهايون هُيائين، ماڻهو ڏيءُ ڄمڻ تي خوشي ملهائڻ ڪري، ڪيس چريو چوڻ لڳا. نظرن جا ڀالا قسمت کي ايئن لڳا، جو تنهنجو پيءُ جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو.

بابا جي وفات ڪانپوءِ نَنڍِي نَيٽِي هئڻ، ۽ سَهارَي لاءِ امان وڃي ٻيو ورُ ڪيو، مرضيءَ سان شادي نہ ڪري ها، تہ لالچي ڀائر پيسن عيوض وِڪڻَنِسِ ها، ناڪاميءَ جَي صورت ۾ وري ڪيس ٻيءَ جاءِ ڪپائن ها، اهو سلسلو جاري رهي ها جيستائين، امان وڪامڻ جي قابل هجي

ها.

دَردَ شَلَ نہ ڪو دَرُ ڏِسَنِ، پوءِ ان جا ديوانا ٿيو پَوَنِ. امان ٻيو وَرُ ڪري سهارو ڳولهيو پر ڪيس خبر نہ هئي، نِڳو رشتو صرف ماءُ جو نہ، پيءُ جو بہ ٿيندو آ. جيڪو سڳن جِيان، نِڳَنِ کي ناهي پائيندو. مون سان نِڳي پيءُ جو رَوَيو شروع ۾ خراب نہ هو جڏهن کيس اولاد ٿيو تہ مون لاءِ ساڳيو نہ رهيو.

آئون نوڪرياڻين جِيان ڪم ڪندي رَهيَس، امان کي ڏُکُ ٿيندو هُيو پر مُڙس آڏو ڪُڇي نہ سگهندي هُئي. مون کي تَسليُون ڏيندي چوندي هئي: ”منهنجي جانِ، تون ڄاڻ اڃي وڏي ٿي آهين، تنهنجي جلد شادي ڪري ڇڏينديس، پوءِ سڀ سُورَ لهي ويندئي.“

شاديءَ لائق ٿيَس، امان منهنجي وَرَ لاءِ، پُنهل جِي چونڊ ڪئي، وَيڳَي پيءُ اعتراض ڪيو منهنجو سڱ پنهنجي مائٽ کي ڏيڻ لاءِ چيائين، امان کي ڳالهہ پسند نہ آئي، جنهن تان سندن جهيڙو ٿيو. امان کي سَمجهايُم، مُنهنجَي ڪري پنهنجو گهر برباد نہ ڪر. پر هُوءَ مون سان زيادتيءَ لاءِ تيار نہ هئي. جهيڙو روز جو معمول بڻجي ويو. هڪ ڏينهن ويڳي پيءُ ڪاوڙ ۾، ڪارُ جي تِيِنَ هيٺان ٻرندڙ ٿُلهي ڪاٺِي هَٽِي، امان کي ماري وِڌو. امان جا ڪپڙا ۽ جسم سڙڻ ڪري، ماڻهن کي ٻُڌايائين تہ، هُن خودڪشي ڪئي آهي. آئون ۽ امان جا ٻِيا ٻارَ حقيقت جِي خبر هُوندَي، ڪنهن کي ٻڌائي نہ سگهياسين. اسان کي ڊِڄ هو تہ جنهن امان کي ماريو آهي، اُهو ٻيو بہ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.

امان ڪانپوءِ هُن ظالم مُنهنجِي شادي، پَنهنجي مرضيءَ سان ڪَرائِي، پاڻ مُنهنجَي مُڙس جي جوان پيڻ سان شادي ڪيائين. مواليءَ سان شادي ٿيڻ ڪانپوءِ، مون سان ڇا ٿيڻو هو، هرڪو ڄاڻي سگهي ٿو. هُن ظالم سان مُنهنجي نِڻانَ، جيڪا سندس زال بڻجي گهر ۾ آئي، ڇا ڇا نہ ڪيو..! هُن جا ٻار جن جي ڪري هُو مون سان تعديون ڪندو هو، تن جا مائيءَ ماري ماري، بَخيا اُڌيڙي ڇڏيا. مون کي انهن تي ڪَهَلَ

ايندي هُئي، آخر هُو مُنهنجي پياريءَ ماءُ جا ٻچا هئا. امان جي ٻارن جو چا ٿيو انهن سان ڪهڙا وَيلَ وَهيا، اهو الڳ داستان آهي.

مون مڙس کي مقدر سمجهي، نڀائڻ جا جَتَنَ ڪيا، پر جيڪو نَشَي لاءِ حدون اورانگهي، گهر ۾ غير مردَ وٺي اچي، اُن سان ڪيئن ٿو نڀاءُ ٿي سگهي. آئون ٻيا ظلم سَهي ٿَي سگهيَس، پر اهو ڪم ڪنهن بہ صورت قبول نہ هو. نتيجي ۾ هُن طلاق ڏئي، معصوم ڌيءُ سميت گهران ڪڍي ڇڏيو.

****

بَي سهارا ٿيڻ تي "عارب خان" مون تي رحم ڪائي، پنهنجي گهر ۾ پناهہ ڏني. چاچي عارب خان کي نياڻيءَ ۽ پٽ جو اولاد هُيو. سندس نِياڻِي شادي شده ۽ پٽ احمد خان، روزگار جي سلسلي ۾، ملڪ کان ٻاهر ويَل هو. جنهن کي مُنهنجي گهر ۾ رهڻ بابت، آگاهہ ڪري ڇڏيائين.

ياد اَٿَمِ روزن جو مهينو هو. احمد خانَ، چاچا عارب خان ڏي پارسل موڪليو. جنهن ۾ ڪپڙا، رانديڪا، سُوڪڙيون ۽ خط هُيو. خط ۾ حال احوال سان گڏ، موڪليل شيُن جو ذڪر ٿيلُ هو. پِيلَي رنگ وارا ڪپڙا مون لاءِ، گلابي رنگ جا ڪپڙا ۽ رانديڪا مُنهنجي نندڙيءَ لاءِ ۽ ٻيا ڪپڙا چاچي، چاچِيءَ ۽ سندس پيڻ لاءِ. احمد خان طرفان موڪليل سُوکڙيون ڏسي، منهنجَي ناڪاره ٿيَل وجُود تي، ويساهہَ جِي وِيرَ چڙهڻ لَڳِي، دل جو ڪُوماٽل ٻُوٽو سَرهَو ٿي پيو. جسم ۾ وٽندڙ احساسَ جِي لَهر ڊوڙي وئي.

عِيدَ ڏينهُن چاچا عارب خان جي چوڻ تي مون، احمد خان پاران موڪليل ڪپڙا پاتا، نندڙيءَ کي بہ پارايا. نئين لکيَل خط ۾ احمد خان، چاچا عارب خان کان مُنهنجي باري ۾ پُڇيو. چاچا اُهو خط مون کي پڙهي ٻڌايو. احمد خان جَي اَڻ لَکَي احساسَ، مُنهنجَي اندر اُڃاتِي خوشي پيري ڇڏي. اهڙيءَ طرح آئون پَنهنجَنِ جِي ڏيڪاريلَ، پرائي گهر

۾ سُڪونَ سان زندگي گهارڻ لڳيَس.

ذوالحج مهيني جي پهرين ٻين تاريخ، احمد خان جو خط آيو. عيد تي اچڻ جو لکيائين، چاچا عارب خان ٻڌايو. ذهن ۾ ڪَئين خيال اچڻ لڳا، چِهرَي تي مُرڪَ سان گڏ، مُونجَهہ جو تاثر نِمايان ٿي پيو. عجيب ڪيفيت ختم ٿي، سٻاجهو نوجوان گهر ۾ داخل ٿيو. ڪيس ايندو ڏسي آئون اُٿي بيٺيَس، چاچِيءَ بسم الله چئي ڀاڪُرُ پائُسِ، پيءُ کي صالحُ پُٽُ، ڀيرِين پَئي مِليو. چاچَي عارب خان مُنهنجي مٿي تي هٿ رکندي ٻڌايُس، هيءَ آهي ڏيءَ سرتاجِ. احمد خان مون ڏانهن نِهاريو منهنجون نظرون جهُڪِي ويون. ننڍڙيءَ کي کٽندي چيائينس: ”مون تو لاءِ اِلاهي سارا رانديڪا آندا آهن.“ ان وقت احمد خان ۽ ننڍڙيءَ جي ٻَي نانءِ رِشتَي تي، ڏاڍو پيارُ آيو.

احمد خان جي اچڻ سان، چاچي عارب خان ۽ چاچيءَ وچ ۾، سندس شاديءَ بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ لڳي.

چاچو عارب خان: ”ڀلا ان ۾ بُرائي ڪهڙي آ، تہ احمد خان جِي شادي، سرتاجِ سان ٿئي، هوءَ عمر جي ننڍي، خوبصورت ۽ بااخلاق آهي، باقي طلاقيَل هجڻ بابت پاڻ ڄاڻون ٿا، تہ ڏوهي ڪيرُ آهي.“

چاچِي: ”تون صحيح ٿو چوين، پر احمد خان کان مرضي پڇڻ ضروري آهي.“

”ها ڀاڳيري بلڪل ضروري آهي، مون کي پڪ آهي احمد خان جو جوابُ، ها ۾ هوندو.“

ٻئي ڏينهن ڪمري ۾ چاچِي، احمد خان کان سندس مرضي پُڇي رهي هئي. مُنهنجي دل ٻيهڻ لڳي، بدن ٿڌو ٿي ويو پر جڏهن احمد خان جا لفظ: ”امان جيئن اوهان جِي مرضي، آئون اوهان جَي خوشيءَ ۾ خوش آهيان.“ ڪَنَنِ تي پيا، تہ دل جِي ڌڙڪن تيز ٿي وئي، جانِ ۾ گرمي اچي ويئي.

احمد خان سان شادي ٿي، هُن جي پِريتِ ماضيءَ جي زخمن

ڪي مِٺائي ڇڏيو زندگيءَ جو اهو رُوپُ. خدا سَڀَ هر ناريءَ ڪي نصيب ڪري. احمد خان ننڍڙيءَ سان پيار ڪندو هو. آئون ڪيس چوندي هُيَس: ”احمد، ايڏو قربُ نہ ڏِينس، جنهن ڪي رت ڇاوَن ڪانپوءِ برقرار رکي نہ سگهين.“

وراڻيندو هُيو: ”سرتاجِ، هيءَ ننڍڙي مونکي سڀني کان پياري رَهندي،اِهو وقت ثابت ڪندو.“

احمد خان جَي ساٿ ۾ زندگيءَ جا ست سال، ايئن گذري ويا جو احساس ئي نہ ٿيو تہ گهر ۾ ڪير سڀگو آهي، ڪير وَيڳو. ان عرصي دوران چاچو عارب خان ۽ چاچِي، فاني جهانُ ڇڏي چُڪا.

جَنتَ ڪي نظر لڳي ويئي، ڪو نانگ سراپَي ويو. آئون معمول مطابق ڪمَ ۾ مصروف، دروازو ڪڙڪيو. در کوليُم ايمبولينس ڪي بيٺل ڏٺم. پيرن هيٺان ڌرتي نڪري وئي، ڪنهن ٻڌايو: ”احمد خان حادثي ۾ فوت ٿي ويو آهي.“

بهارن ڀري زندگي، خزان ۾ بدلجي وئي، ڪجهہ وقت احمد خان جا مِٽ مائٽ، پاڙي وارا ايندا ويندا رهيا. احمد خان مالدار نہ هيو. گڏ ٿيل پئسا ختم ٿيا. مون کي گهر هلائڻ لاءِ مجبوراً ٻاهر نڪرڻو پيو. مَنَ ۾ ٻارن جي مستقبل ۽ احمد خان جي يادن کانسواءِ ڪجهہ ناهي. ماڻهو وحشي نِگاهہَ وجهندي، جُملا ڪَسِيِنِ ٿا. مجبور عورت جو احساسُ ڪرڻ بجاءِ، آڱريون کڻن ٿا مُون مٿان.... دل مان صدا نڪري ٿِي، ”ڪنهن سان سَڀَ اِيئن نہ ٿئي!!!.“

❖

# قَمَرِي سالَ جا ڏَھہ ڏِينھَن

جاگرافيءَ جو استادُ ھُئڻَ جي ناتَي، ڪَيسِ مَضمُونَ مُتَعلق تمام گَھڻِي مَعلُوماتِ، ھِنَ دؤر ۾ آسانُ ٿِي پيو آھي، ڪنھن سان ڪا ڄاڻَ وَنڊِڻَ. ھُو ٻہ گرميءَ سرديءَ، مِينَھن جُھڙَ ۽ سامُونڊِي طُوفانَن بابت ڄاڻَ، فَيسِ بُڪَ تي شيئر ڪندو رھندو. ڪَڇِھرِيءَ دؤرانِ ھر ڳالھہ ڏِيانَ سان ٻُڌَندَو، وِچَ ۾ نہ ڳالھائيندو. ھَلندڙُ مَوضُوع ختم ٿيندو، پَنھنجِي راءِ ڏئِي اُٿِي ويندو. مانِي کائڻ جو شوقين بلڪل نہ، پر مَعدَي جو مَسئلَو ھُوندَي بہ، چانھہ سان گھڻو چاھہُ رکندو.

دوستيءَ ۾ بيحد لحاظ رکڻ جو قائلُ، تمام حَساس ڪنھن جِي ڳالھہ نہ وَٽندَسِ، ٿَوڪِڻَ ڪان سوا، ڪچھري چِڏِي ھليو ويندو. بلڪل مُنفَرد طبيعت جو ماڻھو. ڪِنِ معاملن ۾ ڪَيسِ چَڱيءَ رِيتِ سَمجِھي وَنِبَو پر ڪِنِ حوالن سان ھُو سمجھ ۾ ناھَي ايندو. سراسري طور سُنَوانِسانُ. موبائيل فونِ تي پَريِرو ٿِي ڳالھائيندو، ٻِيُون ٽِيُون دفعو ڳالھائيندَي ڏِسِي وَنِبُسِ، پاڻ اچي ٻُڌائيندَو سائين ياءُ جِي فونِ ھُئِي، يا چوندو ڪنھن ھارِي نارِيءَ سان پئَي ڳالھايُم. ڪجھ وَقتُ اَڳُ ڪنھن سان، عِشقَ ۾ پِروبَل ھُئڻَ ڪري، ھر وَقتِ موبائيل تي ڳالھائيندَو ھو خبر ناھي اھو سِلسِلو ڇو ٽُٽِي ويُسِ، پر ياءُ سان يا ھارِي نارِي سان ڳالھائڻ وارِي وَضاحتَ، اُنَ ڪري ڪندو آھي. مون ڪي خبر آھي تہ ھاڻِ ھُو، ڪنھن پِرِين پيارَي سان ڪونہ ٿو ڳالھائَي، پر نَظرُنِ ڪي جانچِي وٺندو آھي، تہ دوستَنِ ڪي گُمانُ ٿِئَي ٿو، ڪنھن

صِنفِ نازُڪ سان ڳالهائڻ جو.

مُون اِهڙا نَفِيس ۽ شِرمِيلا ماڻهو ٿورا ڏٺا آهن. ڪچهريءَ دؤران خِيالُ ڪندو آهيان، تہ هُنَ جَي حوالي سان، يا ساڻس ڳالهائيندَي اِهڙو لَفظُ نہ نِڪرَي، جو ڪَيسِ ڏُکيو لَڳَي. هُونئَن بہ شَرمَ وارَي شخص سان، هر ڪنهن کي اِهڙو ئِي رَوَيو رکڻ گُهرجَي، ڇو جو حَياءَ جِي اِها تقاضا آهي.

چيائين: ”سائِين هاڻي ڪَيڏِيون گرميون ٿيون پَوَنِ. اَڳُ تہ اِيئَن نہ هُيو. آئون سمجهان ٿو اِهَو گِلوبَل وارِمنگِ جو معاملو آهي.“

مُون وَراڻِيُس: ”اِهو اوهان جو سَبجَيڪٽُ آهي. توهان کي وڌيڪ خبر هُوندِي اِنَ سِلسِلَي ۾. آئون مُعاشِياتِ جو ماڻهو آهيان. شاگردن کي سمجهائيندو آهيان تہ قَيمَتون، شَيُنِ جي طَلَبَ ۽ پَهُچَ سان گهٽجَنِ ۽ وَڌَنِ ٿِيون. وَڌِي مَتَي مارِيءَ کان پوءِ کَينِ، شَيُنِ جَي قِيمتُنِ گهَٽجَڻَ ۽ وَڌَڻَ جو معاملو سمجه ۾ ايندو اَٿَنِ. سو گِلوبَلِ وارِمنگِ وارو مَنطَقُ، مَعَيشِيَتَ وارن کي ڏُکِيَو سمجه ۾ اِيندو.“

”سائين خِلا ۾ مَوجُود اَوزَونِ جَي تَهہَ ۾، سَوراخُ ٿِي ويو آهي، اُنَ جو سبب فَيڪِٽريُنِ، کُورَنِ ۽ دنيا تي هلندڙ ڪروڙين گاڏيُن جو دُونهون، فَصُلَنِ جِي باقياتِ کي باهہ لڳائڻ ۽ مُختَلفُ ڪِيمِيائِي عَملَنِ مان پيدا ٿِيندڙ بُخاراتِ وغيره آهن.“

”اوهان اِنَ مضمون جا اُستادَ آهيو. سَبِجَيڪٽَ ۾ ماسِٽَرسِ ڪَئِي اَٿَوَ هاڻي پِي اَيچ ڊِي ڪرڻ لاءِ، تَحقِيقِي ڪَمُ ڪري رهيا آهيو. يَقِينَنِ توهان جِي ڄاڻَ دُرستُ هُوندي.“

”سائين اوهان جِي راءِ ڇا آهي، هِي گَرمِيُنِ سَرِديُنِ جَي موسم ۾ تبديلي، مينهَن ڪِٿي گهٽ ۽ ڪِٿي گهڻا پَوڻُ، ڇا ٿا سمجهو اِهو اِيئَن ڇو آهي؟“

”مون کي بِي خبر ناهَي، پر سمجه ۾ اِهو ٿو اَچِي، تہ اِها قادِرَ جِي قُدرَتَ آهي، عِيسوِي سَنَ جي پيٽ ۾ هَرِ سالِ، قَمَرِي سالَ جا ڏَهہ

ڏِينهَن، ڪُتِرَ واري مَنِطَقَ ۾، مَوسَمُنِ جِي ڦَيرِ گھيرِ، بَرساتِ جَي گھٽِ وَڌِ پَوَڻُ ۽ هَوائُنِ جَي تَبدِيليءَ جو رازُ سَمايَلُ آهي. باقِي ظاهِرِي سَبَبُ جَنهَن جو ماهِرَ ذِڪرُ ڪَنِ ٿا ۽ مُون کي بہ سمجھ ۾ اَچِي ٿو اُهو آهي، وِٽَنِ جِي وادِي ۽ ڪَچِي وارَي عِلائقَي مان ٻِيلَنِ جو خاتِمو. قدرت جو ”اِيڪو سِسٽَمُ“ اِنَ سان بيحد مُتاثِر ٿِئَي ٿو. نَتِيجَي ۾ گَرمِي پَدُ ۽ بَرساتِي نِظامُ بہ اَثَرِ پَذِير ٿِئَي ٿو. اِنَهنِ ڏَهَنِ ڏِينهَنِ جَي فَرَقَ سان ئِي، هر ٻَنجَٽِيهَين سالِ، عِيسوِي سالَ جَي حساب سان، ساڳِيُنِ تاريخُنِ تي ساڳِي مُندَ هُجَي ٿِي، ساڳِيا مِينهَن وَسَنِ ٿا ۽ ساڳِي هِيرَ گھُلَي ٿِي.“

مُنهنجِي راءِ غَورَ سان ٻڌائين، مُنهَن تي حَيرتَ جو تاثُرُ آندائِين، ڪُرسيءَ تان اُٿَندَي چَيائِين: ”واقعِي سائِين ٻَنجَٽِيهَ سالَ اَڳُ بہ، هِنَ سالَ جِهڙِي مَوسمَ هُئِي...“

❖

# جُدائيءَ جِي پيڙا

حيدرآباد ۾شام جَي شفٽ وارن ڪاليجن اندر ڪو ايجوڪيشن جو رواج رهيو آهي، جنهن جو صبح واري شفٽ ۾ نہ پڙهي سگهندڙ ڇوڪِرا ۽ ڇوڪِريُون لُطف ماڻيندا رهيا آهن. ڪلاس روم ۾ ڇوڪَرَنِ ۽ ڇوڪِريُنِ جَي بينچز تي، اڳيان پٺيان ويهڻ ۾ هِڪ طراوَتَ آهي. انسان جي فطرت ۾، مخالف جِنسَ ڏانهن تانگهہ شامل آهي، ۽ اهو تڏهن ممڪن آ، جڏهن ٻيئي هڪ هنڌ موجود هجن.

سُهڻيءَ، شام جي شفٽ واري ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جتي آئون ليڪچرر هُيس، ڪيس پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. ٻهراڙيءَ جِي ڇوڪِري، اُٿڻي ويهڻي ۽ انداز بہ ڀوڳناڪو. ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي ماساتَ سان شادي ٿِيَل. ڪلاس اندر ڳالهہ ڳالهہ تي، گهروارَي جِي تعريف ڪري وٺڻ، سندس عادت ۾ شامل. مُڙس سان سِڪ جِي حامي ڀريندي رهندي، ان جي سادگيءَ ۽ سُنائيءَ تي ڳالهائڻ سندس پسنديده موضوع. بيضوي شڪل جي ڇهري مان، خوبصورت ۽ سادَي هئڻ جو گڏيل احساس ڏياريندڙ شخصيت. عجيب مزاج، ڪڏهن سمجهدار لڳندي، ڪڏهن بي سمجهہ. ڪيس پهرئين سال آئون بلڪل سمجهي نہ سگهيس، ٻئين سال انٽر ۾ ڪيس پٽ ڄائو. جنهن جو نالو وجاهت رکيائين.

سندس ترقي ڪري وڏو ماڻهو ٿيڻ وارو شوق، هُن جِي خُوبي نہ، پر خامي لڳندو هو. هُوءَ پاڻ کي هوشيار سمجهندي هُئي، پر عملي

طور ان کي ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. ڪلاسز ۾ ريگيولر. جمعي ڏينهن اڪثر شاگرد نہ ايندا، هيءَ ضرور ايندي. استاد ڪان وڏيڪ شاگردن کي ڪير سمجهندو. هڪڙا روز ايندا ڪلاس اٽينڊ ڪندا، نوٽ بُڪس تي تڪڙ تڪڙ ۾ لکندا، پر ڪانئن سوال پڇبو، جواب نہ ڏئي سگهندا. ٻيان ريگيولر نہ هوندا، ڪڏهن ڪڏهن ڪلاسن ۾ ايندا، استاد کي غور سان ٻڌندا، لکندا ڪونہ. ڪانئن سوال پڇبو، درست جواب ڏيندا. حقيقت ۾ ٻئين درجي وارا شاگردَ، محنت سان سٺا نمبر کڻي، عملي زندگيءَ ۾ ڪامياب ماڻهين ٿا.

سُهڻيءَ جو شمارُ اجا ئي ٽئين قسم جي شاگردن ۾ هُيو. هُوءَ ڪلاسن ۾ باقائدگيءَ سان ايندي، استاد جي پڙهائڻ دوران نوٽس لکندي، جلد ۾ ٽاپڪ کي سمجهڻ ڪان قاصر. استاد جي پڇيَل هر سوال جو جواب ضرور ڏيندي، انگريزي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي پر ذهانت جي حوالي سان پُوري پُني. ڪاليج ۾ ٻہ سال پڙهي انٽر ڪامرس چڱن نمبرن سان پاس ڪري، يونيورسٽيءَ ۾ ريگيولر پڙهڻ بدران، پرائيويٽ طور بي اي، ايم اي ڪرڻ کي ترجيح ڏنائين ۽ مالي حالات درست نہ هئڻ ڪري، ايڊورٽائيزنگ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ لڳي.

شهري ماحول ۾ اٿڻ ويهڻ، ٻيَن ماڻهن سان ڏيٺ ويٺ ٿيڻ ۽ پرائيويٽ اداري ۾ نوڪري ڪرڻ ڪري، سندس مزاج ۾ تبديلي آئي. ماسات مُڙسَ سان اختلاف ٿيڻ لڳس، نتيجي طور ٻنهي جي ذهنن ۾، پڙهيل ۽ اڻپڙهيل وارو تضاد پيدا ٿيو جنهن جلد ئي سندن، ذهني هم آهنگيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو.

مڙس سان اڻ اعلانيَل علحدگيءَ سبب، سُهڻيءَ کي پٽ جي پڙهائيءَ جو گهڻو فڪر رهڻ لڳو. سندس چوڻ هُيو تہ ڳوٺ جو ماحول صحيح نہ آهي. هُوءَ وجاهت کي اهڙي ماحول مان ڪڍڻ جا سانباها ڪرڻ لڳي، سندس عمر چار سال ٿي تہ ڪيس پڙهائڻ لاءِ شهر منتقل ٿي

ويئي. هُن جو چوڻ هو، هاڻي هُن جي زندگيءَ جو مقصد، صرف ۽ صرف وجاهت کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ آهي.

ڪجهہ سالن پڄاڻان سُهڻيءَ مڙس کان، خُلع وٺڻ بابت ٻڌايو دلي صدمو رسيو سندس ماساتُ گھروارو ڳوناڻو ۽ سادو. سُهڻيءَ وانگيان ڪيس شهر جِي هوا نہ لڳي هُئي. هُو ٻني ٻاري جي ڪم ڪار ۾ رُڌلُ، ڪيس وڏو ماڻھو ٿيڻ جِي ڪا خواهش نہ. ان ڪري سندن اُٿڻي ويهڻيءَ ۾ فرق ٿي ويو.

وجاهت شهر جَي ڪڏهن ڪهڙي، ڪڏهن ڪهڙي اسڪول ۾ جِھڙي تِھڙي تعليم پرائيندو رهيو. ان جو سبب سُهڻيءَ جو شهر ۾ پنهنجو گھر نہ هئڻ هو. ڪِرائَي جو گھر سال ڏيڊ ۾ تبديل ٿيڻ ڪري، اسڪول بہ بدلجي پيو وڃي. سُهڻيءَ جي شهر ۾ رهڻ وارن ڇهن سالن ۾ چار اسڪول بدليا، جنهن جو وجاهت جي پڙهائيءَ ۽ رَوَيي تي سٺو اثر نہ ٿيو هُن لاءِ تعليم راند ٻڻجي وئي، ايئن سندس عمر تيرنهن چوڏهن سال ٿي ويئي.

سُهڻيءَ جو مزاج سُٺو هو. سندس نِيَت بهتر هُئي، ساڻس فون تي رابطو رهيو. هڪ ڏينهن ٻڌايائين تہ هُن، ايڊورٽائيزنگ ڪمپنيءَ جي مالڪ سان، شادي ڪري ڇڏي آهي. ڪيس شاديءَ جي مبارڪ ڏيڻ لاءِ آفيس ويس. رسپشن تي ويٺل ڇوڪريءَ کي چيم: ”ميڊم سُهڻيءَ سان ملڻو آهي.“

انٽرڪام تي ڪيس ٻڌائيندي چيائين: ”اوهان اندر وڃي سگھو ٿا.“

اُتي پليڪار ڪيائين، چيومانس: ”ماشاالله اوهان ۾، ڪا تبديلي نہ آئي آ.“

صَوفَنِ ڏانهن ايندي چيائين : ”سر آئون ساڳي ڀھراڙيءَ واري ڇوڪري آهيان، ۽ اوهان... اوهان مُنهنجا مُحسن آهيو...“

صوفا تي ويهندي چيم: ”شاديءَ جِي مبارڪ هُجيوَ.“

وراڻيائين: “خير مبارڪ.” سندس لفظن ۾ حقيقي خوشي محسوس نہ ڪيم.

آفيس بواءِ ڪي ڪولڊ ڊرنڪ، فروٽ وغيره ڏيڻ جو چيائين. ساڻس ڪافي ڳالهيون ٿيون، پڇيومانس : ”وجاهت ڪيئن آهي.“

گهِڙو ساهہ کڻندي چُپ ٿي ويئي.

مون چيس: “چا ٿيو.”

خاموش رهي، سندس چهري ڏانهن ڏٺم. اکيُن ۾ پاڻي پرجي آيس. ڳلن تي ڳوڙها ڳڙي پيَس، پاڻُ روڪي نہ سگهي، زور سان روئي پيئي. آئون پريشان ٿي، ڪجهہ دير لاءِ خاموش ٿي ويُس. سُهڻيءَ پاڻُ سنڀاليو تہ ڳالهايائين: “سر... سر وجاهت مون کي ڇڏي .....“ سندس زبان لفظن جو ساٿ نہ ڏنو.

“پر ڇو.. ڇا ٿيو هُن کي.. هُن ايئن ڇو ڪيو..”

“هُو منهنجي شاديءَ واري ڏينهن... پيءُ ڏانهن هليو ويو..”

ماءُ جي پٽ کان جدا ٿيڻ واري ڪيفيت ڏِسِي...! آئون بَي ڪَيف ٿي ويس...! ڪيس آٿت ڏيڻ لاءِ، مون وٽ ڪي بہ لفظ نہ هُيا...!

آفيس جي ڪمري ۾ خاموشي ڇانيَل رهي، هُن جي حالت کي ڏسندي مون اٿڻ جِي ڪئي، هُوءَ بہ اُٿي بيٺي. ساڻس موڪلايُم، وري اچڻ لاءِ چيائين. ڪيس ٻيهر اچڻ جو چئي، دروازي ڏانهن وڌيُس، هُوءَ بہ مون سان گڏ، ٻاهر اچي بيئي. گاڏيءَ ۾ ويهندي ڪيس پلائيءَ جِي دعا ڏنم، هُن جون اکيون ٻيهر سيراب ٿي ويون، لڳو ڪجهہ چوڻ چاهَي ٿِي، پر پُٽَ سان جُدائيءَ جي پِيڙا، سندس چپن کي چُرُڻ نہ ڏنو.

آئون روانو ٿي ويس پر منهنجا خيالَ، هُن جي خوابن کي پورا پورا ٿيَل ڏسي، هِڪُ سوال جَوڙَي بيٺا: ”وجاهت جَي تعليم جِي رُڪاوٽَ ڪير..؟ سُهڻي، خود وجاهت يا ايڊورٽائيزنگ ڪمپنيءَ جو مالِڪُ.؟“

❖

# مَڌُ جِي مَستِي

چاهت ۾ چريو ٿيڻ ڪان پوءِ، انگُ انگُ، نِينهَن جو قيدي بڻجي پيو، ساهہ جَي آواز مان، تُنهنجَي پساهن جِي مَڌُر جَهنڪار ٻُڌجڻ لَڳِي، ڪَنَنِ ۾ تنهنجا ٻولَ ٻُرَڻَ لڳا، دل جِي ڌڙڪن بي ترتيب ٿِي پَئي. تون ذهنَ تي پوريءَ طرح ڇانئجي وئينءَ. قلم جي نوڪ سان لڪجندڙ هر لفظُ، قصيدو بڻجي پيو. تُنهنجي پيار جو خُمار، حَواسَنِ تي حاوي ٿي ويو. تو سوا ٻيو ڪوئي موجود نہ پيو لڳي، آئون هر وقت تنهنجي خيالن ۾ جَڪڙِيَلُ رهڻ لڳس.

جدا ٿئي وقت گذري چڪو. ٿي سگهي ٿو وساري ڇڏيو هُجئي، آئون مسڪين ماڻهو تون اميرَ جِي زال. پهرين ملاقات واري گهڙِي، جنهن تي وڏو ناز هو. سعيد نہ رهي آ، اُنَ ساعتَ جَي موٽ ۾ جَوڙِيَلُ محل ڊهي پيو آ، خوشقسمتي رُٺَلَ آهي، جهولَ ۾ ڏُکندڙَ ڪارا گلاب آهن.

ياد آهي آئون ڪمپيوٽر ڪورسُ ڪرڻ لاءِ اڪيڊميءَ آيو هُيس، تون رسپشن تي ويٺل هُئينءَ. تُنهنجَي فرضن ۾ شامل هيو هر ايندڙ کي پليڪار چوڻ ۽ گهربل معلومات فراهم ڪرڻ. تنهنجو رَوَيو پنهنجائپ وارو هيو. ڏسڻ سان ايئن لڳو هو. جڻ تو سان اَزَلِي رشتو هجي.

مون اٺن هفتن واري ڪورس ۾ داخلا ورتي، سِکيا ڏيندڙ عملي

۾ شامل نہ هُوندَي ہہ. تون ڪجھہ نہ ڪجھہ سيکاريندي هُئينءَ. اڪيڊميءَ جي ننڍڙي ڪلاس روم ۾، روز جي انهن ملاقاتن ڪري، هڪٻئي سان ويجھڙائي ٿِي.

ڪورسُ پورو ٿي ويو. ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو. جنهن دوران گڏ جيئڻ مرڻ جا وَچَنَ ڪياسين. تو مجازي خدا سمجھي پُوڄيو. مون اُلفتَ جِي ڪا حد نہ ڇڏِي. پيارَ جَي اِنهن مَست اَلَست ڏينهن ۾، ڏُهاڱَ جِي ڏائڻ، پِريتِ تي وارُ ڪيو. تون جدا ٿي وئينءَ. غريبيءَ واري اَمُلھہ پيار جِي، اَميرَ جَي هٿان هارَ ٿِي. مون کي جدائيءَ جو وَيرا ڱُ مليو. تو کي مَصنُوعي پيارَ جو سَرابُ.

سَچي پيار کي ڏِڪاري، اَميرَ جي فريب ۾ اچڻ لاءِ، تون ذميوار هئينءَ. پر تو کي بيوفائيءَ جِي واٽ ڏيکارڻ ۾، منهنجو ڪردار ضرور هئو. جنهن تي افسوس آهي مونکي. تو جنهن شخص جَي ڪري ٺُڪرايو. سو منهنجو ئي دوست هُيو. مُکي باغ ۾ ملڻ وقت آئون ساڻس، تنهنجو تعارف نہ ڪرايان هان، نہ سندس آڇَ تي، هُن جي قيمتي ڪار ۾، ڪمپيوٽر اڪيڊميءَ وٽ توکي ڊراپ ڪريون ها. تہ شايد هِي ڏينهن ڏسڻا نہ پون ها.!!

مون سُڃاتو هُيو هُن جي نَظرُنِ کي، پر اندازو نہ هو. ويجھو دوست ايئن ڪري سگھي ٿو. هُو ڪنهن نہ ڪنهن بَهانَي، ڪمپيوٽر اڪيڊميءَ ۾ اچي، تو سان ملڻ، تو کي ننڍا وڏا تحفا ڏيڻ لڳو هو. ايئن تون سندس دولت کان متاثر ٿيڻ لڳينءَ. آهستي آهستي آئون تو لاءِ غير اهم ٿيندو وَيُس. شروع ۾ ان ڳالھہ جو ڪو خاص نوٽيس نہ ورتم، پوءِ تنهنجو ذهن تبديل ٿي ويو. هُن تو کي وَرغلائڻ ۾ ڪا ڪَسَرَ نہ ڇَڏِي، هڪ ڏينهن تو چيو. ”مهرباني ڪري هِتي نہ ايندو ڪر. تون اداري جو شاگرد نہ آهين.“

آئون دل هٿان مجبور، ڪڏهن ڪڏهن  تو وٽ ايندو رهيُس، تون رسمي جملا ڳالهائي، ڪو نہ ڪو بهانو ڪري، اُٿي هَلي ويندي رهينءَ. اهڙيءَ طرح تو ڏانهن اچڻ، هفتن کان پوءِ مهينن ۾ تبديل ٿي ويو. ڪافي وقت کان پوءِ اڪيڊميءَ آيُس، خبر پيئي تو اُن سان شادي ڪري، نوڪري ڇڏي ڏني آهي.

دردَ کان ڪِينهَون ڪيَم، روئندو رهيُس، يادن پِيڇو نہ ڇڏيو. جدائيءَ جَي غم کي گهٽائڻ لاءِ، مَڌُ جو سهارو ورتم. مَڌُ جِي مَستي ڪجهہ وقت لاءِ ياد کسي وٺندي آهي، وري حَواسَ سالِم ٿيڻ سان، يادن جو طوفان اچي ڪَڙڪَندو آ. گهر ياتي بيزار آهن، پاڙي وارا موالي چوڻ لڳا هِن... ڪين ڪهڙي خبر، آئون دارونءَ سان، ڪِهڙَي دَردَ جِي دوا ٿو ڪيان.

❖

# ڪاش اِيئن نہ ٿِئي ها..!

سوچيان ٿو: ”سيما سان پيش آيل غمناڪ واقعي جو، وڏيڪ ڏوهاري آهيان. آئون سيما جي پيٽ ۾، حقيقتن کان وڏيڪ واقف هُيس، منهنجو فرص بڻجي پيو، تہ هن کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيان ها. مون سيما کي حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ جِي، ڪيترا دفعا ڪوشش ڪئي، پر هُنَ جَي ڪَنَ لاتار ڪرڻ، ڳالهہ مَٽائي ڇڏڻ ڪري، هُنَ کي ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ سگهيس. باوجود ان جَي سِيما شاديءَ لاءِ چيو تہ مون کي صاف انڪار ڪري ڇڏڻ کپندو هو ها..! بلڪل، ايئن ڪرڻ کپندو هو.“

سِيما کي بي انتها محبت هئي مون سان. اُلفت جي غَلبَي ۾ ڪردار جِي پَرکَ ناهي ٿيندي، هر ماڻهو سنو لڳندو آهي. سِيما جيان آئون پيارَ جَي تِيرَ جو شڪارُ پر انجام کان بي خبر نہ هُيس. معاملي کي سمجهندي ڪوشش ڪَيَم، سِيما کي آگاهہ ڪريان، پر ڪامياب ٿي نہ سگهيُس.

آئون پرائيويٽ طور گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ، تياريُن ۾ هُيس تہ سنڌي ادب ۾ ريگيولر ايم اي ڪريان. هونئن بہ مُنهنجو ادب سان تعلق جُڙيل هيو. آئون ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هُيس، ڪافي ڪهاڻيون، شاعري ۽ ڪالم اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چُڪا هئا. ادبي دنيا ۾ گهڻي شُهرتَ نہ هُئي، پر ادب سان ذوق رکندڙ هر ماڻهو سڃاڻندو هُيو.

سِيما لکڻيُن جي حوالي سان مُنهنجِي مداح هُئي، ساڻس

ملاقات اتفاق سان ٿي. يونيورسٽيءَ طرفان داخلائن جي اعلان بعد، آئون داخلا فارم وٺي حيدرآباد واپس ايندي، سنڌيالاجي هليو وَيُس. گهڻو حساس هجڻ ڪري، هر تاريخي ڊايوراما، مُجَسمَي ۽ شَهپارَي کي غور سان ڏسندي، ايترو وقت ٿي لڳايُم، ٻيا ڏسڻ وارا سڄو ميوزم ڏسي پيا وڃن. آئون چند ڊايوراما ڏسي پئي سگهيُس. موهن جي دڙي واري ڊايوراما کي ڏسندي، خيالن ۾ آباد وستيءَ جو سير ڪري رهيو هُيس، نفيس آواز جي سماعت سان ٽڪرائجڻ تي، سوچن جي آغوش مان نڪتُس، ڪَنڌ ڏُوڻيندي، "هُون" ڪَيَم.

"جلدي ڪريو ميوزيم بند ٿيڻ جو ٽائيم ٿي رهيو آ."

ڳالهائڻ واريءَ کي "ها" چيم. اڳتي هلڻ لَڳُس. خيال آيو هوءَ چوي ٺيڪ ٿي، پر آهي ڪير. چيومانس: "اوهان جو تعارف."

"آئون سِيما آهيان. ايم اي ڪرڻ ٿي چاهيان. داخلا جي سلسلي ۾ يونيورسٽيءَ اچڻ ٿيو. سنڌيالاجي ميوزيم ڏسڻ جو شوق هُيو سو هيڏانهن اچي وَيَسِ. توهان اڳ ڪان هتي موجود هُيا. مون سڄو ميوزيم ڏسي ورتو. توهان مَس موهن جي دڙي واري ڊايوراما تائين پهتا آهيو. جيڪڏهن ڀُلجان نہ ٿِي، اوهان سانول راهي آهيو." هَٻڪندي پنهنجي تعارف سان، مُنهنجِي سڃاڻپ ٻُڌائي ڇڏيائين.

اَڻسُڃاتل ڇوڪريءَ پاران، سڃاڻڻ تي بيحد خوشي ٿي، زندگيءَ جِي اها گهڙي اهم لڳي. ڪيس جلد ۾ يقين ڏياريُم: "توهان ڀُلجو نہ ٿيون، آئون سانول راهي آهيان."

"مون توهان جون لکڻيون رسالن، اخبارن ۾ پڙهيون ۽ فوٽو ڏٺا آهن. غور سان ڏٺم سڃاڻي ورتم. اوهان جون تحريرون متاثر ڪندڙ ڪهاڻين جا پلاٽ ۽ ڪردار حقيقي لڳندا آهن. خُوبُ منظرنگاري ٿا ڪريو. سچ اوهان سان ملڻ، مون لاءِ باعثِ مُسرت آهي. "

"مهرباني. توهان سان مِلي، مون کي بہ خوشي ٿي آهي. ٻڌايو اوهان جِي ڪهڙي خدمت ڪريان."

”اوهان سان ملڻ خوش نصيبي آهي، خدمت جِي ڪا ڳالهه ناهي، ميوزيم بند ٿي رهيو آ. پاڻ کي هلڻ گهرجي.“

آئون سڀاڻي داخلا فارم جمع ڪرائڻ ايندس، مناسب سمجهو تہ سينٽرل لائبريءَ جي سامهون، زيرو پوائنٽ وٽ ملاقات ڪريون.“

سِيما سان پهرين ملاقات جَي، عَجَبُ اتفاق ڪانپوءِ اسان ٻَئِي ڏينهُن، زيرو پوائنٽ تي ملياسين. آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڪينٽين تي چانهہ پيتي، سموسا کاڌا، ڪچهري ڪئي سون، جنهن ملاقات جي اشتياق کي ويتر وڌائي ڇڏيو. داخلائن کان پوءِ ڪلاس هلڻ شروع ٿيا. مختلف مضمونن ۾ ايم اي ڪرڻ باوجود، روزانہ ملاقات ٿيڻ لڳي.

پيارَ پاڇولَنِ ۾ احساسُ نہ رهيو، پڙهڻ وارو وقت ڪيئن گذري ويو، ياد آهي اسان ٻيئي ايم اي جي سَنَدَ وٺي، يونيءَ جو اندريون رستو پَنڌِ لتاڙي، سنڌيالاجيءَ وٽان بس ۾ چڙهندي، مادر علميءَ کي خدا حافظ چيو هوسين، دِلِيُنِ ۾ عَجَبُ خوشيءَ گاڏڙ ڏُکَ جون، وِيرُون لَهِي چَڙهِي رهيون هون.

سِيما بئنڪ جوائن ڪري ورتي، آفيس ۾ مليومانس چيائين: ”مائٽن کي جلد بابا ڏانهن سڱ گهرڻ لاءِ مَوڪلِ، تو کي خبر آهي، امان جي وفات ٿي چُڪي آ. آئون سروس ۾ اچي ويئي آهيان، بابا جِي طبيعت صحيح نہ ٿِي رَهَي، هو چاهي ٿو مُنهنجِي شادي جلد ٿِي وَڃَي.“

سِيما جي واتان شاديءَ جي ڳالهه ٻڌي ڪَنبِي وَيُس، آئون شادي شده ٻارن وارو هيُس. ڪيس الاهي دفعا اها ڳالهہ ٻڌائڻ چاهي هُيم، پر هُنَ ڪڏهن موقعو ئي نہ ڏنو. ان ڏينهن مون سِيما کي حقيقت ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، چيومانس: ”امان بابا هيڏي نہ ايندا ڇو جو...“

جُملو ڪٽيندي چيائين: ڇو ڇا... جِي ڳالهہ ناهي، هُو نہ ٿا اچن، صرف تون اچ. بابا توکي چڱيءَ طرح سڃاڻي ٿو ان معاملي ۾ بابا مون کي خودمختيار ڇڏيو آهي، اُن سان ڳالهائي ڇَڏينديَس. شادي

سادي نموني ڪنداسين، پلي اهو سيڻ لاءِ سرپرائيز هُجي.

سِيما جو پيءُ سرڪاري ملازم، سرڪاري گهر ۾ رهندو هو. شاديءَ ڪانپوءِ آئون اُتي رهڻ لڳس. وقت پُڄاڻان سِيما جو پيءُ دل جي دوري سبب گذاري ويو. آئون روولاڪ ادبي لڏي جو ماڻهو هيئنڙ تائين پهرين گهرواريءَ کي ٻين شاديءَ جو نه ٻڌايو هُيم. ڳوٺ حيدرآباد کي صفا ويجهو هئڻ ڪري، هَيڏَي هَوڏَي اَچڻُ وَڃڻُ مَينَيج ڪريو ويٺو هُيس، بابا سائين جِي مدد هُئي، هُو مون کي لِڪارِي سمجهندي آڏي پُڇا نه ڪندو هو پر هاڻ سِيما جَي پيءُ جِي وفات ۾ سندس سرڪاري گهر ڇڏڻ ڪري، ڪنهن کان به رازُ لِڪائڻُ ممڪن نه رهيو. بابا امان کي ٻڌايُم، ڪَين پهرين گهرواريءِ ٻارن سان ڏوڪي جو صدمو رَسِيو پر ماءُ پيءُ ته چُپرُ چانوَ آهن، صبر ڪري ويا.

جَيتَرِ شَهرَ ۾ گهر جو بندوبست ٿِئي، سِيما کي ڳوٺ رهائڻ جو پروگرام ناهيُم. مون چاهيو ته ڪيس حقيقت ٻڌايان، پر پيءُ جي تازي صدمي سبب، نه ٻُڌائَي سَگهيومانس، سوچيُم ڳوٺ هلي پاڻ ئِي خبر پَوَندَسِ.

ڳوٺ پهتاسين ڪيس حقيقت جي خبر پوڻي هُئي سا پَيئي، پهرين گهر واريءَ جا به تاڪَ لڳي ويا. به شينهن ٻيلي ۾ اچي ويا، مون کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڇا ڪريان ۽ ڇا ڪري ويٺو آهيان. مون کي پنهنجا ٻار ۽ ٻئي گهر واريون، هڪ جيتريون عزيز هيون، آئون ڪنهن کي ڇڏڻ جو سوچي به نه پيو سگهان.

سِيما تان هي سڀ ڪجهه ڏسي، محبت جو جُنون جَهڪو ٿيڻ لڳو، پهرين گهر وارِي پاڻ سان مذاق ڏسي چُپ رهي نه سگهي. هنن جي پاڻ ۾ نوڪ جهوڪ شروع ٿي، پوءِ جُنڊا پَٽَ، هَلندَي ڳالهه ان حد تائين پَهُتِي، جو سِيما هِسٽريا جِي مَرِيضا بڻجي ويئي. منهنجو وجود ڪئين ٽُڪرَنِ ۾ ورهائجي ويو، ڪاش ائين نه ٿئي ها...!

❖

# آيا جوڀَنَ ڏينهڙا

ننڍپڻ کان منفرد طبيعت جو مالڪ، هم عمر ڇوڪرين کان وڌيڪ، وڏين مائين کي پسند ڪندڙ گهر آيل مائيءَ سان بي تڪلف ٿي ڳالهائڻ تي، ڪيس ماءُ سمجهايو، ”پٽَ ان سان ڀوڳَ چَرچا نہ ڪندو ڪر.“ ڪيس سمجھہ ۾ نہ آيو. آخر امان ڇو مَنع ڪَئِي. عورت جو سَندنِ گهر اچڻ وڃڻ هو. ان سان ڳالهيون ڪندو هو. ماءُ جي سمجهائڻ کان پوءِ احتياط ڪندَي، ماٺهس نہ هُوندِي، تہ ساڻس خُوبُ ڪچهري ڪندو. جيتوڻيڪ ننڍو هيو، پر عورت کي وٽندڙ نظرن سان ڏسندو هو.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. هُن جو قد ڊگهو ٿي ويو. سندس مُنهن تي مَوهيڙا نِڪري پيا. سيني تي ٻنهي طرف خارش ۽ مِنو سُور محسوس ڪيائين. عورت کي ٻڌايائين، ان وراڻيُس، ”انهن ڏينهن ۾ ايئن ٿيندو آهي.“ جواب سمجھہ ۾ نہ آيُس، پر ڪانئس وڌيڪ پُڇِي نہ سگهيو.

سُمهڻ وقت ڪيس مِنو سُورُ، بيچَينِي ڏيندو، عَجيبُ لَذَتَ پڻ. وٽندڙ سُورَ وارين جايُن تي، آڱريون ڦيرڻ سان، سُرُورُ اچي ويندس. لَذتَ کان پوءِ ڪيس، عورت جا چيل لفظ ”انهن ڏينهن ۾ ايئن ٿيندو آهي“ سمجھہ ۾ اچڻ لڳا. گذرندي وقت سان محسوس ڪيائين، سندس ٻُڙِڙين جِي تَولهہ، وَيڪرِ وڌي ويئي آ. سِينَي تي اُڀري آيون آهن، ڪيس سڀ ڪجھہ سنو لڳڻ لڳو.

آئيني ۾ غور ڪرڻ سان، چهرو بدليَل، مُڇُن ۽ ڏاڙهيءَ جِي

ساوَلِ، ٻَگَلَ ٻاڙها، اکيون خُماريَل نظر آيس. آواز ڀَرَي ٿيڻ سان گڏ، جِسمَ جَي حصن ۾ ڀراڻ محسوس ڪيائين. پنهنجو بدن مضبوط لڳڻ لَڳُس، ايئن پيو پيانئين جڻ دِلِ دِماغَ ۾ جوين پرجي ويو هُجيس. طبيعت پوڳائي هُيس، پوءِ بہ جسم ۾ آيل تبديليُن جو ذڪر ڪندَي، شرم ٿَي آيُس. ڳُجهہ ڪي سَليائين معلوم ٿِيُس، هُو هاڻي ڇوڪرائپ جِي حَدَ ٽُپي، جوانيءَ ۾ داخل ٿي ويو آهي.

سَندنِ ڳوٺِ انين پندرهين ڏينهن حجم ايندو هو. ڳوٺ جا ٻار (جن ۾ هُو بہ شامل) ان کان سَيربَ ڪرائيندا ها. مَردَ مَٿيَ جي وارن سان گڏ ڏاڙهي، شهپرَ ۽ بغلن جا وارَ بہ حجم کان لهرائيندا. ڪانئس پاڪِي تِکِي ڪَرائَي هيڏي هوڏي نڪري ويندا. ڪيس سمجهہ ۾ نہ ايندو هو، حجم کان سنوارت ڪرائڻ کان پوءِ، پاڪِي ڪٽي ڪيڏانهن ٽا وڃن. جِسمَ ۾ تَبديليُن سان، پاڪيءَ جو رازُ سمجهہ ۾ آيُس.

طبيعت مان شرميلوپڻ ختم ٿي ويَس، اڳ رات جو ننڊ اچي ويندي هُيَس، پر هاڻي آسمان ۾ چنڊ تارن جَي، سُونهن کي تَڪِڻَ لَڳو. سِينَي تي آڱريُن جَي کَينچَلِ سان، مَنَ ۾ مانڌاڻُ مَتُس، اکيُن اڳيان ان عورت جو تصور ڦري آيس، جنهن سان ڳالهائڻ کان ماڻهس روڪيندي هُيس. سوچيندَي ننڊ ڦِٽي ويَس، سندس ذهن تي ان جا نقش ۽ ڳالهيون اچڻ لڳيون. هُوءَ ننڍائيءَ ۾ بہ ڪيس وڻندي هُئي، پر هاڻي ان سان ملندڙ ماڻهن جَي ڳالهين تي غورُ ڪرڻ سان، ڪيس سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اصل معاملو ڇا آهي؟ دَيرِ تائين خيالن جَي، وَرَنِ وَڪڙَنِ مان گُذرندَي، ننڊ اَچي ٿِي وَيَيسِ.

صبح جو عورت ڏانهن وڃي ٿو، هُوءَ سندس ڳالهيُن ۽ چور نَظرُنِ کي پَرکَي وَٺَي ٿِي، پر ڪيس محسوس نہ ٿِي ڪَرائَي. هُو روزانہ ان ڏانهن ويندو رهي ٿو. ڪيس ڇِٽيءَ طرح ڪا ڳالهہ نہ ٿو ڇَئَي، سندس اِشارَنِ ڪَنايَنِ کي مائي ڄاڻي واڻي نَٽائَي ٿِي ڇَڏَي. نِيٺِ هُو ڪيس سڌيءَ طرح، اَندرَ جِي ڳالهہ ڇئي ٿو ڏي، جنهن تي عورت، هِنَ کي اهڙي

ڪم ڪان پري رهڻ جِي تلقين ڪندَي، پَڙهائيءَ ڏانهن ڌيانُ ڏيڻ جو چَوي ٿِي. هُن زورُ ڀَريُس، ٻِيَن ماڻهن جا حوالا ڏنا، تہ ڪيس سمجهائيندي چيائين: ”مون ۾، ٻيَن ۾ ۽ تو ۾ تفاوتُ هُئڻُ گهُرجَي، جيڪڏهن سڀئي هِڪجِهڙا ٿِي وياسين، تہ پوءِ چَڱي ۽ مَنَي ۾ ڪهڙو فرق رهندو.!“

عَورتَ جِي سمجهاڻي ٻُڌي، لاجواب ٿي ويو. ڪيس حسرت ڀريَل نگاهُن سان ڏسندو، سندس گهر ڪان ٻاهر نِڪرِي ويو. پنهنجي گهر پهچي، عورت جي رَوَيَي تي غور ڪيائين. غلطيءَ جو اَحساسُ ٿِيُس، بُري ڪم ڪان بچڻ تي خوشي مَحسوسُ ڪيائين. پوءِ جنهن ڪيس بُرائيءَ ڪان بچايو ان کي اهڙي ڪم ڪان پري ڪرڻ جُون، سِٿَون سِٽڻَ لَڳَو.

❖

# ڏوڪيبازُ

فون جِي گھنٽي وڄڻ سان، رسيور کڻي ”هيلو“ چوان ٿو. جواب نہ ٿو ملي، ”هيلو..هيلو“ ڪندي، رسيور رکڻ جو سوچيان ٿو ته ٻئي پاسي کان ”هيلو“ جو آواز اچي ٿو.

”ڪير، توهان ڪي ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي؟“

جواب نہ ٿو ملي، ڪجهہ گهڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ، ”هيلو“ چوي ٿِي.

هيلو چوڻ سان، سُڃاڻَي وٺان ٿو، هُوءَ غزَلِ آهي.

”غزَلِ تون آهين؟“

جواب ۾ ”ها“ ڪري ٿِي، سندس انداز مان لڳي ٿو اندرُ ڀريَل اَ ٿسِ، هُوءَ گھڻو ڪجهہ ٻڌائڻ ۽ پڇڻ چاهي ٿِي.

خاموشيءَ کي ٽوڙيندي مون ڳالهايو: ”غزَلِ ڪهڙا حالَ آهن.“

اُٻهري لَهجَي ۾ وراڻيائين: ”تو کي مُنهنجي حالَ سان ڪهڙي غرض آ؟“

ان کان اڳ جو ڪيس جواب ڏيان، ڪاوڙ مان چيائين: ”مون سان ڏوڳو ڪري تو کي ڇا مليو جو ڪيُئي مون سان فَريب؟“

ڏوڳَي جو لفظ ٻُڌِي، پيرَنِ هيٺان زمين نِڪري ويئي، پڇيومانس: ”مون تو سان ڪهڙو ڏوڳو ڪيو آهي؟“

جذباتي ٿي ويئي: ”تو مون سان ڏوڳو ناهي ڪيو. تو کي

ڪا خبر ناهي..! ڇو ٿو معصوم بڻجين. مُنهنجي زندگيءَ ۾ زَهَرُ پَرَي، وري پُڇين ٿو، تو سان ڪهڙو ڏَوڪَو ڪيو آ.“

خاموش ٿِي وَيُس..!

پڇڻ لڳي: ”خاموش ڇو آهين، جواب ڏي؟“

”مون ڪي اهڙو عمل نہ ٿو سُجهي، جنهن کي ڏوکَو تصور ڪري سگهان. مُحبتي جوڙا مستيءَ ۾ اهڙا ڪم ڪري ويندا آهن، جن جي نتيجي ۾ فَريب جنم وٺندا آهن. پاڻ اهڙو ڪجھ نہ ڪيو آهي.“

جواب ٻُڌي، وڌيڪ چِڙَ ۾ اچي ويئي: ”آئون اُن ڏَوکَي جِي ڳالھ نہ ٿِي ڪريان، جنهن ڏانهن تُنهنجو ڌيانُ ٿو وڃي. ڇا ڏوکو صرف اهو آهي، تہ ڪنهن سان ناجائز تعلقات قائم ڪري، اُن جَي تَنَ مَنَ کي مَيرو ڪَجَي. نہ.. ايئن ناهي، اصل ڏوکا رَوَيَنِ جا آهن. واعدن ۽ اخلاقي قدرن جا آهن. ڇا تو مون سان وعدا نہ ڪيا ها. جن جو مانُ رکڻ بجاءِ، تو انهن کي ٽوڙي ڇڏيو.“

ڪجھ پَلَ سانتِ. وري مُنهنجو آواز: ”اصل ۾ ايئن ناهي، جيئن تون سمجهين ٿِي.“

”باقي ڪيئن آهي، ٻُڌائين ڇو نہ ٿو؟“

............ دَردَ ڪان هُن جي ڳِلَي مان نِڪتَل هِڏڪِي، وري جملو: ”ٻُڌائين ڇو نہ ٿو؟“

مُنهنجَي ڪَنَنِ ۾، دَؤن دَؤن جا پَولارَنِ سان ٽڪرائجندڙَ آوازَ هُن جَي لَهجَي ۾ وڌيڪ ڪَڙاڻِ، بَيچَينِي، اَندرَ جِي لُڇَ پُڇَ، ڪاوڙ کي روڪي نہ سگهڻ جا سُڏڪا.......

”ظالم....... جاويد، آئون تو کي معاف نہ ڪنديَس.“

مُنهنجي چپن تي تالو لَڳَل.

”جاويدَ سَبَبُ نہ ٻُڌائيندَين، معاف نہ ڪنديَس تو کي، خدا جو قسم، ڏينهَن قيام جَي، بربادِيءَ جو حساب ضرور وٺنديَس.“

مون ڪيس ٻيهر سمجهائڻ جِي ڪوشش ڪَئِي: ”غَزَلِ ايئن ناهي، جيئن تون سمجهين ٿي، حقيقت اُهو ڄاڻي ٿو جنهن جي عدالت ۾ ڇڪرائڻ جِي ڳالهہ ٿِي ڪَرين. خدا جَي انصاف گهر ۾، تو اڳيان ضرور ايندُس، آئون عملن جو دارومدار نيَتُن تي، هُجڻَ وارَي فلسفي ۾ يقين رکان ٿو.“

ڪاوڙ جَهڪِي ٿِيَس، چيائين: ”جاويد، اڄ پَنهنجِي آخري ڳالهہ ٻولهہ آهي، ٻڌاءِ تو مون سان ٻِٽو معيار ڇو رکيو. تُنهنجَي مَنَ ۾ هِڪَ هُئي، تہ مون سان ٻِي ڳالهہ ڇو ڪيَئي؟“

”رازَ تان پردو کَڻڻُ مناسب نہ سمجهيم، ان ڪري ڪيس حقيقت نہ ٻڌايم.“

موڪلائڻ کان اڳ چيائين: ”جاويد تو مُنهنجَي پيار جِي تَوهِينَ ڪئي آهي، تو ڪي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪَنديَس.“

مون وراڻيس: ”پلي معاف نہ ڪَرِ، مُنهنجو ضَميرُ مطمئن آهي.“

چيائين: ”فَونِ رکان ٿِي.“

”خدا حافظ چئي، دعا نہ ڏيندينءَ!“

”آئون هاڻي ايئن نہ ٿِي ڪري سگهان.“

”مُنهنجون دعائون هميشہ تو سان گڏ رهنديون، خدا ڪندو ڪوسو واءُ نہ لڳندئي، ڏکيو ڏينهن نہ ڏسندينءَ. الله حافظ.“

رسيور رکي ڇڏيائين، آئون ڪافي دير، رِسِيورُ کَنَ تي رکي، ٽيليفون ڪنڊڻ وارو ٽَونِ ٻڌندو رَهيُس، ڇو تہ اِها غَزَلِ جِي آخري ڪالِ هُئِي.

❖

# ڏيَس جا ٻارَ

سانوڻ جَي موسم ۾، مِينهَن پَوَڻَ ڪانپوءِ، مِٽيءَ جي خوشبوءِ وارا ميدانَ، سج لهڻ جو خوبصورت نظارو، نئين پوکيَل فصل جا، زمين مان نِڪتَل مُنهَن ۽ برساتِ تي ڦُٽَلَ گاهہ جا سَلا، ڪليل هوا ۾ پنهنجي وجود کي لوڏي، خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيا هئا. پَکِيُنِ جا وَلَرَ چُڳڻ ڪانپوءِ، واهَيرَنِ ڏانهن وَرَندَي، مِنِيون لاتيون لَنوَندا پيا وڃن، ايئن پيو لڳي ڄڻ خوشيُن جا ترانا ڳائيندا هجن.

ميدانن ۾ مٽيءَ جي پِٽُنِ تي، معصوم ٻارَ ڊوڙون پائَي، لِڪَ لِڪوتي، اِڪِي ڏڪَر، وَنجَهہ وَٽِي، ڦِرڦِر سَئونٽو ۽ ٻيون رانديون ڪُڏَندي، ٽَڪِجَنِ پيا تہ ويهي پيا رهن. اُڄَ لڳڻ تي پرسان وهندڙ ميرَي پاڻيءَ جي اَڌَ مان، ٻُڪَ ڀَرِي پاڻي پِيئَنِ پيا، ڪَينِ ڪا ڳڻتي نہ هُئي، پَنهنجي ڌُنَ ۾ مَگَنُ، سَندنِ هَرِ چُرِپُرِ اُتَ وَيهہَ لاشعوري.

جان محمد ڳوٺ جو نوجوان، علم نفسيات جو شاگرد، يونيورسٽي بند هئڻ ڪري ڳوٺ آيل، شاگرد تنظيم جو سرگرم ڪارڪُن. هُو انساني نَفسياتِ جي باري ۾ ڪافي ڪجهہ ڄاڻندڙ، عام معلومات، سياست ۽ سماجيات جا ڪتاب پڙهڻ ڪري، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ، سياسي چُرِپُرِ ۽ نفسياتي لڳاءَ کان چڱيءَ طرح واقف. ڪيس خبر هئي تہ مظلوم قومن جي ٻارن جي زندگي ڪيئن گذرندي آهي ۽ آزاد قومن جا ٻار ڪيئن زندگي گذاريندا آهن، هي ڄاڻي پيو تہ اسان جي ديس جي ٻارن کي ڇا

ڪرڻ گهرجي.

ڳوٺَ ٻاهران جان محمد ڏسي ورتو، تہ ديس جا ٻار ڇا ڪري رهيا آهن. جيڪو ڏنائين سا صرف ٻاراڻي خوشي، بي شعوري، ناداني ۽ اڻڄاڻائي هئي، جنهن جو ڪو مقصد نہ هو. سوچيائين منهنجي ٻارائيءَ بہ ان طرح گُذرِي، صُبح جو ڳوٺ جَي ڳڪائين اسڪول ۾ الف .. اَنبُ، ب.. بَلا ڪيوسين، پوءِ جو سڄو وقت اَجاين ڪَيڏنِ ۽ حرڪتن ۾ گذريو. ڏڪا ٿابا ڪائي ڪاليج پهتس، سمجھ ۾ آيو انسان جَي زندگيءَ ۾ ٻالڪپڻ جِي ڪيڏي اهميت آهي.

ٻاروتَڻِ ماڻهوءَ جَي مستقبل جو سانچو آهي، اهو سُهڻو هوندو، تہ سندس آئيندو بہ سٺو ٿيندو. ٻارَ مستقبل جا معمارَ اجايون رانديون ڪيڏندي جوان ٿيندا، انهن ۾ سُجاڳِي ۽ حقن حاصل ڪرڻ جو شَعُورُ نہ هوندو. هَيترَنِ ٻارن مان ڪو ڪاليج، يونيورسٽيءَ تائين پهچندو، ٻيا سڀ نادانيءَ جَي رستي تي هلندي نادان رهندا، ۽ اهو ڪجھ ڪندا جيڪو سندن اَبَا ڏاڏا ڪندا رهيا آهن.

ٻارن ڪي جوان ٿيڻ تائين سماجيات، سياست ۽ ادب جِي خبر ئي ناهي، هُو نادانيءَ جَي صحرا ۾ پيا ڀٽڪَنِ. ڪو ٻارُ اسڪول ڪان اڳتي ڪاليج ۾ پهچي ٿو، تہ سندس ڪَنَ کَڙا ٿِ ـَينِ ٿا، معاشري ۾ مقام بابت خبر پوي ٿِي، ڳالھ جَي تَهہَ تائين پهچندَي، گهوڙا گهوڙا ڪرڻ شروع ڪري ٿو. شَعُورُ اِيندَي اِيندَي ذميواريون سِرَ تي اچي وَڃنِس ٿيون، مالي حالتن ڪان مجبور ٿِي، نوڪريءَ جي جُستجُو ۾ لَڳِي وڃي ٿو جَڏِي ڦِڏِي نوڪري ملڻ سان، پاڻ ڪي سُجاڻڻ وارو شَعُورُ، حق وٺڻ جو جذبو، اَنڌِي مَنڊِي نوڪريءَ جَي ڪَفَنَ ۾ وَيڙهجِي، دفن ٿي وڃي ٿو ۽ وڏي مُشڪل سان جاڳايل ماڻهو، وري بي هوشيءَ جي ننڊ سُمهي رهي ٿو.

جان محمد کي ڪاليج واري دوَرَ ۾، دوستَ پاران ڏنل ڪتابُ، ”مَظلومُ قومُنِ جَي ٻارن کي ڇا ڪرڻ گُهرجَي“ ياد اچي ويو، جنهن جي

پڙهڻ سان هُن ۾ شعور پيدا ٿيو. حقيقتن کي سمجهي ورتائين. جان محمد ڪتاب پڙهيو، ان تي عمل پيرا رهيو، پر سندس ڏيانُ اِنَ پاسي نہ ويو تہ ديس جَي ٻارن ۾ اهڙو جذبو پيدا ڪَجَي، جو هُو پنهنجي حَقنِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ، حق جو آواز ٻڌجي پوَنِ.

ٻارَ راندِ ڪَيڏِي گهرن ڏانهن هليا ويا. جان محمد سوچ جَي ڪُنَ مان ٻاهر نَڪتَو. ڪافي دير تي چُڪِي هُئي، لَهندڙَ سِجَ کان پوءِ، چَندُ روشن ٿِي چُڪو هو. جان محمد فيصلو ڪيو. جيسيتائين يونيورسٽيءَ جون موڪلون آهن، ڏيَس جَي ٻارن لاءِ ڪجهہ ڪرڻ گُهرجي.

جان محمد بِستَرَي تي لَيٽِيو. ننڍ نہ اچڻ ڪري پاسا ورائيندو رهيو. سندس ننڍو ڀاءُ جيڪو دير تائين پڙهي رهيو هو، کيس چوڻ لڳو. ”ادا ڇا ڳالهہ آ، ننڊ نہ ٿِي اَچِي ڇا؟“

جان محمد کيس شام جِي ڳٽا ٻڌائيندَي چيو. ”اسان کي ٻارن لاءِ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي.“

دين محمد وراڻيُس. ”ان ڳالهہ کي سُڀاڻي ڏسبو. هينئر آرامُ ڪريو.“

صُبح جو جان محمد ۽ دين محمد ڳوٺ وارن کي چيو. ”اسڪول بند هئڻ ڪري ٻار سڄو ڏينهن، اجاين راندين ۾ گذارين ٿا. اسان چاهيون ٿا اوهان ٻارن کي اسان ڏانهن موڪليو. اسان کين پڙهائيندا سين.“

ٻار هنن وٽ اچڻ شروع ٿيا. جان محمد کين نصابِي، معلوماتي، ادبي ڪتابن کان علاوه، ٻارن جي دلچسپيءَ لاءِ ڪارٽُون ڏيکارڻ ۽ دلچسپ ڪهاڻيُن جا ڪتابَ پڙهائڻ شروع ڪيا. ڪارٽونن ۾ ٻارن جِي دلچسپي هوندي آهي، ان جو فائدو وٺندي جان محمد کين مختلف ڳالهيون سمجهائيندي، عام معلومات، سائنس، ايجادُن جي فائدن بابت ٻڌائڻ لڳو. جان محمد ٻارن کي سياست متعلق

سمجھائيندي ٻڌايو تہ چونڊون چا هِن، ووٽ ڇو ڏبا آهن، اليڪشن جي وقت سياستدان ڇو هلي ايندا آهن ۽ چونڊ کٽڻ ڪانپوءِ سالَ بہ نہ لهندا آهن، پنتي پيل علائقن ۾ ترقياتي ڪم ڇو نہ ٿيندا آهن، مفاد پرست وڏيرا ڳوٺن ۾ منظور ٿيَل اسڪول ڇو رَدِ ڪرائيندا آهن؟

هُو اِهو سڀ ان ڪري ڪندا آهن، جيڪڏهن ڳوٺن ۾ اسڪول کُلِي پوندا، سُٺِي پڙهائي ٿيندي، نوجوان پڙهيل لکيل ۽ باشعور هوندا، تہ پنهنجا حَق گهرندا، سُٺين نوڪريُن تائين پهچندا، جنهن سان هنن جِي هڪ هَٽي ختم ٿي ويندي.

ايئن ٻارن کي باشعور بنائي، جان محمد کين دنيا جي مظلوم قومن، سائوٿ آفريڪا، فلسطين، اريٽيريا ۽ نميبيا جي قومن پاران ڪيل جدوجهد بابت ٻڌايو ۽ سمجھايو تہ انهن جي ننڍن تونڙي وڏن، ڪهڙيون قربانيون ڏنيون ۽ ڏيئي رهيا آهن. ٻار جان محمد جون ڳالهيون غور سان ٻڌندي، تصور ۾ پنهنجي وجود مان نِڪري عِلمَ، آدرش ۽ ادب جي دنيا ۾ گهمڻ لڳا. شروع کان ئي ٻار، مقرر وقت کان اڳ جان محمد وٽ پهچڻ لڳا، ڪانئنِ اجايُون رانديون وِسرِي ويون، هُو پاڻ کي سُجاڻي ويا، ۽ ظالمن کي حق جِي ڳالھہ چوڻ جو سعيو ڪرڻ لڳا.

ڪجھہ هفتن م اسڪولن جون موڪلون ختم ٿيون، يونيورسٽي کلڻ ۾ ڪجھہ ڏينهن هئا، جان محمد ٻارن جي تعليم جاري رکي، ۽ دين محمد کي تيار ڪيائين تہ سندس يونيورسٽيءَ وڃڻ کان پوءِ، هُو اِهو سِلسِلو شام جَي وقت جاري رکي. دين محمد ساڻس اهو فرض پورو ڪرڻ جو وعدو ڪيو.

يونيورسٽي کُلي، جان محمد هليو ويو، دين محمد مِشَنِ کي اڳتي وڌائيندو رهيو. ڳچَلُ وقت کان پوءِ يونيورسٽيءَ جَي موڪلن ۾، جان محمد بس مان لهي، ڳوٺ ڏانهن هلڻ لڳو، ڪيس نعرن جا آواز ٻُڌڻَ ۾ آيا، اڳتي وڌي ڏٺائين، بيحد خوشِي ٿيَس. سندس ڳوٺ جا نادانَ ٻارَ

باشَعُور ٽِي هٿن ۾ جهنڊا ۽ بَينَرَ کڻي، پنهنجا حق وٺڻ نِڪتا هئا. هُو سراپا احتجاج هئا. سَندنِ بَينَرَنِ تي لکيَل هو. پنهنجا حق وٺي رهيا، طبي سهوليتون ڏنيون وڃن، پاڻيءَ جِي کوٽ ختم ڪئي وڃي، اسڪول جِي عمارت ٺهرائي وڃي، ڳوٺ جو رستو پڪو ڪرايو وڃي، اسان جا مُطالبا جلد منظور ڪيا وڃن....

ٿوري دير ۾ مَعصومن جو ميڙُ، نعرا هڻندو مَينِ روڊ تي پهتو. جتان حَلقَي جو چونڊيل ميمبر ۽ وزير لنگهڻ وارو هو.

جان محمد ٻارن جَي باشعور ٽيڙ تي، خوش ٿيندو گهر پهتو. ٻئي ڏينهن پوليس کيس گرفتار ڪري ويئي. مٿس ڪوڙا ڪيس مَڙهيا ويا. پر هُو خوش هو. ته سندس پويان ڪيترا ئي جان محمد آهن، جيڪي شَعورَ جي لاٽَ کي اُجهامَڻُ نه ڏيندا.

❖

# مادِري ٻولي

ڀنهنجي پُراڻي دوست ساجَن مِيرَ کي ٽيليويزن تي ڳالهائيندي ٻُڌم. چئي رهيو هو: ”گهڻا اسڪولَ ٻارن کي سنڌي نہ ٿا پڙهائين، جنهن ڪري سنڌي ٻولي پوئتي پَئجي رَهِي آ. ان سان نئين نَسلَ جَي، مادِري ٻوليءَ کان پَرَي ٿيڻ جا، امڪانَ وڌي رهيا آهن. اِهو رَوَيو سنڌي ٻوليءَ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو. ضروري آهي تہ سنڌ سرڪار ان سلسلي ۾ جوڳا اُپاءَ وٺي، ۽ ماڻهن کي بہ پنهنجي ٻوليءَ جي بقا لاءِ، ٻارن کي سنڌي ميڊيم اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ گهرجي. آئون ان خيال جو آهيان، تہ سڄي صوبي ۾ پرائمري تعليم، صرف ۽ صرف مادري ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي، انگريزيءَ سميت ٻيون ٻوليون، پوءِ بہ سِکي سَگهجَنِ ٿيون. سنڌ جي ساڃاهہ وندن، سياسي ۽ سماجي تنظيمن کي ”سنڌي ٻولي قومي ٻولي“ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي، جيئن سنڌي ادبي سنگت سنڌ ۽ اديبن پاران هلندڙ اها مُهِمَ منطقي انجام کي پهچِي سَگهي.“

سنڌيءَ کي لازمي مضمون طور پڙهائڻ بابت، دوست کي جذباتي انداز ۾ ڳالهائيندو ڏِسِي، دل خوش ٿي ويئي.

ساجن مير، شاگرديءَ واري زماني کان بيحد هوشيار، ڪرنٽ افيئرس سميت سماجي ۽ معاشي معاملن تي، نہ رڳو ڳالهائيندو پر سيمينارن، ڪانفرنسن ۾ تقريرون ڪندو ۽ مقالا پڙهندو هو. پڙهائي

مڪمل ڪري، سُٺي سرڪاري نوڪري وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ ڪيترا سال، سنڌ جي اشوز واري منظرنامي تان غائب رهيو. سندس تعلق غريب گهراڻي سان هُيو. ڪاليج، يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دؤران، اخبار ۾ نوڪري ڪندو هو.

ساجن مِيرَ پَنهنجِي ڪلاس فَيلَو نِيلوفَر سان شادي ڪئي، هُوءَ مناسب صورت واري بيحد ذهين، پُراثر شخصيت جِي مالڪ چوڪري هُئي. پهرين ملاقات ۾ ساجنُ، ڪانئس متاثر نہ ٿيو هو. پوءِ نِيلوفَر جي گُڻن ڪيس مَوهي وڌو. سندن آهستي آهستي وَڌيَل دوستي، محبت کان عشق ۾ تبديل ٿي تہ يونيورسٽي، سَندنِ مَوهہ جو مَسڪَن بڻجِي پئي.

ساجن مير ۽ نِيلوفَر جَي شاديءَ واري ڪاڄَ ۾، آئون پنهنجي دوست، ضمير سان گڏ ويو هوس، اها تقريب، سندن ويجهن عزيزن ۽ ڪجهہ دوستن جو مختصر ميڙاڪو هُئي. هونئن بہ پَرڻَي جَي شاندار جَشنَ کان اهم، اِنَ مقدس بَنڌڻ جو ڪاميابيءَ سان نِڀاءُ آهي. ساجن ۽ نِيلوفَر جو وهانءُ سادگيءَ سان ٿيو. پروردگار سندن حياتيءَ کي اولادَ، سُٺَي روزگار ۽ زندگيءَ جي وقار سان پِري ڇڏيو.

سماج ۾ گهٽ ماڻهو محنت سان، وڏي مقام تي پهچن ٿا، هي قابل ماڻهو آخري دفعو ادبي دوست جي شاديءَ ۾ مِليو ان وقت صفا مالدار نہ ٿيو هو. ملاقات ۾ پيارَ ۽ پنهنجائپ جو اظهار ڪيائين. سوچيُم وڏي عهدي تي هُوندي، بدليو ناهي، محبت واري مَٽيا موجود اٿس. ساڻس خُوبُ ڪچهري ٿي، ڪيس سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻولي ۽ ادب سان چاههَ وارَي قُربَ ۾ قابُو محسوس ڪيُم.

ڪافي سال گذري ويا هُن بابت ڄاڻ مِلَندِي رَهِي، لاهور کان اسلام آباد بدلي ٿيو ڪراچيءَ ۾ پوسٽنگ رهيَس. خبر پئي سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي، بين الاقوامي اين جي او جُوائن ڪئي

اٺائين، جتي وڏي پگهار سان گڏ، نوڪريون ڏيڻ جا اختيارَ اَٿس. هُو واقعي قابل ماڻهو هُيو. پراڻن دوستن ڏانهن پاڻ نہ ايندو هو پر وچي ملندا هُيَس، تہ خوش ٿيندو هو.

شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾، ڪو آپريٽو ڊپارٽمينٽ جي آفيس وچڻ ٿيو هُن جو ويجهو دوست خالد مِلِي ويو. ٻيئي شاگرديءَ واري دؤر ۾ ساڳي اخبار ۾ ڪم ڪندا هُيا. خالدَ چانهن پِيارِي، ساڻس سُٺي ڪچهري ٿي، زندگيءَ مان مطمئن نظر آيو. سندس شادي شاهوڪار گهراڻي مان ٿِي، ان ڪري گهر وڻڻ/نهرائڻ واري ڏَچي کان بَچِي ويو. سترهين گريڊ جو بنا رشوت واري ڪاتي جو آفيسرُ، سڄي سروس دؤران مُشڪل سان، ٽن چئن ٻارن کي تعليم ڏيارڻ کان پوءِ، لَونِ ڪٽي گهر جَوڙَي سگهي ٿو. ڪانئس ساجنَ مِيرَ بابت پڇيُم، ٻڌايائين، حيدرآباد شِفٽِ ٿيو آ. سندس رهائش ڊفينس ۾ آهي، اڪثر ڪم ڪار جي سلسلي ۾، حيدرآباد کان ٻاهر هوندو آ. خالد کان سندس ايڊريس ورتم، شهباز بلڊنگ ۾ پنهنجو ڪمُ اُڪلائَي، گهر اچي ويُم.

****

عاليشان بَنگُلَي جي در تي، ساجن مير جي نوڪر کي نالو ٻڌايُم، اندر سڏائڻ بدران تڪڙو تڪڙو ٻاهر آيو. پاڪُر پائي مليو. نوڪر کي ڊرائنگ روم ڏانهن اشارو ڪري، ڪجهہ چوڻ چاهيائين... پر وري مون سان مخاطب ٿيندي چيائين: ”سليم، هِڪُ ڊرائيورُ موڪل تي آ. ٻيو بيگم صاحبہ کي شاپنگ لاءِ وٺي ويو آهي، پاڻ پهريان نَوميءَ کي وٺي اچون، پوءِ ٿا ويهون. اسڪول تائين پهچڻ وارو وقت، انگريزي ٻوليءَ جي اهميت تي ڳالهائيندو رهيو. ”نوميءَ“ کي انگريزي ميڊيم اسڪول ۾ پڙهائڻ بابت چوڻ هُيُس: ”اڄڪلهہ مُقابِلَي جو دؤر آهي، انگريزي ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ وارا ماڻهو ڪامياب آهن. پرڏيهي ملڪن کان ويندي، مُلڪي اين جي اوز ۾، انهن کي تَرجِيحَ مِلَي ٿي.“

آئون تي ويءَ تي ڪَيَلَ ڳالهيُن جي اُبتڙ، مادري ٻوليءَ بجاءِ انگريزيءَ جي حمايت ۾، سندس خيال ٻُڌي واٺڙو ٿي ويُس. ننڍڙو نَومِي اسڪول کان ٻاهر آيو، پيءُ کي ”هاءِ ڊيڊي“ چئي ڪيڪاريائين، جواب ۾ ساجن مير ڪيس ”هاءِ“ چيو.

نوميءَ کي چيائين: ”هينڊ شيڪ وٿ اَنڪل سليم.“

جنهن ”هيلو اَنڪل“ چوندي هٿ ملايو.

نَومِي پوئين سيٽ تي ويٺو، ساجن مون کي اڳيان ويهڻ جو اشارو ڪندي، پَراڊو گاڏيءَ جو دروازو کوليو. هُن سان موڪلائڻ ۾ عافيَت سمجهيم، ضروري ڪم ياد اچڻ جو بهانو ڪري، ڪانئس اجازت ورتم. پَنڌِ پَنڌِ ساجن مِيرَ جَي، ٻِٽَي مَعيارَ تي سوچيندو، پَنهنجَي گهر پَهتُس.

❖

# بَيوَسِي ۾ سَچائِي

هُن جا قدم اڳتي وڌي رهيا آهن. ڪچندڙ وِڪ سان، وِڇوٽي وڌي رهي آ. هوءَ هاسٽل جي دروازي مان اندر اُڪِري، بنا هٿ لوڏڻ جَي، نظرن سان خدا حافظ چوي ٿي، سندس اکين ۾ جدائيءَ جِي پيڙا آهي، هن جا پرجي آيل نيڻ، ڏُکاري ڪيفيت ڪي اِظهارِين ٿا.

لاچاري حالت ۾ سندس هَليَو وڃڻ، مَنَ اندر مانڊاڻ مچائي ٿو ڇڏي، عورت جي، بي وسيءَ ۾ سچائيءَ تي سوچيندي، نتيجو اَخَذ ڪيان ٿو عورت جيتري بَي وَس آهي، اوتري سَچِي آ. سوچ جو سلسلو سجاد جي ڳالهائڻ سان ٽُٽَي ٿو: ”پيارا ڇا ڳالهہ آ، ڪهڙيُن سَوچُن ۾ گُم آهين.“

سجاد بلڪل رليڪس، ڇهري تي مُرڪ ڇانيَلَ، پاڻ ڏانهن گهُوريندو ڏسي: ”ڇو ٿو گهُورين؟ يارَ وقت نہ وڃاءِ، مون ڪي ڪراچيءَ پهچي، سروس جوائن ڪرڻي آهي.“

”ڪراچيءَ ۾ سروس جوائن ڪندين، يا نَوَنِ پکيُن جو شڪارُ.“

”يار شڪاريءَ جو شڪار سان ڪم، نَوَنِ پُراڻِن جو معاملو ناهي، تون جلدي هلڻ جِي ڪر.“

واپسيءَ جي راهہ تي گاڏيءَ ڪي موڙيان ٿو ذهن تي جميلہ جي اکيُن ۾ ڏٺل غَمَ جون رَيڪائون، ڪَوريئڙَي جي ڄارَ جيان اُڀَجَڻَ لَڳِنِ

ٿيون. اَيئرِڪَنڊِيشَنڊِ گاڏيءَ ۾ ٻُوسٽُ محسوس ڪيان ٿو.

”جميل لاءِ تون پريشان ڇو آهين. مُوڊ خرابُ ڪيو پيو هَلِين. ان جي تڪليف مونکي هئڻ گهرجي. هُوءَ دوستِ مُنهنجِي آهي يا....“ سجاد منهنجي ڪيفيت کي سمجهندي ڳالهايو.

”سجاد صحيح ٿو چوين. مون کي جميل جي دَردَ بيچَينِ ڪري وڌو آ. تون انهن شُغلن جو عادي آهين. تو لاءِ ڪو مسئلو ناهي.“

”چڱو چڱو خبر آ. تون ڏاڍو نيڪ آهين. اڙي ماڻهو سڀ مون جهڙا اٿئي. ڇوڪريُن سان دوستي رکڻ چاهين ٿا. پر هاءِ ويچارا تو جهڙا بي همٿ. چاهيندي بہ ڪنهن سان ڳالهائي ناهن سگهندا.“

”بس.. بس... واقعي تُنهنجي نظر ۾ مون جهڙا بي همٿ. دوستي رکڻ ضرور چاهيندا هوندا. پر تو وانگر ڏوڪو ڏيڻ لاءِ نہ. اهڙي دوستيءَ کان خدا بچائي. جيڪا تون هَرِ ڇوڪريءَ سان رکندو آهين.“

”چڱو يار ان موضوع کي ڇڏ. ڪا ٻِي ڳالهہ ڪَر.“

سجاد تي ڪاوڙ آئي پر ڪيس وڌيڪ نہ ڇيم. ڇو جو هُو ٻار ناهي. مَسيحا جِي سَنَدَ ورتي اٿائين ميڊيڪل ڪاليج مان. سجاد کي ڪوچ ۾ ويهارَي. گهر اچي وَيُس. جميل جو معصوم چهرو اکين اڳيان تَرِي آيو. ڪيڏي بيوَسِي ۽ سَچائِي هُئِي. سندس نظرَ ۾.

جميل سجاد سان محبت ڪري ٿِي. هُو بہ ساڻس چاهت جو اظهار ڪندو آ ڦاسائڻ لاءِ. اڳيُن ڦاسايَل ڇوڪريُن جيان. سندس چَڪَرَ ۾ اچڻ واريُن جو ڏوهہ ناهي. هُن سان ملاقات ۾ ڪير اندازو ڪري نہ ٿو سگهي. تہ هي معصوم نظر ايندڙ شخص. حقيقتن ڪهڙو آهي.

منهنجو دوست سجاد. ڊاڪٽر هجڻ سان گڏ. نئين ٿهيءَ جو شاعر آهي. جميل جِي ساڻس پهرين ملاقات. سِينيئر هاسٽِل فَيلَو شاعره سان گڏ ٿِي. شاعره دوستِ ڪورسُ مڪمل ڪري هلي ويئي پر سجاد ۽ جميل جِي هيلو هاءِ. فون تي ڳالهائڻ کان پوءِ. ملاقاتن تائين

پهتي، ايئن هُوءَ سجاد جَي جار ۾ ڦاسي وئي.

ٻُوناٽي ويجهو دوست هئڻ جي ناتَي، سجاد پنهنجا سڀ معاملا مون سان شيئر ڪندو آهي. جميله سان ملاقات ڪرايائين، هُن جو معصوم چهرو ڏسي دانهن نڪري وئي، ڇو جو آئون سجاد جي حرڪتن کان واقف هئس. مون چاهيو ٿي جميله کي سجاد بابت سڀڪجهه ٻڌائي ڇڏيان، پر دوستيءَ جو ڀَرمُ رَکندَي، ايئن ڪري نه سَگهيُس.

سجاد کان پڇيو هُيم: ”جميله سان سِيريَس ٿو لڳين، ان سان شاديءَ جو ارادو آهي يا.....؟“

ٺَهڪُ ڏيندي وراڻيو هيائين: ”شادي..! شادي اڇي به ان ”نرس“ سان ڪندس...“

ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائيندي چيومانس: ”تُنهنجا سڀ ڪَرتُوتَ، جميله کي ٻڌائي ڇڏيندُس.“

سجاد آزيون ڪندي روڪيو هو: ”يار ايئن نه ڪجانءِ، وڏي جاکوڙ ڪئي اٿم جميله کي ويجهو ڪرڻ ۾، ٻَيلِي آخري مَرحلَي تي شِڪارُ نه وڃائجان.“

جميله کي ڏَڪيَل لفظن ۾، سجاد بابت ٻڌايو هُيم، پر هُوءَ سندس ڄارَ ۾ ڦاسي چُڪِي هُئِي، مُنهنجَي ڳالهيُن طرف ڌِيانُ نه ڏنائين. اڄ هُو ڪيس نرسنگ هاسٽل تي خدا حافظ چئي، ايئن ڪراچيءَ روانو ٿي ويو جيئن ڀؤنرُ، هِڪَ گُلَ جِي رَسُ چُوسَي، ٻئي ڏانهن ويندو آ.

❖

# ڪَينَيڊِيَڻِ بَيلا

ڊِفَينسِ ڪراچيءَ جو خَيابانِ بُخارِي، عالِيشانُ ڪِلينِڪ اندر ڊاڪٽر رِضوانُ، اِسپيشَلِسٽِ اِنِ پَيٽِس، پَنهنجَي چيمبر ۾ مَوجُود. ڳَوناٺِي هُئڻَ ڪَرِي ساڍَسِ ملاقاتِ لاءِ دِلِ چيو. فونِ ڪري ڪراچيءَ ۾ هُجڻَ جو ٻُڌايومانس، چَيائِين: ”ادا اوهان مون وٽ ضرور اچو. آئون هِنَ وقت ڊِفَينسِ ۾، پَيٽِسِ ڪِلينِڪ تي آهيان.“

”اوهان مَصرُوف هوندا، آئون ڊِفَينسِ ڪان گهڻو پَرَي آهيان، هاڻي حيدرآباد ٿو وڃان، توهان سان ٻِئَي پيرَي ملاقات ڪَندُس.“

”ادا اوهان وَرِي الئہ جَي ڪڏهن ڪراچيءَ اِيندا، هِينئَرَ مُون ڏانهُن اچو. آئون اِنتظارُ ٿو ڪَرِيان.“

موبائيل تي گُوگِل مَيپِ جَي ذريعي لَوڪَيشَنِ اُماڻَي ڏِنائين. سندس اُڪِيرَ ڏسي ”اُوبَرِ ٽيڪسيءَ“ تي چَڙهِي ڊِفَينسِ ۾ ”پَيٽِسِ ڪِلينِڪ“ تي پَهتُس. سُهڻَي نَمونَي آڌر ڀاءَ ڪيائين. پر اُتي جِهڙوڪَرِ ايمرجنسي بَرپا ٿِيَل هُئِي.

ڊاڪٽر پَنهنجَي پيشَنِٽ ”بَيلا“ نالَي ”ڪَينَيڊِيَڻِ ڪُتَي“ جِي طِبِي چَڪاسَ ڪري رهيو هو، جنهن جِي عُمرِ چوڏنهن سال، يعني اِنسانِي عُمرِ جي پيٽَ سان، سَترِ سالَ جَي برابر هُئِي. ڪُتَي جَي مالڪن جو پَيٽِس جي حوالي سان، ڊاڪٽر رِضوانُ، جڻ فيملي ڊاڪٽر هُيو. پوڙهَي بَيلا جِي طبيعت خراب ٿِيڻَ تي، رابطو ڪرڻ ۽ حالُ احوالُ وٺڻ سان، هِڪُ ڏِينهُن اَڳُ، ڊاڪٽر کَيِنِ چيو هو مَريضَ

ڪُتَي ڪي مَعدَي جي خرابي آهي، ان ڪري ”تاباني ليباريٽري“ مان سندس بلَڊ ٽيسٽ ۽ ايڪس ري ڪرايون اَچجو.

ڪُتَي جا مالڪ، ٽيسٽ ۽ ايڪس ري ڪرائي آيا ها، بيلا کي تپاسڻ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب، ڪين دوائون لکي ڏنيُون ۽ مريض کي ڪينيڊين کاڌو کارائڻ لاءِ، ”رايل ڪينن پپي فوڊ“ جي جيلي صُبح شام ۽ هِتان جو گوشت پاڻ ۾ نه پَوڻ ڪري،اِن ئي ڪمپنيءَ جي مَٽن، رَبيٽ ۽ چِڪن فِليوَرز واري خوراڪ ڏيڻ جي هدايت ڪئي.

مالڪن جي پريشاني ڏسڻ وٽان هُئي، هُو ڊاڪٽر صاحب کي چئي رهيا هُئا: ”ڊاڪٽر صاحب اسان جو ”بيلا“ نيڪ ٿيڻُ گُهرجي، جيڪڏهن اوهان ريفر ڪندا، ته اسان هِنَ جو علاجُ دُبئيءَ مان، ڪرائڻ لاءِ تيار آهيون.“

ڊاڪٽر ڪين تَسلي ڏيندي چيو: ”اوهان دِل نه لاهيو بيلا کي ٻُڌايل دوائون ۽ کاڌو کارايو، انشاالله نيڪُ ٿي ويندو. جيڪڏهن هِنَ وقت آئون بيلا کي دُبئيءَ ۾، پيٽس جي آمريڪن ڊاڪٽرَ ڏانهُن ريفر ڪندس، ته هُو پيشنٽ کي هِڪ هفتَي لاءِ اَندر آبزرويشن رکندو، پوءِ مريض جي مَعدَي جو، آپريشن ضروري سمجهندو ته ”اوپننگ آف اَيبڊومن“ جي چار هزار ڊالرَ فِي وٺندو.“

جنهن تي ڪُتَي جي مالڪ سان، گڏ آيل عورت چيو: ”ڊاڪٽر صاحب فِي ڏيڻُ ڪو مسئلو ناهي، بس اسان جو بيلا صِحتمند ٿيڻُ گُهرجي.“

آئون سَچي ماجرا حيرانگيءَ سان ڏِسي/ٻُڌي رهيو هُوس، رضوانَ ڪُتَي جي مالڪن کي، مُطمَئن ڪري روانو ڪيو. فارغُ ٿي مون سان وَينَو چيومانس: ”رضوان آئون اَچرجَ ۾ آهيان، ماڻهو ڪُتَن بلن تي ڪيڏو خَرچُ ڪن ٿا، ڪين جانورن جو ايڏو فِڪرُ آهي.!!“

”سائين پنهنجي پاليل پيٽس لاءِ فِڪرمند آهن، ٻين جانورن/ پکيُن سان ڪين پيارُ ناهي. وڏن ماڻهن ۾ ڪُتَن، ٻِليُن ۽ پکي

پالڻ جو رواجُ آهي، ۽ اِها سندن وِنُدَر بہ آهي. هِنَنِ وٽ راڄ بِرادريءَ سان، اُتِي وَيتِي‌ءَ جا مُعاملا تہ آهن ڪونہ. پيسَو تمامُ گهڻو اَٿَنِ. غريبن کي ڏِيَنِ ٿا، يا نہ ٿا ڏِيَنِ. اِهَو خدا کي عِلمُ آهي، باقي اِيئَن خَرچُ ڪندَي، هزارين ڊالرَ ڪَپايَو ڇَڏِيِنِ.“

”اوهان ڪَيِنِ ٻُڌايو، ٻَيلا جو آپريشن ٿيو تہ. آمريڪن ڊاڪٽرُ چار هزار ڊالر ورتندو، ڇا واقعي اِيئَن آهي؟“

”ادا بِلڪُل. عَجَبَ جهڙي ڳالهہ وَرِي اِها آهي، تہ جيڪڏهن علاجَ ۽ آپريشن کان پوءِ بہ. پيٽِ جي طبيعت ۾ سڌارو نہ آيو ۽ ڊاڪٽر سَمجِهيو تہ هِي صِحَتمَند ٿِي نہ سگهندو، تہ اُن لاءِ مالڪن کي ”زَهرَ جِي اِنجَيڪِشَنِ“ تَجوِيزَ ڪندو ۽ ڪُتَي لاءِ استعمال ٿيندڙ اِهڙِي سُئي‌ءَ جِي قيمت بہ تمام گهَڻِي آهي.“

ڊاڪٽر صاحب جُون ڪُتَنِ، ٻِلَنِ ۽ سَندنِ مالِڪَنِ بابت ڳالهيون ٻُڌِي آئون حيران رَهجِي وَيُس، هُنَ ٻُڌايو. ”اسان وٽ پيشَنِٽ جِي عام چَيڪ اَپِ فِي، هزار روپيا ۽ گهر تي يا فارم هائوس تي وَڃِي ڏسڻ جِي فِي، پنج هزار روپيا آهي.“

”رِضوانَ غريب ماڻهن وٽ کائڻ لاءِ ڪجه ناهَي، هِتَي بَي مقصد جانورن تي هَيڏو خَرچُ ڪيو ٿو وڃي..!! بابا مُنهنجي سَمجَه کان اِهَي ڳالهيون مَٿَي آهن. اوهان يَلِي عَجَبُ وارِتائون ڏسندا رَ َهو آئون هاڻِ هلان ٿو مون کي حيدرآباد وڃڻو آهي.“

”ادا مان بہ هِتان اُٿان ٿو. اوهان کي ”عُثمانِيہ رَيسِٽَورَنِٽ“ تي مانِي ڪارايان، اُنَ کان پوءِ آئون گُلشَنِ اقبال وارِي ڪِلينڪِ تي ويندس. اوهان کي هِتَي جَي ماڻُهنِ، جِي سَوچَ تي حيرت ٿِئَي ٿِي، تہ هِڪَ وڏيڪ حَيرانُ ڪَندڙ ڳالهہ ٻُڌو.“

”رضوانَ، اجا بہ ڪا وَڏِيڪَ. حَيرَتَ جِهڙي ڳالهہ آهي ڇا؟“

”جِي ادا. حَساسُ ماڻهوءَ لاءِ تہ. حيرانگي‌ءَ جِي ڪا حَدَ ئِي ناهي، هِڪَ ڇوڪِري‌ءَ ”اِسِٽرِيٽِ ڪَيٽِ“ گهٽي‌ءَ مان ڪَڍِي پالِي،

سندس نالو ”پِنڪِي“ رکيائين. پِنڪيءَ کي سائِي/پِيليا ٿِي پَيئي، مون وٽ ڪَٺِي آيا، علاجَ جَي مڪمل ڪورسَ تي، پنجويهه هزار روپيا خَرچُ آيُن. گَهٽِي وَيجِهڙائِي ٿِي وجڻ ڪَرَي، ڇوڪِريءَ جِي ماءُ، مون سان گهرَ جا حالَ احوالَ بہ اَورِڻَ لَڳِي. ڇوڪِريءَ جَي ڀليءَ سان لَڳاءَ بابت ٻُڌايائِين، تہ هُوءَ ان ڪان سِوا رَهِي نہ ٿِي سَگهي، هاڻِي اسان هِنَ ڇوڪِريءَ جِي شادي بہ، صِرفِ اُنَ شَخصَ سان ڪرائيندا سِين، جيڪو ”پِنڪيءَ“ کي خوشيءَ سان قَبُول ڪندو ۽ اُنَ جو هر طرح سان خِيالُ رکندو....“

”رِضوانَ بَسِ مون ۾ وَڏِيڪَ. حَيرَتَ جِهَڙِيُون ڳالهيون ٻُڌَڻَ جِي سَگه ناهَي، هاڻي آئون اوهان جِي مانِي بہ ڪونہ ٿو کاوان، توهان جَلدَ ۾ مون کي، حيدرآباد وڃڻ واري ڪوچ ۾ ويهاريو. مُنهنجَي دِماغَ تي رُڳو ڪُتا ٻِليون ۽ سَندنِ عَجِيبُ مالِڪَ سَوارُ ٿِي ويا آهن.“

❖

# محبت جي ميخ

هُنَ جي چِڃَگل سَينڊَل ڪي هَنيَل ڪَوڪَو، مُحبتَ جِي مَيخَ ثابت ٿيو. گرلس ڪاليج سامهون مَوچِڪَو دوڪان، جتي اڪثر جُتين جي مَرمَت لاءِ ڇوڪريُن جَي اچڻ جو مَعمولُ. جُوتَو پالش ڪندَي گُنگُنائَي رهيو هوس، اوچتو مون ڪي گهُوريندڙ بِيٺَل ڇَوڪِريءَ تي نظر پيئي، ڪيس شاگردن واري ڊريس پاتل نہ هئي. ڏانهنس ڏيان ٿيو پَيرَ مان سَينڊلُ لاهيندَي چيائين: ”هِنَ ڪي ڪَوڪَو هڻي ڏيو.“

سينڊل جي ڇڃگل ڪَهيءَ ڪي، صحيح جاءِ تي آڻَي، مٿان ڪَوڪَو رکي، مُترِڪو هَنيومانس، لَڳَل ڪَوڪَي ٻن الڳ شين ڪي هِڪُ ڪري ڇڏيو. سَينڊلُ ڏانهنس وڌائيندي چَيُم: ”هي وٺو توهان جو سَينڊَلُ تيار ٿي ويو.“

”پئسا گهڻا ٿيا.“

”هِڪَ ڪَوڪَي جا ڪهڙا پئسا.“

سَينڊلُ پائيندَي، پَرسَ مان پنج روپيا ڪڍي ڏنائين، پئسا واپس ڏيڻ لاءِ ڪجهہ چوڻ چاهيُم، مُشڪندِي هلي ويئي.

سندس مُشڪَ مان اُجاتي خوشي محسوس ڪيم، نہ ڄاڻ ڇو پاڻ ڪي خوشنصيب سمجهڻ لڳس.

آئون زماني جو ستايَل هُيس، ياد آهي ڳوٺ ۾ بابو مَوچِڪَو ڪم ڪندو هو، سُٺيون جُتيون ٺاهيندو هو، پري پري کان ماڻهو بابا وٽ ايندا ها، هاري ناري جُتيُن بدلي فصل لهڻ تي، جِنِسَ ڏيئي ويندا

هئا، ان ڪي آهَٽُ چوندا هُيا.

بابا مون کي پڙهڻ لاءِ اسڪول ڇڏيو، چوندو هو آئون ٻارن کي پڙهائي، سُٺيُن نَوڪِريُن جي قابل ٺاهيندُس، ڪين پاڻ وارو ڪم نہ سَيکاريندُس. اسڪول کان موٽي بابا سان دوڪان تي ويهندو هُيس، امان ڪيس مون کي ڪم سيکارڻ جو چوندي هُئي، سندس خيال هو اَجائَي سَجائَي گُهمڻ کان هُنرُ سِکڻُ سنو آهي.

پنجين درجي ۾ هئس ٻن ننڍن ڀائرن جِي، اسڪول ۾ داخلا هُئِي، امان جَي چوڻ تي مون، بابا کان ڪجهہ ڪم سِکيو هو باقي ننڍن کي بابا دوڪان ڏانهن اچڻ بہ نہ ڏيندو هو، ڪَينِ چوندو هو دل لڳائي پڙهو نہ تہ سڄي عمر مون وانگيان گُذِري ويندوَ.

بابا ڇا سوچيو..! ڇا ٿي ويو...! بابا پيٽ ۾ وِيلَو پوڻ ڪري فوت ٿي ويو سڀ ڪجهہ اوچتو ٿيڻ ڪري، امان جِي طبيعت بہ لُڏي پَيئي. بابا ڪانپوءِ آئون گهر ۾ وڏو هئس، عمر يارنهن ٻارنهن سال هُئي، جُتيُنِ جي مرمت جو ڪم ڪري ٿَي سَگهيُس، باقي نيون جُتيُون ٺاهڻ مُنهنجَي وَس کان ٻاهر هو.

سوچيم بابا مون لاءِ جيڪي سوچيو نہ ٿِي سگهيو پر محنت ڪري ڀائرن لاءِ ڏٺل بابا جي خوابَ کي، پُورَو ڪرڻ جِي ڪوشش ڪريان.

عُمرِ نَنڍِي هُوندَي ڪَمُ دل لڳيءَ سان ڪندو رهيُس، ڀائر پڙهائيءَ ۾ مصروف رهيا، وَس آهر سندن ضرورتون پُوريون ڪَيَمِ، ڪين پيءُ جِي ڪَمِي محسوس ٿيڻ نہ ڏِنَم.

ڳوٺ واري دوڪان تي ڪمائي ايتري نہ هُئي، جو ڀائرن کي بابا جَي خوابَ تائين پهچائي سگهان. ان ڪري امان سان صلاح مَشوَرو ڪري شهر ڏانهن هليو آيُس. شهر ۾ ڪم سنو هلڻ لڳو تہ گهر ڪِرائي تي ونِي، امان ۽ ڀائرن کي بہ گهرائي ورتم، ڇو تہ هاڻي ڀائر ڪاليج ۾ پڙهڻ لڳا هئا.

پيائر پڙهڻ ۾ سنا هئا پنهنجي محنت ۽ امان جي دعائن سان انجنيئرنگ ۾ سليڪٽ ٿي ويا. آهستي وک وڌائيندا ان منزل تي پهتا، جتي ٻنهي کي يونيورسٽيءَ جي ڪانوِوڪيشنِ ۾ عزت سان ميڊلز ۽ ڊگريون ڏنيون ويون. ٻنهي جون پوزيشنز هئڻ ڪري ڪين جلد نوڪريون ملي ويون.

پيائر روزگار سان ٿيا، مونکي چيائون: ”ادا هاڻي اهو ڪم نه ڪر، انشاءَ الله جلد توکي ٻيو ڪاروبار کولي ڏينداسين.“

مون ڪين جواب ڏنو: ”جيڪو ڏنڊو بابا ڪندو هو، جنهن مان ڪمائَي، مون اوهان کي ان منزل تي پُڄايو آهي، اهو ڪم ڪيئن ڇڏي ڏيان؟“

امان کي چيائون، هُوءَ مون کي اهو ڪم ڪرڻ کان منع ڪري ۽ مون لاءِ جلديءَ سان سنو رشتو ڳولهي.

اِهي ٺي اُهي ڏينهن هئا، جو ڪنهن جَي ڇِڳَل سَينڊلَ کي، ڳوڳو هڻڻ ڪانپوءِ ڏاڍو خوش هئس، خيالن ۾ ان کي ڏسڻ لڳو هوس، پوءِ خبر پيئي، مُحبَتَ جِي مَيخَ، عشق جَي ڪتاب جا ٻيئي پاسا، پارِ ڪري ويئي آهي.

پنهنجي ڪم ۾ مصروف، ذهن تي هُن جو خيال، ٻُڌم: ”السلام عليڪم.“

ڪَنڌُ مٿي ڪڻندي: ”وعليڪم السلام.“ وراڻيم، هُوءَ هُئي.

دل چاهيو ساڻس ڳالهيون ڪريان، پنهنجِي بِساط کي جانچيندي، ڏانهنس سواليہ نَظرَ سان ڏِٺُم.

پُڇيائين: ”توهان جا ڪهڙا حال آهن.“

هٻڪندي وراڻيومانس: ”الله جو شُڪرُ، نيڪ آهيان.“

سندس حال پڇڻ جِي، همٿ نه ساري سگهيُس، هن ڪجهه چوڻ چاهيو، ايتري ۾ گِراهَڪُ اچي ويو، هوءَ اڪيُن اڪيُن سان، خدا حافظ چوندي هلي ويئي.

عجيب خوشي محسوس ڪيم. سڄو ڏينهن اهو منظر ذهن تي ڦِرندو رهيو. گهر پهتُس، امان وجڻ جي تياريءَ ۾ هُئي، پڇيومانس:
”امان ڇا جي تياري آ.“
”تنُهنجي لاءِ ڪنوار ڏسڻ پيئي وڃان.“
”امان اهڙي ڪهڙي تڪڙ آهي.“
”تُنهنجا پائر چون ٿا، ادا جِي شادي جلد ۾ ڪراءِ.“
”امان تون هينئر نہ وڃ، آئون اوهان کي سوچي ٻڌائيندس.“
هڪ ڏينهن دوڪان تي دير سان وَيُس، اهو ڏسي حيرت ٿي، هوءَ مون کان اَڳُ اُتَي بيٺل هُئي.
چيائين: ”آئون توهان سان ڳالهائڻ چاهيان ٿِي، هيءَ جاءِ مناسب ناهي، توهان مون سان گڏ هلو.“
بنان ڪنهن سوال جواب جَي، آئون هُنَ سان هلڻ لَڳُس، ٽيڪسيءَ تي چڙهي تفريحي جاءِ تي پهتاسين. ساڻس گڏ هلندي، پنهنجي ڪپڙن ۾ حالت جو احساس ٿيڻ لڳو پارڪ جي ڪُنڊ تي وڏي ٻڙَ هيٺان، لڳل ڪاٺَ واري بينچ تي ويٺاسين.
چيائين: ”اوهان جو نالو سانوَڻُ آهي.“
هُن جي واتان پنهنجو نالو ٻُڌي، حيران ٿيُس.
ڳالهہ جاري رکيائين: ”اوهان منهنجي باري ۾، الاءِ ڇا سوچي رهيا هوندا. پريشانيءَ جي ڪا ڳالهہ ناهي، مُنهنجَو نالو سَورٺِ آهي، تُنهنجي دوڪان جي آڏو واري ڪاليج ۾ استاد آهيان، ڪافي عرصي کان اوهان کي ڪمُ ڪندَي ڏِسندِي هُيَسِ. جنهن ڏينهن اوهان کان سَينڊلُ ڳنڊرايو اوهان ڪو ڪلام پئي ڳايو مون کي سٺو لڳو ايئن ڇو ٿيو ان جِي خبر ناهي.“
سندس ڳالهہ غور سان ٻڌندو رهيُس، پاڻ ڳالهائڻ جِي ڪوشش نہ ڪَيَمِ، هُن وڌيڪ ٻڌايو: ”اوهان سان پيار ٿيڻ جِي ڳالهہ سهيليءَ سان ڪَيَمِ، جنهن جو پاءُ انجنيئر آهي، ۽ توهان جي پائرن

سان پڙهيو آهي. توهان بابت سڀ ڪجهه ڄاڻي، خبر پئي ته ڪيڏا عظيم آهيو. آئون چاهيان ٿي توهان اهو دوڪان ڇڏي، بوٽن ٺاهڻ جو ڪارخانو لڳايو. ان سان اوهان جو اباڻڪو ڌنڌو به قائم رهندو ۽ توهان جي انجنيئر پٽن کي به خوشي ٿيندي. رهي ڳالهه ڪارخانَي لاءِ موڙيءَ جِي، ان ۾ آئون تنهنجو ساٿ ڏينديَس.“

سَورتِ جِي تَجويزَ وٽي، ان تي عمل ڪَيُم. پئسا پاڻ وٽ به هئا ڪجهه پٽن ڏنا، سَورتِ مدد ڪئي. آئون موچيءَ مان، وِچَولَي درجي جو سيٺ بڻجي وَيُس. پنهي جي مائٽن خوشيءَ سان شادي ڪرائي. مون ڪڏهن ايئن سوچيو به نه هو پر اوندهه پٺيان روشني اَوَسِ اچڻي آهي، سمجهان ٿو بابا جَي روحَ کي قرار هوندو.

❖

# رَيشَمِ

دروازو کُلڻ سان خوشبُوءِ جو سيلابُ، ڪمري ۾ ڪاهَي پوي ٿو. هُوءَ سلام ڪري سامهون بيهي ٿي، آئون ڪيس ڪُرسيءَ تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪندي، رسمي جملو ڳالهايان ٿو: ”ڪهڙا حال آهن، وقت ڪيئن پيو گذري؟“

چالاڪ لاپرواهه ڇوڪرِيُن جيان کِلَندَي وراڻَي ٿِي: ”حال تمام سٺا آهن، وقت به زبردست پيو گُذرَي.“

پڇيومانس: ”اڄ ڪا خاص ڳالهه آهي ڇا؟“

وراڻيائين: ”حال سُٺا هجڻ لاءِ، ڪنهن خاص ڳالهه جو هئڻ ضروري آهي!“

”بِلڪُل، ايئن نه هجي ته، جَيڪَر، ماڻهو هر وقت خوش رَهَي.“

”اسان هر وقت خوش رهندا آهيون، باقي ٻِيَنِ جَي خوش رهڻ نه رهڻ سان، پنهنجو ڪهڙو واسطو!“

”مقصد اوهان جون خوشيون ۽ ڏکَ، صرف پنهنجي ذات تائين محدود آهن؟“

”بِلڪُل.... پر توهان ڪهڙَي چڪر ۾ پئجي وَيَئو، ڇڏيو ڏکن کي ٻي ڳالهه ڪريو، جيڪا زندگيءَ جي مَزَنِ سان ڀرپور هُجَي.“

موضوع مٽائيندي پڇيومانس: ”ايترا ڏينهن ڪاٿي هُيَئو ان

عرصي ۾ ملاقات تہ نهيو فون تي بہ ڪونہ ڳالهايُوَ. جو پلا پَڪائي ٿا ڪيو يا وڏا ماڻهو ٿي ويا آهيو؟“

وارن ڪي ٺاهيندي چيائين: ”وڏا ماڻهو ٿي ويا آهيون... پَڪائي پاڻ وٽ تو لاءِ نہ آهي، نہ ڪڏهن پيدا ٿيندي.“

”واهہ سائين واهہ..! گُرَ سِکي ويا آهيو پَڪائي ڪيوءِ باسِيو بہ نہ، مٿان وري ٿورو تہ اوهان سان پَڪائي ٿِي، نہ ٿِي سگهي.“

”اَمجدَ، حقيقت ڪي شَڪَ جَي وَهُڪِرَي ۾ نہ لَوڙهہ! سچ تہ آئون سڄي دنيا سان، ڪُوڙ ڳالهائي، فريب ڪري سگهان ٿِي، پر تو سان نہ.“

”جو مون ڪي سَونَ جا پَرَ لڳل آهن؟“

”خلوص جَي مذاق نہ اُڏاءِ. تون اعتبار ڪرين يا نہ، سچ اهو آهي.“

”چڱو بابا، مون چُپ ڪئي، تون ٻڌاءِ ڇا کائيندينءَ پيئندينءَ؟“

”کائڻ ڏي دل نہ ٿي چوي، سادو پاڻي پيئاريو.“

”صرف سادو پاڻي!“

”جو سادو پاڻي، پيئڻ جِي شيءِ ناهي ڇا؟“

”پيئڻ جِي شيءِ تہ آهي ئي سادو پاڻي، پر ٻيا بہ ڪوڙ مَشرُوبَ آهن.“

”امجد صاحب، اوهان جي پاڻيءَ سان، اسان تي جيڪي خُمارَ چڙهن ٿا، سَي ڪنهن تي، پيئڻ سان بہ نہ چڙهندا هُوندا!“

”ريشم تون وڏيڪ تيز ٿِي ويئي آهين؟ ڪِٿان جِي ڳالهہ ڪي ڪِٿي وجي ٿِي پهچائين، مون چانهہ، جُوس، ڪولڊ ڊرنڪ جِي ڳالهہ پئي ڪئي.“

”آئون وري ڪهڙي آبِ حيات جِي ڳالهه ٿِي ڪريان! مون به پيئڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.“

”ريشم.... ريشم.... ريشم....“

”چڱو مون بس ڪئي، اوهان پلي چانهه گهرايو.“

”بس صرف چانهه!؟“

”نه ته ڇا...؟ ڏسو اوهان وري مون کي....“

ڪالِ بَيلِ وَڄائَي، آفيس بواءِ کي چانهه آڻڻ جو چيم. خاموشيءَ جو احساس ٿيو. آڏو پيَل فائيل ۾ خطن کي پڙهڻ لَڳُس، ڪاوڙجندي چيائين: ”اهو ڪم، پوءِ نه ٿو ٿِي سَگهي.“

فائيل کي بند ڪري ڪيس ڏسڻ لَڳُس. سمجهه ۾ نه پيو اڇي ڇا ڳالهايانس. سندس اچڻ تي بيحد خوش آهيان. مون ڪيس ڏسڻ ملڻ چاهيو پئي، پر هاڻ جڏهن هُوءَ سيني سُندرتائن ۽ سُرهاڻيُن سميت آڏو آهي، مُنجهي پيو آهيان. حالانڪ ريشم اڄ پهريون دفعو نه آئي آ. هُوءَ مون سان حُجائتي آهي. آئون به ساڻس حُجت ڪندو آهيان. پر اڄا تائين ڪيس، دل جِي ڳالهه چئي نه سگهيو آهيان.

ريشم معاشري جو اُهو ڪردار آهي، جنهن جِي سونهن ڪَينِواس تي رکيَل نامڪمل تصوير جِيان لڳندي آهي. پينٽ ٿيَل گُلَ ڦُلَ ۽ مَنظَرَ. پري کان ڏسي سگهبا آهن. انهن کي ڇُهي ناهي سگهبو. نه ئي انهن مان خوشبُو جو واسُ اچي سگهندو آهي. سندس مَرِ مَري جِسمُ، خوابن جي تعبير بدران. ريشمي وارن سان جُڙيَل گُڏيءَ جهڙو آهي، جنهن کي ڪير به خريدي سگهندو آهي. ريشم جا ڪَجلا نيڻ ڪنهن ٽانڊاڻي کي ڏسڻ جِي قُوتَ نه ٿا رکن. ڇو ته اُهي اُماس راتيُن ۾، روشن بَلبَنِ کي ڏسڻ جا عادي آهن. سندس عورتاڻَي حُسنَ جِي نفاست ۽ خوشبُو. نقلي پرفيومس ۽ ڪلونِس ۾، دٻجِي ويئي آهي.

هُن جي آهٽَ جو انتظارُ ڪندڙَ گھڻو وقت ناهِن تَرسَندا، ڇو تہ هُنن وٽ ريشم جي جاءِ تي، پَشم کي استعمال ڪرڻ ۾، ڪو هَرجُ ناهي هوندو.

****

ريشم سان پهرين ملاقات، سَٽِيِي پوسٽ تي ويٺل پنهنجي دوست، مقبول جي فليٽ تي ٿِي، سندس فليٽ جِي هڪ چابِي هميشھ مون وٽ، هُو ڇا ڪندو، ڇا نہ ڪندو هو، مون ان تي ڪڏهن نہ سوچيو، نہ هُن کي ٽوڪيو. آئون ياريءَ ۾ دوستيءَ جو قائل رهيو آهيان، نہ ڪِي دخل اندازيءَ جو. هُو ڳوٺ ويَلُ هو. آئون ”ادبَ جو سماجِي ڪارجُ“ جَي عُنوانَ سان مقالو لکڻ لاءِ، گھرَ جَي ماحول کان پري، سندس فليٽ تي موجود هُيُس، دروازو کڙڪيو، دَرُ کوليُم، هِڪَ سانوري پر انتهائي پُرڪشش ڇوڪرِي، مُنهنجي سامهون هُئي، هَٻڪندي پڇيومانس: ”ڪنهن سان ملڻو آهي؟“

وراڻيائين: ”اوهان سان.“

”آئون توهان کي نہ ٿو سڃاڻان!“

”ڪنهن سان ملڻ لاءِ، سڃاڻڻ ضروري آهي؟“ سواليہ انداز ۾ پڇيائين.

”جِي نہ.... منهنجو اهو مطلب نہ هو.“

”تہ پوءِ اوهان ڇا ٿا چورڻ چاهيو؟ هي ڏسو... مون وٽ نوٽ ٿيَل پَتَو هِن فليٽ جو آهي؟“

”بلڪل، اوهان صحيح هَنڌِ پُهتيون آهيو، پر پَتَي مٿان لکيَل نالي وارو ماڻهو آئون ناهيان.“

”اُهو ڪاٿي آهي.“

”ڳوٺ ويَل آ.“

”وڏو ڪو بدمزاج آ، اسان کي هِتي گهُرائي، پاڻ وري ٻوٽ ويو آهي!“

”پليز توهان اندر اچو مقبول کي ٻوٽان فون آئي هُئي، ان ڪري ٻوٽ هليو ويو، شايد ڪا ايمرجنسي هُيس.“

”هُون... ايمرجنسي هُيس.“ ايئن چئي ويڄڻ لَڳِي، مون ڪانئس نالو پڇيو، جواب ۾ ورائيائين: ”مُنهنجو ڪو نالو ناهي!“

حيرانگيءَ مان چيومانس: ”ڇا! اوهان جو ڪو نالو نه آهي؟“

”نالو هُجڻ ضروري آهي ڇا؟ ۽ هُجي ته ٻڌائڻ لازمي آ؟“

هُوءَ بيحد سُٺي لَڳِي چاهيُم اندر اچي، ساڻس حال احوال ڪيان، سو ڏيمي لهجي ۾ وراٽيومانس: ”ها، ضروري ته آهي.“

اڳتي وڌندڙ قدم رُڪجي وَيَس، غور سان ڏسندي چيائين: ”پوءِ اندر هَلُ ته ٻڌايانءِ.“

ڪيس ڪرسيءَ تي ويهاريُم، پاڻ ڪارپيٽِ تي ويهي رَهيُس.

ٻڌايائين: ”آئون ريشم آهيان، اوهان جَي دوست کي مُنهنجي نالي جِي خبر ناهي، هُو مون کي نه ٿو سڃاڻي ۽ نه ڪڏهن ڏٺو اٿَسِ...، ٺيڪ آهي! توهان کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي....؟ اوهان پنهنجي دوست کي مون بابت نه ٻڌائجو ان جو ڪو فائدو ناهي، ۽ ها....، هاڻي آئون هلان ٿِي، مون کي ڏِهاڙي خراب ڪرڻ جو شوق ناهي.“

”اوهان کي ڏِهاڙي خراب ڪرڻ جو شوق ناهي...! معاف ڪجو مون نه سمجهيو؟“

”مون چيو. ڏِهاڙي ... ڏِهاڙي. جنهن کي پورهيتَ تاريخ به چوندا آهن.“

”ڇا اوهان مزدوري ڪنديون آهيو؟“

”جِي ها. دِرستُ سَمِجِهيُوَ آئون مزدوري ڪندي آهيان.“

ايئن چئي اُٿڻ لڳي، چيومانس: ”اوهان چانهہ نہ پيتي...“

”آئون چانهہ پيئڻ نہ آئي هُيَس!“

”تہ پوءِ توهان هتي ڇا........“

اڌوري جملي جي جواب ۾ چوڻ لڳي: ”آئون هتي مزدوري ڪرڻ آئي هُيَس.“

”مزدوري!“

”ها.. مزدوري.. مزدوري... تون ڪرائيندين مزدوري؟“

”آئون.... آئون..... آئون.....“ لفظ حَلقَ ۾ اَٽِڪِي پيا، هُن جي انداز ۽ لَهجَي مان، سڄي ڳالهہ سمجهندي، ڪائنس پڇيُم: ”هتان وڃڻ کان پوءِ بہ، تُنهنجِي ڌهاڙي نهي سَگهي ٿِي؟“

”ڪوشش ڪرڻ اسان جو ڪم آهي، ڌِهاڙي وري، ڏيڻَ واري جو... هونئن ڌِهاڙي، تون بہ ڏيئي سگهين ٿو.“

اهڙن چڪرن ۾ نہ هوندَي، چاهيُم جلدي نہ وڃي، پڇيومانس: ”تُنهنجِي ڌهاڙي الئہ جَي ڪيتري آهي، آئون ڏئي بہ سگهندس يا نہ!.“

وراڻيائين: ”تون دل بَڌُ، اوڌر ٿِي سَگهي ٿِي.“

سندس رَوَيَي مان لڳو پوڳ جي مُوڊ ۾ آهي چيومانس: ”چڱو سَينڊلُ لاهي، سَوَلِي ٿي ويهہ.“

پَر ۾ ويٺي، مقالو لکڻ وسري ويو، ڌَهاڙي جي دنيا ۾ اچڻ بابت، ٻڌايائين: ”غريب پيءُ ماءُ جِي ڌيءَ هُئڻ ڪري، ميٽرڪ کان پوءِ پڙهائي جاري رکڻ لاءِ، پرائيويٽ اداري ۾ پرسنل سيڪريٽريءَ جي نوڪري ڪَيَمِ. باس ڪافي وقت سٺي نموني پيش آيو، اڳتي هلي اصليت ڏيکاريائين، تہ باقي ڪجهہ نہ رهيو. ڏوهہ شايد مُنهنجو بہ هُيو يا مجبوري هُئي. مون وٽ ڪجهہ نہ رهيو تہ نوڪري بہ رهي نہ سگهي. ٻِئَي اداري ۾ ملازمت مِلِي، اُتي جَي مالڪ جا ساڳيا حال هُيا، ايئن آئون

ڪافي جايُن تي نوڪري ڪري چُڪيَسِ. هاڻي مون لاءِ ڪٿي ملازمت وٺڻ، ڇڏڻ ڪو مسئلو نہ رهيو. آخر اهڙو ماڻهو مِليو جنهن ڇيو اهو ڪهڙو طريقو آهي، ٿورن پيسن عيوض، سچو مهينو نوڪري ڪَندِي وَتَين. مُنهنجو چوڻ مچ تہ، بيئي خوش زندگي گذاريون.. مون ان جو چوڻ مڃي ورتو. هاڻي پَيسَي جِي تَنگِي نہ رهي آ. هِتَي جو ڏَسُ پَتو اُن ئي ڏنو آهي.“

ريشم سان ڪافي دير ڪچهري ٿِي، پاڻُ آچيائين، مون هُن کي ان مقصد لاءِ نہ روڪيو هو. ڪيس اُجرَت ڏِيندَي، وڃڻ جِي اجازت ڏنم. ريشم وقت ڏيڻ باوجود ڏِهاڙي نہ ورتي، تاريخ ضايع ڪري وئي هلي. سندس اها صفت وڻي، ذهن تي سوار ٿِي ويئي.

اج ريشم مون وٽ آئي آهي، ارادو ڪيو اٿم ڏِهاڙيءَ واري دنيا مان، ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪيس شاديءَ جو چَوندُس. هُوءَ جنهن دَٻِ هلي رهي آ، اها سندس خوشي نہ، پر مجبوري آهي. مون کي يقين آ. ريشم ڳالهہ مڃي ويندي، پر الئہ ڇو ڪيس دل جِي ڳالهہ چَوندَي، هَٻڪِي رهيو آهيان.

❖

# سَرِيرَ ۾ سِرتِ

ڄايُسِ تہ امان ۽ بابا نالو ڄِيئندَل خانُ رکيو. سَندنِ مَنشا هُئي تہ آئون جيئندو رهان. مون سان ماءُ پيءُ اڻڄاڻائيءَ ۾، اهو نالو رکي دشمني ڪئي، ڪين خبر هجي ها تہ ان سان، جيئڻ جنجال ٿي ويندو. تہ شايد ايئن نہ ڪن ها.

آئون معصوم هئس، دنيا ڄِي ڪا خبر نہ هئي، امان بابا نازن سان پاليو. جيئن جيئن سَرِيرَ ۾ سُرتِ ڪَرُ ڪڻڻ لڳِي، عجيب ڪيفيت طاري ٿيندي ويئي. ماءُ پيءُ جي ڳالهائڻ سان، انهن بدران آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳس، ڳاڙهيون اکيون پاڻيءَ سان پريل رهڻ لڳيون. ٻاهران گهر اچڻ تي امان پڇندي هئي: ”صدقي وڃانءِ منهنجا جيئندل، ڪير وڙهيو اٿئي ڇا؟“ ڪو جواب نہ ڏيندو هُيومانس.

ماڻهو ڇريو سمجهڻ لڳا. ڪِن جو چوڻ هُيو، غيبات جو اثر آهي، ڪي وري امان جي پيٽ ۾ هئڻ دوَران، اُن پاران چنڊ گرهڻ ڏسڻ جِي ڳالهہ ڪن پيا. آئون ڪنهن سان نہ ڳالهائيندو هوس، پر سمجهندو هُيس، ماڻهو ڇا ٿا چَوَنِ، ڪهڙي نظر سان ٿا ڏِسَنِ. سَندنِ ٻار مون سان گهمڻ تي، ڪَينِ پري ڪرڻ جِي ڪوشش ڪن ٿا.

سڀ ڪجهہ سمجهندي بيوس بڻيَل هُيس، ڪنهن کي سمجهائڻ، دلاسو ڏيڻ جِي ڪوشش ٿَي ڪَيَم، تہ غَيبِي طاقت روڪيو ٿي. خاڪي جِسمُ، وقت سان گڏ وڌندو رهيو امان بابا پِيرَنِ فَقيرَنِ جا دَرَ پَيِٽيندا رهيا، ڪَينِ ڪجهہ حاصل نہ ٿيو. رنگينيءَ جي عمر کي

پَهتُس، عَجَبِياتِ جو سلسلو زور وٺي ويو. مائٽن ۾: ”جِيئندَلَ ڪي اولياءُ جي درگاهہ ڪنهن مزار تي ڇڏي اچو.“ جا چوٻول ٿيڻ لڳا.

ماءُ پيءُ اَزغَيبِي بيماريءَ ڪري پريشان هئا. مائٽن جي مَشوَرَي تي عمل ڪَندَي، صُوفِي درويش جَي مزار تي ڇڏي ويا. جِتيَ ڪيترا ئي نَصيبَنِ جا مارِيَل موجود هئا. تقدير ۾ لکيل هو سو وجود جي ٻُوٽَي ڪي، ڪراڙ ڍنڍ جو پاٽي ڏيئي، جِيدانُ ڏيندو رهيُس.

هِڪَ رات درگاهہ تي مَحوِ ڪيفُ هئس، ڪنهن اَڻڄاتِي قُوَتَ، ٻاهر هلڻ تي مجبور ڪيو. سخت سرديءَ باوجود پگهر ۾ شَلِ ٿِي وَيُس، نہ چاهيندي اڳتي وڌندو رَهيُس. جهنگ بيابانَ مان، گذرڻ جو احساس نہ رهيو. هلندي وڏي جبل ڪان اُڪِري، ميدان ڏانهن وڌڻ لڳس، عجيب حالت هئي، سرديءَ سبب تلاءَ برف ٻڻيَل هُيا، پر مُنهنجَي اندر ڄاولُ سَمنڊُ، پگهرجِي رهيو هو.

اونداهيءَ ۾ ڪِنوڻ ڪِلي، ميدان جي ٻئي طرف ڪان، ڪنهن ڪي ايندي محسوس ڪَيُم، ڪيفيت اَبتَرِ ٿِي ويئي. ايئن پيو لڳي باطل قُوَتُون، آمهون سامهون ٿي رهيون هُجَنِ، وِڪَ وِڪَ سان گوڙِ جا آواز وڌڻ لڳا.

پاڻ ڏانهن وڌندڙ وجودَ جي سامهون ٿِيُس، ڏٺم هُو مون جهڙو انسان آهي، ٻنهي جِي ڪيفيت هڪجهڙي. هڪٻئي جي سامهون، دشمن جي رُوپ ۾ هُياسين. مون اڳتي وڌي وارُ ڪَيُس، هُن جوابي حملو ڪيو، دشمنيءَ جي باهہ وڌيڪ ڀڙڪِي، هڪ ٻئي ڪي، نَيستِ و نابُود ڪرڻ جِي ڪوشش ۾ لڳي وياسين.

شيطاني ويڙهہ جاري هُئي، نوراني لاٽ نظر آئي، ٻنهي جو ڌيان ان طرف ويو. ڏٺوسين مزار وارو درويش هو. اسان سان مخاطب ٿيندي چيائين: ”اي ناداني‌ءَ ۾ گرفتار قوم جا فردؤ توهان اَنائُن جَي ڪِرَوڌَ ۾ وِڪوڙيَل آهيو..! هوشيار ٿيو پاڻ کي سڃاڻو نہ، تہ برباد ٿي ويندا، ڪا ڏارين قُوت، توهان جي ڌرتيءَ تي قابض ٿي ويندي، هيءُ وقت پاڻ ۾

وڙهڻ جو نہ آهي.“

بُزرگَ جِي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، اسان وڙهڻ وارا، پاڻ ۾ ڪيئن آهيون، سمجهايائين: ”اوهان هڪ قوم جا فرد، پاڻ ۾پيائر آهيو. توهان دولابَ ۾ اچي، اڳ بہ هڪٻئي کي قتل ڪيو هو، وري هينئر ساڳئي ڏوڪي ۾ گرفتار آهيو. اي خدا جا بندؤ ان فريب ۾ نہ اچو نہ تہ مارجي ويندؤ. اهو سلسلو جاري رهيو تہ اوهان جِي قوم کي، ذلت ۽ خواريءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ ملندو، ڪا ٻي ڌُرِ اوهان تي غالب ٿِي ويندي.“

صوفي درويش سمجهائيندي، هٿ ۾ ڪَنيَل زَنبِيلَ مان پاڻيءَ جا ڇَنڊا هَنيا، ٻِنهي جَي اندر ٻرندڙ باهہ وسامڻ سان، تيز ڪڇندڙ ساهہَ سامَتِ ۾ اچي ويا. بُزرگَ ويندي ويندي، محبت جي پيغام سان پَريَل رسالو ۽ دل جو سُڪونُ حاصل ڪرڻ لاءِ دَنبُورو ڏيندي چيو: “وَجَو وَجِي صُوفيُن جَي ڏرتيءَ تي، وَحدانِيَتَ جو وِردُ ڪيو ۽ پيارَ جي پچارَ کي ماڻهن تائين پهچايو، جيئن نفرتن جِي پاڙ پَٽجِي وڃي، ۽ مُحبَتُنِ جَي ديس تي، اُلفت جا آگَم ٿِيَنِ.“

❖

# ٻيبِي نِرمَل

اسڪُولَ جَي معائني دؤرانِ، ڪلاس روم جَي دروازي تي پهتاسين، هُوءَ بليڪ بورڊ تي لِکِي رَهِي هُئِي، سندس ڪارا مَينديءَ رَتا وارَ، اِسڪارِفِ ڪي پارِ ڳَندَي، ڇَيلِهه ڪي ڇُهِي رهيا هئا. مُعائنا جَماعتَ جو اَحساسُ ٿِيندَي، شاگردن ٻِيهِي سلامُ ڪيو، اسان ڏانهن ڏِيانُ ٽِيُسِ، مُڙِي سَلامُ ڪيائين. هَيڊِ مِسٽرِيس ٻُڌايو: ”هِي ٻِيبِي نِرمَل آهي، اِسڪُولَ جِي اُها ٽيچر، جيڪا ڪو بہ ڪلاس ڏيڻ تي، خوشيءَ سان ڪَٽنڊِي آ، هَرِ مَضمونُ پڙهائڻ لاءِ تيار رَهندِي آ، سيني سَبجِيڪِٽس تي ڪيس عَبُور حاصل آهي، ماشاالله ڏاڍي محنت ڳَندَي آهي ٻارَنِ تي.“

هَيڊِ مِسٽرِيسِ جِي ڳالهہ ٻُڌِي چيائين: ”سَرِ مُنهنجَو فَرضُ آهي، تہ جيڪو ڪلاس مِلَي، اُنَ تي راضِي رهان ۽ ٻارن کي دل سان پڙهايان، نَوڪِرِي مُنهنجِي رَوزِي آهي، ايمانداريءَ سان نہ ڳَندِيَس، تہ ضَميرُ مَلامَتَ ڪندو.“

سندس ڳالهہ وٽِي، چَيُم: ”ضَميرُ تڏهن مَلامَتَ ڪندو، جڏهن اَحساسُ هوندو، اَڄُڪلَهہ اَڪثريتَ ذميواريءَ کي محسوس نہ ٿِي ڪري، نہ ئِي هر ڪنهن وٽ فَرضَ کي سمجهڻ جو فَهمُ آهي.“

ٻِئَي اِسڪُولَ جَي مُعائنَي دؤران ڪلاس کان غير حاضر، استاد جا دَلِيلَ ياد اچڻ لڳا، چَئَي پيو: ”سائين آئون اِسڪُولَ ۾ موجود هُيُسِ، پِيريَڊُ جو بَيلُ لڳڻ وقت مهمانُ اچي ويو ان ڪري ڪلاس ۾ نہ

اچي سَگهيُسِ. اتفاق سان ڪلاسُ نہ ٿيو تہ ڪھڙو پونچال اَچي ويندو. بارن هِڪُ پيريَڊُ نہ پڙهيو تہ ڇا ٿِي پيو..!“

هَيڊِ مِسٽريسِ پاران بِيبِي نِرمَل جِي تَعريفَ، سندس ذميواريءَ سان ڪمِٽمَينِٽ، ڳالهائڻ جَي انداز ۾ اخلاق بيحد متاثر ڪيو. سيپئي ڪلاسَ وِزِٽ ڪري آفيس ۾ ويٺاسين. رِسَيسِ دؤران ڪجه ٽيچرس ميڊم جي آفيس ۾ آيون. هُوءَ بہ اُنَهنِ ۾ شامل هُئِي، ساڻَنِ تعليم جَي بَهتريءَ سان گڏ، ذاتي حوالي سان بہ گُفتَگُو ٿِي. بِيبِي نِرمَل سان ڪِيُوٽِ ۾ اَيڪِٽِو ننڍڙي ڌيءَ بہ ساڻ هُئِي، پُڇَڻَ تي ٻُڌايائين، کَيسِ بِنِ نِياڻِيُنِ جو اولاد آهي، سندس گهرُ اِسڪُولَ کي ويجهو آهي.

بِيبِي نِرمَل جَي مِزاجَ مَوهَي وِڌو. دل چاهيو تہ ساڻس الاهي ڳالهيون ڪريان، سندس ننڍڙيءَ جا ٻاتا ٻولَ ٻُڌان. پر سرڪاري حيثيت کي نظر ۾ رَکندَي، ميڊم سان اِسڪُولَ جَي انتظامي ۽ تعليمي معاملن تي ڳالهائَي، ٽِيمِ سان گڏ، پنهنجي آفيس اچي وَيُسِ. سُپرِنٽَينڊَنٽُ غَورِي صاحب فائيلَ اڳيان رکي ويو. اَڪائونٽَنٽُ مالِي معاملات ڊِسڪَسِ ڪري، هدايات وَٺِي پَنهنجَي ڪم سان وَڃِي لڳو. اَڪيلَو ٿِيُسِ تہ مَحسُوسُ ڪَيُمِ، مُنهنجو رُوحُ اڃا اِسڪُولَ ۾ اَٽڪِيَل آهي، بِيبِي نِرمَل جَي ڪلاس ۾ وَڃڻُ، سندس هَيڊِ مِسٽريسِ جِي آفيس ۾ اچڻ ۽ واٽر ڪُولرَ پرسان گاڏيءَ ۾ ويهڻ. جتي بِيبِي نِرمَل ننڍڙيءَ کي پاڻي پِيارِيندَي نظر آئِي، سَڀُ مَنظَرَ اَکيُنِ اڳيان ڦِرَڻَ لڳا. اهڙي ڇِڪَ هر عورت ۾ ناهي هُوندِي، روز ڪَيترِيُنِ مائِنِ سان مُکا مَيلُ ٿيندو رَهَي ٿو. مُنهنجَي نوڪِريءَ جِي نوعِيَتَ اهڙي آهي.

بِيبِي نِرمَل جو رَوَيو، اخلاقي رَمزَ نہ ٿِي وِسرَي.... سوچيان ٿو اِهو اخلاقي حوالَي سان بهتر ناهَي، آئون تعليم کاتَي جو آفِيسرُ آهيان، ڪيترا ئِي مُلازِمَ آهن. ڪنهن کي ياد ڪَندُسِ، ڪنهن لاءِ پُورَ پَچائيندُسِ. اِيئَن ڪرڻ سان فَرضَنِ ۾ ڪوتاهِيءَ جو اِمڪانُ

آهي. اِنَ ڪري اِرادَتَن ٻيبِي نِرمَل کي وِسارڻُ چاهيُم. ۽ ڪجھ هفتن ۾ ڪيس دل تان لاهَي ڇڏيُم.

جلديءَ ۾ ٿِي پِروموشَنُ ٿيو پوسٽنگ ٻئي ضلعي ۾ ٿِي وَيئي، وَقتُ پَنهنجِي رفتار سان هلندو رهيو. ڪجھ سالن تائين ٻَئن ضلعن ۾ ڊِسٽرِڪٽ آفِيسرُ رهڻ کان پوءِ، اجا ٻـ مَٿئَين گرِيڊَ ۾ ترقي ماڻَي، ڊائريڪٽر بڻجي وَيُس. اِنٽَرِڪامِ تي پَرسِنَل اَسِسٽَنٽَ چيو: ”سَرِ آپا تَسنِيمِ اوهان سان ملڻ چاهَي ٿِي.“

ياد نہ آيو ڪهڙِي آپا تَسنِيمِ..! پي اي کي چَيُم: ”ڪيس اندر اُماڻيو.“

آپا کي ڏِسِي سُڃاڻَي وَرتُم. تَسنِيمِ اُها هَيڊِ مِسٽرِيسِ هُئِي، جنهن ٻيبِي نِرمَل جو تعارف ڪرايو هو. سندس هٿن ۾ رٽائرمينٽ جَي ڪاغذنِ وارو فائيلُ هُيو. ڪَيسِ خَيرَ سان سَروِسِ پُورِي ڪرڻ جِي مبارڪ ڇَيَم. ساڻَسِ حالِي اَحوالِي ٿِيُسِ. ڪاغذن تي ڪارروائِي ڪرائَي ڏِنِي مانس، وَيندَي وَيندَي ڪانئُسِ ٻيبِي نِرمَل بابت پُڇِيُم. ٻُڌايائِين: ”نِرمَل مون کان هَيڊِ مِسٽرِيسِ جِي چارج وَرتِي آهي، سندس ساڳيو دل لڳيءَ سان پڙهائڻ جو سلسلو جارِي آ. وقت جِي پابند ۽ اِيمانداريءَ سان ڊِيُوٽِي ڏِيَڻَ جِي اَڄُ بہ قائل آهي. پر سندس گهرواري جو اِنتِقالُ ٿيڻ ڪري، پريشانُ رهڻ لَڳِي آ.“

اِها خَبَرَ ٻُڌِي اَفسوسُ ٿِيو آپا وَيئِي هَلِي. ذهن تي بہ سالَ اَڳُ، زالَ گذارَي وَڃڻَ کان پوءِ جو، وايُومَنڊَلُ ڦِرڻَ لڳو. ڪيئن نہ هِڪَ فَردَ جَي وفات سان سڀ رشتا، ناتا، رَوَيا ۽ ماحولُ تَبدِيلَ ٿِي وڃي ٿو. گهرواريءَ جَي انتقال جو بيحد ڏک ٿِيو وقت سان زخم ڀرجڻ لڳا. سندس مَٽُ مِلَڻُ ناممڪن هُيو. هُوءَ مون کي نَندَي ٻارَ جِيان سَنڀالِيندِي هُئِي، ٻِي ڪا عورت اِهڙِي زالَ ٿِي سگهندِي؟ ذهنُ مَڃڻَ لاءِ تِيارُ نہ هُيو.

گهرواريءَ جَي وفات کان پوءِ، ٻُنهُن ۽ نَندِي نِياڻِي، وَسَ آهرِ

خِيالُ رَکندِيُون رَهيُون، مُنهنجَي شادِي شُده نِياڻِيُن جو رايو هُئو ته آئون اجا ٿَيوَنجاهه سالَن جو آهيان، مون کي ٻِين شادي ضرور ڪرڻ گُهرجَي. خِيالُ مُنهنجو به اِهو ئِي هُيو. مان ته پندرنهن سال اَڳُ، گهرواريءَ جَي حياتيءَ ۾ ئِي، "نِرمَلا" سان شادي ڪرڻ جو رُڳو سوچيو نه هو پر امان بابا کي راضي ڪري، نِرمَلا جَي گهر وٺي ويو هُيُس، سندس رِشتو گُهرَڻَ لاءِ.

نِياڻيُون شاديءَ لاءِ چَوَندِيُون رَهيُون، آئون به رِشتَي جِي تلاش ۾ هُيُس، ٻِيبِي نِرمَل جِي ڳالهه ٻُڌَمِ، سندس گهرُو حالتن جو پَتَو پيُم، دل اُنَ ڏانهن مائل ٿيڻ لڳِي. آپا تَسنِيمِ هِڪُ به دفعو پوءِ به آئِي، ڪانئُسِ ٻِيبِي نِرمَل ۽ سندس ٻارڙن جو حالُ اَحوالُ وَرتُمِ. باقي ساڻس شادي ڪرڻ جَي خواهشِ جو اظهارُ نه ڪَيُمِ.

آپا تَسنِيمِ کان نِرمَل جو مَوبائِيلِ نَمبَرُ وٺڻ بدران، ٻئي ذريعي سان هَٿِ ڪَيُم، ڪَيترائِي دفعا ڪَيسِ فونِ مِلايَم، پر ٻِيبِي نِرمَل اَڻڄاتَل نَمبرَ تان ڪالِ اَٽَيندِ نه ڪَئِي. اَيسِ اَيمِ اَيسِ ڪري پاڻَ بابت ٻُڌايومانسِ، پَنهنجِي پوستِ ۽ ذاتِ کي مَخفِي رَکيُمِ، پر نه ڳالهائَي نه ڳالهايائِين. ڪڏهن بَي ڏِيانيءَ ۾ ڪالِ اَٽيندِ ڪري وَٺندِي هُئِي، آئون هَيلَو هَيلَو ڪندو هُيُسِ، پر هُوءَ جَوابُ ڏِيَڻَ بَجاءِ، ڪالِ ڪَٽَي ڇَڏيندِي هُئِي. آئون لاهَي پاهَي ٻِيٺُسِ، نِيَتَ ۾ ڇَڱائِي هُئِي، ڪَيسِ تنگ ڪرڻَ لاءِ اِيئَن نه ٿَي ڪَيُمِ، چاهِيُمِ ٿَي ساڻسِ شادي ٿِي وَڃي، ته آئون به سُکُ ماڻيندُس، هُن کي به ٻارڙن سَميتَ بهتر ماحولُ مِلَندو. ڇڱو وَقتُ اِيئَن گُذِريو ٻِيبِي نِرمَل فَونِ نه کَڻندِي هُئِي، آئون فَونِ ڪرڻ کان نه مُڙندَو هُيُسِ.

ٻِيبِي نِرمَل جَو مُڙسَ جَي مائٽن سان، سَندسِ حياتيءَ ۾ ئِي تَعلقُ ختم ٿِيَلُ هو، ڪيس پاءُ نه هُيو. پِيڻُ عَجِيبُ طَبِيعَتَ وارِي هُئڻَ ڪري، هُجَڻَ نه هُجڻَ جَي برابر هُئِي. هُوءَ شَرِيف مائِي ڪنهن سان، مُنهنجِي شِڪايَتَ ڪَرڻُ مُناسِبُ نه پَيئِي سَمجَهي، آئون به هُنَ سان

بَداخلاقي نہ ڪندو هُيُس، بَسِ مَرضِي هُئِي تہ شاديءَ لاءِ راضِي ٿِي وَڃي. رَيسپانِس نہ ڏِنائين تہ اَتڪَلَ سُجهي آئِي، جنهن سان هُوءَ سُٺِي عَورَتَ هُئڻَ ڪري، لاچارُ ٿِي ضَرورُ ڳالهائيندي. اُها ترڪَ هُئِي، سندس مَوبائِيلِ نَمبرَ تي اِيزِي لَوڊُ اُماڻِي، اَيسِ اَيمِ اَيسِ ڪري ڇڏِڻُ.

فِي الحالُ مُنهنجِي اِنَ عَملَ تي، ڪو رَدِ عمل نہ ڏِنائِين، پر آئون نہ مُڙيُسِ. نَيٺِ مُنهنجو هَلايَلُ حَربَو ڪامياب ويو. هُوءَ مُون کي مُسلسَل اِيئَن ڪرڻ کان رَوڪڻَ لاءِ، ڳالهائڻَ تي مَجبُور ٿِي وَيئِي. هُنَ بہ ٿَي دفعا رُکو ڳالهايو. هَلڪو سلڪو دابو پڻ ڏِنائِين، پر مُنهنجَي سُٺَي رَوَيَي ۾ اَحترامَ کان مُتاثر ٿِي، اِنَ شَرطَ تي ڳالهائڻُ شُروع ڪَيائِين، تہ آئون ڪَيسِ اَيزِي لَوڊُ نہ اُماڻِيندُسِ. مُون سَندسِ شَرطُ قَبُولِ ڪري وَرتَو.

بِيبِي نِرمَل کي خَبرَ هُئي تہ آئون، ساڻَسِ شادي ڪَرڻُ چاهيان ٿو. مُون مَيسَيجِزِ ۾ هُنَ کي ٻُڌائَي ڇڏِيو هو. هُوءَ فونِ تي ڳالهائڻَ لَڳِي، هَورِيان هَورِيان مَوبائِيلِ وارِي مُلاقاتِ جو وَقتُ وَڌڻَ لَڳو. مُنهنجِي نَيڪ نِيَتي ۾ بَيحَدِ اَحترامُ ڪَيسِ مُتاثر ڪري ويو. مون تي اعتبارُ ٿِيُسِ، تہ اندرَ جا حالَ اَورِڻُ شروع ڪيائين. بِيبِي نِرمَل سان بَي تَڪَلُفِي وَڌِي تہ ڪنهن بہ مُوضُوعَ تي، دِلِ کَولِي ڳالهائڻَ لَڳاسِين. اَقرارُ ڪَيائِين تہ مُنهنجَي ساڻَ سان، سَندسِ زِندگيءَ ۾ خوشگوار تَبديلِي اچڻ لَڳِي آهي.

بِيبِي نِرمَل کي پَنهنجِي ذاتِ، گَهرَ بارَ ۾ نوڪِريءَ بابت ٻُڌائَي ڇَڏِيو اَٿِم، آئون ڏاڍو خوش آهيان، آفِيس هُجان، گَهرِ اچان، شَهرَ کان باهَرِ وَڃان، هُوءَ هَرِ وَقتِ رابِطي ۾ رَهڻَ لَڳِي آهي، اِيئَن شادي ٿِيڻَ کان اَڳُ ئِي هُنَ، مُنهنجي زِندَگيءَ جو اسٽيئرِنگِ سَنڀالَي وَرتَو آ.

❖

# خوشين جي باغ ۾ اُداس وڻ

زندگيءَ جَي رِڻَ ڪي، ساٿ سان سَرسبز بنائڻ وارِي، توڪي ايئن نہ مناسب هو. مون تو سَهاري جِيوَنَ جَي زهر ڪي، آبِ حيات سمجهي، پيئڻ جِي همٿ ساري هُئِي. آئون زندگيءَ ڪان لاطمع ٿِي، آتم هَتِيا ڪرڻ لڳو هوس، تو ان فيصلي ڪي، ساٿَ جَي واعدي سان ختم ڪرايو هو. اڄ هيءَ زندگي تُنهنجَي ڪَيَل آزِيُن جَي ڪِستَي ۾، ڪَوٺَي سِڱَي جيان پَيئِي آ، ان ڪي ڳَيرُ سنڀاليندو؟ خيرات ۾ ورتل زندگي، صرف تو لاءِ هُئِي، ۽ تون ڪنهن ٻئي جِي ٿِي، ڪِستَو اُڇلائَي ڇڏيو آهي.

مجيان ٿو تو اهو ڪجهہ مرضيءَ سان نہ ڪيو هوندو، پر آئون ان سوال جو حق رکان ٿو، رِيتُنِ رَسمُنِ سان بغاوت جِي همٿ نہ هئي تو ۾، تہ مون ڪان منهنجي زندگيءَ جِي خيرات ڇو گُهريَئي؟ مون وعدن تي اعتبار ڪندي، تو ڪي پَنهنجِي زندگي بخشي ڇَڏِي، ۽ بَخشش جِي سزا اَڪَيلَي سِرِ ڀوڳيان پيو. ڇا ان ڀوڳنا جو توڪي ڀاڱي ڀائيوار نہ هجڻ کپندو آ؟ گناهہ ۾ ڀائيوار هئاسين، تہ اڄ مان اڪيلو هن حال ۾ ڇو آهيان؟

خبر آهي تنهنجي حقيقي حالت جِي، ماضيءَ جا عڪس مَنَ تي چِٽيَل آهن، تن مان سچائيءَ جِي مَهڪَ اڄان بہ اچي ٿي، تنهنجون يادون اَمُلهہ خزانو آهن، دل ۾ سانڍِي رکيو اٿم انهن ڪي. مون ڪي عزيز

آهن يادون، ڇو تہ اهي منهنجي پياريءَ جون آهن. جيڪا منهنجي وجود جو حصو هُئي، هوءَ صرف مُنهنجِي هُئِي، هُنَ جا جَذباتِ صرف مون لاءِ هُيا.

ٻنِ وجودن ۾ ورهائجي ويا هُون، پاڻ ۾ فرق جو عنصر نروار ٿِي پيو آهي، اڄ چاهيندي بہ توکي، پنهنجو نہ ٿو چئي سگهان، ۽ تون اهو سوچڻ جي بہ، قابل نہ رهي آن، تنهنجا حق واسطا ڪنهن ٻئي جَي نانءِ لکجي چُڪا آهن، تنهنجا پاڪ جذبا، مون لاءِ ناپاڪ ٿِي ويا هِن. پر ماضيءَ جي زَمانَ کي پڪڙي ورتو آ مون، جنهن ۾ تون پَوتَر هُئينءَ، انهن لَمحَنِ کي زندگيءَ جو همسفر بڻائي ڇڏيو اٿم.

مون ۽ تُنهنجَي ظاهري جيون ساٿيءَ ۾اهو فرق آهي، جو مُنهنجِي ڪائناتِ، لَوبَ لالچ کان آجِي مُقدَس آهي، ۽ هُن جِي ڪائنات، وَيساهہَ گهاتِي ڪندڙَ يا ريتن رسمن جِي ماريَل بي وس ناري آهي. ٻنهي صورتن ۾ هُن وٽ جيڪا، ڪائنات موجود آهي، ان کي پَوِتَرِ نہ ٿو چئي سگهجي، ڇو تہ جيڪڏهن هوءَ ويساهہ گهاتِڻ آهي، تہ بہ، اُنَ جا جذبا نيڪ ناهن، ۽ اگر ريتن رسمن هٿان هاريَل آهي، تہ هوءَ رسماً هُن سان گڏ آهي، سندس جذبن کي پاڪ نہ ٿو چئي سگهجي.

يادُنِ وارِي ڪائنات، تون مُقدَس آهين، تُنهنجَي شانَ ۾ قصيدا لکجن، انهن جو ڪو انَتُ نہ ٿيندو، غزل گيت لکجن، انهن جو سِلسِلو اٽڪت ثابت ٿيندو. پر هُن وارِي ڪائناتِ لاءِ، نَوحَو بہ نہ ٿو لکي سگهجي، ڇو تہ اُنَ لاءِ پَوِتَرتا جِي ضرورت آهي، پر تو ۾ اهو گُڻُ ناهي، تُنهنجو ڪردار آبِ حيات کي، زَهرَ ڪري پيئڻ جهڙو آهي.

پنهنجو رشتو ماسات مِنِي ذات وارو هُيو پر پنهنجا ڳوٺَ وِڇيرڪا هئا، تو سان ملاقات موقعي ڪانسواءِ نہ ٿيندي هئي. ڪنهن نہ ڪنهن بهانَي، تُنهنجَي ڳوٺ ايندو هئس، سوڳَهڙِي وارَي سَلَي جيان پيارُ پَروان چڙهندو رهيو. رشتي جي پَرمَ پنهنجي پيار کي، حقيقي پيارَ ۽ شرافت جي حد اندر رکيو. ڳوٺ کان پري نوڪري ملي، مهيني

بئي ڳوٺ ايندو هُيُم، خواهش هوندي هئي سڀ ڪان پهريان توکي ڏسان، پر ايئن ڪري نہ سگهندو هوس، ڪنهن دفعي تہ ٿوري موڪل هٿ ڪري، توکي ڏِٺَي بغير واپس هليو ويندو هئس. ملاقات نہ ٿيڻ ڪري سفر جي تڪليف ڪان بيمار ٿي پوندو هئس. پر توسان ملاقات ڪري واپس ايندو هُئس، تہ پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪندو هُيُس. ياد آهي تو سان ملاقات جَي چڪر ۾، ڳوٺ ڪان نِڪرندَي دير ٿي ويئي، نوڪريءَ واري شهر ڏانهن وڃڻ لاءِ، اهڙي بس ملي جنهن ۾ ويهڻ جي جاءِ نہ هئڻ ڪري، ڇئن ڪلاڪن جو سفر بيهي ڪَيُم، پر ٿَڪاوَٽَ جو احساس نہ ٿيو.

زندگي، پيارُ عشقُ، منزل ڏانهن روان دوان هُئا، امڙ جِي وفات ٿي ويئي، ان وقت آئون نوڪريءَ واري شهر ۾ هئڻ ڪري، سندس مُنهن نہ ڏِسِي سَگهيُسِ، مون کي بابا وارن امڙ جَي وفات جو نہ ٻڌايو. ان المناڪ واقعي بيحد متاثر ڪيو. جيئڻ تان ارواحُ کڄي ويو. زندگيءَ کي بارُ سمجهندي، ان کي ختم ڪرڻ جِي ڪوشش ڪَيَم. مُنهنجَي مَنصوبَي کي ناڪام ڪرڻ ۾ ڪاميابُ وئينءَ. سُهڻا خواب ۽ زندگيءَ جون رَعنائيون ڏيکاريَئي، توکي هَمدردُ، مَحبوبُ ۽ هَمسَفر سَمجِهي، پَنهنجِي زندگي پاڻ کي، بَخشِ ڪري ڇَڏِيَم.

يادُنِ وارِي ڪائناتِ، مُنهنجَي حافِظَي جو واڇُوڙو. گولُ ڦِرندَي اُنَ لَمحَي تي وِڪِرِي ويندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻڌايو. تُنهنجِي شادي ٿِي رهي آهي، منهنجا حوصلا خطا ٿي ويا. تو سان ملاقات ڪَيَم. تو کي وَچَنَ ياد ڏياريَم، تو همٿ نہ جَهلي، ريتن رسمن ڪان هار کائِي وَئينءَ. شاديءَ واري ڏِينهُن، ديوانگيءَ ۾ سِهرا ڳائڻَ لَڳُس. شاديءَ لاءِ زوريءَ ها ڪرائڻ ڪانپوءِ، توکي ڏندڻَ پَئجِي ويا، پر مُنهنجَي يادُنِ وارِي ڪائناتِ، سَچِي مُحبَتَ لاءِ ايترو ڪُجُهہ گهڻو گهٽِ هَو.

❖

# عَجبُ عِشقُ آهي

”جَجِ صاحب آئون هِن سان مُحبتَ نہ ٿو ڪريان، هيءَ مون کي مالدار هُئڻ ڪري، زال جي دعويٰ سان ڦاسائڻ چاهي ٿِي، آئون تہ ڪيس سڃاڻان بہ نہ ٿو اِها مون ۾ مُنهنجَي خاندان کي رُسوا ڪرڻ جِي سازش آهي.“

”تون شبانہ کي نہ ٿو سُڃاڻين، پر هوءَ چوي ٿِي، تو هُن سان نِڪاحُ ڪيو آ.“

”جج صاحب ڪنهن جَي چوڻ سان ڇا ٿو ٿئي، هوءَ نڪاح جِي دعويٰ ڪري ٿِي، تہ نڪاح نامو پيش ڪري.“

جج، ثاقب خان جِي ڳالهہ ٻُڌِي، شبانہ سان مخاطب ٿئي ٿو:

”نِڪاحَ جِي ڳالهہ ڪيو ٿِيُون، ان جَي ثابتيءَ لاءِ اوهان وٽ نڪاح نامو آهي؟“

شبانہ، ثاقب جَي بيان ڪان پوءِ، سَڪتَي وارِي حالت ۾، جهُريَل جيءَ سان ايترو چئي سَگهي: ”جج صاحب، ثاقب جَي بيان ڪان پوءِ، آئون ڪجهہ بہ چوڻ نہ ٿي چاهيان.“

ثاقب خان تي اغوا جو ڪيس هُيو. شبانہ طرفان ڪورٽ ۾ جَجَ اڳيان ڪو بَيانُ نہ ڏِيڻَ ڪري، ڪيس باعزت بَري ڪيو ويو. شبانہ کي سندس مائٽن ڪان، ڪو نقصان نہ پهچائڻ جِي ضمانت وٺڻ بعد، ساڻِن گڏ وڃڻ جِي اجازت ڏني ويئي. هُوءَ ڪورٽ جَي اڳڻ تي، خزان ۾ ڇَڻيَل زرد پَنَنِ جِيان، پَنهنجَي بي معنيٰ وجود سان، اکيُن مان نِيرَ وَهائَي

رَهِي هُئِي. ثاقبُ خانُ پيءُ ۽ پائرن سان، قيمتي گاڏيءَ ۾ ويهڻ لڳو. شبانہ جِي نظر پيَس، حوصلو گڏ ڪري ڪانئس سوال ڪيائين: ”ثاقب، تون مون کي نہ ٿو سڃاڻين؟“

ثاقب، هن طرف ڏنو ڪجھ چوڻ چاهيائين، پڻهس گاڏيءَ جو دروازو کولي، کيس اندر ڌِڪي ڇڏيو.

شبانہ آخري اِلتجا ڪَيَسِ: ”ثاقبَ، سڃاڻڻ کان انڪار نہ ڪر، واعدو آهي تو ڏانهن اچڻ جِي ڪوشش نہ ڪنديَس، پر دلجاءِ ضرور ٿِيندِي، تو مجبوريءَ کان مُنهن مَوڙيو آهي.“

جواب ڏيَڻُ چاهيائين، پر پيءُ پاران زور سان دروازو بند ڪرڻ ڪري، سندس چپن تي آيَل لَفظَ، سماعتُنِ تائين پهچڻ جو رُوپُ ڌارَي نہ سَگهيا. لَينڊڪروزر جي وِيلَنِ ڦِرَڻُ شروع ڪيو. رَهِجِي ويا گاڏيءَ جَي ٽُلهن تائرَنِ جا نِشانَ.

****

شبانہ ٽيويھ سال اڳ لاڙ پَٽَ جي ڳوٺ ۾، ولي محمد جي گهر جنم ورتو. هُو پنج درجا پڙهيَلُ سمجهدار ماڻهو. سندس گذر سفر جو ذريعو پيءُ کان مِليَل اٺ ڏهہ جِريبَ زَمِينَ. اها زمين آباد ڪندي سندس پيءُ، مَس گهر جَي گاڏَي کي هلائي سگهندو هو. ان ڪري پٽ کي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پنج درجا پڙهائڻ کان اڳتي، تعليم نہ ڏياري سگهيو ۽ ولي محمد کي پاڻ سان، زمين جي ڪم ۾ لڳائَي ڇڏيائين.

ولي محمد کي رب سائين نوازيو. زمين وَڏِي اُپَتِ ڏيڻ لَڳِي، هُن جهوپڙيءَ جي جاءِ تي سنو گهر جوڙايو. ٻارن کي اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيءَ جي تعليم تائين پهچايو. سندس وڏو پُٽُ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊگري وٺڻ کان پوءِ، آسٽريليا وڃڻ جَي تِيارِيُن ۾ هُيو. شبانہ سندس ٽيون نمبر ٻار ۽ ٻهرين نِياڻِي هُئِي. جنهن کي ڇَوڪرَنِ جَي ڪاليج مان انٽر ڪرائڻ کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي ڏنائين. هُو گهٽ تعليم يافتہ هئڻ باوجود، ڇوڪرن سان گڏ نياڻين جَي تعليم جو

حامي هُيو.

شبانہ فريش واٽر بايولاجيءَ ۾ ماسٽرس جَي آخري سال ۾ هُئي، هُن پيءُ جَي اعتماد ۽ پائرن جِي عزت کي نظر ۾ رکندَي، ڪيترن ڪلاس فَيلَوز ۽ يونيورسٽي فَيلَوز جَي آڇُن کي ٺُڪرائَي ڇڏيو. سندس مقصد صرف پڙهائي ڪرڻ هُيو نہ ڪنهن سان ياري دوستي ۽ گهمڻ ڦرڻ.

اِنسانُ تہ اِنسانُ ئي آهي، خطا ۽ ڀُلَ، سندس پِيڇَو ڪَندِي رَهَي ٿِي، جنهن ڪان سمجهدار ماڻهو بَچندو، پَيرَنِ کي درست ڏَگَ تي رکندو اچي ٿو. پوءِ بہ ڪو ٿاٻَو ڪا راهہَ ۾ رُڪاوَٽَ، اچڻ جو امڪانُ موجود رهي ٿو. جنهن جو سبب صرف پاڻ ئي نہ ٿو بڻجي، پر ڪو دوست، ڪو اعتبارَ وارو ساٿِي بہ، سندس سڌيءَ راهہ ۾ ناهمواري پيدا ڪري سگهي ٿو.

شبانہ جو ڪم سان ڪم، ڇَوڪرَن کان پري، ڇَوڪرِيُن سان بہ دوستيءَ جَي معاملي ۾ محتاط رهندڙ. چوندا آهن اڪيلو وڻ بہ ويڳاڻو آهي، ان ڪري هُنَ پَنهنجِي ڪلاس فيلو شبنم جو سَهارو قبول ڪري ورتو. جنهن جو تعلق حيدرآباد جَي امير گهراڻي سان هُيو. پڙهائيءَ ۾ هوشيار، باڪردار، سٻاجهي طبيعت جِي مالڪ هئڻ ڪري شبانہ شبنم سان دوستيءَ جو رشتو استوار ڪيو. سندن دوستي مثالي هئي، شبانہ يونيورسٽيءَ جَي گرلس هاسٽل ۽ شبنم حيدرآباد ۾ رهندي هُئي. شبنم جو گهڻو ڪري پوائنٽ بسن ۾ يونيورسٽيءَ اچڻ وڃڻ هُيو. پر ڪڏهن ڪو پاءُ يا ڪَزِنِ ڪيس ڪار ۾ ڇَڏِي يا کڻي ويندو هو.

***

هِڪَ ڏِينهُن يونيورسٽيءَ ۾ ڪلاسن جو بائڪاٽ ٿِيَڻ ڪري، شبنم کي پنهنجو ڪَزِنِ ثاقبُ خانُ وٺڻ آيو. شبنم ثاقبَ سان گاڏيءَ ۾ ويهڻ وقت شبانہ کي، هاسٽل تي ڊراپ ڪرڻ جو چيو. هُوءَ گاڏيءَ ۾

ويهي رهي. شبنم سَندنِ هڪٻئي سان رَسمِي تعارف ڪرايو اهڙيءَ طرح هنن جِي پاڻ ۾ هيلو هاءِ ٿِي. وري ڪجهه ڏينهن ۾ هُو شبنم ڪي يونيورسٽيءَ مان وٺڻ آيو. هِنَ دفعي به اڳ جيان، شبانه هاسٽل تائين ساڻِن گڏ آئي. سندن به مختصر ملاقاتون، عَجبُ عِشِقَ جَي منزل کي پهتِيُون.

ثاقبَ، شبانه سان زباني نِڪاحُ ڪيو هو. هُنَ شادي شده هئڻ واري ڳالهه لِڪائي نه هُئي، هُو پهرين زال سان اَڻبڻت هئڻ ڪري، ان کي ڇڏڻ لاءِ تيار هو. پر سندس پهرين گهرواري وڏي مِلڪيَتَ جِي اَڪيلِي وارث هُئي، سا سَهُري ۾ ڏيرَنِ جَي ذريعي ثاقب خان ڪان، شبانه کي طلاق ڏيارائڻ ۾ ڪامياب وئي. ان سلسلي ۾ اڄ سڀ ڪورٽ ۾ هُيا ۽ شبانه کي ثاقبَ جو بيانُ: ”جَجِ صاحب آئون هِن سان محبت نه ٿو ڪريان، هيءَ مون کي مالدار هئڻ ڪري، زال جي دعويٰ سان ڦاسائڻ چاهي ٿِي، آئون ته ڪيس سچاڻان به نه ٿو. اِها مون ۽ مُنهنجَي خاندانَ کي رُسوا ڪرڻ جِي سازش آهي.“ ٻڌڻو پيو هو.

❖

# سَندِي لاڙ ماڪيءَ

چَپُم: ”مون وٽين ٿِي، مِٺي ڏاڍي آهين، سَندِي لاڙ ماڪيءَ پاسين ٿِي مون ڪي.“

چيائين: ”چريو آن، مُنو مَردُ آهين، اجايو ٿو مون ڪي چَڪرُ ڏئِي ڦاسائين.“

ڪري مُنهن نماڻو عرض مون ڪَيُس پوءِ: ”ايئن ڪونہ آهي، جيئن تون ٿِي سَمجهين.“

ڏئي مُنهن کي ڦيرو اُترَ جِي ڪيائين: ”هليو وڃ تون هِتِڙان، نہ تہ مان وڃان ٿِي، توهان مردَ آهيو نہ ٿا ڪنهن کي چاهيو.“

تِپُ ڏئي اُٿيُس مان، نہ ناراض ٿِئَي هوءَ، مگر لفظ مُنهنجَي چَپَنِ مان وَهِي پيا: ”نہ ٿيءُ سخت اَيڏِي، مان مَجبور ُآهيان، ٽيندا مَردَ چاهِن، نہ ٿو مان تہ ڄاڻان، آهيان مَردُ مان پِڻ، مگر ڳَلَ ڪانهي، مُنهنجِي دل توسان، الاءِ ڪيئن اَڙِي آ، توکي مان ٿو چاهيان، مُنهنجِي دل ٿِي چاهَي.“

اُترَ ٿِي لَڳَي، وَرندِي ڏِئَي ٿِي: ”مون کان تون پڇين ٿو ٽيندا مَردَ ڇا هِن..؟ آهين مَردُ تون ۽ پتو توکي ناهي، آهِن مَردَ اهڙا، صفا تو تہ جهڙا، هوندا ڇوٽَ مارِي مگر ٻڌبا پولا، جڏهن وَرِ چڙهيَنِ ڪا نارِي مَوچارِي، ڪندا تنهن جَي پويان سڄو ڏينهن خُوارِي، هَلِي ڪَيڏو هَلَندِي، ڪڏهن نيِٺ ڇوندِي، ڇڳو آهي ڇوڪرُ، ٿو مَرِي مون تي

ڏاڍو... وَئين سَمجِهي پَنهنجِي حقيقت سَمُوري.“

بُڌڻَ ساڻُ هُنَ جا تِڪا ٻولَ مون پِي، ڏنو زور پَنڌَ تي وَرتَم تياري، اڇي پنهنجي ڪمري تي لَيٽِي پوان ٿو ڪٽي پِٽَ رسالو مان وَرِ وَرِ پڙهان ٿو جڏهن سُرَ سَسُئيءَ ۾، سَسُئي پڙهان ٿو پَنهنجَي مَنَ اَندرَ ۾ وَڍِجِي پوان ٿو تِپَلَ بند ڪُنڊِيءَ در ڪان پُڇان ٿو درِيءَ ٻاهران مان گُلَنِ ڪان پڇان ٿو؟ ڏيو ڏَسُ مون کي ڏاڍو پُليو هان! هُئي سَسُئي عورت يا مخلوق ٻِي ڪا، پنهونءَ ڪاڻِ پَيرَنِ کي زخمي ڪيائين، لَتا، تَنَ بَدَنَ جا لِيڙون ڪيائين، وڃي وڃ جبلن ۾ ڪُوڪُون ڪيائين، ڏيرن ۽ ڏاگهن جا پيرا ڪنيائين، پُنهون مَردُ هو يا، هُئو ٻِي ڪا خَلقَتَ؟ هُئي تَنهن جَي دل ۾ ڪيڏي مُحبتَ، پَنهنجَي سَسُئيءَ سان ڏاڍي ڪا اُلفَتَ. مِلَي مَوتَ ٿِي نه، مگر مان ٿو سمجهان، هُئي سَسُئي عورتَ، پُنهون مَردُ ساڳِيو.

•••

وڏو وقت سَوچَي، پَنهنجَي مَنَ ۾ لَوچَي، وَجَي حالُ مُنهنجَو بَيحالُ ٿِي ٿو. خبر ناهي ڪنهن مهل اچي ننڊ جِي ديوي، مون کي ساڻ پَنهنجَي سُمهارَي چَڏَي ٿِي، سوچن کي مُنهنجَي سَنوارَي چَڏي ٿِي، وٺي رُوپ عورت جو مون سان کِلي ٿِي، وِڇِهي هَٿَ هَٿَنِ ۾، مُون سان ٿِلَي ٿِي، جڏهن زُلفَ هُنَ جا، مُنهنجَي مُکَ تان هَٽَنِ ٿا، ڳاڙهي سِجَ جا ڪِرڻا، اَکيُنِ کي چُهنِ ٿا، ڏسي سِجَ کي لهندو اُٿِي مان پوان ٿو ڪري ياد واقعو لُڇِي مان پوان ٿو.

•••

نئون سِجُ نِسرِي نِروارُ ٿئي ٿو مطابق جَي معمولَ ملاقات ٿئي ٿِي، ملڻ ساڻ مونسان وچڻ جِي ڪري ٿِي، پڇان ٿو مان سانئڻ: ”ڪَيَوَ ڪاڏي تيارِي؟“

بنان مون ڏِسڻَ جَي، چَوَڻَ هُوءَ لَڳَي ٿِي: ”آهي مُنهنجِي مرضي، ڪاڏي پِي وڃان مان، ٿيندو ڪَيرُ آهين، پڇڻ وارو مونکان.“

ڏَڪِي مان وڃان ٿو هُن کي چوان ٿو: ”تِبو ڪونه ظالم آ ايڏو

گھٽو پيو، توڪان پڇان مان، آهيان ڪير واقعي، مگر ڇا ڪريان سَري ڪانہ ٿي مُون، تَوتَي حَقُ ڪَونَهي، نہ ئي ڪو گھران ٿو مِڻي مان تہ تُنهنجَو ٿو نوڪَرُ جُڳايان.“

چوڻ هوءَ لڳي ٿي، سَهيلين سان هَلندَي: ”مُئا مُنهنجو نوڪَرُ، ٿئين ڇو ٿو زوريءَ، وڃي مَهل سان ڪنهن ٻيءَ کي تاڙجُ، مون کي تون تہ جهڙو، زَهرُ ڪو لڳين ٿو.“

ٿيندَي ٿورو پَرتَي زبان تي اچي ٿو: ”زَهرُ توکي جاڻِي پري کان لڳان ٿو اچي مُنهنجي ويجهو پَسي ڏِسُ تون مونکي، ناهيان زَهرُ مان ڪو، تُنهنجَي نَظَر ڦيرُ آهي، آهيان مان تہ پارَس، لَڳِي ڏِسُ تون مونسان.“

”آهين ماريو ڏانئڻُ، مَٿو پيو ٿو مارين، بي مقصد پَنهنجو پَيو وقتُ ڳارين، نہ ٿَئي ڪِرتِ ڪائي، نہ ڪَو ڪَمُ ڪرين ٿو.“

چَوندَي ڳالھ اهڙي، هَلِي هوءَ وڃي ٿِي، بيٺو هِڪَ جاءِ، هُن کي ڏسندو رهان ٿو، اندر ۾ سِڻُون مان، سِتيندو رهان ٿو ڪريان ڇا مان هاڻي، ڪرڻ ڇا مون گُهرجَي؟ لَڳَلَ مُنهنجِي لَنئون آ، هُن ساڻ اهڙي، سوا هُن جَي مان، جيئي ڪو نہ سگھندس، هيڏو لَڪُ حياتيءَ لَنگِهي ڪيئن سگھندس.

انهيءَ حال بَيِنَي پُورَ پَچايَم، جڏهن سوچ آئي سڌارَي جِي سُهڻي، ونئي نانءُ رب جو هلي مان پوان ٿو وڃي روم پنهنجيءَ تي تياري ڪيان ٿو پڙهان ٿو پڙهان ٿو، رڳو بس پڙهان ٿو ٻيا سُورَ سِرَ جا ڇڏي مان ڏيان ٿو.

ٻئي صبح ڪلاس ۾ اڳيان وِهان ٿو سيئي دوست حيرت مان مون کي ڏِسَن ٿا، جڏهن سَرِ اچي ٿو ۽ ليڪچر ڏئي ٿو ٻڌي هِڪَ ڪَنُون مان تَنهِن کي ٻُڌان ٿو. وَڃَي سَرِ هليو ٿو مان لکندو رهان ٿو. ڇڏي روِلِ عادت ڏِسَڻُ ڇَوڪِريُن کي، پنهنجو پاڻ کي ئي، سنو مان لڳان ٿو.

جڏهن هُن جَي آئون، آڏو لنگهان ٿو ڪٽي نظر اُن ڪي، نہ بلڪل ڏسان ٿو. ڪري هوءَ ٿِي سُسِ پُسِ، سَهيليُنِ ڪَنَنِ ۾، مگر مان نہ تنهن ڏي، ڪو ڏيانُ ڏَريان ٿو. ايئن ڏينهَن گذري، ڳي خاصا وچن ٿا، مُنهنجو حالُ هاڻي چڱو ڪو لڳي ٿو پڙهڻ چا هي ٿيندو. سمجهي وچان ٿو منهنجا يار مون کي، شاباسون ڏين ٿا، اچي راهہَ ويو آن، سپيئي چون ٿا.

•••

هڪ ڏينهن، ڪلاسن جي پوري ٿيڻ تي، مِنا لفظ هُن جا ڪَنَنِ تي پَوَنِ ٿا: ”آهي چا جِي ڪاوڙ اٿئي چا جِي جلدي.“

ٻُڌي لفظ اهڙا، هلڻ مان لڳان ٿو پنهنجو پاڻ ڪان ئي، پُڇَڻَ مان لڳان ٿو آهي مون سان يا ٻِئَي ساڻُ آهي..!! مون کي ڪيئن چوندي..!! اِهڙيُنِ ئي سَوچُنِ ۾ لُڙَهندو وچان ٿو.

”آهيان گُلَ توسان، توکان پڇان ٿِي.“

قدمَ تيَزُ مُنهنجا، پرا ٿي وچن ٿا، ساهَہ جِهڙوڪِ رُڪجي وچن ٿا، اَتَسِ مُرڪَ مُنهن تي، خوش هوءَ لڳي ٿي.

ڊِنلَ ُ مان تہ بِيٺو چُپ چاپِ آهيان، چُرَن چَپَ ٿا هُنَ جا، ماحول ٻهڪِي پوي ٿو سَمُون وقت جو سو مَهڪِي پوي ٿو ڏاڍي مَوهَہ مان گڏ، گهُمڻ لئہ چوي ٿي. هلڻ ٻئي لڳون ٿا، تہ پَر ۾ اچي ٿي، پَر ۾ اچي هوءَ مونسان لڳي ٿِي، ايئين جِسمُ پنهنجو جِسمَ سان ڇُهي ٿِي، چوي ٿِي پُڇي ٿِي: ”ٿيو چاهي توکي.. چا ٿِي ويو ٿَئي، آهين تون اُهو ئي يا ٻيو ڪوئي آهين.“

ٻُڌي هُن جو جُملو خوش مان ٿِيان ٿو.. ڪِلِي مان پوان ٿو.... ٽِڙِي مان پوان ٿو....

❖

# عِزَتَ ۽ محبَتَ

مُنهنجِي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا آهي، ڪيمسٽ ٿيڻ جو اصل کان شوق نہ هيو. ايم بي بي ايس ۾ سليڪشن نہ ٿِي، تہ مستقبل لاءِ اهو مناسب سَمجِهيُم. حيدرآباد ۾ رهائش هئڻ ڪري، ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لاءِ، يونيورسٽيءَ جي پُوائنٽ بسن ۾ اچڻ وڃڻ آهي. آئون حيدرآباد شهر جي جنهن ڪالونيءَ ۾ رهان ٿِي، اُتان ڪافي ڇَوڪِريُون ۽ ڇَوڪِرا يونيورسٽيءَ هلندا آهن، سڀ شاگرد هڪ جاءِ تي گڏ ٿيندا آهيون، جتان پوائنٽ بس ڪٽندي آهي.

بس تي چڙهڻ واريءَ پوائنٽ کان منهنجو گهرُ، ڇَگُي پنڌ تي آهي، اچڻ وڃڻ مهل اهو فاصلو پيادل طئہ ڪَندِي آهيان. مون ڏٺو ان سفر دوران هڪ ڇوڪرو، ڪڏهن مُنهنجَي اڳيان هلي ٿو ڪڏهن پويان. ڪيس مسلسل پنهنجي اڳيان، پويان هلندو ڏسي ڇرڪيَس، تہ نظر ۾ رکيومانس. مَحسُوسُ ڪَيُم، هُو مُنهنجي اڳيان آهي، تہ تڪڙو هلندي اڳتي نڪري وڃي ٿو، پويان آهي تہ آهستي هلڻ ڪري، پوئتي رهجي وڃي ٿو.

آئون هُن کي جانچڻ لڳِي هُيس، هڪ ڏينهن پوئتان اچي رهيو هو، تہ پُوائنٽ بس وارِي جاءِ تي پهچڻ کانپوءِ بہ، ڪيس اکيُن کان اوجهل ٿيڻ نہ ڏنم، شاگردن کان پرڀرو ٿِي بيٺو. بس آئي سِين کان آخر

۾ پوئين دروازي کان چڙهيو. پُوائنٽ هلڻ لڳي، ڪنهن سان ڳالهائڻ بدران ڪتاب کولي پڙهڻ لڳو.

آئون شهر کان يونيورسٽيءَ تائين، هُن کي ڏسندي رَهيَس، پُوائنٽ بس ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ وٽ بيٺي، هُو بس مان لهي اندر هليو ويو. حيرت ٿِي هُن سڄي سفر ۾، ڪنڌ کڻي هيڏي هوڏي، خاص ڪري ڇوڪرِيُن ڏانهن نہ ڏٺو. سندس اِن ادا مَوهَي وڌو. منهنجا قدمَ ڊپارٽمينٽ اندر وڌي رهيا هئا، نظرون سندس تلاش ۾.

ڪلاس شروع ٿيڻ ۾ دير هُئي، ڪاريڊور ۾ شاگردن جي رش هُئڻ ڪري، نظرن کان هَٽِي ويو. آئون سيمينار لائبريريءَ طرف وَيَس، گُمانُ صحيح نِڪتو. هُو اخبار پڙهي رهيو هو. اخبار کڻي اٿلائڻ لڳيَس، تِرڇي نظر هُن تي رَهِي، اک کڻي نہ ڏٺائين. ڪلاس جو ٽائيم ٿيو اوڏانهن وڃڻ لڳو. آئون پويان هلڻ لڳيَس. ڪلاس ۾ اندر ويو. غور سان ليڪچر ٻُڌائين، ٽيچر کان موضوع بابت سوال پڇيائين. سڄو وقت ليڪچر نوٽ ڪندو رهيو. سندس طبيعت ڏسي، ذهن تي اُهي ڇوڪرا ڦرڻ لڳا، جن جون نظرون هر وقت، ڇوڪرِيُن جي گِردِ رهنديون آهن.

ٻئي ڏينهن معمول مطابق سيمينار لائبريريءَ ويو. سندس ڏيانُ ڇڪائڻ لاءِ، فرش تي ڪِرڻ جِي ايڪٽنگ ڪَيَم. ڦُڙتيءَ سان اُٿِي، سهارو ڏنائين. مون پاڻ سنڀاليو پري ٿِي بيهي رهيو. مون چيُس: ”ٿينڪس، اوهان ڪِرڻ کان بچايو.“

محسوس ڪَيُم، هُو ڇوڪرِيُن جيان شرمائڻ لڳو. مقصد ۾ ڪامياب ٿِي ويَس، ڳالهائڻ جو بهانو ملي ويو. ڪائنس پُڇيُم: ”يوئر گُڊ نَيمِ پليز؟“

بغير ڏسڻ جَي وراڻيائين: ”سانوڻ.“

مختصر جواب ڏئي، اخبار پڙهڻ لڳو. ڇوڪرِي هُوندَي ڪِينَ گهٽايُم، پر واري ڪُرسيءَ تي ويهي رَهيس. مخاطب ٿيندي

چيومانس: ”معاف ڪجو مون توهان کي ڊسٽرب ڪيو آهي.“

نهارڻ بِنا جواب ڏنائين: ”ڪا ڳالهه ناهي.“

مختصر جواب تي ڪاميابيءَ کي، ناڪام ٿيندي محسوس ڪيم. پنهنجو تعارف ڪرايومانس: ”مُنهنجو نالو سائره آهي، پهرئين سال جِي شاگرد آهيان، حيدرآباد ۾ پاڻ ساڳي ڪالونيءَ ۾ رهون ٿا.“

رَسمِي جواب ڏنائين: ”توهان سان ملي خوشي ٿِي.“

سندس روَيَو عجيب لڳو. چيومانس: ”پليز، آئون توهان سان ڳالهائڻ چاهيان ٿِي.“

اخبار ٽيبل تي رکندي وراڻيائين: ”ييس گو آن... ڳالهايو..“

ڊپريس ٿيندي ڳالهائڻ چاهيُم. چوڻ لڳو: ”ڪلاس شروع ٿيڻ وارو آهي، پاڻ کي هلڻ گهرجي، اوهان ضروري ڳالهه ڪنهن فِري پيريَڊ ۾ ڪري سگهو ٿيون.“

پنجون ڪلاس فري هيو. سانوڻ سان ڳالهائڻ جي چڪر ۾، پهريان چار پيريَڊ خراب ٿِي ويا. آئون ڪلاس ۾ مستقل طور، سانوڻ بابت سوچِي رهي هُيَس، مُنهنجِي اندروني ڪيفيت، ظاهري حالت تي غالب اچڻ لڳي هئي، چوٿين پيريَڊ ۾ ٽيچر سمجهائي رهيو هو. متوجہ نہ ڏِسِي پُڇيائين: ”توهان ٻڌايو مون ڇا سمجهايو؟“

آئون ڇرڪِجِي ويَس: ”سوري سر، مون نہ سمجهيو.“

”بابا ايئن نہ ڪريو. جسم سان گڏ، ذهن کي ڪلاس ۾ حاضر رکو.“

انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون، ڇوڪريون، ڇوڪرا ڪلاس مان نِڪرندَي، ٽولِيُن ۽ جوڙَن ۾ ورهائجي ويا. سانوڻ جو پاسو ورتم. نہ ڪنهن ٽولي ۾ هُيو نہ جوڙيوالَ سان. يوگ ڪندي چيائين: ”مون سمجهيو اوهان کان ڳالهہ وسري وئي.“

دل ۾ چيم: ”تو سان ملڻ واري ڳالهہ، وسارڻ جهڙي ڪٿي آ.“

ڪجهہ قدم اڳتي هلي، لانِ تي ويهي رهياسين. مون سانوڻ

جي منفرد شخصيت کي سمجهڻ ٿَي چاهيو. پڇيومانس: ”سانوڻ توهان جِي نِرالي طبيعت آ. عام ڇوڪرَن کان مختلف ڇو آهيو.“

سادگيءَ سان وراڻيائين: ” ٻِيَن جِي جاڻ ناهي، پَنهنجِي خبر آهي. مون تي ذميداريون آهن. جن کي پورو ڪرڻ لاءِ، ڪا گهڙي ضايع ناهيان ڪندو. پَلُ پَلُ قيمتي آهي مون لاءِ. وقت کي ضايع ڪرڻ سان پڇتاءَ ڪانسواءِ ڪجهه حاصل نہ ٿيندو.“

سانوڻ نظرون ملائڻ کان سوا. مون ڏانهن ڏسندي جواب مڪمل ڪيو: ”بابا کي اڌ رنگ آ. گهرياتيُن ۾ امڙ بابا ڪانسواءِ ٻہ ننڍيون ڀينرُ آهن. ڪَينِ ڪنهن بہ صورت پڙهائڻ چاهيان ٿو. پاڻ هتي شاگرد. شام جو سرڪاري اسڪول ۾ ٽيچر آهيان. خرچ پورو نہ ٿيڻ ڪري، پاڙي جي ٻارن کي ٽيوشن پڙهايان ٿو. اهڙيءَ طرح رات جي ڪجهه آرام بعد. صبح ٿيَڻ سان ساڳي پريڪٽس شروع ڪندو آهيان... آئون هلان ٿو. اسڪول پهچڻو آهي. خدا حافظ.“

سانوڻ پَنهنجِي ڳَالهہ بُڌائَي روانو ٿِي ويو. دل ۾ سندس لاءِ، جيڪا عزت ۽ محبت هئي، وَڌَيڪ وڌي ويئي.

لَش گِرين لانِ جي ڪِنارن تي، ٽِڙيَل گلن کي ڏسندَي، ڪافي دير اُن جَي باري ۾ سوچِيندِي رَهيَسِ....

❖

# اِنٽرويو

”ڪيئن لڳندو اٿَوَ اسٽيج تي اچڻ وقت، اوهان جا پرستار اُٿي بيهندا هِن، جَيسِين هَٿَ ٻَڌي ڪَين، ويهڻ جِي وَينتِي ناهيو ڪندا، بَيٺَي ڪليپنگ ڪندا آهن. شَيدائِن جا ٽِڙيَل چهرا خوشيءَ کي اِظهاريندا هِن، ايئن لڳندو آ، واقعي سَندنِ مَحبوبُ فَنڪارُ سامهون هُجَي؟“

”آئون ٿورائتو آهيان سڀني جو، جيڪي پيارُ ڏيندي، ناچيز کي ايترو چاهين ٿا. مُنهنجو ڪمال ناهي، ڪرشمو قدرت واري جو آ، جنهن ڳَلَي ۾ سوزُ پريو آ، آئون حَقِير بندو آهيان، جنهن جِي بندگي قبول پَئَي، تہ پاڳَ پائيندُس.“

”چوندا آهن عِشقُ ڪَلا جو مُحرَڪُ آهي، ڪلاڪار ٻڌائيندو آ، شاعرَ، مُصَوِرَ، ڳائِڪَ جَي رُوپ ۾، ڇا اهو سچ آهي؟“

”سَچَ کي، تصديق جِي ضرورت ناهي هُوندي، عِشِقُ سَچُ آهي، پُڇيَل سوال ۾ عِشقَ جَي تخليق واري دائري کي، محدود ڪيو ويو آ، آئون چوان ٿو سَڄِي ڪائنات جَي، تَخلِيقَ جو مُحرڪُ عِشقُ آهي. ياد رکڻ گهرجي، ناجائز خواهشِ وارن جذبن کي، عِشقُ ناهي چئبو.“

”زندگيءَ ۾ ڪيترين اَمُلهہ شيون، حاصل ٿينديون آهن، ٻڌايو کهڙِي وَٿَ آهي، جنهن کي زندگيءَ جِي، ٻَي ٻها سُوکِڙِي سمجهو ٿا؟“

”الله تعاليٰ جون سڀ نعمتون بَي بَها آهن، خود زندگي اَنمَول نعمت آهي، پر اهو چوڻ تہ اُها وڏي وَٿَ آهي، سوال جو جواب نہ ٿيندو. آئون فخر سان چوان ٿو زندگيءَ جِي وَٿَ ”پيشانيءَ تي ڏنَلَ مِٺِي“ آهي، جا بَي مِثلِ مَحبوبَ، ڀيئي هٿ ڳلَنِ تي رکي ڏِني هُئِي، اُن جو لَمسُ هر وقت ايئن محسوس ڪندو آهيان، جيئن مَحبُوبَ کي حاصل ڪرڻ جو خَيالُ، هر لَمحي شعور لاشعور ۾ سَمايَل رهندو آهي. لڳندو آهي محبوب جِي اُها چُمِي، زندگيءَ کي جِيدانُ بَخشَي ٿِي، ان جي سَهارَي ساهن جِي مالها جَوڙيُون اچان ٿو.

مَحبُوبَ جَي گلابي چَپَنِ ۽ مَرمَرِي هَٿَنِ جَي چُهاءَ وَقتِ، سنگيتَ ڇِڙِي پيا ها، بانسُريءَ جَي سُرَن جا آلاپ اُٿي پيا هئا، دل چاهيو هئو وقت جو ڪانٽو رُڪِجِي وڃي، مَحبُوبَ جا چَپَ پَيشانيءَ تي، سندس هَٿَ ڳلن تي هُجن، اهو بہ خيال آيو هو اگر وقت رُڪجي نہ ٿو سَگَهي، تہ زندگيءَ جِي پُڄاڻي ٿي وڃي، جيئن وَڻندڙ احساسَ سان هِنَ جَهانَ مان، رُخصتَ ٿِي وڃان.“

”اهو ٻڌايو تہ مالَ، مِلڪيَت جِي ڪهڙي اهميت آهي، اوهان وٽ ڪهڙو اثاثو آهي، جنهن کي وڃائڻ نہ ٿا چاهيو. اگر اهو ورثو کَسجِي وڃي، تہ ڇا محسوس ڪندا؟“

”مال، ملڪيَت جي اهميت کان انڪار ناهي، حلال ذريعي سان مُيَسر ٿيَل اسبابُ، رَبَ جِي نعمت آهي. دولت سان آسائش حاصل ٿِي سگهي ٿِي، پر دِلِي سُڪونُ نہ ٿو مِلي سگهي. اثاثو جنهن کي وڃائڻ نہ ٿو چاهيان، دل ۾ سنڀالي نہ رکيو آ. ڇو تہ دل ۾ ڪنهن مادي شيءِ کي رکڻ، وس جِي ڳالھ ناهي، ها..! اُنَ جَي تَصوَرَ کي يقينن دل ۾ سنڀالي رکيو آهي، اِنَ ڪري پلي ڪِٿَي بہ هُجان، اُنَ تَصوَرَ جِي سنڀالَ، مُنهنجَي اهم فرضن ۾ شامل آهي. ڊگهي ڳالھ ڪري اثاثي بابت تَجَسُس وڌيڪ وڌايان نہ ٿو. زندگيءَ جو سڀ کان وڏو اثاثو بي مِثل

محبوب جا خَطَ، نئون سال مبارڪ ڪارڊَ، عيد ڪارڊَ ۽ جنم ڏينهن مبارڪ جا ڪارڊَ آهن. جَيڪِي بہ هُنَ، مَعمولِي ڳالهہ تان ناراض ٿِي، فائيل مان ڪَڍِي ڦاڙِي ڇڏيا ها. آئون انهن کي ٽُڪرا ٽيندي نہ ڏسي سگهيو هُيُس، ۽ ڪيس اِنَ عمل کان، روڪي بہ نہ سگهيو هُيُس. هُوءَ ڪَمُ مڪمل ڪري، وَيڃِ لَڳِي، آئون ڪيس ڏسندو ئي رَهجِي وَيُس. پندرنهن منٽن کان پوءِ، واپس ڪمري ۾ داخل ٿيندي، چيائين: ”تو مون کي روڪيو ڇو ڪونہ؟“ اهو پڇڻ تي، مون ڪيس ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو هو نَيڻَنِ جا بَندَ ٽُٽِي پيا هئا.

مون ڪارڊن ۽ خطن کي، جَوڙَڻَ جِي ڪوشش ڪئي آهي، ڪجهہ کي جوڙيو بہ اَٿَمِ، خبر ناهي سيني کي جَوڙَيِ سَگهندُس يا نہ. اوهان پڇيو آهي، اگر اهو خزانو کَسجِي وڃي تہ آئون ڇا ڪندس؟ ان لاءِ عرض تہ خدا نہ ڪري جو اهڙي عزيز شيءِ مون کان کَسجِي وڃي..!! مَحبُوبَ جَي رُسامَي کان پوءِ، نَمِ ٿِيَلَ اَکيُنِ تي انهن جا پَها رکندو آهيان.“

”ڇا محبوب بي وفائي ڪئي يا ڪوتاهي ٿِي اوهان کان، جو پاڇي رهيا وِڇوڙَي جا گِيتَ؟“

”بي وفائي ڪري ها، تہ ڪيس وسارڻ مُشڪل نہ ٿئي ها! وساري ڇڏيانس ها بي وفا سمجهي. بَي مِثلِ مَحبُوبَ سان جيتري محبت ڪئي، ايتري قرباني نہ ڏئي سَگهيُس شايد. هُوءَ گهٽو ڪجهہ وڃائڻ لاءِ تيارُ هُئي، قَبُول ڪري ورتو هُيائين مونکي، استعمال ٿيَل شيءِ جيان، نہ تہ اَڄُ جَي دوُر ۾ يُوزِڊِ شيون، مَجبوريءَ ۾ قبول ڪجن ٿيون، هُن کي ڪا بہ مجبوري نہ هئي. مون هُن کي پاڻ کان پري نہ ڪيو، آئون تہ آسَ ۾ آهيان، دل جَي ٿَرَ تي بادلُ وسندو ضرور.“

”مناسب سمجهو تہ بَي مِثلِ مَحبُوبَ جو نالو ٻڌايو، اوهان جون ڳالهيون ٻُڌِي تَجَسُس ٿِي پيو آهي، نہ تہ بہ اوهان جِي مرضي؟“

”مناسب سمجهو تہ نالو ٻڌايو“ معنيٰ سوال ۾ مناسب نامناسب وارو معاملو آهي، ڪاش! نصيب وارو هُجان هان جو مَحبُوبُ ساڻُ هُجَي ها، اوهان کي ان سوال پڇڻ جِي، ضرورت ئي نہ پَوَي ها. خراب ٿو لڳي تہ جنهن کي محبوب چوان، ان جي گهروارن جي عزت جو خيال نہ رکندي، سندس نالو ٻڌائي ڇڏيان. آئون پاڪ محبت جي فَلسفَي کي سمجهڻ کان عارِي آهيان، سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي، ڪير ڪنهن جَي پيڻ، ڌيءَ سان اهڙي تعلق جو دعويدار آهي، ان جِي سماجي حيثيت ڇا آهي. پاڪ محبت جِي دعويٰ ڪندڙن جَي گهر وارن سان ڪَيرُ، اهڙي محبت ڪري تہ ڪائنُ برداشت ٿيندو.؟ ڳالهہ کي ڏکهو ڪري وَيُس، ڇوڙ جو مقصد آهي سماج ۾ لازم آهي ٻيَن جو احترام. اصل نالي کي لِڪائڻَ لاءِ، هيڏي تقرير ڪئي آهي، اوهان کي رَنج نہ ٿو ڪريان. مُنهنجي بي مِثل محبوب جو نالو آهي، ڪائِناتِ.“

”اوهان جو جنم ڏينهن ڪهڙو آهي، پنهنجِي سالگرهہ ملهائيندا آهيو ٻڌايو تہ اُهو ڏينهن ڪيئن گذرندو آهي؟“

”جنم جو ڏينهن پَنجَ آڪٽوبر آهي، سُنِي موسم وارو دليُن کي گَرمائيندڙُ هي مهينو زندگيءَ ۾ اهميت جو حامل رهيو آهي. سالگرهہ ملهائڻ کي خراب نہ سمجهندو آهيان، پر زندگيءَ جو سالُ گُتڻَ تي خوشي ملهائڻ جو مَنطقُ عَجيبُ لڳندو هُيو. بَي مِثلِ مَحبُوبُ سالگرهہ جا ڪارڊَ ۽ تحفا موڪلڻ لڳو، تہ هَرِ سالِ جنم ڏينهَن جو انتظار رهڻ لڳو. پنج آڪٽوبر تي مَحبُوبُ تُحفَو ڏيندو، ”جنم ڏينهن واڌايون“ چوندو، ايئن لڳندو جڻ دنيا تي، صرف مُنهنجو وجود هُجَي. مَحبُوبَ طرفان ڏنل جنم واڌايُن تي، دنيا جو خوشنصيب ماڻهو سَمجهندَي، رَشڪ ايندو هُيُم پاڻ تي.

هُن جَي ناراض ٿيڻ کان پوءِ، ايئن گذرندو آهي پنج آڪٽوبر، پَهتَلَ جنم ڏينهن ڪارڊن ۽ تحفن ۾ آسوَندِ نَظرَ، هُنَ جَي ئي ڪارڊَ ۽

تُحفَي ڪي ٻُولهيندي آهي. خَبرَ هُوندَي ٻہ تہ هُو فونِ ڪري وِشِ نہ ڪندو، مُنهنجَو شَعورُ لاشَعورُ اُنَ ذَي مائِلُ رهندو آ. پاڻ ڪي سمجهائڻ جِي ڪوشش نہ ڪندو آهيان، هُنَ جو اِنتظارُ عجيب سُرُورُ بخشيندو آهي مون کي.“

”اهڙي خواهش، جنهن جَي پُورَي ٿيڻ جِي آسَ هُجي؟“

”خواهش آهي تہ هڪ دفعو ئي سَهِي، بَي مِثِلِ مَحبُوبُ مُنهنجَي فَنَ جِي تعريف ڪري، پوءِ سَمجهندُس آئون واقعي ڪلاڪارُ آهيان. مُنهنجا پَرستارَ مون کي اعزازن ۽ اِنعامَنِ سان نَوازِين ٿا، مُنهنجا ڪَنَ وري، هُن ڪان مَحِتا جا لفظ ٻُڌڻُ چاهِين ٿا.“

❖

# وِڇايَلُ وَجُودُ

رُخسانہ سان شاديءَ کي ڏھہ سال گذري ويا آھن. ٽن ٻارن جو اولاد آھي. وڏو پٽ عُمير چوٿين درجي ۾، سُمير ٻئين ۾ ننڍڙي ستارا نرسريءَ ۾ پڙھي ٿِي. مُنھنجِي نوڪري حيدرآباد شھر ۾، اصل ڳوٺ حيدرآباد کان گھڻو پري آھي. رُخسانہ سان پيارَ جِي شادي نہ پر اتفاقي آھي، بيحد خوش زندگي گذاري رھيا آھيون.

اڄ جا ٻارَ تيز آھن. اھڙا سوال پُڇيو وِجھنِ. جو ڪَينِ جواب ڏيڻ مُشڪل ٿيو پوي، اسان جا ٻار اڪثر. اھڙا سوال ڪندا آھن. نانَي، نانيءَ، مامَنِ، ماسِيُنِ متعلق پُڇيَل سندن سوالُ، رُخسانہ لاءِ تڪليف جو باعثُ بڻبو رھيو آ. ڪجھہ ڏينھنِ جِي ڳالھہ آھي، ٻارن کي سياري جي موڪل ٿيڻ واري ھُئي، عُمير رُخسانہ کي چيو: ”امان پاڻ ھِي موڪلون، امان نانيءَ ۽ ماما وارن وٽ گذاريندا سين.“

رُخسانہ عُمير جِي اھڙي فرمائش ٻُڌي، حيران ٿي وئي، ڪانئس پڇڻ لڳي: ”پٽ ڪھڙا ماما، ڪھڙي امان نانِي...! توکي اھا ڳالھہ ڪنھن چئي آھي.“

عُمير وراڻيس: ”منھنجو دوست آھي جانِي، مون سان گڏ پڙھندو آ. اُنَ ٻُڌايو ھُو موڪلن وارا ڏينھن، ڳوٺِ پنھنجي مامن ۽ امان نانيءَ وارن ڏي گذارڻ لاءِ ويندا.“

ٻارن جو مامن ۽ نانيءَ متعلق. اهو پهريون سوال نہ هو. پر اڄ عُميرَ رُخسانہ سان اهڙي ڳالهہ ڪئي، جو ڪيس وضاحت ڪرڻي پئجي وئي، تہ هُنَنِ ڪي مامو ۽ نانِي ناهي. عُمير ڪي مامو نہ هجڻ وارِي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي، پر نانِي نہ هئڻ بابت حيرت مان پڇيائين: ”اَمِي، چا.. تُنهنجِي ڪا امان ناهي.!“

عُمير جي اهڙي پُڇا تي، رُخسانہ جو وَجُودُ لَرزي ويو. ڪيس چِڙَٻَ ڏيئي چُپِ ڪري ويهڻ لاءِ چيائين. هُو خاموش ٿي ويو. پر عُمير جَي اِنَ سوالَ، رُخسانہ جي ماضيءَ واري بَندِ ٿيَلَ بابَ جا، بَخِيا اُڌيڙَي وِڌا. ڪيس ماضيءَ جون سارُوڻيون وڪوڙي ويون. هوش سنڀالڻ ڪان پوءِ جون سڀ ڳالهيون، سندس ذهن تي هلڻ لڳيون.

رُخسانہ ڪي ياد اچڻ لڳو. ماڻهس رات جو سمهڻ مَهل ڪيس، بادشاهن، ديوَنِ ۽ پريُن جا قِصا ٻڌائيندي، هوءَ اڪيون ٻُوٽَي، قصن وارا منظر ڏسڻ لڳندي. ٻاروتڻ ۾ پاءُ جعفر سان ڪِلَ پوڳ، ڪيڏي پاڻ ۾ چاهت هُئي هنن جِي. پوءِ وقت آيو هوءَ، گهر تائين محدود ٿِي وئي، سندس پيءُ ڪارخاني ۾، ٻانهن ڪٽجي پوڻ ڪري معذور ٿي ويو. سندس پاءُ، شاهُل جَي عشق ۾ مَست ٿِي، خراب صُحبَتيُن جو ساٿي بڻجي ويو.

رُخسانہ. راهب خان سان پيارُ ڪندَي ہہ. ڪڏهن اُن سان نہ مِلِي، نہ ڪَي وعدا وَچَنَ ڪيائين. راهَبُ سندس قِقيءَ جو پٽ، ڪڏهن ڪڏهن سندن گهر ايندو رُخسانہ ڪيس ادا ڪوٺَي، آيو ڪرڻ ڪان پوءِ اُتان هلي ويندي. راهبَ ڪڏهن هُن سان گُهرَي پوڻ جِي ڪوشش نہ ڪئي، ماءُ ڪي سڱ گهرڻ لاءِ موڪليائين. جنهن لاءِ رُخسانہ جَي پيءُ ”ها“ ڪئي.

راهَبُ ۽ رُخسانہ ڏاڍو خوش ٿيا. جلد سَندنِ خوشيون ڪافُورُ

ٿي ويون. رُخسانہ جو پاءُ جعفر، شاهُل جي عشق ۾ گرفتار، سندن لِڪَ
چُپَ ۾ ملاقاتون جاري، پهريان ان ڳالهہ جِي خبر شاهُل جَي گهروارن
کي نہ هُئي. رازُ کُلِيو تہ شاهُل جو پيءُ ۽ پائر مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿِي ويا،
ڳوٺ وارن وچ ۾ پئي، فيصلو ڪيو، جَعفرُ شاهُل کي چاهي ٿو، ان
ڪري ڪيس، رُخسانہ جي عيوض، شاهُل جو سڱ ڏنو وڃي.

جَعفرُ شاهُلِ جَي پاءُ کي رُخسانہ جو سڱ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو.
رِشتو ٻئي هنڌ ٿيڻ ڪري، راهبُ خانُ ۽ سندس گهروارا چِڙِي پيا،
رُخسانہ جو سڱ نہ ملڻ ڪي، پنهنجِي بي عزتي سَمجهندَي، جلد ئي
راهب جِي، ٻئي هنڌ شادي ڪري ڇڏيائون.

راڄوٽي فيصلي مطابق رُخسانہ جو سَڱُ، شاهُلِ جَي جنهن پاءُ
کي ڏنو ٿَي ويو، اُهو چرس ۽ آفيم کان اڳتي، هيروئن جو واسُ ونڻ لڳو
هو، رُخسانہ ڪنهن بہ قيمت تي اُنَ سان، شاديءَ لاءِ تيار نہ هُئي، ان
ڪري رِٿيَلَ تاريخ کان اَڳُ، جڏهن سڀ گهر ڀاتي اَگهُور ننڊ ۾ سُتَلَ
هئا، پَنهنجَي گهر کي خدا حافظ چئي، اٽڃاتل منزل تي پُڄڻ لاءِ، نيشنل
هاءِ وي تي پَهُتِي.

****

آئون رات جو ڳوٺ کان شهر ڏانهن اچي رهيو هوس، صبح جو
ڪنهن بہ حالت ۾ آفيس پهچڻو هو. رُخسانہ سخت سرديءَ ۾ روڊ تي
بيٺل هُئي، سندس گاڏيءَ کي بيهارڻ لاءِ ڪيَلَ اشارَي تي، نہ چاهيندي
بہ مون بريڪ لڳائي ڇڏي. رُخسانہ گاڏيءَ جو دروازو کولي ويهڻ لڳي،
ڪائنس ڪجهہ پُڇڻ چاهيم، هُن جلديءَ سان اُتان هلڻ لاءِ چيو.

خَوفُ مَحسُوس ڪندَي بہ، گاڏيءَ کي گيئر لڳائي، اُن جِي
رفتار وڌائي ڇڏيم. رُخسانہ ڪجهہ ڪلوميٽرس تائين خاموش رَ ِ هي،
سندس ڳوٺ الاهي پوئتي رهجي ويو، ڪار ۾ هلندڙ هِيٽرَ جي گرميءَ،

سندس ڏڪندڙَ جِسمَ ڪي سانِتِيڪو ڪيو. شهر پهچڻ تائين حقيقت ٻڌائي ورتائين.

رُخسانہ چيو ان ڪي دارُالاَمان پهچايان. مون ساڻس واعدو ڪيو پر رات هتڻ ڪري گهر وني آيُم. ڪيس اتيچ باٿ وارَي ڪمري ۾ اندران ڪُنڊي لڳائي ڇڏڻ جو چئي، ٻئي ڪمري ۾ اچي ليٽيُس. هُن ڪي ننڊ آئي يا نہ. پر آئون سندس معصوم چهري، خوبصورتيءَ ۽ دارُالاَمانَ جو سَوچَي، ننڊ ڪري نہ سَگهيُس. صبح جو تڪڙو آفيس پُڄِڻو هو. هُن ڪي گهر ۾ ڇڏي پاڻ هليو ويس.

واپس اچي رُخسانہ ڪي دارُالاَمانَ هلڻ جو چيم. خيالن ۾ گُم ٿِي ويئي، ڪو جواب نہ ڏنائين. ٻيهر چيومانس، هُن ڪان ڇِرڪُ نِڪِرِي ويو. گهُورِيندي چيائين: ”هِتَي نہ ٿو رهائي سگهين.“

بيخوديءَ مان: ”ها...ها... رهائي سگهان ٿو.“

ڪجهہ دير لاءِ خاموشي، حالتن جو خَوفُ سَريرَ ۾ سَرِسَراهَٿَ ڪرڻ لڳو. ذهن تي ڪيترا سوال ڳَرُ ڪڻڻ لڳا. ڇا ٿيندو، ڇا نہ ٿيندو جَي گُمانَنِ ڪي پاسيرو ڪَندَي، ڪانئس پڇيُم: ”پر آئون توڪي پاڻ وٽ، ڪهڙي رِشتيَ تحت رهايان؟“

ڪو جواب نہ ڏنائين. بس خاص انداز سان مون ڏي نهاري ڇڏيائين. سندس دارُالاَمان ڏانهن وڃڻ تي پريشان هُئس، وري جو ڪيس آماده نہ ڏٺُم. سَوچَ ۾ پئجي ويُس.

مُنجهيَل ڏِ ِسي سوال ڪيائين: ”ڇا.. تون مون سان شادي ڪري سَگِهين ٿو؟“

ڪجهہ پَلَ چُپِ رهڻ کان پوءِ وراٽيُم: ”اهو ڪيئن مُمڪن آهي!“

جواب ۾ چيائين: ”شادي مَردَ ۽ عَورتَ جِي ٿِيندِي آهي،

جيڪڏهن تو کي ڪا خاص مجبوري ناهي، تہ پوءِ ممڪن ۽ ناممڪن جِي کهڙي ڳالهہ آهي.“

ڪجهہ سوالن جوابن کان پوءِ، شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتوسين. هُن پاڻ متعلق رازُ ظاهر نہ ڪرڻ جو واعدو ورتو، نہ پَڇِي چاهي تہ ڪڏهن هُن جِي، پنهنجي مائٽن سان ملاقات ٿِئَي.

رُخسانہ کي پيارَي دوستَ ”شهريار“ وٽ ڇڏي آيُس، گڏيَل صلاح سان شادي اهڙي نموني ڪئيسين، جڻ مون شهريار جَي پيڻ سان شادي ڪئي آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ شهريارُ سرڪار طرفان ٻئي ملڪ وڃڻ جو موقعو مِلڻَ تي، اوڏانهن هليو ويو. ٿورو وقت خط و ڪتابت رهڻ کان پوءِ، جيترا گهاٽا دوست هُياسين، اوترا ئي هڪ ٻئي کان پري ٿِي وياسين. اسان پنهنجي ٻارن کي اُنَ مامَي بابت ڪا ڳالهہ نہ ٻُڌائي.

****

ٻارن ماءُ سان سِيارَي جون مَوڪُلون مامن ۽ امان نانيءَ وٽ گذارڻ جو اَنگَلُ ڪيو، تہ اسان مُنهنجَي ڳوٺ وڃڻ جو فيصلو ڪري نِڪتاسِين. اِنتَهائِي حيرت جِهڙي ڳالهہ آهي، ڳوٺ ڏانهن وينديَ، اسان اُن جاءِ تي پُڳاسِين، جتان مون هِڪَ سَردُ رات ۾، رُخسانہ کي گاڏيءَ ۾ کنيو هو... رُخسانہ زور سان، بابا.... سَڏينديَ. رَڙ ڪئي، اسان ڏَڪِي وياسين، مون روڊ جَي ڪاٻِي طرف گاڏي بيهارِي.

پوڙهو معذور لَٺو وڃايو وينو هو، رُخسانہ ٻَي حوصلن جِيان ڪار مان لَهِي، ان شخص کي بابا... بابا... مُنهنجَو بابا... ڪري چُنبڙِي وئي. آئون ۽ ٻارَ حيرت ۾ هُياسين، ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پيئي اچي، هُن پوڙهَي شَخصَ رُخسانہ کي سُڃاڻَي ورتو. ”مُنهنجِي مِٺي ڌيءَ...، مُنهنجِي رُخسانہ... تون ڪاڏي هلي وئي هُئينءَ... اسان توکي ڪيڏو

ٻُولهيو آ.“ چَوندَي، رُخسانہ جَي مِلِي وجڻ تي، خوشيءَ جي ٻُوڙهن کي روڪي نہ سگهيو. ٻار اهو لڪاءُ ڏِسِي رُخسانہ کان پُڇڻ لڳا: ”امان اهو تُنهنجَو پيءُ آهي؟“

جنهن تي رُخسانہ کين ”ها“ چيو.

رُخسانہ پيءُ کان ٻيَن گهرياتيُن بابت پڇيو هُن ٻڌايو: ”تنهنجي ماءُ تو لاءِ رَوئِي رَوئِي، اَکيُنِ جو نُورُ وڃائي ويٺي آ. جَعفرُ ڏاڙيلُ ٻنجڻ ڪري مارجِي ويو. آئون هِنَ حال ۾ آهيان.“

پوءِ اسان رُخسانہ جَي پيءُ سان سندس ڳوٺِ وياسين. جتي رُخسانہ کي ماءُ، مون کي سَسُ ۽ ٻارنِ کي امان نانِي مِلِي وئي. ڪجهہ ڏينهن اُتَي گذارڻ کان پوءِ، رُخسانہ جا ماءُ پيءُ اسان سان گڏ شهر اچي ويا. اهڙيءَ طرح وڃايَل وجودُ ٻيهر پاڻ کي، موجود سمجهڻ لڳو.

❖

# گُلُ ۽ خوشبو

شام جَي سُندر سَمَي، آئون ڳوٺَ جَي اولهه طرف پَسارُ ڪَندَي، نَنڍِيُون وِڪون کڻندو اڳتي وڌان ٿو. ٻَنيُنِ جَي ٻَنَنِ تَي، ڪجهه مَهينَنِ جي غير حاضريءَ کان پوءِ گُهمڻَ جو لُطفُ.. انهن پَيچِرَنِ تي بابا جِي چيچ پُڪڙَي هلڻ کان، جوانيءَ تائين پهچڻ جو عرصو صبح شام گذرُ ٿيو آهي. سامهون حَسِين مَنظرَ، آسمان تي شَفقَ جِي لالاڻ پکيڙيندڙ سجُ، ڪِيرٿر جَبلَ پويان ڏرتيءَ کي چُمڻَ جَي تياريُن ۾.

آئون يونيورسٽيءَ ۾ ٽئين سيمسٽر جو امتحان ڏيئي ڳوٺ پهتو آهيان، هينئر گهر کان نِڪري، وِچَ پَوڪَ مان هَلندَي، ڪيترا مائِٺَ مِلَنِ ٿا، جنهن ٻَنَي تان گُذران پيو، اُن کي واٽ (لَنگهه) طورَ استعمال ڪندا آهيون. هِتَي ملڻ وارن مان ڪَي، ڪم ڪار سانگي اچي وڃي رهيا آهن، ڪي وري مون وانگر، شام جَي پَسار تي نڪتا آهن، آئون سڀِن سان حال احوال ڪندو اڳتي وڌان ٿو.

اسان جو ڳَوٺُ سنڌو درياءَ جَي ڪَبي ڪَپَ تي، ڪَچي واري بَندَ کان ڇهه ست ڪلو ميٽر اوپر طرف آهي، هِتي ڏاڙيلن جورِڻُ ٻاريَل آ، جنهن سبب سِجُ لَهڻَ شَرطِ سڀڪو گَهرَ پَيڙو ٿيندو، پاڙي جي مرڪزي دروازي تي، چوڪيءَ لاءِ مَورچو ٺهيَل آهي.

رَيٺَي سِجَ هينان مَيرائيندڙ ڪِيرٿر جبل، پوءِ وَڙاهَه، پُرمُسرت نظارو، وَڻندڙ مَوسمَ، اُجاتِي خوشِي، دل باغ بهار. نِهارَ ڪَيم، وَڻن جي فصل ۾، سُهڻي وِينگَس نظر آئِي، بدن تي ڳاڙهي پَرتَ سان سائو

گَهگَهو اَوڇَ جِي شلوار مٿي تي سائِي چُنِي، پُنيءَ تي ڪانبو پيرَن ۾ پَشمَ جَي گُلَ وارِي جُتِي. بَي ساخته بِيهِي رَهيُس، ڪائنات جو خوبصورتُ مَنظرُ، ذهن تي نقش ٿيڻ لڳو. دل چاهيو ڪَرَ زماني جِي گردش، رُڪجِي وڃي، سامهون اِهو مَنظرُ هُجَي، آئون هجان، هُوءَ هُجَي، پَلِ حياتِ جِي پُڄاڻي تي وڃي.

ذهن تي ڏيکُ چِتجِي ويو، چوطرف اهو عَڪسُ نظر اچڻ لڳو. اڳتي وڌي جانچڻ لڳُس، ڪنهن مَنظرَ ۾ هَيڏاحَسِينِ رنگ پريا هِن، خوبصورت ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪجهه نظر نه آيو، وائڙو ٿِي اڳتَي وَڌيُس، ڪنهن پاڀوهه سان پُڪاريو: ”گُلَ...“ پوئتَي نِهاريُم، خوشبُو ڦُٽيُنِ جي ڍيرَ تي ايئن وينل نظر آئِي، جيئن مَوتِيَي جَي گُلَنِ تي، سُورَج مُکِي پِيَل هُجَي.

خوشبُو کي ڏسي سَگتَي ۾ اچي ويُس، ذهن تي ساڻس گهاريَل گهڙيُن جا مَنظرَ ڦرڻ لڳا. آخري ڏيکَ ۾ سندس پيءُ، ڪيس مون سان گڏ ڏسي چيو: ”خوشبُو هاڻي تون ٻارُ ناهِين، ڇوڪرِنِ سان نه گُهم، تُنهنجِي والده هجي ها، ته توکي ضرور سَمجهائَي ها.“ پڙهس پوليس ۾ هئڻ ڪري، سخت مزاج هو.

کانئس پُڇيُم: ”هي سڀ ڇاهي، وڏنڙَ پيئي چونڊين، ڪهڙي مجبوري آ تو سان، مون کي سمجهه ۾ نه ٿِي اچِي.“

چهرَي تي اُداسِي، پِيشانيءَ تي پگهر اچڻ لڳُس، حيرت مان چيائين: ”گُلَ، توکي پنهنجِي خوشبُو سان، ٿيَل هاڃي جِي ڪا خبر ناهي...!!؟“

سندس واتان اهو ٻڌِي، آئون وڌيڪ پريشانُ ٿِي ويُس وراڻيم: ” هاڃو، تو سان... خوشبُو نه بلڪل نه... مون کي ڪا خبر ناهي، ڪهڙي ماجِرا ٿي آهي تو سان، خدا جَي واسطي جلدي ٻڌاءِ.“

سندس آواز ڳِرو ٿِي ويو، لفظَ حلقَ ۾ اٽڪڻ لَڳَسِ، طبيعت اَبتَر ٿِي ويَس، پَرَ ۾ ويهندي سهارو ڏنومانس، ويجهڙائيءَ جو احساس

ٿِيُس، ڏِيمَي آواز ۾ چيائين: ”تون ڪهڙو گُلُ آهين جنهن کي، پَنهنجي خوشبُوءِ جِي خبر ناهي.“

بَي ڪَيفِ ٿيندي چيومانس: ”ڳُجهارتون نہ ڏي، سِڌي ڳالهہ ٻڌاءِ.“

”ڏاڙيلن سان مقابلي ۾ بابا شهيد ٿي ويو. آئون اڪيلي ٿي ويئي آهيان.“

خوشبُو غَش ٿِي ويئي، پَرجِي آيَل اَکيُنِ سان اولهہ طرف ڏِٺُم، حَسِينِ مَنظرُ بَي رونق بڻجي پيو هو. کيس دلداري ڏيندي چيم: ”قسمت کيڏُ ڪيو آ تو سان. دنيا بَدلائَي ڇڏيائين تُنهنجِي، رَبَ جي رضا تي راضي رهہُ. هر حال ۾ شُڪرُ بهتر آهي. ءِ ها... هاڻي تون اڪيلي نہ آهين. آئون وَڃَڻُ ٿو ڪريان. زندگيءَ جِي هر خوشي ڏيندُس تو کي.“

❖

# رَيڪائُن جِي تَرتِيبَ

ساجده کي هَوشُ آيو. پاڻ کي اسپتال جي بيڊ تي لَيٽِيَل ڏٺائين. ڳالهه سمجهه ۾ نه آيس، پر ۾ بيٺل ماءُ کان پڇيائين، ”امان هِتَي ڇو آندو اٿَوَ؟“

پيارِي ڌيءَ جي سوال تي، اَکيُنِ ۾ ڳوڙها تَرِي آيَس. حقيقت ٻُڌائڻَ بدران وراڻيائينس، ”راتِي تُنهنجِي طبيعت نيڪ نه هُئِي، ان ڪري هِتَي آيا آهيون.“

هِيٺِي ڪمزور هئڻ ڪري، وري بيهوش ٿِي ويئي. گهر ۾ اَڪيلِي طرفدار ماڻهس، جِگرَ جَي ٽُڪرَ جِي حالت ڏِسِي نه پيئي سَگهِي، پر اسپتال ۾ ساڻُ هُيَس. ڌيءُ جي طبيعت کان واقف، سَوچَي ٿِي، ”انور سائينءَ ۽ ساجده جَي پائرن، سندس حَملُ ضايع ڪرايو آهي، ڪيس خبر پوندي ته خودڪَشِي ڪندي يا صَدمَي ۾ چَرِي ٿِي ويندي. اُف خدايا... ساجده کي ڪيئن سَنڀاليندِيَس.“

ساجده نِيم بيهوشيءَ ۾ ڳالهائَي ٿِي: ”سانوَلَ تون ڇڏي نه وڃجان، مُنهنجَو پيءُ ۽ پائرُ تو سان ڪوڙ ٿا ڳالهائِنِ، هِي مون کي ٻيو دفعو تنُهنجَي حوالَي نه ڪندا. اِها صرف چالِ آهي.... چالِ ....“ وري غَشِي تارِي ٿيڻ ڪري خاموش ٿِي وڃي ٿِي. بيهوشيءَ جي حالت ۾ به سانوَلَ کي ياد ڪرڻ، سندس ماءُ کي جَهوري وِجَهي ٿو.

چار مهينا اَڳُ ڪراچيءَ جَي غريب وسنديءَ مان، ساجده ۽

سانوَلَ کي عزت سان رُخصتيءَ لاءِ، راڄُوڻي ڪري جدا ڪيو ويو هو. ساجده کي پيءُ چيو: ”سانوَلُ پنهنجو ڇوڪرو آهي، اڳُ شاديءَ ۾ راضي نہ هُياسين، هاڻي ايئن ناهي، تون اُلِڪو نہ ڪر، ڳَوٺ هَلِي رُخصتي ڪرائينداسين.“

ان وقت ساجده، سانوَلَ کي سمجهايو ”پاڻ سان ڏوکو ٿيندو، هِي ڪنهن صورت ايئن نہ ڪندا.“

سانوَلَ اعتبارُ ڪَندَي، ساجده کي سندس پيءُ انور سائين ۽ پائرن جي حوالي ڪري ڇڏيو. ساجده ڳوٺِ پهتِي، ڪيس ٻڌايو ويو تہ هُن کي، سانوَلَ ڏي نہ موڪليو ويندو.

سانولُ ڪراچيءَ کان ڳوٺ نہ پهتو، خبر هَلِي وئي، انور سائين وارا چون ٿا: ”ساجده کي ڪنهن بہ حالت ۾ اُن ذليل انسان جي حوالي نہ ڪنداسين، جنهن سندن عزت جو خيال نہ رکيو ۽ ڪورٽ ۾ وڃي نِڪاحُ ڪيائين.“

سانوَلَ کي گهروارن جَهلَي ڇڏيو: ”هُو ڳوٺ نہ اچي، هُن سان راڄوڻي ڪري فريب ڪيو ويو آهي، هيڏي اچڻ سان ڪيس جانِ جو خطرو آهي.“

سانولُ، ساجده جَي حوالگيءَ تي پشيمان، پريشانيءَ ۾ ڪورٽ وڃڻ چاهيائين، سندس غريبي حالت، ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ، پَٽَ سَٽَ جِي ڪوشش، تہ جيئن ساجده کان پنهنجَي حق ۾ بيان ڏيارائي. رقم جو بندوبست ڪيائين پر قسمت ساٿُ نہ ڏنُس، دهشتگرديءَ جَي وَرِ چڙهيَلَ شهر ۾، اَنڌِي گَوليءَ جو ڪاڄُ بڻجي ويو.

سانوَلَ جو لاشُ ڳوٺِ پهتو، انور سائين وارن جِي عيد ٿي وئي، هُنن جنهن کي مارائڻ لاءِ حِيلا پَئي هلايا، اُهو ڪنهن ٻئي جَي هٿان مارجي ويو. ساجده تي غَمَ جا پَهاڙَ ڪِري پيا، ڪيس بيهوشيءَ جا دورا پَوڻَ لڳا، هوش ۾ اچڻ وقت، سانوَلَ جو مُنهُن ڏيکارڻ لاءِ چَئي پَئِي.

”ساجده کي سانوَلَ جو مُنهُن ڏيکارڻ گهرجَي،“ سندس ماءُ انور

سائينءَ کي مڃائڻ جِي ڪوشش ڪئي. هُو مَڃي ويو. اهو سوچي ته مرڻ وارو مري ويو. هاڻ ان عمل سان، ساجده جِي دل ڪَٿي سگھجي ٿِي.

ساجده ڪَفنَ ۾ ملبُوس، سانولَ سان وَچڻُ ڳَندَي چيو، ”تُنھجَي پيار جو قسم، آئون سَڄي حياتِي تُنھنجِي رَهنديَس، پَيٽَ ۾ پَلجَندڙَ ٻارَ جِي حفاظت ڪَنديَس، تون جلد اُن جَي روُپَ ۾ مون ڏي مَوٽِي ايندين.“

ساجده اُميد سان هُئڻَ جو اِنڪشافُ ڇا ڪيو، پيءُ ۽ ڀائر سندس گَرڀَ جا وَيرِي ٿِي پيا، ڪيس سمجھايائون، ڳالھ نه مڃڻ تي دائيءَ ذريعي ٻارُ ڪيرائڻ جا جَتَنَ ڪيائون، ڪامياب نه ٿيا، ته ساجده کي بُخار ٿيڻ جو سهارو ڳولهي، نِجِي اسپتال ۾ پهچائَي، سندس ڊِي اين سي ڪَرائَي ڇڏيائون.

ساجده کان زندگيءَ جو آخري سهارو کسجي چُڪو. سندس ماءُ کي خبر نه هُئي ته بُخار ٿيڻ سان هِتَي آڻي، ساڻس ڪھڙو وَيلُ وَهايو ويندو. آپريشن ٿيٽر ۾ نيئَڻَ سان، هُن ڄاڻي ورتو ته ڌيءُ سان ڇا ڪيو پيو وڃي. مَردَ جَي غَلبَي واري سماج ۾ هِڪَ عورتَ، مُڙسَ ۽ پُٽَنِ آڏو بيوَس هُئي، سندس ڌيءُ گھر کان نِڪري، سنو ڪم نه ڪيو هئو، پر پَيٽَ ڄائيءَ جو دردُ، اندرَ کي ڳاري رهيو هوس.

دردن جَي درياءَ ۾ ٻُڏندَي، ڏِيٽَسِ جو ڏِيمو آواز ”امان“ ڪَنَ تي پَيُس، اَکيُنِ کي اُگھي سندس هَٿَ کي، پَنھنجَي هَٿَنِ ۾ جھليائين. ساجده اکيون پُورَي ڇڏيون، هُوءَ سندس هَٿَ لَڪيرُن کي جانچڻ لَڳِي، سوچيائين: ”وسُ پُڄَي ته ڪَرَ، ساجده جَي هَٿَ رَيکائُنِ کي بَدلائَي ڇڏيان.“

❖

# ماضِي حالُ

”جڏهن سامهون ايندِي آن، وَجُودَ جَي نَسُ نَسُ ۾ سُرورُ سمائجِي ويندو آ. دل چاهيندي آهي پَرَ لڳي وڃن. توکي ساڻُ ڪري، اَهُر جَي قُولَرَ مٿان اُڏارون ڪندي، اهڙيءَ جاءِ تي ڏيرو ڄمايان، جِتيَ ٻيو ڪَيرُ نہ هُجَي.“ مُرڪَ سان ملندي شهباز چوي ٿو.

احساسن کي سمجهندي مُرڪَ وراڻيُس: ”آئون اڄ تائين تو کي سَمجِهي ناهيان سَگِهي، تنهنجو اِهو روپُ، پَلو لڳندو اٿم. اِنَ تي حيرت ٿيندي آ ۽ خوشي بہ!“

شهبازُ ڊرائيونگ سيٽ تي ويهندي  ڪار چالو ڪري ٿو. مُرڪَ آڪاش ۾ نظرون اَٽڪائَي، پيارَ جا اندلني رنگ ڏسڻ ۾ مَحُو آهي. ڪار اسٽارٽ ٿيڻ تي دروازو کولي اندر وهي ٿِي: ”شهبازَ گاڏي ڇو اسٽارٽ ڪيَئي؟ آئون نہ ٿِي چاهيان تو کان جلدي جُدا ٿِيان، ڪجھ منٽن جي ڊرائيوِ تي هاسٽل آهي ۽ پوءِ جُدائي.“

”جدائيءَ جِي کهڙي ڳالھ آ. وري سُڀاڻي مِلنداسين.“

”سڀاڻي ملنداسين پر کهڙو اعتبار آ. تون اڄ وارَي مُوڊَ ۾ هُوندَين يا نہ. مُون تُنهنجَو اهڙو سُنَو مُوڊ، ڪڏهن ناهي ڏٺو.“

”ڇڱو بابا. تو کي جلديءَ ۾ هاسٽل تي ڊراپ نہ ٿو ڪريان.“ ايئن چوندي، شهبازُ گاڏيءَ کي گيئر ۾ وِجِهي، حرڪت ۾ آڻي ڇڏي ٿو.

اِسپيڪرسِ مان منظور سخيراڻيءَ جَي آواز ۾، استاد بخايءَ جا ٻول:
”ها مان تُنهنجَي بِنا ڪجھ بہ تہ ناهيان، تون جَي گَڏُ گَڏُ هُجِين پوءِ مان آهيان.“ ٻُرَڻَ لڳَن ٿا.

مُرڪَ خوشيءَ مان ٽِڙي پوي ٿِي، شهبازُ روڊ جي ڪابي پاسي ڦُولَرَ جو خوبصورت نظارو ڏسي، گاڏي روڪَي، مُرڪَ کي هٿ کان وَٺِي رائِيءَ جَي فصل ۾ گِهڙِي پَوي ٿو. مُرڪ ٿابڙجندي پُڇَيس ٿِي: ”شهبازَ هِي ڇاهي، ڪاڏي ٿو هَلين؟“

”پَنهنجَي ماضيءَ ڏانهن.“

”ڇا تُنهنجَو ماضي ايڏانهن آهي؟“

شهبازُ اُونُهون ساهہُ کڻندَي، ”ها“ چويس ٿو اَهُر جَي گلن کي هَٿَ لائيندَي، اُنَ جو پَنُ ڪائڻ لڳي ٿو مُرڪَ حيران ٿيندي: ”شهباز ڇا ٿو ڪرين، اِهو گاهہُ وات ۾ ڇو ٿو وجهين؟“

”مُرڪَ واقعي توکي حيران ٿيڻ گهرجي، تو ٻهراڙيءَ ۾ نہ رهڻ ڪري، ڪڏهن رائيءَ، موريءَ، ڄانيِي جَي پَنَنِ، سِنجهہُ ۽ ڪَچِي ٻَصَرَ سان مانِي ناهي کاڌِي، تو ڪڏهن اَهُرِ جو ساڳُ نہ کاڌو هوندو جيڪو امان نِڪَرَ جَي ڪُنيءَ ۾ چاڙهيندي هُئِي. مُنهنجَو اِهو ماضي آ. هَوشُ سنڀالڻ کان پوءِ هِڪُ عرصو ايئن کَيتَنِ ۾ گُذاريو آهي مُون.“

”شهبازَ تُنهنجَي عاليشان حالَ پُٺيان، ڏکوئيندڙُ ماضي هوندو، مون ايئن نہ سَمجِهيو هو.“

”تو ايا ڪَٿا ٻُڌِي ئِي ڪاٿَي آ. آئون ڇا آهيان، ڇا هُئس، اَڄُ توکي ٻُڌايان.“

هُو ٻيئي زمين تي پَلٿِي هڻي وَيهَنِ ٿا، شهبازُ کيس ٻڌائَي ٿو: ”سيٺ سرفراز، چيمبر آف ڪامرس جو صدر، ڪيترن ڪارخانن، ڪمپَنِيُن جو مالڪُ، مُنهنجو پيءُ آهي، آئون ان جي گهر ۾ ڪجھ شرطن تي رهندو آهيان، لاڳو شرطن مان وڏو شرط، اج منطقي انجام

ڪي پهچي چُڪو. باقي ٻيا ڳنڀير نہ آهن، جن جَي پُورائَي لاءِ تڪليف پهچندي هُجَي.

مُنهنجَي پيءُ جُون ٻہ شاديون آهن. پهرين ڳوٺ ۾ رهندڙ ڏاڏي پوٽيءَ سان، جنهن مان ڪيس ٻہ ٻارَ آئون ۽ ٻيو ڀاءُ جيڪو اڃا تائين بابا کي، چڱيءَ طرح ڏِسِي ٻہ نہ سگهيو آهي. ٻي شادي، سيٺ اياز خان جي ڌيءُ نادره بيگم سان ٿيل آهي، جنهن مان بابا کي اولاد ڪونهي، پر نادره بيگم کي پهرئين گهروارَي مان ڌيءَ آهي، جيڪا شاديءَ کان پوءِ، طلاق جو تجربو ڪري چُڪي آ، اڃا بہ ڪَي نَيڪ ارادا ناهِنِس.

بابا امان جِي شادي، وڏن جَي مرضيءَ سان ٿِي، ڏاڏا سائين اڻپڙهيَل هوندَي بابا کي پڙهايو. هُن بي اي کان پوءِ سيٺ اياز خان جي ڪارخاني ۾ ملازمت اختيار ڪئي، جِتَي بابا جي ذهانت کان متاثر ٿي، سيٺ صاحبُ کيس تڪڙي ترقي ڏيندو ويو.

امان ٻڌائيندي آهي، جيسيتائين آئون ڇئن سالن ۽ ننڍو ڀاءُ ڇهن مهينن جو هُيو. بابا جلدي جلدي ڳوٺ ايندو. پئسا ڏيندو ۽ لٽا ڪپڙا گهڻا آڻيندو هُيو. هڪ دفعي کيس چيم: ”سرفراز ايترو خرچ نہ ڪر.“ ”وراڻيائين: ”ڀاڳڀَري، پئسو نصيب ۾ هُجَي، مِلَي ۽ کَپائِجَي نہ، تہ ڪِهڙَي ڪَمَ جو.“ شايد اهي لفظ چئي مون، نصيب کي نظر هڻي ڇڏي.

اِهي، اُهي ڏينهن هُيا، جڏهن بابا کي سيٺ اياز خان، بيوه ڌيءُ نادره بيگم سان شادي ڪرڻ لاءِ چيو. شادي ڪرڻ جَي صورت ۾ مِلڪيَتَ جو اَڌُ، بابا جَي نالي ڪرڻ جو چيائين، اِنڪارَ جي صورت ۾ کيس، نوڪريءَ تان هٿ ڪڻڻ لاءِ چيو.

ان وقت بابا اسان جي ڀَلَي لاءِ، شادي ڪرڻ جِي حامي ڀَرِي، پوءِ سندس خيالَ بَدلِجِي ويا، آهستي آهستي ڳوٺ اچڻ، اسان جِي سارَ سنڀالَ لَهڻُ ڇڏي ڏِنائين. سندس اهڙي رَوَيي ۾ نادره بيگم جو وڏو هٿ

هو.

امان، بابا جَي جدائيءَ جو سُورُ دِلِ ۾ سانڍيو اسان جِي پَروَرِشِ ڪَندِي رَهِي. ڏاڏا سائينءَ جِي بہ ٿَي ايڪڙ زمين، اسان لاءِ وڏي وَٿَ هُئِي، آئون اسڪول کان موٽڻ بعد، ڏاڏا سان زمين تي ويندو هُئس، پَنهنجَي وِتَ آهر، اُن جِي هر ڪم ۾ مدد ڪندو هُئس. مطلب اسان جَي گهر جو گاڏو ڳوٺن ۾ رهندڙ اڪثريت جِيان گِڙندو رهيو. ڳوٺ جي ٻِيَن ٻارن، ۽ مون ۾ فرق اهو هو تہ، آئون پاڻ کي پيءُ هوندي، يتيم مَحسُوس ڪندو هُيُس.

مون بي اي ڪري وَرتِي، نوڪريءَ جي ڳولها ۾ هُئس، بابا جو خط آيو جنهن ۾ لکيَلُ هو، آئون جلدي اُنَ وٽ پهچان. بابَي جو خط پڙهڻ سان، دل ۾ اُنَ لاءِ مُحبتَ وارا جذبا نہ اُڀريا، نہ ئي خوشي ٿِي. امان کي بابا جَي خط بابت ٻڌائيندَي، آگاهُ ڪَيُم تہ آئون اُنَ ڏانهن وڃڻ نہ ٿو چاهيان، پر الائي ڪِهڙَي جَذبَي تَحتِ امان، پيءُ جَي سَڏَ کان اِنڪارِي ٿيڻ نہ ڏنو.

بابا وٽ آيُس، نِڳِيءَ ماءُ کان سُنِي مَوتَ مِلِي، بابَي نوڪري ڪرڻ بجاءِ، تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ چيو. مون يونيورسٽيءَ ۾ بين الاقوامي تعلقات جَي شُعبَي ۾ داخلا وَرتِي، بَظاهر وڏا ٺَٺَ ٿِي ويا، مُنهنجَي صدقي امان وارن کي باقائده خرچ ملڻ لڳو. مون ماضي ۽ مستقبل کي پاسيرو رَکِي، حالَ کي تَرجِيحَ ڏِني.

اصل معاملي جو انڪشاف ڪجهہ مَهينَنِ کان پوءِ ٿيو تہ مون کي لاڏَ ڪوڏَ سان ڇو رکيو ويو آهي، ڪَلَهہ جا نامهربان، ايڏا مهربان ڇو ٿيا آهن. خبر پيئي نِڳِي ماءُ جَي ڌيءُ " درخشنده " ڪجهہ وقت اَڳُ مُرضيءَ جِي شادي ڪئي، جلد ڪيس طلاق مِلِي، هاڻي نادره بيگم کي ان لاءِ سادَي سُودَي، ڇوڪرَي جِي ضرورت آهي، جيڪو ان جو مُڙسُ ڪم (Cum) نوڪرُ هُجَي.

آئون مُونجهارَي جو شِڪارُ ٿِيُس پر تعليم جي تَڪميلَ ڪي، پهريون مقصد بڻائي چُپ رَهيُم. بابا ۽ نِڱي ماءُ جو سُلوڪُ بهتر هُوندَي بہ، درخشنده حِقارتَ سان ڏِسندِي هُئِي. جنهن مان اندازو ٿي ويو تہ، بابا ۽ نِڱي ماءُ رِٿيَل مَنصوبَي ۾ ڪامياب نہ ٿِي سگهندا.

”مُرڪَ، تو ڪي پهريون دفعو ڏِٺُم ڏاڍو وڻيڻءَ، پر حالتن ڪان مجبور، مُحبتَ جو اظهار ڪري نہ سَگهيُس. آئون تُنهنجَي جَذبَن ڪي سمجهندو هوس پر جاڙِي واٽِي لَنوائيندو هُيُس. اج پنهنجي لاءِ خوشيءَ جو ڏِينهُن آهي، آئون آزاد ٿِي ويو آهيان، مُنهنجَي مٿان پَيَلُ بارُ لَهِي پيو آ، درخشنده مون ڪي جَٽُ ڪَوٺَي، شادي ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو آ...، ها مُرڪَ... هُن انڪار ڪري ڇڏيو آ....“

❖

# مَعلُوماتِ ۾ اَضافَو

سَچڻُ ماڊل اِسڪُولَ جو ذَهِين شاگردُ، دل لڳيءَ سان پڙهندَو، اِسڪُولَ ڪان مَوٽي مانِي کائِي، آرام ڪرڻ ڪان پوءِ دوستن سان راندِ رُوندِ ڪندو. سِجَ لَٿي ڪان پوءِ گھر اچي، مِليَل هَومِ وَرڪ ڪندو. فارِغُ وقت ۾ ٽيليويزن ڏِسندو. خِيالِي ڳالهيُن جا ڪتابَ پڙهندو، جِن سان جاڻ نہ پر، وِندُرَ جو سامانُ مُيَسر ٿِيندَو. اِهَي ڪِتابَ ڪاروباري پَبلشرَ، نفعو ڪمائڻ لاءِ شايع ڪندا آهن. ساڻس گڏ پڙهندڙ دوستَ بِلال جِي مَعلوماتِ، بِيَنِ ڪان گھڻو وڌيڪ. اَڪثرُ استادَ شاگردن ڪان جنرل ناليج جا سوال پُڇندا، بِلال ڪَيِن دُرستُ جوابَ ڏيندو. ڪيس ڪَرَنِٽ اَفيئَرسِ ۽ نَيُنِ اِيجادُنِ بابت جاڻَ هُوندِي.

هِڪَ ڏِينهُن سَندنِ ڪلاسَ ۾، پرنسيپال پِيريَڊِ اِنگَيِج ڪرڻ لاءِ آيو. محمد حسن نالَي وارو ماهرِ تعليم، ۽ سيني مضمونن تي دَستَرَسِ رکندڙ استادُ. هُن اچڻ سان بَيتِ بازِي ڪرائِي، جنهن ۾ بِلال سَرسِي ماڻِي، وَرِي عام معلومات جا سوالَ پُڇيا، اُنَ مُقابلَي ۾ بہ بِلال اَڳِتَي رهيو. پرنسيپال صاحبَ ٽيون رائونڊُ، ڪلاسَ جَي شاگردن کان، سَندنِ سِلَيبَس مان سَوالَن جو ڪيو. اِنَ مَرحلَي ۾ بہ، بِلالُ ئِي پهرئين نمبر تي رهيو.

جناب محمد حسن صاحبَ، بِلال کي شاباس ڏِنِي ۽ بِيَنِ شاگردن کي، اُن جِيان محنت ڪرڻ جو چيو. هُن ڪَيِن وڌيڪ

سمجهائيندي چيو: ”سوالَ جو جوابُ ڏِيڻَ سان، شاگردَ جو اعتمادُ وڌندو آهي، اوهان بِلالَ کان پڙهائيءَ ۾ معلومات ۾ اضافو ڪرڻ جو هُنر سِکَو هِنَ جهڙا شاگردَ نہ رُڳو پاڻ اُتَمُ هُوندا آهن، پر اهڙن شاگردن تي، ادارا بہ فَخُرُ ڪندا آهن.“

شاگردن کي اهڙو ڏَسُ ڏَيئِي، پرنسيپال صاحب هليو ويو پر پڙهائيءَ سان دلچسپي رکندڙ ٻارَنِ جَي ذهنن ۾ هَلچَل مَچائَي ويو. اهڙي ڪَيفيَتَ ۾ سَجَڻَ وَجِي بِلالَ جو پاسو ورتو، ڪيس چيائين: ”بِلال تون اَيتِرِي مَعلوماتِ، ڪِيئَن ٿو حاصل ڪرين، مون کي تو سان حَسَدُ نہ ٿو ٿِئَي، پر چاهيان ٿو مون وٽ بہ ڄاڻَ هُجَي، آئون بہ ڪلاسَ اندر ۽ ٻاهر، سوالن جا جواب ڏيئي سگهان، ڊِبَيٽِ وغيره ۾ حِصَو وَٺان، ۽ تو جِيان ٻِيَنِ کي سَمجهائَي / پَڙهائَي سگهان.“

بِلالَ وَراڻيُس: ”دوستَ آئون بہ تو جِيان، عامُ شاگردُ آهيان، مُنهنجِي دل بہ رانديون ڪرڻ لاءِ چوندي آهي، پر مون کي اَمَڙِ شروع کان، اِيئَن ڪرڻ نہ ڏِنو. هُوءَ چاهَي ٿِي تہ آئون پَڙهِي، پَنهنجَي ماما جِيان ايس ڊي ايم ٿيان. امان جو چوڻ آهي تہ هُو ڪَيڏَنَ ڪُڏَڻَ ۾ وقت وڃائڻ بدران، هر وقت ڪتابن پڙهڻ ۾ مَصرُوف رهندو هُيو ان ڪري مقابلي جَي امتحان ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اَجُ سَماجَ ۾ سندس وڏو مَقامُ آهي، هُو بهتر تعليم جَي ڪري، اخلاق جَي بہ اعليٰ منزل تي پَهتَل آهي. سو سَجڻَ پاءُ مان پَنهنجَو وَقتُ نہ وڃائيندو آهيان، آئون ادب ۽ تاريخ جا ڪتابَ، مَعيارِي رِسالا، سائنس مئگزين ۽ اخبارون پڙهندو آهيان، اِهَو ئِي معلومات حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي مُنهِنجَو.“

سَجَڻَ بِلالَ جو جوابُ ٻُڌِي، پڪو ارادو ڪيو تہ هُو بہ محنت ڪندو، پَنهنجَي گهر ڀرسان علامہ دائود پوٽہ لائِبرَريءَ ۾ وَڃِي، اَدَبِي تارِيخِي ڪِتابَ، مَعيارِي رِسالا ۽ اخبارون پڙهندو، تہ جيئن معلومات ۾ اضافو ڪري سَگهي.

❖

# بھارُ ۽ خِزان

مُنھنجا خَوابَ، سَوچون، پاڪ پَوِتَر هُيون. زندگي گذُ گهارڻ جو سَعيو حياتِ جِي هَرِ گهڙي تو لاءِ، هر وقت تُنھنجَي خيالن جا واڇُوڙا گَهيرَي رکندا هُئا. اِنَ آسَ ۾ خوش گذاريندو هُيُس، وِچَ ۾ جا ڏِينهَن اِجهو تا پُورا ٿِيَنِ، پوءِ وَصلَ جو واءُ گهُلندو. بَھارُون خِزانئُنِ کي ماتِ ڏِيندِيُون، هر طرف خوشيءَ جا نَغما هُوندا. تون هُوندينءَ، مان هُوندُسِ.

بھار جَي موسمَ جِي اُڪيرَ هوندِي آ، جنھن ۾ جِسمَ اندر رت تازو ٿي پوندو آ. وڻَ پراڻا پَنَ ڇاڻَي، نوان وَيسَ اَوڍِيندا آهن. پَکِي پُکَڻَ بَھارَ جي آمد تي، خوشيءَ جا ترانہ ڳائيندي. نوان آکيرا جَوڙَي، نَئِين پِيڙهيءَ جِي تياري ڪندا آهن.

هِن وارِ بھارَ جِي مُندَ، ڏکن جو سامان ڪٺي آئِي، زنده وجود کي مرده ڪري، روح کان راحت کَسَي، مُنھنجَي خوابن جو خُونُ ڪري ڇڏيائين. مون بابا کي خط ۾ لکيو هو: ”آئون ايندڙ خميس تي ڳوٺِ اِيندُس، اوهان جلد شادي ڪرڻ لاءِ چيو هو. مَهينَي جِي موڪل ورتِي اَٿَم، توهان شاديءَ جِي تاريخ وَٺِي ڇڏيو.“

خط ملڻ سان بابَي، چاچِي يارَلَ خانَ کي تاريخ ڏِيَڻَ لاءِ چيو. مُومَلَ جو پيءُ، ڪيڙن ۾ نہ پيو ماپِي، بابا کي ٻئي ڏِينهُن ٿِي، شاديءَ جِي تِٿِ ڏئي ڇڏيائين.

سَجَي ڳوٺَ ڄِيان، اِها خَبرَ وڏيرَي جَي پُٽَ کي پيئي، هُو

نندائيءَ کان مُنهنجو وَيِرِي هُيو. ڪيس ڳالهه نہ وَڻِي، تہ آباد ٿيندڙ گلشن کي برباد ڪرڻ لاءِ، رات جو مُومَلَ جَي گهر ۾ گهِڙِي، ساڙَس مَيرَو ٿِيَڻَ جِي ڪوشش ڪيائين.

مُومَلَ ڪَمِيٽَي کي مِنٿُنِ ڪرڻ باوجود. ڪُڏِي حرڪتَ کان بازِ اِيندَي نہ ڏٺو تہ عزت بچائڻ لاءِ، پَنهنجَي پَيٽَ ۾ ڇُرِي هڻي، پاڻ کي مُنهنجَي نانءِ ڪري، اَمَرُ ٿِي وَيئِي.

خميس جَي شام جو آئون ڳوٺِ پَهُتُس، اِها خبر ٻُڌِي، مُومَلَ جَي پِيارَ ۾ ڇوليون هَڻندڙُ مُنهنجَو مَنُ سانتِ ۾ اچي ويو. اکين آڏو اونداهَ ڇانئجَي وَئِي، پيارَ جو گُلشَنُ اُجِڙِي ويو. آئون، آئون نہ رَهُيُس، وجود پَورا پَورا ٿِي ويو. مُنهنجَي خوشِيُنِ جو آيَلُ بَهارُ خِزان ۾ تَبدِيلَ ٿِي ويو.

❖

# هُوءَ

هُوءَ جڏهن نَظرُون کَڻندِي آ، سندس نَيڻَ اِيئَن لڳندا آهن، ڄڻ اُماس رات ۾ تارا ٽِمڪندا هُجَنِ. مَحسُوس ٿيندو آ هُنَ جِي سُونهَن صَدقَي، سَڄَي جَهانَ ڪي خُوبصُورتِي دانَ ۾ مِلِي هُجَي. هُوءَ پَلڪَ هيٺِ مَٿَي ڪَندِي آ، سَڀُ مَنظرَ لُذَڙَ لڳندا هِنِ. سَندسِ اَکيُنِ ۾ اَزَلَ کان اَبَدَ جِي گَهرائِي آ. مُون اَڳِيان ڪَنڌُ جهُڪائَي ويهندي آ، چوندو آهيانس: ”ڇَرِي، ڪَنڌُ هِيٺِ ڪَرَي اَکيُون لِڪائَي تہ نہ وَيهہ، اِيئن ٿو لَڳَي، ڄَڻُ هَرَ شَيءِ ڪَنڌُ نِوائَي ڇَڏِيو هُجي!“

مُنهُن مَٿَي ڪري چَوندِي آ: ”اِيئَن ڪَونهي، تو کي هَرُو ڀَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي.“

هُنَ جَي چَپَنِ جِي لالاڻِ ڏِسي، گُلابَ ڦِڪا ٿيندا هِنِ. سَندنِ رَنگُ پِيلَو ٿِي پَوندو آهي. هَنَڙِيءَ پرسان گلابَن جَي باغَ مان ڀَڃِيَلَ، گُلَنِ جو جَهولُ، هُنَ اَڳِيان کَيُم، سَندنِ رَنگَ بَدلجِي ويا، وري مَٿان وَرِڪا ڪَئِي مانس، تہ سَندنِ رَنگَ واپس اَچِي ويا. مُون چَيُس: ”مِنِي ڏِسُ تو اَڳِيان، گُلابَنِ جِي ڇا حَيثيَتَ آ، وَيچارا رَنگَ بَدلَي ٿا ڇَڏِينِ.“

وراڻيائين: ”گُلابَ رنگَ ڪونہ ٿا بَدلِينِ، تو کي هَرُو ڀَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي.“

هُنَ جا ڪارا ناسِي وارَ، ٽَرَ تي ڪَڪَرَ پاسندا اَٿِم، سندس ڏُلفِنِ جَي جهُڙالَي سان، مَنَ اَندَرَ جا ڪُوماڻَل گُوَنچَ، ساوا ٿِي پَوندا آهِنِ،

اِيئَن لَڳندو آ، مُئلَ جانِ ۾ ساهہُ پيو هُجَي. وارَنِ جو تاهِيَلَ ”جُوڙو“ ڪَيسِ ٺَهندو آ، سَندسِ خُوبصورت ڇوٽَي تي پيَل نَظَر، ڪَيترَنِ غزلن کي جَنمَي وِجهندِي آ. ڇُڙيَلَ ڪَيسَ ڏِسي چيومانس: ”هِي تُنهنجَي وارَنِ کي ڇا ٿِي ويو آ، کهڙو رَنگُ ٿِي ويو اَٿَنِ؟“

وراڻيائين: ”ڪُجهہُ نہ ٿِيَو اَٿنِ، تو کي هَرُو پَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي.“

ڪَنَنِ ۾ ڪُجهہ نہ پاتَلُ، ڇوندِي آ، والِيُون، والا، لِيلَم، بُندا پائِڻَ سان اَلَرجِي ٿِي ٿَئَي. ٿِي سَگَهي ٿو اَلَرجِي ٿِيندَي هُجَيس. سَندسِ ڪَنَ، بِنا زَيورَ جي سُهڻا لڳندا آهن، ”مِياڻِي فاريسٽِ پارڪَ“ جي ڪِنارَي تي، اَڪَ مان پَٽيَل ڦُلڙيُون پارايُون مانس، سچ تہ پاڳُوَند اَڪَ ڦُلڙيون، هِيرَنِ جِيان چَمڪي پيُون، بيَخوديءَ ۾ چَئِي وَيئومانس: ”سُنِي تُنهنجَي ڪَنَنِ ۾ اَڪَ ڦُلڙيون، هِيرَنِ کان گهٽِ نہ ٿِيُون لَڳَنِ.“

جواب ۾ چيائين: ” ”اِيئَن ڪونَهي، تو کي هَرُو پَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي.“

سَندسِ ڳرايُون ماهر سنگتَراشَ جا شهپاره ۽ مَرمَرِي هَٿَ، سُفيد سَنگِ مَرمَرِ مان جُڙيَلَ لڳندا آهن. ڏِکيُنِ آڱرِيُن ۾ ڇَلو پاتَلُ ڏِٺَو هُوندَو، سَندسِ ڳرايُنِ ۾ چُوڙيُنِ جي ڇَڻِ ڇَڻِ ڪڏهن ناهَي ٻُڌِي. ڪانئس ڪيترا دفعا پُڇيو آ، هُوءَ چُوڙيُون ڇو نہ ٿِي پائَي؟ ڪو جواب نہ ڏِنَو اَٿائِين. پِٽ شاهہ ۾ مَنَ جَي مُرادن لاءِ، لطيف سرڪار جي پيراندي ءَ، رَبَ کان دعا گهرِيسُون، رَوضَي ٻاهران بازارِ مان، رَنگ بِرَنگِي چُوڙيُون پارايُون مانس. آهِستہ آهِستہ قَدَمَ کڻندا، تَنبورَي چوڪَ کان ٿِيندا، ڪَراڙِ ڍَنڍَ جي ڪَپَ تي ٻيناسِين، هٿ مَٿَي ڪري، ڏَسڻي ڇِيچَ جي اِشارَي سان ڪُجهہ پُڇيائِين. سَندِس ٻانهنِ ۾ پاتَلَ چُوڙيُون وڃِي پيون، چيومانس: ”ڏِسُ، تُنهنجَي ٻانهُنِ ۾، چُوڙيُنِ جِي ڇَڻِ ڇَڻِ، ڪَيڏِي سُٺِي ٿِي لَڳَي.“

وراڻيائين: ”سُنِي ڪانہ ٿِي لَڳَي، تو کي هَرُو پَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي.“

ڇوٽي ”......خاندانَ جو نَڪُ آهي“ نَڪَ جَي اَهمِيَتَ کي ظاهر

ڪَرَي ٿِي. هُنَ جو نَڪُ تَوپيَلُ آهي، پر ڪَيسِ نَڪَ ۾ ڦُلِي، لَوُنگُ، ڪَوڪَو پاتَلَ ناهَي ڏِنَو. "مَتياريءَ" پرسان پَناٽِن وارِي هوٽل تي ٿورو پَرپَرَو بَبُرَ هينان چانهه پيئندَي، ببُرَ جو پِيلَو گُلَ نَڪَ ۾ پارايومانس، چوُڏسا هَيڊاڻِ مَحسُوس ڪَندَي چَيُمِ: "پَلِي، لَڳِي ٿو جَڻُ سَڄو علائقو پِيلَو ٿِي ويو هُجَي."

وراڻيائين: "سڄو علائقو پِيلَو نہ ٿيو آ، تو کي هَرُو پَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي."

هُوءَ سُندر، سُهڻِي آ، ڍِڄُ لَڳندو آهي سُفيد پَشَمَ جهڙِي، هَٿ لائڻ سان مَيرِي نہ ٿِي پَئَي. هُوءَ پٽائيءَ جي وائيءَ جِهڙِي آ. نَئَين سُرَ ۾ نَئِين لَڳندِي آهي، ڪَنهَن بہ آلاپَ ۾ سَندسِ گهِرائِي، گهٽبِي نہ، پر وَڌندِي آ. جَنهَن رُخَ کان ڏِسوسِ پَرکِيوسِ، ڪائِي کَوٽِ نَظرِ نہ ايندِي. هُوءَ مُختلفُ رَنگِنِ جا ڪپڙا پائيندِي، هَرِ رَنگُ کَيسِ نَئِين سُندرتا بَخشِيندو آهي، جَنهَن رَنگَ ۾ اِيندِي آ، خُوبُ لَڳندِي آ. چوندو آهيانس: "مُنهنجِي جانِ، تو کان تہ هِي، رَنگَ بہ شَرمائِين ٿا."

جواب ۾ چَوندِي آهي: "ڪونہ ٿا شَرمائِين، تو کي هَرُو پَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي."

هُوءَ نہ آئي آهي....! ٻِنِ ڏِينهَنِ کان نہ، اَٺَنِ کان نہ، پَندرَنهَنِ کان نہ..... گهڻَي وقت کان.... اِنَ ڪارَڻِ اَندَرَ جِي مَوسمَ، خِزان آلُود ٿِي ويئي آهي. وَيهڻُ، گهُمَڻُ، سُمَهڻُ مزو نہ ٿو ڏِئَي، دنيا وِيرانُ ٿِي وَيئي آ. زندگيءَ جو ڪو چاهہُ نہ رَهيو آ. هُن مُنهنجَي مَجبورِيُنِ کي، بَيوفائِي سَمجهي ورَتو آ. مَنُ چاهَي ٿو هُوءَ اَچِي، آئون کَيسِ چوان: توُن ناهِين تہ سَڄِي دُنِيا، ويران ٿِي وَيئِي آ."

هُوءَ جوابَ ۾ وراڻَي: "دُنيِا وِيران نہ ٿِي آهي، تو کي هَرُو پَرُو اِيئَن ٿو لَڳَي."

❖

# نَيڻَنِ مان لَڙيَل لُڙڪَ

نَيڻَنِ مان لَڙيَل لُڙڪَنِ جو قسم، مون بي وفائي نہ ڪَئِي آ، تون اڄ بہ قابلِ احترام آهين. بظاهر گهڻو پري هوندَي بہ آئون توکي بيحد ويجهو محسوس ڪريان ٿو. حقيقي محبت جسمن جي قُربَ ـَت کان مٿانهين ۽ روحاني ويجهڙائيءَ جِي گهُرجائو آهي، ايئن نہ هُجَي ها تہ لافاني محبت ڪرڻ وارا سدا جاويد ڪردار، هڪ ٻئي کان وڇڙيل نہ رهن ها. سَچَي پيارَ جي ان فلسفي جِي شاهدي ڏِيندَي پتائي گهوٽَ فرمايو: ”جيڪي فراقان سو وصالان نہ ٿِئَي.“

جڏهن کان پنهنجو نِينهُن اَڙيو، مون تُنهنجَي وجود کي، پاڪ نظر سان ڏٺو ۽ توکان بہ ساڳي توقع رَکيَم. سَچَي پيار جَي جُنونَ ۾ وساري وينس، تہ آئون ڪو فرشتو ناهيان، جو مِڙني احساسن کان پاڪ هجڻ ڪري، هڪ ئي هستيءَ جَي عبادت ۾ مَگَن هُجان. فَرشتَي ۽ انسان جَي فرق وارِي ڀُلَ، پشيمانيءَ جو سبب بڻِي، پيارَ پيچرَي تي هلندَي ڀُلائي وَينُس، تہ جنهن راههَ سان هَلِي پيو هان، ان جَي چؤواٽي تي پهچڻ کان پوءِ، هِڪَ واٽَ جِي چُوندَ مشڪل ۾ وِجهندِي.

تُنهنجَي پيار جَي سڏ کي ورنائڻ ۾، مون جاڻِي واڻِي دير ڪئي، جلد موٽ کي بهتر نہ ٿَي سمجهيم. ڇو تہ ڪڏهن ڪڏهن پَريتِ جِي پُڪارَ ڏاڍِي تڪليف ڏيندي آهي، پڇتاءَ کان سواءِ ڪجهہ حاصل ناهي ٿيندو ۽ جڏهن مِنيءَ مَوٽَ جَي بدلي، پڇتاءَ جو ڦَلُ مِلَي، تہ آسَ وارَي جهول ۾ نِراس جو ثمر پَرجِي ويندو آهي.

مُحبت جي راهہ تي هلندي، پيارَ ڪي وصال جي لالچ کان بَي نياز ڪري اڳتي وَڌيُم. هر قدم سنڀالي کڻڻ جِي ڪوشس ڪَيَم. جيئن آزمائش جي پلصراط کي ڪاميابيءَ سان پار ڪري وڃان. پر شايد اٽانگِي واٽ تي، منهنجا قدم پُختَگيءَ سان کَڃِي نہ سگهيا ۽ تُنهنجي تحريري فتويٰ مطابق، آئون هِڪُ بَي وفا ۽ دوکيباز شخص بڻجِي وَيُس.

تو مون کي ڏوهي ۽ بي وفا چئي ڇڏيو پر ڪهڙي بنياد تي؟ ڪنهن کي گناهگار قرار ڏيڻ لاءِ، جُرم ثابت ڪرڻو پوندو آهي، قاضي بہ شاهديُن جي بنياد تي فتويٰ ڏيندو آهي. پر تو ڪهڙي فتويٰ ڏني، جنهن تي صرف بہ لفظ لکيل آهن. بي وفا / دوکيباز. حقيقي مُجرمَ کي بہ صفائيءَ جو موقعو ڏِنَو آهي، پر تو اهو بہ مناسب نہ سمجهيو. وضاحت جو موقعو ملڻ جي صورت ۾، يادُن جي فائيل مان ڪجهہ فِقرا چونڊيا هُيَم، تہ جيئن حقيقت کي ظاهر ڪري سگهان. هاڻي اُهي حوالا بَي معنيٰ بڻجِي ويا آهن. پر پوءِ بہ دل تي پَيَل بارَ کي، هَلڪو ڪرڻ لاءِ اُهي شِڦون بَيانُ ڪريان ٿو.

پهريون فِقرو. پنهنجَي پيار جِي شروعات. قلم جَي ذريعي ٿِي هُئي، نہ ڪِي نَظرِن جَي ملڻ سان. ان ۾ ڪنهن ظاهري ادا، سُونهن ۽ ڇِڪَ جو دخل نہ هو. مُنهنجي محبت جو مُحرَڪُ مرد ۽ عورت جِي هڪبِئي ڏانهن فطري ڪشش نہ هئي. باقي آئون تُنهنجي باري ۾، ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهان. تو پيار جِي ابتدا ڇو ڪئي، ان جون ڪهڙيون تقاضائون هُيون؟ وقتَ گذارو هو حقيقي محبت هئي يا ڪا بِي مَنشا.

پيار جَي پَيچرَي تي هلندي، مُنهنجا احساس لَوبَ ۽ لالچ کان پاڪ هئا. جنهن جي ثابتيءَ لاءِ تو وٽ مُنهنجُون تحريرون موجود آهن. پر جيڪڏهن تو اُهي سڀ لِڪتون. نفرت جي غَلبي ۾ اچي ضايع ڪري ڇڏيون آهن. تہ ان لاءِ آئون ذميوار نہ آهيان.

ٻيو فِقرو: مون تُنهنجَي پيار جَي درياءَ کي، سامونڊي وِيرَ جَي نُقصانَ کان بچائڻ لاءِ مَصلحَتَ اختيار ڪئي، ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ، مون تو سان ڏوڪو ڪيو. توکي دولابُ ڏنو ۽ تو سان ڪوڙا واعدا ڪَيَم. مون محبت جِي آجيان ڪَندَي، تُنهنجَو مانُ مٿانهون ڪرڻ جِي ڪوشش ڪئي. پر ان ڳالهہ کي بہ نہ وِساريُم، تہ پنهنجَي پيار جِي حَدَ لِيڪِيَلَ آهي. ان هوندي بہ انساني فطرت سانتِ ۾ جِي نہ سَگِهي ۽ هوريان هوريان ڪَرُ کڻندَي، وصال جَي جذبي کي اُپاريائين، تہ پَوِتَر ماحول ۾، ٻُوسَٿَ جو عنصر نمايان ٿيڻ لڳو. بدلجندڙ احساسَ کي ڏسندي، ڪوشش ڪَيَم تہ قدمن کي سنڀاليان، ڇو تہ مُنهنجون حالتون وصال جي قابل نہ هيون، پر گهڻي دير ٿي چُڪي هئي، مُنهن مَوڙَي وڃڻ سان نہ رڳو تُنهنجا آدرش ٽُٽَنِ ها، بلڪ خودڪشيءَ جِي نَوبَتَ اچڻ جو گُمان هُيو.

ٽيون فِقرو: بي وفا اُهو هوندو آهي، جيڪو وفا نہ ڪري ۽ دوکيباز اُهو جيڪو دوکو ڪري، مون نہ بي وفائي ڪئي آ ۽ نہ ئي ڪو فَريبُ. پنهنجو پيارُ جسماني ميلاپ کان گهڻو پري نِيرَي آڪاش جيان اُجرو هُيو، پاڻ زندگي گڏ گهارڻ جا، وَچنَ نہ ڪيا ها ۽ نہ ئي پَنهنجَي تعلق ۾ وَصل جِي آسَ هُئي. پوءِ بہ اهو چوندي عارُ محسوس نہ ٿو ڪريان، تہ تون عظيم آهين، مون کي مُحبَتَ جِي مالها پارايَئي، جنهن جِي خوشبوءِ اڄ بہ محسوس ڪريان ٿو. تو پاران ڏنل فتويٰ لاءِ بہ، توکي قصور وار نہ ٿو سمجهان، ڇو تہ محبت ۽ نفرت ۾ سڀ ڪجهہ جائز هوندو آهي.

❖

# سِنڌُ جِيان مون کَي وَڻَندِي آهِين

”ڪَرَ سؤ جَنمَ مِلَنِ، تہ آئون تو سان گُذارڻُ چاهِينديَس.“

”ڇَرِي تون ايئن ٿِي چوين، مون وٽ ڪا تَشبِيهہ ناهَي، جا پيارَ کي اَرپِي سگهان، بس ايترو چَ ِي سگهان ٿو، وَجُود اَڌپورو آ تو سِوا، آئون جِي نہ ٿو سگهان.“

”مُنهنجا پِرين، توکان جدائيءَ جو تصورُ جَهوري ٿو وِجهي، سؤ جَنمَنِ جِي ڳالهہ، دل کي تَسليءَ لاءِ ڪئي اَٿم.“

”مُنهنجِي جانِ، سچ اهو آ تہ آئون، سِيئي جَنمَ تو سان گذارڻ چاهيندُس، تون ”سِنڌُ جِيان، مُون کي وَڻندِي آهِين.“

سانوَلَ ۽ سِيما جِي ڪنوَرزَيشَنِ روز جو معمول آهي، ٻيئي پرڏيهي ملڪ اندر بزنيس ايڊمنسٽريشن پڙهي رهيا آهن. سِيما جو تعلق ڪراچيءَ جَي امير گهراڻَي سان ۽ سانولُ، امڙ سِنڌُ جَي ”ساهِتِي پَرڳڻَي“ سان لاڳاپيَلُ آهي.

سانولَ کي ماستَرَ پيءُ اَگڻ خانَ، انتر تائين تعليم ڏِيارِي، سندس پلا پاڳَ، ملڪ ۾ چوندبن جا ڏينهن اچي ويا. ان موسم ۾ علائقن جا وڏيرا، ووٽن جي چڪر ۾، نَيُن پُراڻين تَعزيَتُنِ لاءِ نڪرندا آهن. سانولَ جي ڳوٺ قومي اسيمبليءَ واري سيٽ تي، اميدوار وڏيري جِي آمد ٿِي، کيس سَيبتو ڏِسِي پُڇا ڪيائين، خَبَرَ پَيس ماستر اگڻ خان جو پٽ آ، انٽر کان پوءِ اَيِري سَيِري نوڪريءَ جي ڪوشش ۾ آهي.

وڏيري ڪي ووٽن جي لالچ ۾، سيني جو ڏيان ڇڪائڻو هو. اعلان ڪيائين: ”ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪرايو، آئون ماستر جي ڇوڪرَي سانولَ کي، سُٺِي تعليم لاءِ ولايت اماڻيندس.“

وڏيرَي جي ان پڌرائيءَ سان، ڳوٺ تہ ڇا، سڄي ٺَرَ ۾ واهہ واهہ ٿِي وَيئي. سڄي ملڪ ۾ اُميدوارن جَي، اهڙن اظهارن سان چونڊون مُڪمل ٿيون. سانولَ کي پرڏيهہ اُماڻڻ جو اعلان ڪندڙ اميدوارُ سَوِيارو ٿيو مُڙسُ واعدي جو پڪو نِڪتو، دير سوير سانولَ کي، ٻاهرئين ملڪ موڪلي ڇڏيائين.

سانولَ پرڏيهي ملڪ جي آزاد ماحول ۾، سال کان وڌيڪ عرصو صرف پڙهڻ ٿِي پڙهڻ ۾ بَسرِ ڪري ڇڏيو. سندس ڪلاس فَيلَو سِيما، شروع کان هِنَ ڏانهن مائل... پڙهائيءَ ڏانهن وڌيڪ توجهہ هئڻ ڪري، سانولَ جو سِيما ڏانهن ڌيان نہ ويو. اُتان جَي ماحول ۽ پڙهائيءَ جي مضمون کي، چڱيءَ طرح سَمجِهي رِليَڪس ٿيو. محسوس ڪيائين ڪو آهي، جيڪو نِماڻِيُنِ نظرن سان ڏانهنس نِهاري ٿو. پڪ ٿيڻ سان پاڻ بہ سِيما کي پيارَ جي نِهارَ سان موٽ ڏنائين.

سانولُ ۽ سِيما پاڻ ۾ ويجها ٿيا، محسوس ڪيائون، هُو هڪٻئي لاءِ آهن. ٻيئي پاڪستانِي پر ڪميُونِٽِي الڳ الڳ، علائقائي ٻولي ۽ ثقافت جدا، سندن اڳيان ان ڳالهہ جِي ڪائي اهميت نہ. سُٺِي دوستيءَ وارَي ٻَنڌَڻَ ۾ جُڙيَل، پڙهائيءَ کان فارغ ٿِي، گڏ گهمڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻُ سندن معمول. پِريتِ جَي پاڇَي هيٺان اچڻ سان، هُنن لاءِ پرديس پَنهنجَو ٿِي پيو. قُربَ ڪچهرِيُن وقت جِي رفتار وڌائي ڇڏي، ڪَينِ احساس نہ رهيو پڙهائيءَ جا سال ڪيئن گذري ويا. سندن دوستِي، پيارَ محبت جي منزل کان اڳتي، عِشقَ جَي انتها کي پهچي وَ ِ ئي، عمر ڀر ساٿ جا وَچَنَ ڪري چُڪا.

سانولَ کي ٻاهر شادي ڪرڻ ۾، ڪو حَرجُ نہ هو نہ هِي خاندان

۾، ڪنهن جي نانءِ ٿيل هو. نہ ڪا سوَٽِ ماساتِ. هُن جَي نانءِ هئي، نہ تہ عام طور ٻهراڙين ۾ ايئن ٿيَلُ هوندو آهي. سِيما شهري ڪاروباري گهراڻَي جِي ڇوڪرِي، سندس خاندان ۾ اها روايت نہ هئي، تہ ڇوڪرِي هِتي ڏِجَي يا هُتَي، سندن شاديءَ ۾ ڪا رنڊڪ نہ هئي.

قُربَ ڪَچهريُن ۾ ساهہ وارن ٽا هڪٻئي تي، پيارَ اُلفت جو اظهار ڪندي سِيما چويس ٿِي: ”سانولَ تون مون کي، پَنهنجي جانِ ڪان پيارو آهين.“

اَمُلهہ جواب ڏئيس ٿو سانولُ: ”سِنڌُ جِيان مُون کي وَٽندِي آهِين.“

سِيما حيرت مان: ”سانولَ اهو ڇا چوندو آهين. ”سِنڌُ جِيان مُون کي وَٽندِي آهِين.“

سانولَ ساڳِيو جُملو دُهرايو: ”سِنڌُ جِيان مُون کي وَٽندِي آهِين.“

”ڇا مطلب“

”ڇا مطلب... ڇا، تو کي سِنڌُ جِي خبر ناهي.“

”سنڌ پاڪستان جو صوبو آهي، ڪراچي ان جو شهر ۽ گاديءَ جو هنڌ آهي، آئون بہ سِنڌُ ۾ ڄائِي آهيان.“

”پوءِ تو کي مُنهنجِي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڇو نہ ٿِي اَ َچي.“

”سانولَ مان چوان ٿِي، تون مون کي پَنهنجي جانِ ڪان پيارو آهين، تون چوين ٿو آئون تو کي، سِنڌُ جِيان وَٽندِي آهيان!“

”ها.. بلڪل صحيح ٿو چوان، تون مون کي سِنڌُ جِيان وَٽندِي آهِين.“

”سانولَ سَچَ ۾ آئون سمجهڻ کان قاصر آهيان، تون مون سان پيارُ ڪرين ٿو، تنُهنجِي مَحبُوبہ آهيان ۽ چوين ٿو ”سِنڌُ جِيان مُون کي وَٽندِي آهِين. ”مَحبُوبہ هئڻ جي ناتَي، جَيڪَرَ ايئن چوين، ”مُون کي

سِنڌُ، تو جِيان وَڏِندِي آهي،“ تہ تِي سگهي ٿو؟“

”او مُنهنجِي مِٺِي، مُنهنجِي جانِ، سِنڌُ سِنڌِيُنِ جو ايمانُ آهي، سِنڌُ امڙ محبوبائن ڪان پيارِي آهي، اسان وٽ ڌرتيءَ ۽ سَرتيءَ لاءِ پيارَ جا خزانا آهن، پر مُنهنجِي سُنِي، اها حقيقت آهي تہ هميشهہ ڌرتيءَ ۽ سَرتيءَ جي چُونڊ مان، اسان ڌرتيءَ کي چونڊيو آ، ڇو تہ ان جو حق ادا ڪرڻُ، اسان تي فرضُ ۽ قرضُ آهي. ڌرتِي قومي جياپَي، ٻولي ۽ تهذيب جو اُهجاڻُ آهي، ڌرتي ماتا آهي، ۽ ماءُ ڪان مُنهن مَوڙڻ، حلالِي پُٽَ جو وڙُ ناهَي. رَهِي ڳالهہ سَرتيءَ جِي، ان تان گهورَ ٿِيو، پر ڌرتيءَ جو قرضُ لاهڻ ڪان پوءِ....“

❖

# ڪامِيابُ مهَمَ

نَنڍڙِي شَهرَ جي اسڪُول ۾ ٽَي اُستادَ. چاليِهارَو ڪَنُ شاگردَ. جَنِ ۾ ڇوڪَرَنِ سان گڏ ڇوڪِريُون بہ پڙهندڙ اٽِپورَي فَرنِيچَرَ سبب ڪُجه ٻارَ بينچُنِ تي، تہ ڪُجه پَٽَ تي ڀِيَل. تَڏيُن تي وَيهِي تعليم پرائيندڙَ. پَنجَين دَرجَي ۾ پَڙهندڙَ شاگردنِ ۾، عُمَرُ ۽ عَلِي بيحد ذَهِينِ ڇوڪرا، سَندنِ پِيئرُ هارِي پر اولاد ڪي پَڙهائَي، وَڏِي مَنزلَ تي پهچائڻ جِي تَمنا رَکندڙَ.

عُمرَ مَعصُوم شاگردن ڪي، زَمينَ تي وَيٺلُ ڏِسِي، عليءَ ڪي چيو: ”يار پَنهنجَي اِسڪُولَ ۾، فَرنِيچر پُورَو ناهي، اُنَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجَي؟ هَيٺ وَيٺَل ٻارَ ڏِسِي، عَجِيبُ لڳي ٿو، هُو پاڻ ان بابت سوچِينِ ٿا يا نہ، پر ساڻَنِ آهي نا اِنصافِي.“

عَلِي سندس ڳالهہ ٻُڌِي، سوچ ۾ پَئجِي ويو. چيائينس: ”عُمَرَ ياءُ ٻارن ڪي هيٺ وَيٺَلُ ڏِسِي، سُنو نہ ٿو لَڳَي، حالانڪ پاڻ بہ هَيٺيَنِ ڪلاسَنِ ۾، پَٽَ تي ويهندا هُياسِين. جيتوڻيڪ اسان ڪي اِها ڳالهہ، اَيڏِي خَرابُ نہ لڳندي هُئِي، پر مون ڪي هاڻِ، مَحسُوسُ ٿِيَڻَ لڳو آهي، تہ ٻارن سان واقعي اِها زِيادتِي آهي. تَو ۽ مُون سَمَيتِ، پَنجَين دَرجَي وارا سڀ ٻارَ، ڪجه وقت ۾، هِنَ اِسڪُولَ مان هليا ويندا. اِنَ هُوندَي بہ اسان ڪي، ڪو هِيلُو وَسِيلَو ڪَرڻُ گُهرجَي، جيئن ٻارن ڪي پَٽَ تي پَيَلَ، تڏيُن تي وَيهِڻُو نہ پَئَي.“

ٻيئي دوست پاڻ ۾، فَرنِيچرَ لاءِ چندو گڏ ڪرڻ بابت، مَشوَرو ڪرڻ ڪان پوءِ، اِسڪُولَ جَي هيڊ ماستر، استاد خالق ڏنو صاحب

ڏانهن ويا. ڪَيسِ چيائون: ”سائين اِسڪُولَ جا ڪجه ٻارَ هَيٺِ وَيهِي پڙهن ٿا. اِها سُٺِي ڳالهہ ناهي. اسان صلاح ڪَئِي آهي تہ. ان سِلسِلَي ۾ شهر مان چندو ڪريون. تہ جيئن فَرنِيچرُ وَٺِي يا ٺَهرائَي سَگهجَي.“

هيڊ ماستر صاحب. سَندنِ حوصلہ اَفزائِي ڪَئِي. ۽ ٻِيَنِ استادن کي بہ. عُمرَ ۽ عَليءَ جَي مَنصُوبَي بابت ٻُڌايو. جنهن تي هُو ساڻِن سَهمَت ٿيا. ۽ اِنَ مُهمَ ۾. گڏ هُجڻ جو يَقِين ڏياريو.

ايئن هُو چندو گڏ ڪرڻ لاءِ نِڪري پيا. شَهرَ جَي هر ماڻهوءَ. ننڍي وڏي دوڪاندار. نوڪرِي پيشا. هارِي نارِي ۽ ڪَمِي ڪاسِبيءَ وٽ پهتا. ڪَينِ ٻُڌائِينِ پيا تہ سَندنِ ڏِنَلَ پئسن سان. اُنَهنِ جَي ٻارن جو ڀَلو ٿِيندو. هُو ٻَينچُنِ تي وَيهِي عزت سان پڙهندا.

عُمَرَ ۽ عَليءَ جِي اِها مُهمَ. پورو هفتو جاري رَهڻِي هُئِي. وَڏِنِ رقم جمع ٿيڻ لڳي. استاد خالق ڏنو صاحب کي. روز جَي ٻُنيادَ تي آگاهہ ڪندا رهيا. چندا مُهمَ جو مقرر ڪيَل هفتو مڪمل ٿيو. اِسڪُولَ جَي استادن پاران بہ فَرنِيچَر فَندَ ۾. مناسب حصو شامل ڪيو ويو. ڪامياب مُهمَ کان پوءِ اِسڪُولَ اندر. استادن. شاگردن. والدين ۽ معززين جِي. گڏجاڻي ڪوٺائِي وَئِي. جنهن ۾ عُمَرَ ۽ عَليءَ جَي. سُٺِي عَمَلَ کي ساراهيو ويو. ۽ سَندنِ والدين کي بہ. خوشنصيب ڪوٺِيو ويو.

هيڊ ماستر استاد خالق ڏنو صاحب. ٻيَن استادن ۽ شهر جي چڱَنِ ماڻهنِ. فَرنِيچَرَ بابت فيصلو ڪيو. تہ تِيارُ ٿِيَلُ فَرنِيچَرُ مهانگو مِلَڻ ڪري. پنهنجي شهر جي ڊکڻ کان ٺَهرائڻُ گُهرجَي. واڍِي سان ڳالهہ ٻولهہ ٿِي تہ اُنَ. رِعايتَ سان جَلِدُ فَرنِيچَرُ ٺاهَي ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

****

اِسڪُولَ ۾ پهرئين کان پنجين درجي تائين جا. زُبانِي ۽ لِکَتِ وارا امتحان ٿِي چُڪا. ڪجه ذِينهَن شاگردن کي موڪلون ٿيون. امتحان جو نتيجو ٻڌرو ڪرڻ وارَي ڏِينهُن. سيني شاگردن. والدين ۽ شهر جَي مُعزِزِينِ کي سڏايو ويو. ان کان اَڳُ. ڊکڻَ اِسڪُولَ

جو فَرنِيچَرُ تيار ڪري ورتو هيڊ ماستر خالق ڏني صاحب. اِسڪُولَ ۾ نَئَين فَرنِيچَرَ کي سَليقَي سان رَکِرائَي، ٻارن کي ڪلاسن جي ترتيب سان ويهاريو.

شاگردَ، شاگردياڻيون نَئِن بينچُن تي وَيٺَل، اُستادَنِ لاءِ نيون ڪُرسِيون، ڪاغذ پَٽَ رکڻ لاءِ ڪاٺَ جِي صَندُوقَ ۽ ﭔ مَيزون، اِسڪُولُ اڄ نئون ڏيکُ ڏئِي رهيو هو ڪو ﭔ اهڙو ٻارُ نہ هُيو جيڪو بينچ تي وَيٺَلُ نہ هُجي.

امتحان جو نتيجو ٻُڌائڻ ڪان پوءِ استادن ۽ شَهرَ جَي مُعززَنِ، عُمَرَ ۽ عَليءَ جَي ڪاوشِ جِي واکاڻِ ڪَئِي، پرائمري اِسڪُولَ جي هيڊ ماستر، اُستاد خالق ڏِني صاحبَ، چندا مُهِمَ ۾ حصو وٺندڙ شاگردن، تعاون ڪندڙ ماڻهن ۽ خاص ڪري عُمَرَ ۽ عَليءَ کي شاباس ڏيندي، چيو: ”هِي ٻيئِي شاگردَ هاڻِ، پَنجُون درجو پاس ڪري رُخصَتِ ٿِي رهيا آهن، پر سَندنِ جدَوجُهدَ سبب، اِسڪُولَ ۾ مَوجُود ۽ ايندڙ ٻارن لاءِ، وَڏِي سهوليت مُهيا ٿِي آهي، هِنَنِ ٻِنهي دوستن، ٻِيَنِ لاءِ جُستجُوءَ جو گَسُ ٺاهيو آهي، نہ رڳو هِتَي جَي شاگردن لاءِ، پر سڄي ملڪ ۾ جِتَي اهڙي جدوجُهدَ جِي ضرورت آهي، اُتَي اهڙي ڪم ڪرڻ جو مثالُ قائم ڪيو آهي، عُمَرَ ۽ عَليءَ کي آئون سلام پيش ڪريان ٿو.

عُمَرَ ۽ عَليءَ ﭔ پَنهنجَي تقرير ۾، ساٿِنِ تَعاوَنُ ڪرڻ تي استادن ۽ شَهرَ جَي ماڻهن جا ٿورا مَڃِيا ۽ چيائون: ”دَرسگاهُون مُعاشِرَي کي سَنوارِڻَ ۾، وَڏِي اهميت رَکَنِ ٿِيُون، ڇو تہ سَماجَ جو سُڌارو تعليم سان ئِي ممڪن آهي، ۽ اِسڪُولَ تعليم جو اهم ذريعو آهن. اُنَهِنِ ۾ پڙهڻ سان ئِي، دنيا جون نامِوَر هَستِيُون سامهون آيون آهن. اِسڪُولَ ڳوٺَنِ، نَنڍَنِ شَهَرنِ ۽ وَڏَنِ شَهَرنِ ۾، هِڪَ جَيتِري اهميت رکن ٿا، ڇو تہ تعليم جو تَعلَقُ اِنسانَنِ سان آهي.. ڳوٺَ، نَنڍَي شَهَرَ يا وَڏَي شَهَرَ سان نہ.“

❖

# پيارُ بہ شايد ڏوڪو

قَيصَرِ ۽ لَيليٰ شاديءَ جَي بَندڻَ ۾ ٻڌِجي چُڪا. لَيليٰ جَي سَرِيرَ ۾ نئين وجود ڪَرُ کنيو. قَيصَرِ خوشيءَ مان جُھومي پيو. هُنَ ڇوڪرَو ڄمڻ جي صورت ۾، نالي جِي چُونڊَ ”آڪاش“ ۽ ڇوڪِريءَ جي صورت ۾ ”پَرِياتِ“ ڪئي.

ليليٰ جَي پيٽ سان ٿيڻ ڪري، قيصر جِي ان سان چاهَت وَيترِ وڌي ويئي، آفيس وڃڻ ۾ دير ڪرڻ لڳو. ان ڳالھ تان ڪيس ليليٰ چيو: ”قيصر، تون پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهِي ڪري رهيو آهين. اها سُٺي ڳالھ ناهَي، مُنهنجَو اُلڪو نہ ڪر. آئون اَميدَ سان آهيان. خدا نہ خواستہ بيمار ناهيان، ان ۾ پريشان ٿيڻ جِي ڪا ضرورت نہ آهي.“

قيصر طرفان ليليٰ جو حد کان وڌيڪ خيال رکڻ، اُن جي ماءُ ۽ ڀيڻُنِ کي ڪَندَي جِيان چُڀڻَ ڪري، اُهي قيصر کي ليليٰ خلاف ڀڙڪائڻ لڳيون. قيصر جلديءَ ۾ منهن موڙڻ وارو نہ هو. اُن جِي ليليٰ سان پيار جِي شادي هُئِي. هِڪَ پيارُ ڪندڙ ناريءَ خلاف عورتن جِي رِٿيَل سازش ايئن ڪامياب وئي، جو عَينِ قيصر جي گھر اچڻ وقت، ليليٰ جَي سَسُ، اُن سان جهيڙو ڪيو. ڪيس گھٽ وڌ ڳالهايو ۽ وڏي ڳالھ، جنهن ليليٰ کي جواب ڏيڻ تي مجبور ڪيو. اُهو هُيو جُملو: ”مارَ تُنهنجي اِنَ پيءَ واريءَ بَلا کي ٻَوي، جنهن قيصر کي تُنهنجَو ڳيجُهو بڻائي ڇڏيو آهي.“

ليليٰ کان اهو برداشت نہ ٿيو. تہ اُن وجود کي ڀِٽيو وجي، جنهن جِي اها بہ خبر ناهي، تہ اهو ڇوڪرو آهي يا ڇوڪِري. ڪيس جواب ڏنائين: ”مهرباني ڪري ان معصوم کي نہ ڀِٽيو. جيڪو اڃان هن دنيا ۾

آيو ئي ناهي.“

ليليٰ جي زبان مان، اهي لفظ ٻڌا نِڪتا، سندس سَسُ قاڻ ڪائي، قيامت مَچائي ڇڏِي. سَسُ نُنهن ۾ جُملَي بازي جاري هُئي، قيصر گهر ۾ داخل ٿيو، ڪيس ڏِسندَي ماڻهس ڳالهايو: ”ڏِسِين ٿو پنهنجي لاڏليءَ جا افعال، ڪيئن ٿِي جهيڙو ڪري، ڪَڏُ ڪِنيءَ رَنَ کي گهر مان يا تون نِڪرِي وڃ.“

ليليٰ سَسُ کي جواب ڏنو اها ڳالهه قيصر کي نہ وڻي، جهيڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ زال کي پيڪي گهر ڇڏي آيو. قيصر تي ماءَ سخت پابندي لڳائي، تہ هُو ليليٰ سان نہ ملي ۽ ڪيس طلاق ڏِئَي. قيصر طلاق جو ٻُڌي حيرت مان ماءُ کي چوڻ لڳو: ”امان تون اهو ڇا چَئِي رهِي آهين.“

ماءُ ورانيس: ”صحيح ٿِي چوان، توکي ايئن ئي ڪرڻو پوندو.“

ماءُ کي سخت ڪاوڙ ۾ ڏسي چُپ ٿِي ويو. رات جو ننڊ اکين کان ڪوهين ڏور هُيَس، پاسا ورائيندي سوچيندو رهيو. آخر امان ۽ ليليٰ جو اوچتو شديد جهيڙو ڪيئن ٿيو جو امان طلاق ڏيڻ جو فيصلو ٻُڌائي ڇڏيو آهي. ليليٰ اڄ تائين مون سان، ڪا بہ اهڙي ڳالهه نہ ڪئي آهي، ها... امان ضرور ليليٰ جِي شڪايت ڪندي رَهِي آ. جنهن تي مون ڪڏهن، سَنجيدگيءَ سان غَورُ ناهي ڪيو.

صبح جو قيصر ڪَمرَي کان ٻاهر آيو. ماڻهس ليليٰ خلاف پڙڪائڻ لَڳِيَس، جنهن ۾ سندس ڏيئرُ ساڻ ڏيئي رهيون هُون. ان وقت قيصر کي خبر پئي، ليليٰ جو هِنَ گهر ۾، شروع کان ڪو اهڙو ڏينهن نہ گذريو آهي، جو ان سان جهيڙو نہ ٿيو هُجَي. ڪيس ماءُ جيڪي ڳالهيون ٻڌايون، انهن ۾ هوءَ ليليٰ کي ڏوهي ٻڌائي پَئِي. قيصر حيران هُيو، جيڪڏهن ليليٰ اهڙي هئي تہ هُن مون سان ڪڏهن، امان جي خلاف ڪا ڳالهه ڇو نہ ڪئي؟ هُو آفيس جي وقت دوران، ليليٰ ڏانهن ويو ان کي چيائين: ”تنهنجو ۽ امان جو جهيڙو ٿيندو رهيو آهي، تو مون کي ڪڏهن ٻڌايو بہ ناهي!“

ليليٰ روئندي جواب ڏنس: ”ان ڏينهن امان، اُن وجود کي پٽيو جيڪو اڃا دنيا ۾ آيو ئي ناهي، جنهن تي مون کيس ڳالهائڻ کان روڪيو.“

قيصر ليليٰ کي وري اچڻ جو چئي گهر آيو. ماڻهس پُڇيس: ”هُن مَنحُوس ڏي تہ ڪو نہ ويو هئين؟“ ماءُ جي ايئن ڳالهائڻ تي کيس ڪاوڙ لڳي پر بغير جواب ڏيڻ جي، ڪمري ۾ هليو ويو.

ليليٰ جي گهر ۾ نہ هئڻ ڪري، قيصر جي ماءُ ۽ ڀينرن کي ورغلائڻ جو ڀرپور موقعو مليو. هُنَنِ کيس ليليٰ متعلق اهڙيون مَن گهڙَتِ ڳالهيون ٻڌايون، جو هُو پريشان ٿِي ويو. سندس دل ۾ ڪَئين وَسوَسا پيدا ٿيڻ لڳا. هُن جي اعتبار جا پُختا قدم، شڪ جَي ڌُٻڻ ۾ ڦاسِي پيا. قيصر جي مَنَ ۾ هَورا ڪَورا وڌِي وَيئي، هڪ ڏينهن بيچينيءَ واري ڪيفيت ۾ آفيس مان بيخود ٿِي، ليليٰ ڏانهن وڃڻ لڳو. واٽ ۾ ليليٰ بابت ٻڌايَل ڳالهيُن، اندر کي جهِيرَ ڏِنَس، تہ اُن سان مِلَڻ جِي تَڙپَ، جَهڪِي ٿِي ويس ۽ پنهنجي گهر اچي ويو.

آرام ڪرڻ لاءِ ليَٽيو پر کيس ننڊ نہ آئي، بستري تي پاسا ورائيندو رهيو. ماڻهس ڪمري ۾ اچي ڪانئس طبيعت پڇڻ بجاءِ، ليليٰ کان پري رهڻ جو تاڪيد ڪَيو. قيصر ماءُ جون ڳالهيون بي ڌيانيءَ سان ٻُڌيون پر سندس دل ۾، ليليٰ سان نفرت جو سيڪڙو وَڌِي ويو.

هوڏانهن ليليٰ، قيصر جَي اچڻ وارين راهُنِ تي، محبت جا گُلَ چِٽيندَي، روزانہ رات لڙيءَ تائين دروازي ۾ اکيون وجهيو، قيصر جو انتظار ڪَندِي رهِي، سندس اهو سلسلو مهينن تائين طويل ٿِي ويو. معمول جَي اهڙيءَ هِڪَ رات، سندس يَقينَ کي، بَي يَقينيءَ جِي چوٽَ لَڳِي، ساڻِي ٿِي آهِلجِي پَئِي، ننڊ جي ديويءَ هنج ۾ وَرتُس، خواب ۾ قيصر سان ملاقات ٿِيَس، ان کي نہ اچڻ جون ميارون ڏنائين، ساڻس احتجاج ڪيائين. اچانڪ سندس اک کُلِي ويئي، خواب ۾ قيصر کي چوندَي ٻُڌائين: ”آئون اهڙي عورت کي نہ ٿو رکي سگهان، جيڪا مُنهن سامهون گهورَ ويندي هُجَي ۽ پَرپُٺ مُنهنجي عزت کي نيلام ڪندي

هُجَي.. آئون توکي طلاق ٿو ڏيان... طلاق ٿو ڏيان.. طلاق ٿو.....“

ليليٰ جاڳي پيئي، زبان تي لفظ هُيَس: ”اهو سچ نہ آهي، آئون صرف تو سان محبت ڪريان ٿِي، توکي مُنهنجَي باري ۾ غلط ٻڌايو ويو آهي... غلط ٻڌايو ويو آهي...“

ليليٰ خواب ڏٺو هو، پر قيصر حقيقت ۾، اهو ڪجھ سَوچَي رهيو هو. ڇو تہ هُو عورت سان عورت واري دشمنيءَ جَي وَرِ چَڙهي، مُقدس رشتن جي ڏوڪي ۾ اچي، محبت جي رِشتَي کي ٽوڙڻ لڳو هو. ليليٰ کان جدائيءَ جو سوچَي، قيصر سُڏڪڻَ لڳو ٿَي، پر قيصر جو عقل جواب ڏئي ويو. آخر ڪوڙيُن ڳالهين ۾ اچي، ليليٰ جَي سِرَ تان، عزت جو تاج لاهڻ جو فيصلو ڪري ورتائين.

ان وچ ۾ قيصر چاهيندَي بہ، ليليٰ سان ملاقات نہ ڪَ ِ ئي، ليليٰ قيصر پاران واعدو ڪَرَي، نہ اچڻ وارَي عمل تي، خوفزده ٿيندَي خواب ۾ ٻُڌَل لفظن جِي گُونج ٻُڌَندِي رَهِي. هڪ ڏينهن اهي لفظ، ڪاغذ تي اُڪريل صورت ۾، اُن جي آڏو هئا. جن کي پڙهڻ سان هن تي غَشِي طاري ٿي وئي، کيس وقت کان اَڳُ، ٻار ڄمڻ جا سُورَ شروع ٿِي ويا.

ليليٰ کي اسپتال نِيَو ويو. سندس وَجودُ رُوحاني طور ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. هوش ۾ اچڻ تي خبر پيس ڇوڪرِي ڄائي آ. طلاق جَي ڏُهاڱَ سان، وقت جي رفتار ۾ ڪِمِي نہ آئِي، ننڍڙيءَ جي ڇٺيءَ تي سندس نالو ”پِرياتِ“ رکيائين.

پيءُ جي شَفقتَ ۽ پيار کان پَرَي پَلجَندڙ پِرياتِ کي، پنهنجي نانيءَ وِهنجارَي، ليليٰ جَي هَنجَ ۾ ڏنو هوءَ ٿَج پيئڻ لاءِ واتَ مِرڪائڻَ لَڳِي. اُن سَمَي ليليٰ، پِرياتِ کي ٿَجُ ڏِيندَي، پيار جا سڀُ جذبا اَوتَي ڇڏيا ۽ قيصر سان گھاريَل خوبصورت وقت کي ياد ڪَندَي سَوچِيائِين: ”آ پيارُ بہ شايد ڏوڪو.“

❖

# ڄڻُ نظرَ لڳِي وئِي

سندس مَنَ ۾ مانڊاڻ مَتلُ، مَهِينو اڳ سوچيو هُيائين: وقت هر شيءِ جو علاج آهي، ڪَيسِ ڀَهتلُ گهاءُ وقت سان ڀَرجِي ويندو. اڪثر ڪو مسئلو پَيشِ ايندو هُيُس، ته الاهي جَتَنَ ڪرڻ سان به، حَلُ نه ٿيڻ تَي، لاچارِي حالت ۾ چوندو هو: ”بس الله سائين خيرُ ڪندو.“

طبيعتن حَساسُ، اسڪُول کان يونيورسٽيءَ ۾ ڪَميشَنِ تائين سيپيئي امتحانَ، خَفخانَ وارِي حالت ۾ ڏنائين، سندس حالت اهڙِي جو دوستن جي پُڇ پُڇان تي روئڻ جهڙو ٿِي ويندو. نتيجو سُٺو اچڻ تي، امتحانَ وارِي پريشانيءَ کي ياد ڪري، چئي ڏيندو: ”بَسِ وَقتُ هر شَيءِ جو عِلاجُ آهي.“

جُدائيءَ وارَي امتحانَ ۾، اڳيان تجربا ناڪام ٿِي وَيس، ٽَيهَنِ، چالِيهَنِ ڏِينهَنِ گُذرڻ کان پوءِ، ڳالهه آئِي وَئِي ٿِي ويندي، تڪليف ۾ دَردُ ختم ٿِي ويندو. وارِي سندس سوچَ ناڪام ٿِي وَيئِي. ٽِيهَنِ ڏينهَنِ بعد زَخمِي دل جِي حالت، پهرئين ڏينهن کان ٽِيهه دَفعا، خرابُ محسوس ڪيائين، اهڙِي حالت ٽِيَڻَ ڪري، چاليهه روزه چِلَي ڪيڻ سان، سڀ معاملا حل ٿِيَڻ وارو عقيدو ختم ٿِي وَيُس. پاڻ تي رَحمُ اچڻ لَڳُسِ، آلِيُنِ اکيُنِ سان آئيني ۾ ڏِسندَي سوچيائين: ڪاش! اها حالت هُوءَ به ڏِسِي سَگهَي... پر ڪهڙو فرق پوندو هُنَ تي، اُنَ کي مُنهنجو خيال هُجي ها، ته جيڪر ايئن ڏڪاري نه ها مون کي. هونئن به دنيا ۾ ڪَيرُ آ جنهن کي، ٻِيَنِ جي جذبن جو قدرُ هُجي. هِتَي وڏيڪ تعداد اُنهنِ ماڻهنِ جو آهي، جن وٽ صِرفِ پَنهنجَي جَذبَنِ ۾ خواهشُنِ جو لحاظ آهي.

فون تي ڳالهائڻ کان منع هُوندَي، گُذريَلُ سڄو مهينو دل هٿان مَجبُور ٿِي، هُن جو نَمبرُ مِلائَي، وري ڪالِ ڪَٽَي، اَرمانَنِ جو ڳلو گهُٽيندَو رهيو آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ ساڻ هُونديُون اَٿس سَوچُون.،. بَيوَسِي.،. ۽ يادون.،. ڪيس خبر نہ پوندي آ، ڪنهن مهل ننڊ جِي ديوي ڪيس آغوش ۾ تِي ڪڻي وٺَي.

هُن جِي يادِ سندس بندگي بڻجِي وئِي آ. تِيهَنِ ڏِينهَنِ دؤران ڪيس، وسارڻ جا وَس ڪرڻ کان پوءِ بہ، ڪانئس وِسرِي ناهَي سَگهِي. وقت گُذرڻ سان لَڳَيسِ ٿو، وِيتَرِي يادِ سَرسُ ٿيندي تِي وَڃِي، اهڙي حالت ۾ سوچي ٿو: جنهن ڪي بَيِ اِنتَها چاهيُم، ۽ جنهن مون ڪي سڀ ڪجهہ سَمجهيو.. آخر اهو ڇو جدا ٿِي ويو..؟ ڇا اسان جَي پِيارَ ڪي، ڪنهن جِي نَظَرَ لَڳِي وَيئي..! ڪِٿَي پَنهنجِي ئِي تہ نَظَرَ نہ لَڳِي ويئي..! يا خدا سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي..!! اِهو وَسوَسو ايندَي سَڪِينہ جِي ڳالهہ ياد آيَس: ”آئون پَنهنجي خوشيءَ تي، خوش ناهيان ٿِيندِي.“

حيران ٿِيندَي پُڇيو هانس: ”خوش ڇو نہ ٿيندا آهيو.!؟“

”ان ڪري جو مون ڪي، خوشيون راسِ ناهِن ايندِيون، خوشيءَ تي خوش ٿِيندِي آهيان، تہ ڪَئَين درجا وڏيڪ غَمَ ملندا آهن.!“

اڄ سڪينہ جي ڳالهہ تي سوچيندي، سندس خيالَ ماضي قريب ۾ لِياڪو پائِين ٿا. جتي هُو ڄامشورو باءِ پاس جي فلاءِ اووَرِ تي هلندڙ گاڏيءَ ۾، هُنَ جَي هٿ ڪي چُمندي چوي ٿو: ”آئون ڪيڏو خوشنصيب آهيان، جو تون مون سان گڏ آهين؟“ پوءِ سَڪينہ جِي خوشي راسِ نہ اچڻ وارِي ڳالهہ، سَچِي لَڳيس ٿِي. ايئن جُدائيءَ جَي اَيڪٽِيهين رات، نَتِيجَي تي پهچي ٿو تہ سندس پيارَ ڪي پَنهنجِي ئِي نَظَرَ لَڳِي آهي..

❖

# ڪَهاڻِي، خَتمُ ٿِي وَڃي ٿِي

”آئون تُنهنجي زندگيءَ ۾ مرضيءَ سان نہ آيُس، تو ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ سنجيده نہ ٿِيُس، نہ محبت جا ڪلما پڙهيا، بَلڪِ توڪان پري ڀَڄڻَ جِي ڪوشش ڪَيَم. اڪيلائيءَ وارِي زِندگِي ڏُکِي نہ هِي، مون شاديءَ لاءِ سوچيو بہ نہ هو.“ عرفان ڪاوڙ ۾ ڳالهائي ٿو.

”اِها رِوايتِي مَردَ وارِي سوچ آ. مون کي حيرت ناهي، تو تي شُهرتَ جو جُنونُ سوار آ. تو گهر کي، گَهرُ سَمجهيو ئِي ناهي. تُنهنجي نظر ۾ گَهرَ جو تَصورُ، سِرُن جَي ڀِتيُن مَٿان رَکيَل ڇِتِ آهي، پر حقيقي گَهرُ، فَرِدَنِ جو ذهني اَيڪو آهي، جنهن سان سُڪونُ مِلَي ٿو.“ صائمہ تِکَي لَهجَيَ ۾ عرفان کي موٽ ڏِئَي ٿِي.

بيحد ضِدِي عرفانُ ڪاوڙ ۾، هَٿَ جَي زور سان اِسٽَڏي ٽيبل تان ڪتابَ، ڪاغذَ، قلم هيٺ ڪَيرائي ڇڏي ٿو.

صائمہ نِسبَتَنِ نَرمُ لَهجَي ۾: ”عِرفانَ، ٿورِي ڳالھ تي ايڏي ڪاوڙ جِي ڪهڙي ضرورت آهي، آئون تُنهنجِي زال آهيان، مون کي توسان سُور سلِڻَ جو حق آهي، پَنهنجِي تڪليف توکي ئي ٻُڌائيندِيَس. مون چيو، هر وقت قلم هٿ ۾ رکڻ بجاءِ، ٿورو وقت اسان کي ڏي، ٻارن کي تُنهنجَي ڏيان جِي ضرورت آهي. توکي ٻارن جا يُونِيفارم ڇَوڙڻُ ڏوهہ تہ ناهي، تون ڪاوڙجِي چوين ٿو، مُنهنجي زندگيءَ ۾ مرضيءَ سان نہ آيو آهين. جيڪڏهن ايئن آهي بہ سَهِي، تہ اَڄُ اِنَ ڳالھ چوڻ جو ڪهڙو فائدو ها..، شاديءَ کان اڳ ”نہ“ ڪرين هان، تہ ڪَيرُ تو مٿان بَندوقَ نہ

ڪَٽَي ها.

چوين ٿو، مون لاءِ سنجيده نہ هُئين. ڪَرَ اِهو درست آهي، تہ ڪاوڙ ۾ نہ هُجَڻَ وقت، ان تي قائم رهہُ. ايئن نہ هُئڻُ گُهرجَي، تہ گَهرَ ياتَي آزارَ ۾ هُجنِ، ۽ تون ڪهاڻي لکڻ ۾ رُڌلَ رهين. اها حقيقت آهي تنهنجون ڪهاڻيون، معاشرتِي ناسُورَ جِي مَرهمَ آهن، پر اُنَ جَي تياريءَ ۾ توکي، ڪنهن جو خونُ شامل ڪرڻ نہ گُهرجَي.

عرفانَ اِهو سَچُ آهي تہ مُنهنجَي ناسُور بڻيُل زندگيءَ کي، تُنهنجَي مَرهَم شِفاياب ڪيو هو. سَلمانَ جي بيوفائيءَ جو دَردُ پَوڳِيندَي مون تُنهنجِي ڪهاڻي پَڙهِي هُئِي، جنهن جي نائڪ ”ساران“ سان، ”سانوڻ“ نالي ڪردارَ ساڳيو ڪجھ ڪيو هو جيڪو سَلمانَ ڪان، مون کي پَلئِہ پيو هو. ڪهاڻيءَ ۾ ساران جنهن حَوصِلَي سان اڳِتَي وَڌِي هُئِي، ۽ زندگيءَ جي ٻُڏندڙ ٻيڙيءَ کي، هوشياريءَ سان ڪِناري لڳايو هو. اُنَ انداز مونکي جِيئَڻَ جو اُتساهہُ ڏنو هو.“

صائمہ غَمَ ۽ خوشيءَ گاڏُڙ لهَجَي ۾، ڳالھ جارِي رَکَي ٿِي: ”عرفان تُنهنجَو ڏَسُ پَتو، ان ڪهاڻيءَ واري رسالي مان مليو، مون توکي خط لکيو، تو ڪافي دير سان جواب ڏنو، مون وري خط لکيو، وري جواب آيو ۽ پوءِ اهو معمول بڻجي ويو. جڏهن تَسڪِينَ لاءِ خَطَ ڪافي نہ رهيا، تہ مُون توسان فون تي ڳالهايو، هڪ دفعو ٻيو دفعو ٽيون دفعو..... دل جِي بَيچَينِي وَڌِي ويئي، تہ تو سان رُوبرُو ملاقات ڪئي. تون پاڻُ ڇڏائڻ جَي چڪر ۾ پَئجِي ويو هُئَين، تو واقعي گهڻيون ڪوششون ڪيُون، پر مون تُنهنجِي جانِ نہ ڇَڏِي، ۽ ڪنهن بہ طرح ڳالھ پَنهنجَي وَصلَ تي پُهچِي وَئِي.

عِرفانَ آئون نہ سَهِي، پر تون تہ مُنهنجِي مُحبتَ آهين، تو بہ ڪڏهن ڪاوڙ ۾ هجڻ ڪانسواءِ، مُون سان خرابُ رَوَيو نہ رکيو آهي، اها مُنهنجِي جِيتَ آهي جو، هِڪَ طرفِي مُحبتَ جو نتيجو، مَيلاپَ جي صُورتَ ۾ نِڪتو. جيئن تاڙِي هِڪَ هَٿَ سان ناهَي وَڄندِي، تيئن هِڪَ طرفِي مُحبتَ، ٻَي لاپِ ٽِيندِي آهي، پر سَچَي پيارَ لاءِ اهو ضروري ناهي

هوندو، ڇو تہ سَچائِي مُحبتَ جو بيو طَرَفُ، جَوڙَي وَنندِي آهي.“

عِرفانُ ڪاوڙِ جَي ڪُنَ مان آزاد ٿِي، صائمہ جِي ڏِکِهِي ڪَتا ٻُڌڻ کان پوءِ، ساڻس مخاطب ٿئي ٿو: ”صائمہ آئِي اَيمَ سورِي، آئون پَنهنجا چَيَل لفظ واپس وٺان ٿو انهن جو حقيقت سان ڪو تعلق ناهي. رَ ِ هي ڳالهہ هِڪَ طَرفِي محبت جِي، ان لاءِ بہ آئون تُنهنجَي اُلفت ۾ اسيريءَ جو اقرار ڪريان ٿو ۽ مون ڪڏهن بہ، تو کان جدا ٿيڻ نہ چاهيو آ.

ڳالهہ هر وقت لِکڻَ ۽ پَڙهڻَ جِي نہ، پر مَهلَ ۽ موقعيَ جِي آهي، ڏِيانَ ۽ ضرورت جِي تقاضا آهي تہ، توکي ڪا بہ ڳالهہ، وقت جي نزاڪت سان چوڻ گهرجي، ايئن نہ هجي تہ آئون قلم هٿ ۾ کڻي، خيالن جي دنيا ۾ مَشغول هُجان ۽ تون اچي ٻارن جا يونيفارم ياد ڏيارين. تون مُنهنجي طبيعت کان واقف آهين، توکي ان مطابق هلڻ گُهرجَي، جيئن زندگيءَ جو گاڏو گِهلجَڻ بدران، سُنَي نَمونَي سان هَلِي سَگهَي.“

عِرفانُ ۽ صائمہ غَير ارادِي طور ڪَيَل جَهڳَڙَي کي، زالَ مُڙسَ جَي تَعلقَ جو وَڻندڙُ حِصَو سَمجهندَي، هِڪٻئي جو هٿ پَڪڙِينِ ٿا، ٻِنِ سالن جو نَنڍڙو آيانُ، پرِوارَي ڪَمرَي ۾ اَمِي اَمِي ڪري روئڻ لَڳَي ٿو صائمہ تَڪڙِ ۾ اُنَ ڏانهن وينڊَي، ع َ کي سَورِي (Sorry) چوي ٿِي ۽ پوءِ... ڪهاڻي ختم ٿِي وَجَي ٿِي.

❖

# دِلِ جَي دفتر تَي لِڪيَل نانءُ

سَندسِ سَرڪارِي آفيس ۾ ٽَنگيَلَ تَصوِيرَ، هُنَ جَي تَنِهائيءَ جو ڄڻ ساٿِي آهي، فارغ وقت ۾ ان سان ڳالهيون ڪندو آهي، تہ اُنَ سان پنهنجا ڏُکَ دردَ بہ وَنڊِيندَو آ. ڪجھہ سالَ اَڳُ نِجِي آفيس ۾ بہ ساڳيو ئِي نَقشُ، وَڏَي فريمَ ۾ ديوار تي لَڳلُ هُيُس، ڄڻ تہ اِها مُورتَ سندس وِندُرَ بہ آهي ۽ مَصرُوفِيَتَ بہ. تَصويرَ پِٽائيءَ جَي ڪنهن سُورميءَ جِي ناهي، نہ ئِي مونا ليزا جي مُرڪ وارِي پيئنٽنگ آهي، تَصويرَ وڏيڪ ڪَشَشِ رکندڙ بہ ناهي، بس عام رواجِي پارڪ ۾، تلاءَ اَندرِ ڦُوهارَو ڏَيکاريَلَ آهي، جنهن ٻاهران وڏن پٿَرَنِ جِي اَوسارِي ڪَيَل آهي، جنهن تي ڪو بہ اچڻ وارو وَيهِي سَگهي ٿو.

شَهزادِي جڏهن بہ وَٽس اِيندِي هُئِي، اِنَ تَصوِيرَ ڏانهن اشارو ڪري چَوندِي هُيَس: ”هَلُ تہ هَلِي، اِنَهنِ پَٿَرَن تي ويهون.“

اَڄُ آفيَس ۾ وَيٺَي شَهزاديءَ جِي يادِ آيَس: ”دل جَي دفتر تي لکيَلَ نانءُ ڏسِي ناهَي سَگهبَو پر مون هُنَ جَي نازڪ سِينَي تي، بِلَيڊَ سان پنهنجو نانءُ لِکِيَلُ ڏِٺَو هَتُّ لائَي زَخمَ کي مَحسُوسُ ڪَيُمِ. هُن جَي شِدَتِ عِشقَ کي سَلامُ ڪَندَي روَئِي پِيُس، پاڻ کي جهيرَ ڏِيندَي کهڙِي ڪَيفِيتَ ٿِي هُوندس.... وري اهو ئي جدائيءَ جو گهاءُ ڏيئي، رُسوا ڪَرَي وَيَجي..... ذِهنَ تي ڪَئِيَن سوالَ... پاڻ کي مِلندڙ الاهي جَوابَ ۽ جَوازَ..... مختلف سوچُنِ ۽ خَيالَنِ اچڻ ڪَرَي، اندرَ ۾ مَحسُوسُ ٿِيندڙُ ڪَربُ.... وَصل جا ڏِٺَلَ خوابَ، ۽ حقيقت ۾ مِليَلَ جُدائيءِ جِي

اَذيتَ......!!“

تَصويرَ ڪي ڏِسندَي پائنئين ٿو هُو شَهزاديءَ سان گڏُ وينو آهي. دروازو ناڪِ ٿيڻ سان سندس خيالَ ٽُٽي پَوَن ٿا.

چِرڪُ پريندي، ”يَيس، ڪَمِ اِن چوي ٿو.“

هُوءَ اندر اِيندَي ”السلام عليڪم“ چَوَيس ٿِي.

شَهزاديءَ جَي اوچتو اچڻ تي، ڪيس اعتبار نہ ٿو اچي، خاموشيءَ سان هُن کي ڏسندو رَهَي ٿو.

”چو پلا، سلامَ جو جواب نہ ٿا ڏِيَو؟“

”وعليڪم السلام“

رَسمِي خَير عافِيَتَ ڪَرَيس ٿو. حقيقت ۾ شَهزاديءَ جو اچڻ سنو نہ ٿو لَڳَيس، چو تہ هُوءَ هاڻَي اُها نہ رهِي آ. جنهن سان ديوانگيءَ جي حد تائين پيارُ ڪندو هو. ۽ پَنهنجَي وجود جو حصو سَمجهندو هُيو.

پَٽيوالَي کي چِيڪُوءَ جو جُوسُ وَٺِي اچڻ لاءِ چيائين. جيڪو شَهزادِي فرمائش ڪري پيئندي هُئي، تَوڙَي جو اڄ هُن فرمائش نہ ڪَئِي، پر آيَلَ مهمانَ جِي خاطر تواضع ضروري هُئي. جُوسُ پيئندَي سَندنَ سَرِسَرِي ڳالهہ ٻولهہ ٿِي. شَهزاديءَ ٻڌايُس: ”آئون پنهنجي پوسٽنگ جي سلسلي ۾ آئي آهيان. زيبا کي اوهان جي آفيس ۾ اچڻ لاءِ چيو اٿم. اچي تہ پوءِ گڏجي ڊائريڪٽر صاحب سان ملنداسين.“

شهزاديءَ، موبائيل فون ذريعي اسلام آباد ۾ موجود مڙس سان ڳالهايو. ساڻس ڪُوڙُ ڳالهائيندي چيائين، ”آئون هِنَ وقت ريشم گليءَ ۾ آهيان. ڪجهہ دير ۾ آفيس ڏانهن وڃان ٿِي.“

رَيشم گليءَ ۾ هجڻ وارو سندس زندگيءَ جو ڪامياب ڪُوڙ، جيڪو هُو سالن کان ٻڌندو رهيو آهي. ٿوري دير ۾ زَيبا اچي وئي، بيئي ڪانئس موڪلائي هَليُون ويون. شَهزاديءَ اڄ کان اَڳُ، جڏهن بہ ساڻس موڪلايو هو تہ سندس پيشانيءَ تي چُمِي ڏِني هُئِي، هِن وري هميشہ موڪلائيندي سندس هَٿَ چُميا هُئا.

مُختصر ملاقات ۾ مَحسُوسُ ڪيائين. شَهزاديءَ ڪي جُدائيءَ جو ڪو مَلالُ ناهَي، هُوءَ اڳ ڪان وڌيڪ ڇَهڪِي رَهِي هُئي. پوءِ اها حقيقت هُئي يا حقيقت ڪي لِڪائِڻَ جِي تَرڪِيبَ. خدا بهتر ڄاڻي ٿو.

شَهزادِي اچانڪ اچي، سندس دل دماغ تي ڪيترا سوال ڇَڏي ويئي... ڇا ايئن بہ ٿي سگهي ٿو..!!

ڪنهن کي بہ. ڪنهن جِي پرواهَہ ناهي؟

مُحبتَ جَي اعتبار لاءِ. جِسمَ کي جِهيرَ ڏئي سگهجن ٿا؟

پيار ۾ ڪلابازي کائِي، ٻئَي جِي سيجَ سَجائَي سگهجي ٿِي؟

ڪنهن کي رُسوا ڪري سگهجي ٿو؟

ڪنهن جِي زندگي برباد ڪري سگهجي ٿِي؟

جنم جنم ساٿ نڀائڻ جا واعدا ڇو..؟

کهڙِي مَجبُورِي بيوفائيءَ تي اُڪسائَي ٿِي؟

اُڀرندڙ سوالن سان، ماضيءَ جي کُلندڙ البم ۾، پنهنجو نانءُ شَهزاديءَ جي نازڪ سَينَي تي اُڪريَلُ ڏِسِي... دِماغُ ڦاٿَڻَ لَڳَيس ٿو. يانئَي ٿو هانءُ ڇِڇِي پَوندو. رِوالونگ ڇَيئَرِ تي وَيٺَي، جُهڪيَل ڪَنڌُ مَٿَي ڪَرَي، ڳوڙها پريَل اَکيُن سان. دِيوارِ تي لَڳَلَ تَصوِيرَ کي ڏسي ٿو.. جِتَي تلاءَ پرسان پَٿرَ َنِ تي.... ڪَيرُ بہ وَيٺَلُ ناهَي...!!

❖

# رُوحَنِ جَو پِيارُ

سانوَڻَ جي مَوسم ۾، هَرِ طَرَفِ مَلهارَ جو سَماع، آسمان تي اَڇَنِ ڪارَنِ ڪَڪَرَنِ جِي اَڇ وَڃِ، سِجَ جِي لِڪَ لِڪوٽيءَ سان، فَصلَن جَي ڏيکَ ۾ بَدلاءُ، وِهِنتَلَ وڻن تي پاڻيءَ جا مَوتِي، روشنيءَ جي ڌارَ سان سَؤرَنگا ٽِيَلَ، سَوِدَنِ، سُورِميُن جَي ڇِهرَنِ تي مَوجَ مَستِي نِمايان، آگمَ جَي اَثَرَ ۾ هَرِ شَيءِ نِکرِيَلَ نِکرِيَلَ نِکرِيَلَ. اِهڙِيءَ رُتِ ۾ شاهه جي نگرِيءَ ۾، مُومَلَ کي راڻُو نَظَرِ آيو. شَرمِيلَو نوجَوانُ ڇوهَو ڇوهَو اَڳِتَي وَڌَڻَ لڳو. مُومَلَ رَبَ کان گُهرِيَل راڻَي کي، ويندو ڏسي کَيسِ سَڏيو: "راڻا...."

راڻَي پوئِتَي نِهارِيو، وَرِي اَڳِتَي هَلَڻَ لَڳو. سَوچِيائِين هِتَي ڪَيرُ آهي جو کَيسِ سُڃاڻَندَي ناَلَي سان ٿو سَڏَي.

مُومَلَ جنهن جَي مَنَ ۾ مانڌاڻ مَتَلُ، وَرِي وَرِي کَيسِ پُڪارِڻَ لَڳِي: "راڻا... او راڻا..."

مُڙِي ڏٺائين، بِيهِي رهيو. کَيسِ پَڪَ ٿِي تـہ سَڏُ، هُنَ کي ٿِي رهيو آهي. مُومَلَ چَيُسِ: "راڻا هَيڏَي اَچُ، بِيهِي ڇو رهيو آهِين."

راڻو ڏانهُنسِ وَڌَندَي: "اوهان کي مُنهنجو نالو ڪنهن ٻُڌايو.!!"

"ڪنهن پاران نالو ٻُڌائڻ ضروري آهي."

"جِي ها، نـہ تـہ ڪِيئَن خبر پَوندِي، وَيندَڙَ اَجنَبيءَ جو نانءُ

چاهَي.“

”پر مون لاءِ تُون اَجنَبِي ناهين، آئون تو سان اِلاهِي دفعا مِلِي چُڪِي آهيان.“

”معاف ڪجو مون کي ياد نہ ٿو اَچي، تہ اوهان سان ڪا مُلاقاتِ ٿِي هُجَي.“

”مُنهنجا راڻا ضروري ناهي تہ مُلاقاتِ، رُوبرُو ٿِئَي، جَنِ سان مالِڪُ رُوحَ جا رِشتا ڳَنڍِيندو آهي، اُهي هِڪَ ٻِئَي سان خوابَنِ ۽ خِيالَنِ ۾ بہ مِلندا آهن، ۽ سَندنِ رُوحانِي مُلاقاتون بہ ٿِينديون آهن.“

”خَوابَ آئون بہ ڏِسندَو آهيان، سپِنَنِ ۾ اَپِسَرائون نَظَرِ اِيندِيُون آهن، پر ياد نہ ٿو اَچي تہ اوهان کي، مون خَوابَ ۾ ڏِٺَو هُجَي.“

”اَلَئِہ جَي چو اوهان کي ياد نہ ٿو اَچي، آئون تہ تو سان اَڻِڳَڻِيون مُلاقاتون ڪري چُڪِي آهيان، مون کي توهان ئِي پَنهنجَو نانءُ، راڻو ٻُڌايو هو.!!“

”مان تہ اجا بہ حيران آهيان، اوهان مُنهنجَو نالو ڪِيئَن پَيُون پُڪارِيو، مون کي توهان جَي نانءَ جِي خبر ناهَي.“

”اَو مُنهنجا مَينڌَرا، مُومَلَ ئِي تو کي راڻو پُڪارَي سَگهي ٿِي، ۽ مُنهنجَو نالو مُومَلَ آهي.“

”تون مُومَلَ آهِين تہ پوءِ يَقِينُ ڄاڻِ، آئون بہ تُنهنجِي تَلاشَ ۾ هِتَي آيو آهيان.“

”اِهَو وَرِي ڪِيئَن.“

”عَرصَي کان مُنهنجَي دِلِ دِماغَ تي مُومَلَ سَوارُ آ، اِهَو اِسمُ ذهِنَ ۾ دُهرائجَندو رَهَي ٿو، مُسَلِسَلِ اِهڙِي ڪَيفِيَتَ رهڻ کان پوءِ، آئون مُومَلَ جِي ڳَولا ۾ هِتَي پهتو آهيان. پِتائِي سرڪار جَي آڳَنڌَ تي وَيٺَي سَندسِ بَيتُ، ”ڪَي وَيجها ئِي ڏُورِ، ڪَي ڏُورِ بہ اَوڏا سُپرين، ڪَي چَڙهِنِ نہ چِتِ تي، ڪَي نہ وِسرَنِ مُورُ، جِيئَن مَينهِن ڪُنڍِيءَ پُورُ، تِيئَن

دوستَ وِراڳو دِلِ سِين.“ پڙهندو رَهيُس، ٻاهر نِڪِتو آهيان، تہ اوهان سَڏُ ڪيو آهي.“

”مُنهنجا راڻا تون مون کي مِلِي ويو آهِين. ٻَنهنجِي مُومَلَ کي ڇڏي نہ ويجان، مون تي هَرِ حال ۾ وَيساهہُ رَکجان. ڪڏهن شَڪَ جي نگاهہَ سان نہ ڏِسجان. ڇو تہ شَڪُ وِڇوڙَي جو ڪارَڻُ بڻِبَو آهي، ٻِلِي اَکيُنِ سان ڏِسِين تہ ڪو ساڻُ سُتلَ آ. زِندگيءَ جا فيصلا جذباتِ ۾ اچي نہ، پر حقيقت کي وائکَو ڪري ڳجانءِ، تہ جُدائِي جِي پِيڙا ڀَوڳِڻِي نہ پَوَي.

❖

# منهِنجا سَوالَ

نَيڻَنِ ڪان نِنڊَ ڪوهَين ڏُورِ، چوڏهِينءَ جو چَنڊُ بِلڪُل مَٿان، جنهن ڪي ڏِسَندَي آئون بِنا اَڪِ ڇِنڀڻَ جَي، اُنَ ڪان اَنيڪ سوالَ پُڇِي رهيو هَوسِ. مُنهنجا سوالَ انسانَ جَي وجود ۾ اچڻ ڪان، اج تائين ٿيندڙ ظُلمَ ۽ جَبرَ جَي باري ۾ هُئا. مون چنڊ ڪان پڇيو، ”جڏهن دنيا تي پهريون قتل، هابيلَ جي هٿان، قابيلَ ڪي مارڻ سان ٿِيو ان وقت تُنهنجو وجود، هَيڏو هاچوڏِسِي، ٽُٽِي ٽڪرا ٽڪرا ڇو نہ ٿيو؟“

مُنهنجَي سوالَ تي چَنڊُ شرم ڪان جهِلمِلائڻ لڳو پر حقيقت ٻُڌائڻ چاهيندَي بہ، ٻُڌائي نہ سگهيو ان وقت مون ايئن ڄاتو ڄڻ سندس چاندوڪي گهٽ ٿِي وَ يِ هُجَي.

مون وري ڪائنس فرعون پاران، معصوم ٻارن جَي قَتلِ عام بابت پُڇيو جيڪو هُنَ حضرت موسيٰ عليہ سلام جي آمد کي روڪڻ لاءِ ڪرايو هو.

اهو سوال ٻُڌي چَنڊُ ڏَڪَڻَ لڳو، ڏٺم تہ هُو پَنهنجا وِيچارَ ٻُڌائڻَ لاءِ جَوشَ ۾ آيو، هُنَ ۾ ڪُجهہ لَرزَش پيدا ٿِي، پر پوءِ سانتِ ۾ اچي ويو ۽ بِنان ڪجهہ ٻُڌائڻَ جَي، مون تان نظرون هٽائي ڇڏيون.

سوالن جو سلسلو جارِي هُيو، اَوسَي پاسَي جي وڻن تي وَيٺَلَ پَکِي، هَلڪَنِ آوازن سان پَنهنجَي مالڪ جو ”حمدُ“ پَڙهِي رهيا هئا، ايئن ٿَي لڳو ڄڻ هُو مون کي، خدا جَي ذڪر سان، نِنڊَ جِي لَولِي ڏيئي رهيا آهن.

مُنهنجو ڌِيانُ پَکيُن پاران ٿيندڙ مالڪ جَي ذڪر ڏانهن ويو،

تہ مَحسُوسُ ڪَيُمِ هاڻي چَنڊُ وري مون کي گهُورِڻ لڳو آهي، مون وري اوچتو ڪائنس، حضرت عيسيٰ عليهہ سلام کي صَلِيبَ تي چاڙهڻ بابت سوالُ پُڇيو؟

جوابُ ڏيڻ بدران مون ڏِٺو تہ هُو سَڪتَي ۾ اچي ويو. چانڊوڪي جَهڪِي ٿِي وِيَس ۽ ڪارَي ڪَڪَرَ جي اَوٽَ ۾ مُنهُن لِڪائڻ لڳو.

مون چنڊ کان هر حالت ۾ ڳالهرائڻ ٿَي چاهيو. ان کان تاريخ پُڇڻُ ٿَي چاهِي، ظُلمَ جا داستان ٻُڌڻُ ٿَي چاهيا. مون چاهيو ٿَي تہ هُو پَنهنجَي مَنَ اندرِ سَمايَلَ رازَ اَوڳاڇَي وِجهي.

مون ڪائنس سوال ڪندي پڇيو: "اي آسمان تان زمين تي هر لَڪاءُ ڏسندڙ چَنڊَ. تون مون کي حضور نبي ڪريم صلعم جن تي، مڪي جي ڪافرن پاران ٿيندڙ ظلم جَي باري ۾ ڪجهہ ٻُڌاءِ؟"

حَسبِ دستُور ڪو جواب نہ ڏنائين. مون ڏٺو تہ عَينِ وِچَ تي ڪارو داغُ نِمايان ٿِي پَيُس، هُنَ جِي رَوشنِي جَهڪِي ٿِي وَئِي، مُنهُن ٻئي طرفِ ڪري ڇڏيائين ۽ سندس نيڻَنِ مان نِيرَ هارِجِي پيا.

هاڻي آئون سَمجِهي وَيُس تہ چَنڊُ. ڪنهن سوال جو جواب نہ ڏيندو. هُواِها طاقتَ نہ ٿو رَکَي، پر پوءِ بہ ڏِينهَن جو جَيڪا ڳَالهہ پڙهڻ ڪري، آئون بيچَينِ هُيُس. ان بابت ڪائنس سوالُ ڪَندَي پُڇيُمِ: "اَڙَي چَنڊَ تُنهنجَو وجود تہ اَڳُ ئِي، دنيا تي ٿِيندڙَ هاجا ڏِسِي اَڏواَڏِ ٿِيَل هُيو. وري مخدوم بلاول رحمت الله کي گهاڻَي ۾ پيڙِجَندَي، اُنَ جَي هَڏيُن جا تَڙڪاٽَ ٻُڌَئِي، پوءِ بہ ٽُڪرا ٽُڪرا ٿِي پنهنجو وجود نہ وڃايَئي، ۽ اج بہ مَوجودُ آهين!؟"

چَنڊَ کي ڳالهائڻو نہ هُيو سو نہ ڳالهايائين. مُنهنجَي ڪنهن بہ سوال جو جواب نہ ڏنائين. پر مون ڏٺو تہ سندس رَوشنِي بِلڪُل ختم ٿِي ويئي، هُو حَقِيقتَ ۾ مَوجودُ هُوندَي بہ. صِرفِ ڪنهن نِشانَ جِيان رَهجِي ويو.

❖

# سَپنا، ساپِيا، نَيڻَ

مُنهنجَو مَنُ چو وِياڪُل وِياڪُل آ. هينئر ئِي تہ ڳالهايو اَٿم هُن سان، مُون کي تہ خوش هُجڻُ کَپَندَو هو ڪا اهڙِي ڳالهہ بہ نہ چئي اَٿائِين، جَنهَن مُوڊُ خَرابُ ڪيو هُجَي. هُوءَ ڏاڍِي سُندَر آهي، سندس آوازُ ڪوئِل جهڙو آ. اڪثر ڪَنهَن ڳالهہ تي چِرڪُ پَرَي، بَي خَبرَ ماڻهوءَ جِيان، ”هان....“ ڪَندَي ڏاڍو وَڻَندِي آ. چَوندو آهيانسِ: ”تُنهنجو ”هان....“ ڪَرڻَ جو انداز سُٺو ٿو لَڳَي.“

مُرڪِي وراڻيندي آ: ”اَنداز کي پَسندِ ڪرڻ لاءِ مهرباني.“

”مهربانيءَ جِي ڪهڙِي ڳالهہ آ.“

”آئون سَمجهندِي آهيان، مُنهنجو آوازُ سُٺَو ناهَي“

”اِهو تہ، اَوهان ٿا چئو.“

”ءِ توهان“

”اوهان جو آوازُ ڪَنهن مَڌُرِ سُرَ کان گهٽِ ناهَي.“

” ءِ آئون“

”توهان تہ آهيو ئِي سُٺِيُون.“

” آواز جَي پيٽَ ۾، ڪيئن ٿِي لڳانوَ؟“

”آواز جَي پيٽ ۾.. چِڏيو مُشابِهَتَ کي، ساڳِي شيءِ جو ڪهڙو مقابلو.“

”پوءِ بہ“

”سَچُ ٻڌايان يا ڪُوڙ.“
”سَچُ“
”سَچُ، تُنهنجو آواز ڏاڍو مِٺو آ.“
سَندسِ نالو مَنَ کي مَوهِيندڙُ آ، زُبانَ تي آڻِڻَ سان آبِشارَ ڦُٽي پَوندا هِن اُتساهَ جا، هُنَ جَي نانءَ کَٽَڻَ سان دل کي قرار ايندو آ. وِڪريَل خيالَ سِهَيڙجِي ويندا آهن. هُن جو نانءُ ”ساپيا“ آهي، سَچَ ۾ بہ هُوءَ ڪنهن سَپُنَي جَي ساپيا جِهڙِي آهي. خوابَ هَرِڪو ڏِسندو آهي، پر ساپيا نصيبَ سان مِلندي آ. مُنهنجِي ساپيا مون سان مِلَي ٿِي، ڳالهائي ٿِي، صِرفِ هِڪَ جاءِ تَي... ٻِئَي هَنڌِ مِلَڻَ جو چوڻ تي، وَرندِي ڏِيندِي آ: ”سَوالُ ئِي پيدا نہ ٿو ٿِئَي.“
مُنهُنجِي ذَهنِي ڪَمزوَرِي اِها آهي، تہ جنهن کي وڏيڪ چاهيندو آهيان، تنهن جا نَقشَ ذهن تان، جَلدُ مَيسارجِي ويندا آهن. ساپيا جڏهن بہ مِلندي آ، سندس شَبيهہَ کي ذهنَ تي ويهارڻ لاءِ، گهُورَي ڏِسندو آهيان. ٿورَي وقت لاءِ هُنَ جِي شَڪلِ، دماغ ۾ محفوظ ٿيندي آ، پر تڪڙو ئي سندس نَقِشَ، حافِظَي جي سِلَيٽَ تان ڌِهِي ويندا آهن.
ٻِئي پاسي هُن جِي ياد، هَرِ وقتِ مُنهنجَي وجُودَ ۾ سَمايَل رَهَي ٿِي، چاهِيندَي بہ ڪَيس پُلائَي نہ ٿو سَگهان. سُمَهڻَ وَيلَ سندس تَصورُ ذهنَ تي اهڙو واسَو ڪندو آ، جو سَڄِي راتِ اَکِ لَڳڻَ ڪان سِوا ئِي وِهامِي ويندي آهي. ساپيا سَريرَ جَي نَسُ نَسُ ۾ سَمايَلَ آ، چيومانس: ”ٻِئَي هَنڌِ نہ ٿِي مِلَين، پِلا پَنهنجِي تَصويرَ ئِي ڏَئِي ڇڏِ.“
وراڻيائين: ”سَوالُ ئِي پيدا نہ ٿو ٿِئَي.“
”ٻِئَي هَنڌِ مِلَڻَ جو سَوالُ پَيدا نہ ٿو ٿِئَي، تَصوِيرَ ڏِيڻَ جو سَوالُ پيدا نہ ٿو ٿِئَي، ساپيا اِها سُنِي ڳالهہ تہ ناهَي.“
”مُون ڇَئِي ڇڏيو نہ، مُنهنجَي لاءِ اِها ئِي سُنِي ڳالهہ آهي.“
”تَصوِيرَ نہ ڏيڻَ تو لاءِ سُنِي ڳالهہ هُوندِي، پر مُون لاءِ تہ ناهي، ڇَڱو پِلا ڪا نَنڍِي تَصوِيرَ ئِي ڏي.“

”نَنڍي ڇا، ماڳوڙيءَ جيتري به نه!“

”ڇو ته پڪائي ڪرين“

”پڪائي نه ٿي ڪريان. اِها ڳالهه سُٺي ناهَي.“

”اِها ڳالهه سُٺي ناهي ته پوءِ هَر هَر فون تي ڳالهائڻُ، خاص جاءِ تي اَجنبيُن جيان مِلَڻُ، ڇا اِها سُٺي ڳالهه آهي؟“

”ڳالهه اِها به سُٺي ڪانهَي، پر واسطو ٿِي ويو آهي، ته ٺيڪُ آ.“

”اِها مُون سان زِيادتي آ.“

”بلڪل نه، اِها زيادتي ناهي.“

”زيادتي ناهي، ته پوءِ ڇاهي.“

”ڪجهه به نه.“

”ڪجهه به نه معنيٰ توهان جو مقصد آهي، پنهنجي مِلَڻَ ڳالهائڻ جي ڪا اَهمِيَتَ ناهي؟“

”مُون اِيئَن نه چيو!“

”پوءِ اوهان جو ڇا مقصد آ؟“

”اَڙَي يارَ ڪو مَقصَدُ ڪونَهي، ڇڳو وَ ري پوءِ ڳالهائِجَو.“

”ڇا جَي لاءِ؟“

”بَس اِيئَن ئِي.“

”ساڀيا تون سِياڻِي سَيبِتِي آهِين. هَرُوِيرُو اَياڻِي نه بڻجُ.“

”اَياڻِي نه ٿِي بڻجان. اوهان وري ڳالهائجو هينئر دَير ٿِي ٿَئَي.“

”ڪهڙَي رِشتَي سان ڳالهايانوَ؟“

”جَنهَن سان وَڻيوَ“

”پوءِ به....“

”ياءُ جَي رِشتَي سان..“

”هِنَ ڪان ته سُنَو هو ياءُ وارو تعلق رکين هان. پر هاڻَي اِهو ناممڪِنِ آ.“

”مُون پوڳُ پئَي ڪيو. ڇڳو خُدا حافِظُ. ڳالهائِجو ضَرُورُ..“

موڪلائڻ نہ چاهِيندَي بہ ”الله حافِظُ“ چيومانس.

ساپيا جَمالَ ۽ ڪَمالَ جو سُهڻو ميلاپُ آ. هُوءَ جَنَتِ نَظيرِ واديُنِ ۾ هَوائُنِ تي تَرندَڙَ پَرِي لَڳندِي آ. سَندسِ ڳَجِلا نَيڻَ ڪِينجهرِ جِيان، جَلَ ڪَنورا آهن. جَنِ ۾ ٻُڏِي وَڃڻَ تي دِلِ چاهِيندِي آ. سَندسِ رُخسارَ ڳَلَنِ کي چُهندا هِنِ. تہ ڊِڄُ لڳندو آ نازڪُ گلابِي ڳَلَ زخمي نہ ٿِي پَوَنِس. ساپيا ٻِئَي ڳَنهن کي ڪِيئَن ٿِي لَڳَي، مون ڪَڏهِن اِنَ تي ناهَي وِيچارِيو پر مُون کي پَنهنجَي خوابَنِ جِي ساپيان لَڳندِي آ.

ساڻس ملاقات جو اتفاق ايئن ٿيو جو قلم جَي نوَڪَ مان ڪاغذ تي اَوتيَلَ، دل جِي دانهن ڪٽِي، رسالي جي آفيس پهتُس، رِسيپشَنِ تي راٽيءَ بدران ساپيا ويٺل هُئِي. کيس سلام ڪري مواد وارو لِفافو ڏيئي واپس ٿِيُس. شاعري پڙهيائين يا نہ. ٻيو دفعو پَنهنجَو مَوادُ ڏيڻ لاءِ وَيُس، فونِ نمبر گُهريائين. کيَسِ وِزيٽنگ ڪارڊُ ڏيئي چَڏيُم.

پي ٽي سي ايل واري نمبر تي، ساپيا جِي ڪالِ آئي. پهرِئين ڏِينهُن شاعريءَ ۽ اَدبَ جي حوالي سان ڳالهايوسين. ٻيون دفعو فونِ ڪيائين، تہ اَدَبِي ڪچهريءَ کان اَڳتَي، ذاتِي حوالن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي سون. ۽ پوءِ فون تي ڪچهريءَ جو سِلسِلَو ڪلاڪَنِ جَي دورانيَي تَي پهچِي ويو. مون کي چَيڙائِڻَ ۾ مَزو ايندَو اَٿَس. اِنَ ڪري پاءُ واري ڳالهہ ڪَندِي آ. چوندو آهيانس: ”آئون تو سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان، تون وَرِي پاءُ ٿِي سَڏِين.“

سهڻو جواب ڏيندي آ: ”نِڪاح ٿيڻ کان اَڳُ سڀ مَردَ عورتون، ڀائرُ ڀينرُ ئِي تہ آهن.“

پيارَ ۾ رُساما، پرچاءَ، سرچاءَ ٿيندا آهن، پر هُن جو اهڙو پوڳُ ڊَيجارَي چڏيندو آ....

❖

# اَتَمِ آسَ اللہ ۾

مُون تي ٿِيَلَ ظُلِمَ جو داستان ٻُڌو. مُنهنجي اَڪيُنِ مان نارُ ڪري وَهندڙَ ڳوڙهن ڪي روڪيو. مُنهنجي جِسمَ ۾ رُوحَ ڪي ڀِچايَلَ زَخمَنِ تي لُوڻُ ٻُرڪِيندَڙ ۾ پَنهنجِي ماءُ نہ ميڄيندڙن ڪان مُنهنجي وُجودَ ڪي بَچايو. مُنهنجو سوال آهي تہ, ڇا اولاد پَنهنجي ماءُ سان اهڙو سُلوڪُ ڪندو آهي؟ جهڙو مُون سان ٿِي رهيو آهي.

آئون سِندُ, هزارها سالن ڪان دنيا جَي نَقِشَي تي نِروار اهڙي ماءُ آهيان, جنهن لَکين, ڪروڙين اولاد ڪي جَنَمُ ڏِنو آهي, مون ڪَئين ڪُونڌَرَ پيدا ڪيا آهن, جيڪي مون ڪي پَنهنجِي ماءُ, ماتا, جِيجَل ۾ جَنَمُ ڀومي چوندا آيا آهن. جڏهن بہ ڪنهن ڏاڙئين دُشمنَ, مون تي ڪاهہ ڪَئِي آهي, تہ مُنهنجي ڪُونڌَرَنِ, ڪڏهن هَوشُوءَ, هَيمُونءَ جي رُوپ ۾, ڪڏهن دَودَي ۾ دُولَهہ جَي نالي سان, ڪڏهن شاهہ عِنايَت, مَخدُوم بِلاوَلَ جي شڪل ۾ ۽ ڪڏهن ٻين اَنيڪ شهيدن ۾ غازِيُنِ جي رُوپ ۾ مُنهنجِي عزت, آبِرُو ۽ ٻَولِيءَ جِي حِفاظتَ ڪَئِي آهي.

مُنهنجَي هَنجَ ۾ مُختلفُ تَهذِيبُنِ ۾ ٻَولِيُنِ وارا ماڻهو لَڏَ پَلاڻَ ڪري ايندا رهيا آهن, جن جو گَرمُ جَوشيءَ سان آڌرڀاءُ ٿيندو رهيو آهي. مُنهنجَو حَقيقِي اولادُ, اچڻ وارن ڪي هر شيءِ ڏيندو رهيو آهي, ڇو تہ کَيسِ اِهو احساسُ آهي, تہ ٻَرَي ڪان آيَلَ, بُنيادِي طور مَظلوم هوندا آهن, تنهن ڪري اُنهنِ جِي مَدَدَ ڪَرِڻي آهي. اِها رِيتِ رَهِي آهي تہ لَڏَي اِيندَڙنِ ڪي, هِتان جَي رَهواسِيُنِ پنهنجا شَهرَ, واهڻَ ۾ ڏرتِي ماءُ

بہ حوالي ڪري ڇڏيا آهي، تہ جيئن هُو پيائي مَحسُوس نہ ڪن.

مون هميشهہ اچڻ وارن کي پَليڪار ڪئي آهي، جيتوڻيڪ هر سمجهدار کي، خبر آهي، تہ جيڪو پَنهنجي جَنَمُ ڀُومِيءَ کي ڇڏي سگهي ٿو اُهو ٻِئَي جي تَقدُس کي ڪِيئَن قائم رکندو. ڀِٽائِي گهوٽَ سَچُ چيو آهي: "ڌُريان ٿِي ڌاريا، مِٽَ مُئيءَ جا نہ ٿيا." دنيا جَي مختلف علائقن کان اچڻ وارا، جڏهن خوشحال ٿيا آهن، تہ انهن مُنهنجَي تهذيب تمدن کي اپنائڻ، ۽ ٻوليءَ کي مَحِڻَ کان اِنڪارُ ڪيو آهي. مُنهنجا وارث صاف دل آهن، انهن جي دل ۽ دماغ ۾ دوکيبازي ناهَي، ڌاريا اهڙِي چال هلندا رهيا آهن، جيئن هتان جَي رهاڪُنِ کي، اقليت ۾ تبديل ڪرِي سَندنِ مَعيشتَ تي قابض ٿِي وَڃِن، تہ جيئن هُو ان قابل ئي نہ رهن، جو هُنَنِ سان مقابلو ڪري سَگهِن.

مُنهنجَي حقيقي وارثن جڏهن بہ، ايئن ٿِيندَي ڏِٺَو آهي تہ هوشيار ٿيا آهن، پَنهنجَي امڙ سان وَچنَ ڪيا اٿائون، تہ جيڪڏهن هِتَي اچڻ وارا، ذاتِي مفادن خاطر ڌرتيءَ ماءُ کي، ورهائڻ جِي ناپاڪ ڪوشش ڪندا، تہ هُو ڪَينِ ڪڏهن بہ ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيندا. هُنَنِ جو اِيمانُ آهي تہ، جيسيتائين ڌرتيءَ جو هڪ بہ حقيقي وارثُ زنده هوندو ۽ سُهڻي لطيف جِي لازوالُ رَهبَرِي راهَ ڏيکاريندِي، تيسيتائين دنيا جي ڪا بہ طاقت، هِنَ ڌَرتِي ماتا جَي تَقدُس کي ڇِيهَو رَسائَي نہ سَگهَندِي.

تاريخ شاهد آهي تہ جَيڪِي لُٽَيرا ۽ غير تهذيبن وارا، هن ڌرتيءَ تي ڪاهَي آيا، ساڻس زيادتيون ڪيائون، اُهي هميشہ هميشہ لاءِ مَيسارجِي ويا. جيڪڏهن اڄ وري ڪيرُ، اُنَ تاريخ کي دُهرائڻ چاهي ٿو تہ پَڪَ سان اُنَ جو بہ اَرغونن، تُرخانَنِ، مُغلَنِ ۽ انگريزن وانگيان، هِتَي نانءُ نِشانُ باقي نہ رهندو. مون کي پَنهنجَي حَلالِي پُٽَن تي فخر آهي، بي اختيار دل مان آهَہ نِڪرَي ٿي، "اٿم آسَ الله ۾، ڪندو اِنصافُ عَجِيبَنِ سان."

❖

# وِڇائِجي وَيَل ڪَهاڻِي

ويهہَ سال اَڳُ، مَئي/جُونِ ۾ هزار ۾ لِکيَلَ ڪهاڻي، ”دِيدَ دَرَ ۾ رَهَي ٿِي“ جنهن رِسالَي ۾ شايع ٿِي، اُن جو نالو ياد نہ رهيو. مئگزين ڪي اشاعت لاءِ، ڪهاڻيءَ جِي هاربڊ ڪاپِي ڏِني هُوندَمِ، اتفاق سان رڪاربڊ ۾ نہ رَکيَمِ. يا هَيٺِ مَٿَي ٿِي وَيئِي. اُنَ وَقتِ ڪهاڻيون لِکندڙَنِ ۾ آئون، پهريون يا چند مان هِڪُ هُيُسِ، جنهن ڪي سنڌي ڪمپوزنگ اِيندِي هُئِي، اُهو زمانو ”اَيپِلِ ڪَمپِيُوٽَرَ“ جو هُيو ”آئي بِي اَيم“ ڪمپيوٽر هُيا، پر سنڌي ڪمپوزنگ لاءِ ”مَيڪِنٽَوشِ“ استعمال ٿيندا ها.

”دِيدَ دَرَ ۾ رَهَي ٿِي“، ”ادب/اديب“ ۾ نہ ڇاپيَمِ. ڪو سبب ضرور هوندو، نہ تہ ان دؤر ۾ مُنهنجون لِکيَل، سڀ ڪهاڻيون ادب رِسالَي ۾ شايع ٿِيُون، جيڪو جُونِ اُٺويهہ سؤ چورانوي کان، مئي ۾ هزار ڇهہ تائين، جارِي ٿيندو رهيو. ”اَدبُ اشاعتَ گهرَ“ جَي اِلاهِي سارَي مواد سان گڏ، مُنهنجُون لِکِڻيُون ڪمپيوٽر اندر ٺَهيَل فولبڊرن/فائيلن ۾ محفوظ هُيون. ڪَمپِيوٽَرُ ڪافي عَرصَي تائين، چالُو حالتِ ۾ رَهِيَو. بَندِ ٿِي وڃڻ جو خَدِشَو ضَرُورُ هُيَو. پر سُستِيءَ سبب مَوادَ جِي هارِبڊ ڪاپِي، پرِنِٽ جَي صورت ۾ نہ ڪَڍِي سَگهيُمِ. اِيئَن هِڪَ ڏِينهُن ڪَمپِيُوٽَر آنِ نہ ٿِيو اَيپِلِ ڪَمپِيُوٽَر جَي ماهِرَ، سائين دانيال شاهہ وٽ، سُهڻِي پريس تي وَيُسِ، پر معاملو حَلُ نہ ٿِيو.

تَحرِيرُنِ جِي فَهرِستَ ۾ ”ڏِيڍَ ڏَرَ ۾ رَهَي ٿِي“ شامِلُ هُئِي، ڪتابَ لاءِ سِهَيڙَ شروع ڪَيَمِ. پُراڻا فائِيلَ رِسالا، لَيپ ٽاپ ۾ پِيَل مَوادُ جانچِيُمِ ڪهاڻي نہ مِلِي. ”عبرت مئگزين“ ۾ شايع ٿِيَڻَ جو خِيالُ اچڻ تي، پِيارَي سليم چنا سان حالُ اَوِريُمِ. دِلدارِي ڏِينڌَي چيائين: ”ڪو مَسئِلَو ناهَي اوهان مَهِينو سالُ ٻُڌايو. آئون علامہ دائود پوٽہ لائبرريءَ ۾ وَڃِي، مئگزين هَٿِ ڪري، فوٽو اسٽيٽ ڪرائَي اِينڌُسِ.“

مون سندس ٿورا مَڃيا. ڪَيسِ اَندازَي مطابق مئگزين جو مَهينو ۽ سالُ ٻُڌايو. هُو ٽَي چار دفعا اوڏانهُن ويو. لائبرريءَ وارن ساڻس تعاون ڪيو. پر جُونِ ٻہ هزار سميت، ڊسمبر ٻہ هزار تائين جا پرچا ڪَيسِ مِلِي نہ سگهيا. صلاحَ ڏِنائِين سنڌيالاجِي ڄامشورو جَي لائبرريءَ ۾ هَلُون. اُميدَ آهي تہ اُتَي عبرت مئگزين جا سڀ پرچا مِلِي ويندا. سندس چوڻ هُيو تہ لائبرريءَ جو اِنچارِج، غلام قادر سَهارَڻُ هُنَ جو دوستُ آهي.

لائبرريءَ وَياسِين سَهارَڻ صاحب تعاون ڪندَي، لائبرريءَ جي اُنَ حِصَي ۾ وَٺِي ويو. جتي عام پڙهندڙ/تحقيق ڪندڙ کي اجازت ناهَي هُوندي. عبرت مئگزين جا گُهربَل پرچا، مُهيا ڪري ڏِيَڻَ لاءِ ٻَيحَدِ سَباجَهو نوجوانُ، زُبَيرُ عُمراڻِي مَوجُود هُيو. هُو ٻِنِ ٻِنِ مَهِينَنِ جا بائينڊ ٿيَل، پندرنهن روزه مئگزين جا ٻَنڊلَ ڏِيندو ويو. هِڪُ ٻَنڊلُ سليم ٽَي ڏِنَو تہ ٻِيَو مُون. اِيئَن اسان ٽِنِ سالَنِ تائين جا، مئگزين وارا ٻَنڊلَ جانچِي وياسين.

ڊاڪيومَينٽَيشَنِ اَسِسٽَنِٽَ طور، فَرضَ سرانجام ڏِيندڙَ زُبَيرَ عُمراڻيءَ، اسان کي بِسڪيٽَ کارايا، چانهِن پِيارِي. هَيترا سارا ٽِنِ سالَنِ جا ٻَنڊَلَ کَڻِي آيو. هُنَ کي اِلاهِي تڪليف آئِي، اُنَ لاءِ ساڻَسِ مَعذرَتَ ڪَيَمِ. چيائين: ”سائين اِها مُنهنجِي ڊِيُوٽِي آهي. هِتَي ڪَيترا تَحقِيقَ ڪندڙ شاگردَ ۽ تاريخ مان حوالا ڳوليندڙ گُهرجائو

اڇن ٿا. جَنِ ڪي گُهربَل اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب ڏِينڌَي، آئون سَرهائِي مَحسُوس ڪندو آهيان.“

مُون چَيُسِ: ”بابا اوهان جو فرض ضَرُورُ آهي، هِتَي اِينڌڙن ڪي پَنهنجُون خِدمَتون آڇِڻُ، ڪَينِ اخبارون، رسالا ۽ ڪتابَ، رَيڪس مان ڳَڏِي ڏِيَڻُ، پر آئون اوهان جِيان، خوشيءَ سان مِحنَتَ ڪَندَي، ڪنهن ڪي نہ ٿو ڏِسان، خاص ڪري سرڪاري ادارن اندر، ڪِلَرڪِس، اَسِستَنِٽَس ۽ آفِيسَرس ۾ اهِڙِي ڪمٽمِينِٽِ نظر نہ ٿِي اَچِي.“

”سائين اسان وٽ بائِينڊِنگ سَيڪِشَن سميت، چاليھ جَي لَڳِ ڀَڳِ اِستاڦُ آهي، سَڀِيئَي پَنهِنجَو ڪَمُ، اِيمانداريءَ سان ڪَنِ ٿا، اوهان اَجُ آيا آهيو، هِتَي ڪيترا اديب ۽ گُهرجائُو ايندا رهن ٿا.“

”زُبَيرَ، مون کي ڏاڍِي خوشِي ٿِي آهي، تہ اج بہ اسان وٽ، هِتَڙا آرِگَينائزِڊِ ادارا ۽ محنتي ملازمَ موجُود آهن. ماشاالله اوهان کي رَبُ سائين، اِنَ جو اَجرَ ضرور ڏيندو.“

وِجائِجِي وِيَلَ ڪَهاڻِي مِلِي نہ سَگهِي، پر سليم چنا سان گڏ، زُبَيرَ کان مَوڪلائِيندَي، مُطمَئن هُياسِين تہ ”دِيدَ دَرَ ۾ رَهَي ٿِي“ هِنَ لائبرريءَ جَي ڪنهن رَيڪِ ۾ پِيَلَ ضرور آهي، اَصُلَ ۾ اسان کي اُنَ رِسالَي جَي، صحيح نالَي جِي خَبرَ ناهَي، جنهن ۾ ڪهاڻِي شايع ٿِي آهي، پر پَڪَ سان اِها ڪهاڻِي، ڪنهن مُحَقِقَ جَي هَٿِ ضرور چَڙهندِي.

❖

# مائِي مُجاوِرُ

مَيٽرڪ جَي اِمتحانَ ڪان پوءِ، ڪاليج ۾ داخلا ۽ ڪلاسز شروع ٿيڻ وارو وَقتُ، لَڳ ڀڳ ٽَي چارِ مَهينا فَراغَتَ جا هُيا. پَنهنجَي عزيز ڊاڪٽر صَفدرَ جِي ڪِلينڪ، گهر پرسان هُئي، شام جو ان وٽ وَڃڻ لَڳُس، سندس ڊِسپِينسَرُ اَحمَدِ وڏو تجربو رَکندڙ هُيَو. ڊاڪٽر جي غير مَوجُودگيءَ ۾ مريضن کي تَپاسِيندو ۽ کَين دوائون ڏِيندَو هو. مَسِيحائِيءَ جَي مَيدانَ ۾ هُو ڊاڪٽر صَفدرَ کان بہ سِينِيئَرِ، سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائر ٿِيَلُ. سَڄِي عُمرِ وَڏِي اسپتال ۾ نَوڪرِي گَنديَ گُذرِيَسِ، سَروِسِ دوران ايمرجنسيءَ ۾ڦَٽَنِ، ڦُرڙيُنِ ۽ ڳوڙهِنِ جا آپريشنَ بہ ڪَيَلَ هُيَسِ. ڊاڪٽر صَفدرَ جي ڪِلينڪ جَي ڪاميابيءَ ۾، هُنَ جو اَهمُ ڪِردارُ هُيَو.

اَحمَدِ مون کي اِنجيڪشَنِ لَڳائِڻُ، ٿَرمامِيٽَرَ ذريعي مَريضَنِ جو ٽَيمپرَيچَرُ جانچِڻُ، لَيسَ بُخار کان مَريضَنِ کي تَجوِيزَ ڪَيَل گُلابِي مَحلُول ناهِڻُ ۽ دَستَنِ وغيره کان ٽِنِ چَئِنِ تِڪِيُنِ کي گهوٽَي پائوڊرُ ناهڻُ، سَيکارَي ڇڏيو هو. مُنهنجَي شوقَ مَهينَي ڏَيڊَ ۾، اِنَ مَنزلَ تي پَهچائَي ڇَڏيو، جو چاچو اَحمَدِ ڪلاڪَ اَڌَ لاءِ ٻاهر ويندو هُيو، تہ آئون هُن جا سَڀُ ڪَمَ ڪري وَٺندَو هُيُسِ.

ڊاڪٽر صَفدرَ ڏِٺَو تہ آئون، ڊِسپَينسَرَ جو ڪم سِکي ويو آهيان، تہ هُن مون کي چاچَي اَحمدِ سان گَڏُ، پابنديءَ سان ڪم ڪرڻ جو چيو ۽ مُنهنجِي پَگهارَ مُقرَر ڪَرَي ڇَڏِي. ڪاليجَ ۾ فَرسِٽِ ييئَرِ

پِري مَيڊِيڪَلِ ۾ داخلا وَرتَم. ڪِلاسَ شروع ٿِي ويا تہ بہ ڪِلينڪ وچڻ ڪونہ ڇَڏيُم. ها ايترو ضرور ڪَيُم تہ رانڊِ رُوندِ جو وَقتُ، گهر ۾ پڙهائيءَ کي ڏيَڻ لَڳُس.

اِسپتالُنِ ۽ ڪِلينڪِس جِي اَلڳِ دنيا آهي، جِتَي هر قسم جَي ماڻهن جِي اَچ وَڃ ٿِئَي ٿِي. مَريضَنِ ۽ ساڻِنِ گَڏُ اِيندڙ مِتَنِ مائٽَنِ جو جَهانُ جُدا آهي، هنن ۾ هَرِ طرحَ جا مَردَ، عورتون شاملُ آهن، ٻارن کان ويندَي صفا وَڏِي عُمرِ جا مَريضَ ۽ خِدمَتگارَنِ جو مَيلَو مَتَلُ رَهَي ٿو. اُنهِنِ ۾ صَبرَ وارا، ڪاوِڙيِلَ ۽ وِچِڙِي طبِيعتَ رکندڙ مطلب تہ هَرِ مِزاجَ جَي ماڻُهنِ سان واسطو پَوَي ٿو. علاج مُعالجَي خاطر ايندڙن ۾ سُونهَن جا سَردارَ بہ شامِلُ آهن، تہ سادِڙا ۽ سَباجها اِنسانَ بہ. ڪڏهن ڪو صفا وَڏِي عُمرِ جو مَريضُ اِيندَو آهي، جَنهن کي پَنهنجَي وُجودَ تي، ڪو ڦابطو نہ هوندَو آهي، مَعصوم ٻارڙا کَڄِي ايندا آهن، تہ ڦُوهہ جُوانيءَ تي پهتَلَ مَريضَ بہ، ڪِلينڪ تائين پهچندا آهن.

جيئن رَستَي تي سَوارِيُنِ جو اَچڻُ وَڃڻُ رَهندو آهي، اِيئَن اِسپتالُنِ ۽ ڪِلينڪِس ڏانهُن، مَريضَنِ جِي آمَدِ جارِي هُوندِي آهي. عام حالتن ۾ مريضن ۽ انهن سان گڏ اچڻ وارن جو ڪو نوٽيس ناهي وَٺبَو، پر ڪَو ڪَو مَريضُ يا اُنَ سان گَڏُ اَچڻَ وارو، پاڻ ڏانهُن تَوَجَهہ ضرور ڇِڪائِيندَو آهي.

وَڏيرِي صاحِبہ خاتُون سان گَڏ اِيندَڙ سندس ڌِيءَ "اَنمَولِ" جڏهن اِيندِي، سَڀِيئِي اُنَ ڏانهُن ضرور نِهارِيندا. هُنَ جَي سُونهَن جِي ڇِڪَ، حَياءَ وارَنِ کي بہ، چَورُ نِگاهہ سان ڏِسڻَ تي مَجبُور ڪَرَي وِجَهندِي. صاحبہ خاتون جَي ڪِلينڪ ۾ داخل ٿِيَڻَ سان، دَوائُنِ جَي واسَ تي پَرفِيُومز جِي خوشبُو حاوِي ٿِي ويندِي. مَهڪَ جو بہ عَجَبُ اَحِساسُ آ. عَورتَ کي لَڳَلَ هُوندِي، تہ هُڳَاءُ سؤ ڀيرا وڌي ويندو. اِها حقيقت آهي يا صرف مَحسُوس ٿِيندڙُ فَرقُ، پر عام طور اِيئَن لڳندو

آهي.

ڊاڪٽرُ صاحبُ هَميشه وَڏيريءَ کي اِنجيڪشَنِ ڏيانَ سان هَٽَڻَ جِي تَلقِينَ ڪندو. آئون ڪَيسِ امان ڪَرَي مُخاطِبُ ٿِيندُسِ، مُنهنجَو ڏاڍو خيال رَکَ يِ. ڊاڪٽرَ جَي فيءَ ۽ دوائُنِ جي قيمت سان گڏ. مُنهنجِي خَرچِي ضرور ڏِيندِي. اَنِموَلِ کي سدائين ساڻُ وَٺِي اِيندِي، اُن جَي حُسنَ جِي چا ڳالهه ڪَجَي. جِهڙو سندس نالو تِهڙِي صُورَتَ. ڊِگهو قَدُ. اَوڊِيَل چادر مان چَيلِهه کان هِيٺِ ايندڙ سُنهرِي وارَ. رَنگُ پِورَو گُلابِي، چَپَ. واتُ ۽ اَکِيُون. تَکِيَلَ تَورِيَلَ. جَڻُ ڪنهن سَنگِ تَراشَ جون گهڙِيَلَ. سُبحان الله سندس نَيڻَ کَجَنِ. تہ ڪَيسِ گهُورِيندَڙَ اَکِيُون، ازخود جهُڪِي وَڃَنِ. آئون ڪَيسِ اَدِي ڪري سَڏِيندُسِ، دل ۾ احترام جو رِشتَو جَوڙِيَلُ، ڪا خواهِشِ نہ هُئَڻَ باوجود. نِهارِيندِي تہ سُونهَن جا تِيرَ لَڳَندَي مَحسُوسُ ٿيندا. اَنِموَلِ جَي حُسنَ کي سُهڻا لَقبَ ڏِجَنِ. سُندر لفظن جِي مالها پَوئَي، نَظمَ ۽ گِيتَ لِکجَنِ. هُوءَ اُنهِن تي پُورِي لَهندڙَ.

ضروري ناهي تہ سَڀُ نِعمَتون ۽ فَضِيلَتون نَصيبُ ٿِيَنِ، خُوبصُورتِي مِلِي آهي، تہ سُهاڳُ بہ سَوِيبا وانُ مِلَي، گهر جو سُڪونُ ۽ ذهنِي آسُودگِي، اُن سطح جِي حاصل ٿِئَي. اَنِمَولِ صُورَتَ ۽ سِيرَتَ ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ، گهڻ ۾ گهڻ منهنجي نظر ۾. سندس ثانيءَ جو تَصَوَرُ بہ ناهَي. هُنَ جي سُندرتا کي ڏِسندَي، دل مان دُعا نِڪرندِي آهي، يا رَبَ ڪيس جِهڙِي صُورَتَ ڏِنِي اَٿئِي، اهڙو ئِي ڀاڳُ عطا ڪَرِينسِ.

سَيِنِي کي خبر پِيئِي، اَنِمَولِ جِي شادي سندس نَيڪ ناميءَ وارَي خاندانَ ۾، سَڳِي سؤٽ سان ٿِي آهي. واسطيدارَن، مِٿَن مائِٽَنِ سندس شاديءَ ۾ شِرڪَتَ ڪَئِي. وَڏيرِي صاحِبہ خاتُون، ڪِلينڪِ تي ڊاڪٽرَ صاحبَ ۽ اسان لاءِ اَنِمَولِ جَي شاديءَ جِي مِٺائِي کَڻِي آئِي، چاچِي اَحمَدِ ۽ مُون کي خَرچِي ڏنائين، اسان کي تمام گهڻي خوشِي ٿِي.

ڪُجهہ ئِي ڏِينَهن پوءِ وَڏيرِي صاحِبہ آئِي، سندس مُنهَن تي

شاديءَ جي خوشي بَرقرار نظر نہ آئِي. ڊاڪٽرَ اَنمَولِ بابت پُڇيُس، ان کي ٿورن لفظن ۾ سَچِي حقيقت ٻُڌائَي ڇڏيائين. سندس چوڻ هُيو: ”اَنمَولِ شاديءِ جَي ٻئين ڏِينهُن، مَڙس جَي بَدمِزاجُ هُئڻ جِي شِڪايَتَ ڪَندَي، واپس گهر اچي ويئي، ڏِسجَي اَڳتي ڇا ٿو ٿِئَي.“

وَڏيرِي صاحِبہ خاتوُن، معمول مُطابق ڪِلينڪ ڏانهُن اِيندِي رَهِي، مَهينَي ڏَيڍَ کان پوءِ اَنمَولِ، بُخارَجي پوڙ ڪري، ماءُ سان گڏُ آئِي. شاديءَ جي ناڪاميءَ سبب، خيالُ هُيو تہ سندس سُندرتا ساڳِي نہ هُوندِي، هُوءَ نِبَل ۽ هِيٺِي هُوندِي، پر ڪَيسِ عطا ٿِيَل سُونهَن جِي ڇا ڳالھ ڪَجَي، بُخارَ جَي تَوَ ۾ وَيتَر، ڳاڙهَي عَقِيقَ جِيان ٻَرندَي نظر آئِي.

زندگيءَ جو ڪارِ وَهنوارُ هلندڙُ وقت جو ڦِيٿَو رَوان دَوان، ڪِلينڪ تي ٻِيَنِ مَريضَنِ جِيان، هِنَنِ جو اچڻ وڃڻ جارِي سارِي. خَبرَ پِيئِي اَنمَولِ جِي طلاق ٿيڻ کان پوءِ، ٻين شادي خاندان کان ٻاهر سندن سڃاڻپ وارن ۾، ڊپٽي ڪمشنر جو عهدو رکندڙ شخصَ سان ٿِي رَهِي آهي. شادي ٿِي ويئي، وَڏيريءَ صاحِبہ خاتُونءَ طرفان، ڊاڪٽرَ صَفدرَ کي مِنائِي مِلي ۽ اسان کي خَرچِي.

سَڀُ سَڪتَي ۾ اچي وياسين، جڏهن خبر پيئي تہ اَنمَولِ کي، ٻئين گهروارَي بہ طلاق ڏئِي ڇَڏِي. حيرت کان سوا ڇا ٿَي ڪري سَگهياسِين، پَريشانُ هڪٻئي سان ڳالھ ضرور ڪريون پيا، تہ اَنمَولِ سان ڇا ٿِي رهيو آهي، ڊاڪٽر صَفدرَ سان ڪونہ پيا ڳالهايون، پر ان معاملي تي ڳالهائڻ وارن جِي کَوٽِ نہ هُئِي، ڇو تہ اَنمول ڀاڙَي جَي، عِزتدار گهرَ جِي ڇوڪرِي هُئِي.

ٻئين صَدمَي کان پوءِ بہ، اَنموَلِ جَي جَمالَ وارِي جَوتِ، ساڳِي رَهِي پر سندس پَشيمانيءَ کي اِظهاريندڙُ رَوَيو مَحسُوسُ ٿِئَي پيو جيڪو بہ ڪجھ مَهينَنِ ۾ نارمل ٿِي ويو. سندن ڪِلينڪ ڏانهن اچڻ وارَي مَعمولَ ۾، تَيزِي اچي ويئي، وَڏيرِي صاحِبہ جو ڊاڪٽر صَفدرَ سان،

رازِدانہ اَنداز ُ ڏِسڻَ ۾ اچڻ لڳو. مَحسُوسُ ٿِيوسُون اَنِمَولِ، ڊاڪٽر صَفدرَ سان، قائم رَکيَلَ وِٿيءَ کي گهٽائيندَي، ماءُ سان گڏ اچڻ بدران، اَڪيلِي اچڻ لَڳِي آ، ۽ ڊاڪٽر سان رازَ نيازَ وڏائي ڇڏيا اَٿائِين.

ڊاڪٽر صَفدرُ جوان ٻارن جو پيءُ، اَنِمَولِ جَي سُونهَن جو اَسيرُ ٿِي ويو ۽ موقعا ناهَي ٻِئَي شهرِ، ساڻس ملاقاتون ڪرڻ لڳو. ڊاڪٽر منهنجو عزيز هُيو. سندس گهر وارن کي ڪُڙڪَ پَيئِي، مون کان پُڇا ڪيائون، ساڻِ لاعلميءَ جو اظهارُ ڪَيُم. ڊاڪٽر صاحبَ جِي پوسٽنگ، وڏَي شَهرَ جي سول اسپتال ۾ هُئِي، مالدار ماڻهو هُئڻَ ڪري، اَنِمَولِ لاءِ ٻيو گهر وَٺڻَ ۾، کَيسِ ڪو مسئلو نہ هُيو. اَنِمَولِ جَي مائٽن کي بہ طلاقون ٿِيَلَ ڇوڪِريءَ لاءِ، ڊاڪٽر صَفدرَ کان وڌيڪ کهڙو رِشتَو مِلِي ٿَي سگهيو، ان ڪري اُنهنِ بہ ساڻس شادي ڪري ڇَڏِي.

اَڳِيُنِ شاديُن جي پَيٺَ ۾، اَنِمَولِ جِي هِيءَ شادي هَلِي وَيئِي، پر ڊاڪٽر صفدرَ جِي پهرين گهروارِي ۽ ٻارَ سندس اِنَ عمل تي سخت رَنج هُيا. ڪافي تڪليفون سامُهون آيَسِ، شاديءَ کي ڪجهہ سال گُذرِي ويا، کَينِ اولاد نہ ٿيو اِنَ معاملَي سَندنِ وچ ۾ وِيڇا وِڌا. ڊاڪٽر صَفدرَ کي اولاد ٿِيَڻَ نہ ٿِيَڻَ جِي پرواهہ نہ هُئِي، پر اَنِمَولِ لاءِ ٻارَ جو هُئڻُ، سندس تَنهائيءَ جو حَلُ هُيَو.

ڊاڪٽر صَفدرُ نوڪري ۽ ڪِلينڪ جَي ڪري، اَنِمَولِ کي صفا ٿورو وقت ڏِئَي پيو، هُوءَ اولاد جي مصروفيت کان آجِي هُئِي، جنهنڪري سندن اَڻبڻت جو سلسلو وڌي ويو، نتيجو طلاق جَي صورت ۾ ظاهر ٿِيو، اِيئَن بيحد خوبصورت اَنِمَولِ، ٽِئَين مُڙسَ سان بہ، هَلِي نہ سَگهِي.

رِشتو ٽِيَڻَ ۽ ٽُٽَڻَ جَي چَڪَرَ ۾، وَڏِيرِي صاحِبہ خاتُون پنهنجو فيملي ڊاڪٽرُ وِڃائَي وَيٺِي. اسان جَي واتَنِ ۾ زُبانُن کي تالا اچي ويا، وَڏيرِيءَ ۾ اَنِمَولِ جو ذِڪرُ، اسان لاءِ شَجرِ مَمنوعا بڻجِي ويو. اَوڙَي پاڙَي،

مِٺَنِ مائِٽَنِ ۽ يارن دوستن کان، ڪڏهن اَنِمَولِ جو احوال مِلندو، تہ هُوءَ ٽَي مُڙسَ ڇڏڻ کان پوءِ بہ، خُوبصورتيءَ ۾ سَرسُ آ.

وَڏيرِي صاحِبہ خاتوُنءَ جَي حَويليءَ پرسان، الله جَي وَلِي ۽ دَروَيشَ جِي مَزارِ، جِتَي عقيدت مَندنِ جَي اَچ وَڃ جو وڏو سلسلو بُزرگ جو گادي نَشِين ۽ وارثَ مَوجودُ. مسجد شريف ۾ پنج وقتي نماز قائم. مَزارِ تي اِيندڙَ مُريدَنِ ۾ عورتون شامِلُ، جن لاءِ مَزارِ جَي ڪابي پاسي، اَلگِ حِصَو جُڙيَل، مايُن جي رهائشِ ۽ لَنگرَ جو سلسلو هَلندڙُ. اَنِمَولِ پَنهنجِي وِندُرَ ۽ چڱي ڪم ۾ ياڳي يائيوار ٿيڻ لاءِ، درگاهہ تي وَڃڻُ شروع ڪيو ۽ پوءِ عورتن واري حصي جِي سارَ سنڀال ڪَندَي، مائِي مُجاوِرُ بڻجِي وَئِي.

❖

## گل ڪونڌر جا ايندڙ ڪتاب

1. سِنڌُ جِيان مُون ڪي وَٽَندِي آهِين (شاعري)
2. سَدَا رَهَي رُوحَ رِهاڻ (مضمون، مهاڳ ۽ مقالا)
3. بَندِ ڪَليُن مان ٽِڙندا گُلَ (ناوِلُ)
4. مِينهَن وَسندا مَوٽُ تون (ناوِلُ)
5. ڏُک سُکَنِ جِي سُونهن (ناوِلُ)
6. صُبحِ مَهراڻ (ريڊيو اسڪرپٽ)
7. هِڪَ دوَرَ جِي تاريخَ (خطن تي مُشتمل ڪتابُ)
8. چُونڊ اِنٽرويوز (اديبن جا انٽرويو)
9. چونڊ ڪهاڻيون (ماهوار ادب ۾ شايع ٿيل ڪهاڻيون)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

